

ڪلام

فقير نواب
ولي محمد خان
لغاري

Scanned by CamScanner

واعظ العُشّاق

يعني

ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري الصوفي القادري

[redacted]

سهيڙيندڙ ۽ سنواريندڙ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد

١٤١٠ھ / ١٩٩٠ع

Scanned by CamScanner

چاپو پهريون: ١٩٦٨ع تعداد ١٠٠٠
چاپو ٻيو: فيبروري ١٩٩٠ع تعداد ٢٠٠٠

[redacted]

Rs 100.

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
جي. پي. او باڪس نمبر ١٢

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري/ ڊائريڪٽر سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

خاندان جو سربراه



وزير اعظم

نواب ولي محمد خان لغاري

Scanned by CamScanner



نواب فقير ولي محمد خان لغاري

Scanned by CamScanner

مهاڳ

سنه ۱۹۵۲ع ۾ مرحوم نواب گل محمد خان لغاري تاجپوري سان واقفيت ٿي، ۽ سندس علم دوستي، اخلاص ۽ محبت هن ابتدائي واقفيت کي دوستي جي درجي تي پهچايو. گل محمد خان عمر رسيده بزرگ ۽ نوابن جي خاندان مان هڪ باشعور فرد هو. کيس ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر کان وٺي سنڌ ۾ پنهنجي خاندان جي سربرآورده سردارن جي سياسي عظمت، علمي ۽ ادبي لياقت، قومن ۽ راڄن جي خدمت ۽ ذاتي نيڪي ۽ شرافت جو احساس هو. انهيءَ ڪري هو سندن ڪارنامن کي بطور تاريخ جي قلمبند ڪرڻ جو خواهان هو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ خاندان جو شجرو ۽ ٻيا ڪافي ڪجهه معلومات پڻ گڏ ڪيا هئائين. جڏهن بنده جي ساڻس آشنائي ٿي ته ترغيب ڏنائين ته هي ڪم آءٌ پنهنجي ذمي ڪريان. سندس محبت کان ۽ ڪم جي تاريخي اهميت کان متاثر ٿي مون سندس آڇ خوشي سان قبول ڪئي. ان بعد سندس رفاقت ۽ صحبتن ۾ هن خاندان جي ٻين بزرگن، خصوصا نواب حاجي شفيع محمد خان مرحوم، نواب عرض محمد خان ۽ نواب حاجي محمد علي خان سان ملاقات ٿي ۽ سندن وساطت سان ٻين صاحبن سان ڏيٺ ويٺ ٿي. انهن سڀني صاحبن جي مدد ۽ معاونت سان هن خاندان بابت تاريخي ۽ علمي مواد جمع ٿيندو رهيو ۽ اهو سلسلو خاص موقعن جي مناسبت ۽ فراغت مطابق چئن پنجن سالن تائين جاري رهيو.

سنه ۱۹۵۴ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان جڏهن فقير نواب ولي محمد جي ڪلام کي سهيڙڻ جو ڪم بنده جي سپرد ٿيو ته مرحوم نواب گل محمد خان انهي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. فقير صاحب جو ڪلام جو پاڻ آتاريو هئائين سو مُنهنجي حوالي ڪيائين، ۽ پڻ

محترم حاجي آميد علي خان ۽ محترم بهاول خان سان مليائين، جن وٽ فقير صاحب جي ڪلام جا آڳاٽا آثارا موجود هئا. انهن صاحبن ٻه مهرباني ڪري ڪلام جا آهي مجموعا منهنجي حوالي ڪيا.

قضا الاهي جو اسان جي محب ۽ محسن نواب گل محمد خان تاريخ ٢٨- ربيع الاول ١٣٧٥ھ (١٩٥٥ع) ۾ وفات ڪئي، ۽ هي ڪم جنهن جي شروع ڪرائڻ ۾ سندس خاص هٿ هو، تنهن جي تڪميل کان اڳ هو اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو.

نواب گل محمد خان جي وفات بعد حاجي محمد علي خان هن ڪم جي تڪميل لاءِ پانهن پيلي ٿي بيٺو ۽ خاندان جي حالات جمع ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏنائين. فقير نواب ولي محمد جي ڪلام ۽ سوانح جي سلسلي ۾ خاص طرح محترم بهاول خان وڏي مدد ڪئي. وڏن بزرگن مان نواب عرض محمد خان ۽ مرحوم حاجي شفيع محمد خان وٽان خانداني تاريخ بابت مستند حالات مليا. حاجي درويش محمد خان، حاجي آميد علي خان، نور احمد خان ۽ عبدالعلي خان پڻ هن سلسلي ۾ وقت بوقت پئي مدد ڪئي. انهن جملي صاحبن جو آءٌ شڪرگذار آهيان جو سندن تعاون سان ئي هن خاندان جا حالات قدري تفصيل سان جمع ٿي سگهيا آهن ۽ پڻ فقير نواب ولي محمد خان جي سوانح ۽ ڪلام کي سنواري پيش ڪيو ويو آهي. محترم مرزا عباس علي صاحب (ٽنڊو آغا) جو شڪريو جنهن وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاري جي ناياب تصوير مهيا ڪئي.

ڪلام جا مجموعا

فقير نواب ولي محمد جي ڪلام جي مجموعي جي هيٺين نسخن جو پتو پوي ٿو:

(الف) سنه ١٣٢٢ھ ۾ فقير نواب ولي محمد خود پنهنجو ڪلام گڏي ڪري هڪ مجموعي جي صورت ۾ پنهنجي هٿ اکرين قلمبند ڪيو. اهو اصلي مجموعو گم ٿي چڪو آهي پر ان تان جو

ٻيو نسخو (ب) نقل ڪيو ويو، ان جي آخر ۾ اصلي نسخي جي خاتمي واري هيٺين عبارت لکيل آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته فقير صاحب خود پنهنجو ڪلام لکي گڏ ڪيو ۽ ان جو نالو "واعظ العشاق" رکيائين:

همين کتاب واعظ العشاق تصنيف فقير حقير اضعف عبادالله ولي محمد. فقير لغاري مريد درگاه حضرات صاحبان صوفي القادري دام برکاته بتاريخ ١٩-ماه ربيع الاول ١٣٢٢ھ (باتمام رسيد) ليکن بخدمت جميع صاحبان اهل دل عرض است که اگر کدام سهوي يا خطائي درين کتاب بنظر درآيد آنرا بذيل عفو بپوشند يا اصلاح بکنند.

(ب) اصلي نسخي تان هي نسخو اڌ ڪن خود فقير نواب ولي محمد لکيو ۽ باقي اڌ ٻئي ڪنهن اتاريو.

(ج) حاجي اميد علي خان جو مجموعو جو مٿئين نسخي (ب) تان هدايت علي فقير نجفي ١٣٤٩ھ ۾ اتاريو. ان جي آخر ۾ ڪاتب طرفان هي عبارت ڏنل آهي:

"از کلک حقير پر تقصير عاصي ازلي خادم الفقراء محمد هدايت علي تخلص تارک فقير قوم قريشي علوي المعروف تونيه فقير رهندڙ لعلو فقير تونيه تعلقه واره ضلع لاڙڪانه. ماده تاريخ 'فضليت کده'.

١٣٤٩ھ

(د) حاجي غلام حسين خان (بن حاجي فتح محمد خان بن حيدر علي خان) جي ڪتابڙي جنهن تي فقير نواب ولي محمد ڪيس پنهنجي هٿ اکرين پنهنجا بيت ۽ ڪلام لکي ڏيندو هو (جنهن جي هڪ صفحي جو عڪس 'مقدمي' ۾ فقير صاحب جي هٿ لکيل وظائفن جي بياض جي عڪس بعد ڏنو ويو آهي). هن ڪتابڙي ۾ ٥٠ ڪن ڪلام ۽ ٻيا بيت ڏوهيڙا سنه ١٢٩٠ھ ڌاري جا قلمبند ٿيل آهن.

(ھ) ٻهاول خان جو مجموعو جو اصل نسخي (الف)، فقير صاحب جي وقت جي ڪتابڙي (ب)، ۽ هدايت علي نجفي واري نسخي (ج) تان آتاريل آهي.

(و) مرحوم نواب گل محمد خان وارو نسخو جو ٻهاول خان واري مجموعي جو نقل آهي ۽ ان ۾ ڪي ٻيا متفرق اشعار پڻ شامل آهن.

انهن مجموعن جي مطالعي ۽ ڀيٽ جي بناءِ تي فقير نواب ولي محمد جو ڪلام سهيڙي سنواري هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ڪي ڪافيون جي قلمي ذخيرن کان ٻاهر هيون يا پوءِ مليون سي ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور ڏنيون ويون آهن.

فقير نواب ولي محمد جو تعلق سنڌ جي لغاري نوابن جي انهيءَ خاندان سان هو جنهن تالپوري عهد ۾ توڙي پوءِ سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي ڪارناما سرانجام ڏنا. ان ڪري مناسب سمجهيو ويو ته مقدمي ۾ هن خاندان جي تاريخ تي تفصيل سان روشني وڌي وڃي. خود فقير نواب ولي محمد جي سوانح ۽ ڪلام جو ذڪر هن تفصيلي مقدمي جو آخري باب آهي.

سنڌ يونيورسٽي
٩- ذوالقعده سنه ١٣٨٧ھ
(٩- فيبروري ١٩٦٨ع)

خادم العلم
نبي بخش

فهرست

١- مهاڳ
٢- مقدمو [١-١٧٩]
٣- ڪافيون ١-١۴٨
داستان -١ ڪلياڻ ٣
داستان -٢ تلنگ ٩
داستان -٣ بروو ١٨
داستان -۴ پيروي ۴٨
داستان -٥ پيلو ٥٦
داستان -٦ جهنگلو ٥٨
داستان -٧ ڪوهياري ٧١
داستان -٨ ڌناسري ٧٧
داستان -٩ آسا ٨٠
داستان -١٠ اوغان ٩٤
داستان -١١ گجري ٩٨
داستان -١٢ سورٺ ١٠١
داستان -١٣ جوڳ ١٠۴
داستان -١۴ راڻو ١٠٩
داستان -١٥ متفرقه ١١١
۴- ابيات سنڌي ۽ سي حرفي ١٢٧
٥- ابيات سرائڪي ١٣٧
٦- مولود ١۴١
۷- شبد ١۴٥
٨- غزليات سنڌي، هندي ۽ فارسي ١۴٩
٩- مداحون ۽ مناقب ١٧٧
١٠- مثنويون ١٩٥
١١- مثنوي فارسي ٢۴١
١٢- ضميمو ٢٥٣

Scanned by CamScanner

باسمه تعالي

مقدمه

الف- تاجپور جي لغاري نوابن جو خاندان

سنڌ جي هن مشهور خاندان جي شروعات سندن وڏي ڏاڏي مڱڻ خان سان ٿئي ٿي، جنهن جو شجرو هن طرح آهي (١) : مير مڱڻ خان بن توربند بن لڏو بن صيفل بن صفل بن پهلوان بن عالي بن پاهڙدين بن ادينڪ بن محمد بن حسن بن آسيب بن شامي بن شاه بن گل حسن بن پيروز بن حيران بن رند بن جلال خان بن ٻجار بن مهر علي بن اميد علي بن جعفر بن ايسوع بن محمد بن مخدوم هاني ڪيچ مڪراني بن الهداد بن نوتڪ بن هارون بن علي مهر ذيل بن مخدوم صاد بن ناظر بن شافع بن عبدالله وادوي بن عبدالجليل وادوي بن عبدالخالق وادوي بن

---

(١) هي شجرو مڱڻ خان کان وٺي عالي تائين مرحوم حاجي فتح خان جي زباني بيان ٿيل آهي ۽ هن قبيلي جي پنهنجي خانداني روايت موجب مستند سمجهڻ گهرجي. پاهڙدين کان وٺي آخر تائين ڏنل شجري جي روايت جو دارو مدار ’ڪوهستان بوزدار‘ جي قبائلي روايت تي آهي جا مرحوم فقير نواب غلام الله کي اتي وڃڻ وقت مقامي بلوچن کان ملي. انهيءَ

Scanned by CamScanner

يوسف وادوي بن امڪان وادوي بن آرنج وادوي بن هاشم بن عبدالغفور بن يزد وادوي بن ينل وادوي بن بزدار بلوچ وادوي بن حمزه بن مالڪ بن دينار بن محمد بن احمد بن عبدالصمد بن حسن بن رڪعة بن عبدالڪعبة بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبدمناف بن قُصَيّ بن ڪلاب بن مُرّة بن ڪعب بن لؤيّ بن غالب بن فِهر بن مالڪ بن النّضر بن ڪنانة بن خزيمة بن مدرڪه بن الياس بن مضر بن نزار بن معدّ بن عدنان بن ادد بن مُقوّم بن ناحور بن تيرح بن يعرُب بن يشجب بن راعو بن فالغ بن عيبر بن شالخ بن آرفخشد بن سام بن نوح بن لمڪ بن متو شلخ بن اخنوخ يعني ادريس بن برد بن مهليل بن قينن بن يانش بن شيث بن حضرت آدم صفي الله.

روايت جو پوئون حصو، يعني عبدالمطلب کان حضرت آدم تائين، اسان عربي نسبنامي موجب درست ڪري لکيو آهي، مگر مجموعي طور سان بوزدار قبيلي جي اها روايت لغاري قبيلي جي پين پاڙن جي روايت کان مختلف آهي (پيٽيو ‘ڪليات حمل’ ۾ ذيل ‘سيرڪائي’ پاڙي جي روايت) البت، هن روايت ۾ هڪ خاص دلچسپ نڪتو هيءُ آهي ته پين پاڙن جي نسبنامي جون روايتون نبي صلعم جن جي چاچي حمزه بن عبدالمطلب سان ملن ٿيون، مگر هيءَ روايت ‘حمزه بن مالڪ بن دينار’ سان ملايل آهي، جو عبدالمطلب جي نائين پيڙهيءَ ۾ ڄاڻايل آهي؛ يعني ته هو حضرت امير حمزه کان سواءِ ڪو ٻيو بلوچ سردار هو.

مڱڻ خان: مڱڻ خان اصل ۾ ‘ڪوهستان جمال الدين’ جو رهاڪو هو، جتي اڄ تائين لغارين جي ‘ٽڪرڪوهه’ سنڌس نالي مشهور آهي. هو پاڻ لغارين جي ‘بوزدار’ قبيلي مان هو، ۽ جڏهن جوان ٿيو، تڏهن رند روهه بوزداري مان لڏي اچي ‘سري’ ۾ ميان غازي خان مرزاڻي وٽ رهيو، جنهن وڏي عزت سان کيس پاڻ وٽ رهايو. ڪجهه وقت بعد ميان غازي خان کان رخصت وٺي لغارين جي چوٽي ۾ آيو، جتي لغاري سردارن ڀائرن وانگر کيس پاڻ وٽ رهايو. مڱڻ خان اتي ‘ڊاقياڻين’ لغارين مان شادي ڪئي ۽ پنهنجو جدا ڳوٺ ٻڌائين جو اڄ ڏينهن تائين ‘چوٽي’ ۾ ‘بستي مير مڱڻ خان’ جي نالي سان موجود آهي.

‘چوٽي’ ۾ لغارين جي راڄ ۾ رهڻ ۽ اتي جي راه ۾ رسم اختيار ڪرڻ سان مڱڻ خان پڻ پاڻ کي ‘بوزدار’ جي بدران ‘لغاري’ سڏايو. کيس هڪ پٽ ٿيو، جنهن جو نالو دودو خان رکيائين. دودو خان هڪ لائق شخص هو، جنهنڪري ‘ڄام’ جي لقب سان هو ‘ڄام دودو خان’ سڏجڻ لڳو. مڱڻ خان توڙي سنڌس پٽ ڄام دودي خان ٻنهي ‘چوٽيءَ’ ۾ وفات ڪئي.


مڱڻ خان
ڄام دودو خان
الهيار خان
هوت خان
١- شير خان
٢- مير خان
١- حيدر علي خان
٢- غلام محمد خان
٣- جلال خان

چام دودي خان جي اولاد جو سنڌ ۾ اچڻ: چام دودي خان جي پهرين شادي 'ٻاقيائين' لغارين مان ٿي جنهن مان ڪيس الهيار خان ڄائو. ان اهليه جي وفات بعد سندس ٻي شادي ميان بلوچ خان جيئنداڻي ٽوڙهي ٽالپر (جو ميان غازي خان جي نوڪري ۾ هو ۽ لغارين جي پاڙي ۾ ويٺل هو) جي پٽ ميان لانگه خان جي نياڻي سان ٿي، جنهن مان ڪيس هوت خان ڄائو. اهڙيءَ طرح مگڻ خان جي اولاد (لغارين) ۽ ميان بلوچ خان جيئنداڻي ٽالپر جي اولاد (ٽوڙهن ٽالپرن) جي وچ ۾ سڱابندي ۽ رشتي جي شروعات ٿي، جا اڄ ڏينهن تائين هلندي اچي.

سنڌ ۾ پهريائين چام دودي خان جا پٽ، الهيار خان ۽ هوت خان سنه ۱۱۳۱ هه/۱۷۱۸ع ۾ آيا. ان وقت ميان يار محمد ڪلهوڙن جي اسرندڙ طاقت جو اڳواڻ هو. مير چاڪر خان بن مير شهداد خان جي معرفت ٻنهي ڀائرن ميان صاحب جو سلام ڪيو. ميان صاحب کين عزت ڏني ۽ نوڪري جي آڇ ڪئي جا هنن قبول ڪئي. بر وقت، ٻارهن سؤ جريب زمين پنو، مڪان اوڏڪي، (ديهه پاڪ سنگهار، تعلقو ٽنڊو الهيار) ۾ سندن گذران ۽ آسايش لاءِ منظور ٿي ۽ کين 'چوٽي' مان سنڌ ۾ اچڻ لاءِ صلاح ڏني وئي، جا ٻنهي ڀائرن قبول ڪئي، ۽ هو اهل عيال وٺي اچڻ لاءِ واپس 'چوٽي' ڏانهن روانا ٿيا.

سفر جي دوران هو سرحد غازي خان ۾ اچي سندن دوست وايداد خان مرزاڻي وٽ مهمان ٿيا. وليداد خان سان

Scanned by CamScanner

ان وقت ڪنهن ٻي ڏر جي جنگ هئي، جنهن جو ٻڌي هوت خان ٻه وليداد خان طرفان جنگ ۾ شريڪ ٿيو ۽ دوستيءَ جو ناتو نباهي شهيد ٿيو. الهيار خان پوءِ ’چوٽي‘ ۾ رهي پيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. ان بعد سندن پٽ اهل عيال سان ڪري سنڌ ۾ اچي هميشه لاءِ سڪونت پذير ٿيا.

الهيار خان جي شادي لانگه خان بن بلوچ خان جيئنداڻي لوڙهي ٽالپر جي گهران ٿي، جنهن مان کيس ٻه پٽ، شير خان ۽ مير خان ٿيا. هي ٻئي ڀائر پنهنجي والد جي وفات بعد ’چوٽي‘ مان لڏي سنڌ ۾ آيا، ۽ شير خان پنهنجو ڳوٺ، موجوده شهدادپور (ضلع سانگهڙ) شهر کان پنج ميل اوپر طرف اچي ٻڌو، جتي اڄ ڏينهن تائين ”ڳوٺ شير لغاري“ سندن نالي سان موجود آهي. شير خان کي پنج پٽ ٿيا: دودو خان، جهان خان، شهعلي خان، بلوچ خان ۽ ماڙڪ خان. مير خان کي فقط نياڻي ٿي. جنهن جو سڱ مير شهداد خان (وڏي) جي ڀاءُ سان ٿيو. شير خان جو اولاد اڃا تائين سندس ڏاڏي جي ٻڌل ڳوٺ شير خان لغاري ۾ رهي ٿو. وفات بعد شير خان، شاهپور چاڪر لڳ مير شهداد خان (وڏي) ۽ سندس پٽ مير چاڪر خان جي قبرستان ۾ مدفون ٿيو، جتي سندس تربت ۽ قبو هن وقت تائين موجود آهن.

هوت خان شهيد جو اولاد

هوت خان شهيد کي ٽي پٽ ٿيا: وڏو حيدر علي خان، وچٿ غلام محمّد خان، ۽ ننڍو جلال خان. هنن ڀائرن جڏهن پنهنجي والد جی شهادت جي خبر ٻڌي تڏهن وڏو ڀاءُ حيدرعلي

خان، وليداد خان مرڙائي جي ڳوٺ ويو جتي پنهنجي پيءُ جي تربت جوڙائي، واپس اچي سڄو احوال پنهنجي ڀائرن کي ٻڌايائين. پوءِ ٽيئي ڀائر سنه ١١٤٠هه/١٧٢٧ع ۾ 'ڇوٽيءَ' مان اهل عيال سـاڻ ڪري سنڌ ڏانهن روانا ٿيا ۽ موجوده سنجهوري تعلقي ۾ شهر جهول جي نزديڪ 'اپيور' جي پرسان اچي پنهنجو ڳوٺ ٻڌائون.

ٽالپور اميرن سان وابستگي: هوت خان شهيد جي پٽن سنڌ ۾ اچڻ بعد ڪلهوڙن حڪمرانن جي ٽالپور اميرن سـان وابستگي پيدا ڪئي ۽ انهن وٽ نوڪري شروع ڪيائون.

حيدر علي خان پنهنجن پٽن فتح خان ۽ گل محمّد خان سان گڏ مير صوبدار خان جي خدمت ۾ رهيو ۽ پنهنجي ٻن ننڍن ڀائرن غلام محمّد خان ۽ جلال خان کي مير بجار خان وٽ نوڪريءَ ۾ چڙهائين. جڏهن حڪومت ٽالپورن اميرن جي هٿ ۾ آئي تڏهن هنن ڀائرن جو اولاد پڻ وڏي اقبال کي پهتو. حيدر علي خان، غلام محمد خان ۽ جلال خان، ٽيئي ڀائر وفات بعد مير شهداد خان وڏي جي قبرستان ۾ (لڳ شاهپور چاڪر، تعلقه شهداد پور) مدفون ٿيا، جتي سندن قبرون اڄ ڏينهن تائين موجود آهن.

شجره- الف

حيدر علي خان بن هوت خان شهيد جو اولاد


حيدر علي خان
فتح خان
گل محمّد خان
حيدر علي خان
حسن علي خان
نور خان
فتح خان
علي بخش خان
گل محمّد خان
غازي خان
نبي بخش خان
حاجي غلام حسين
محمد علي خان
عباس علي خان
حيدر علي خان
احمد علي خان
غلام نبي خان


*
گل محمد خان
حاجي نور محمدخان
قنبر علي خان
غلام حسين خان
افتخار حسين
حيدر علي
سکندر علي
مظفر علي
صفدر علي
شوکت علي

Scanned by CamScanner

هيٺ اسان پهريائين وڏي ڀاءُ حيدر علي خان ۽ ننڍي ڀاءُ جلال خان جي اولاد جو مختصر طور ذڪر ڪنداسون. ان بعد سندن وچين ڀاءُ غلام محمّد خان جي اولاد جو تفصيل سان ذڪر ڪنداسون، جو سنڌ جو ناميارو وزير اعظم نواب ولي محمّد خان سندس فرزند هو، جنهن جي اولاد مان ئي فقير نواب ولي محمّد خان لغاري ثاني ٿيو، جنهن جو ذڪر ۽ ڪلام هن ڪتاب جو مکيه مقصد آهي.

حيدر علي خان بن هوت خان شهيد جو اولاد*

چون ٿا ته حيدر علي خان شهيد ٿيو، مگر سندس شهادت جي واقعي جو پڪو احوال موجود نه آهي. سندس وڏو فرزند فتح خان، مير صوبدار خان وٽ وڏي عزت وارو هو. جڏهن ليڪين ۽ ڪلهوڙن جي سازشن جي مير صوبدار خان کي خبر پئي، تڏهن پنهنجي پٽ مير فتح علي خان جي روبرو فتح خان لغاري کي گهرائي چيائين ته: ”منهنجي شهادت بعد حويلي جي حفاظت تنهنجي ٻلي آهي. جيڪڏهن ڪلهوڙا اهل پرده جي بيعزتيءَ جو خيال ڪن ۽ ٻيو ڪو بچاءُ جو طريقو نه هجي ته اهل پرده کي شهيد ڪري ڇڏجانءِ، مگر بيعزتي ٿيڻ نه ڏجانءِ.“ جڏهن مير صوبدار خان شهيد ٿيو، تڏهن فتح خان حويلي جي حفاظت لاءِ تيار ٿي بيٺو. جڏهن ڪلهوڙن کي خبر پئي ته فتح خان لغاري مقابلي لاءِ تيار بيٺو آهي ۽ وڌيڪ فساد جو امڪان آهي تڏهن چوائي موڪليائون ته حويليءَ تان ننڍا مير پاڻ سان وٺي اچو. مير صوبدار خان جي

---

* ڏسو شجرو ’الف‘

شهادت بعد فتح خان، مير فتح علي خان سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو ۽ هالاڻيءَ واري جنگ (١١٩٣ھ/ ١٧٨١ع) ۾ سندس طرفان ڪلهوڙن جي لشڪر خلاف وڙهندي شهيد ٿيو. مير فتح علي خان پنهنجي چلهه مان لونگي چوڙي سندس لاش تي وڌي.

فتح خان کان پوءِ سندس پٽ حيدر علي خان خاص طرح مير غلام علي خان جي حاضريءَ ۾ رهيو، جنهن کيس پنهنجي پٽ مير محمّد خان جي خدمت ۽ معاونت لاءِ مقرر ڪيو. هن مير صاحب کيس بروقت هڪ محفو، سوني ساز سان جوهردار تلوار ۽ سوني پنج سنجي سان پلو گهوڙو انعام طور ڏنا، ۽ ماليه (سجاول ۽ جاتي) جي تحصيلداريءَ جي آڇ ڪئي، مگر جيئن ته ان عهدي تي اڳيئي ميان محمّد خان ٽوڙهو ٽالپور مقرر ٿيل هو ان ڪري حيدر علي خان معذرت پيش ڪئي، جنهن تي کيس جاتي ۽ ستاه واري حصي جو تحصيلدار مقرر ڪيو ويو. بقول جيمس برن ”حيدر خان لغاري، جاتيءَ جو گورنر ۽ وزيراعظم جو پاڻيو“ کيس ٦- نومبر ١٨٢٧ع تي شهر رڙب وٽ مليو. ليفٽيننٽ ڊيلهوسٽ لکي ٿو ته ١٥- جنوري ١٨٣٢ع تي محمّد خان (ٽوڙهو ٽالپور) صوبي جاتيءَ جو نواب هو ۽ حيدر خان سندس نائب هو. هينري پاٽنجر جي لکڻ موجب ١١-١٢ نومبر ١٨٣٦ع ۾ حيدر خان لغاري، مير محمّد خان جي طرفان جاتي ۽ مغلبين يعني لاڙ جي ڏکڻ-اوڀر واري ڀاڱي جو گورنر هو ۽ هن پرڳڻي ۾ هو وڏي اثر ۽ رسوخ وارو عملدار هو (١).

---

(١) باوي کان اڳئين دور واري سنڌ جي ڪمشنر جي دفتر جو انتخاب، ڪمشنر پريس، ڪراچي، ص ص ٣٧، ١٩٣ ۽ ٢٤١

سرڪاري نوڪريءَ جي لوازمن کان سواءِ ڪچهريءَ جي حاضريءَ جي سلسلي ۾ حيدر علي خان کي مير صاحب طرفان هيٺيون ’قوت‘ ملندو هو: نقد ٻارهن سؤ رپيا، عيوض خوراڪ ٻارهن سؤ رپيا ۽ هڪ سؤ چاليهه خرار اَنُ ۽ ڪپڙن جي عيوض ’سال تمامي‘ شرح هڪ سؤ رپيا. ان کان سواءِ جاگيرون جدا مليل هيون، مگر هي امير اڪثر نقديءَ تي خوش هوندا هئا. ان وقت جي مليل جاگيرن مان حڪومت برطانيه چوٿ ڪاٽي باقي بحال رکيون، جي پشت به پشت هليون آيون. حيدر علي خان ۱۵- رجب ۱۲۸۱ھ/۱۵- ڊسمبر ۱۸۶۴ع ۾ وفات ڪئي*. سندس مقبرو درويش شيخ محمّد الياس جي مقام ۾ آهي.

حيدر علي خان جي پٽ فتح خان کي پڻ مير محمد خان پنهنجي حاضريءَ ۾ رکيو. فتح خان جي شادي وزير اعظم نواب ولي محمد خان جي گهران ٿيل هئي، ۽ انهيءَ لحاظ سان پڻ سندس وڏي حيثيت هئي. مير صاحب طرفان بروقت ڪيس سوني ساز سان تلوار جوهردار، نقد پڳهار درماهو چوڏهن سؤ رپيا، ’سال تمامي‘ جنس ستر خرار، پنجاه رپيا سياري ۽ اونهاري ڪپڙن لاءِ شرح، گهوڙا، آٺ ۽ ٻيو سامان وغيره مقرر ٿي مليا. هي سڀ سندس لياقت ۽ اهليت جو نتيجو هو. آخري عمر سنه ۱۳۰۲ھ ۾ وڃي درگاه جهوڪ شريف تي رهيو، جتي

---

* سندس حيثيت ۽ جاگيرن لاءِ ڏسو ”سنڌ لئنڊ الينيشن ميمائر“، ڪراچي ۱۸۸۸ع، ص ص ۲۱۳-۲۱۴.

۱۶- ربيع الثاني سنه ۱۳۰۳ ھ ۾ وصال ڪيائين. سندس مقبرو چوکنڊي شريف جي دروازي لڳ آهي.

حاجي فتح خان جو فرزند علي بخش خان پنهنجي مامي نواب حاجي محمّد خان بن وزير اعظم نواب ولي محمّد خان سان گڏ رهندو هو. ننڍو ئي هو، جو نواب حاجي محمّد خان کيس مير شهداد خان وٽ سلام لاءِ وٺي ويو. نواب حاجي محمّد خان پاڻ مير شهداد خان وٽ ماليه جو مختارڪار هو. ۽ مير صاحب کي چيائين ته: ’سائين، علي بخش نوڪري لاءِ آيو آهي‘. علي بخش خان البت ڄمار ۾ ننڍو هو، مگر سندس نالو داخل ٿيو ۽ پنجاه رپيا درماهو پگهار مقرر ٿيس. ازانسواءِ بروقت هڪ ننڍي تلوار سوني ساز سان ۽ پنج سؤ رپيا نقد مليس. جڏهن مير محمّد خان کي هي خبر پئي تڏهن ڏکارو ٿي، حيدر علي خان کي چيائين ته: ’مونکي اولاد ڪونهي، انهيءَ ڪري شايد پنهنجي پوٽي علي بخش کي نواب حاجي محمد خان سان گڏ مير شهداد خان ڏي موڪليو اٿوَ!‘ حيدر علي خان عرض گذاريو ته: ’غريب پرور! منهنجو پوٽو پنهنجي مامي نواب صاحب سان گڏ آهي، جو سائينجن کي نمڪ روشن آهي. برابر نواب صاحب سان گڏجي ويو هوندو، پر ڌڻي پاڪ سائينجن کي اولاد ڏيندو ۽ منهنجا پٽ پوٽا ان وٽ ٿي رهندا.‘

علي بخش خان هڪ خود خيال ۽ بلند حوصلي وارو نينگر هو. نوڪري ملڻ بعد سگهوئي پوءِ مير شهداد خان جي ڪچهريءَ ۾ آيو. ڏٺائين ته مير صاحب جن کٽ تي ويٺا هئا ۽ هيٺ منجيءَ تي سندس مامو نواب حاجي محمّد خان ويٺو

محمد علي خان بن علي بخش خان

Scanned by CamScanner

عباس علي خان بن علي بخش خان

غلام نبي خان بن عباس علي خان

Scanned by CamScanner

نواب غلام الله ولد غلام محمد خان جو اولاد



فقير جان محمد (ثاني) بن فقير غلام الله (ثاني)

Scanned by CamScanner

غلام الله (ثالث) بن فقير
نواب جان محمد (ثاني)

شبیه نور محمد خان ولد امام بخش خان
لغاری - خانپور [illegible] تاجپور

نور محمد خان بن امام بخش خان



عرض محمد خان بن نواب علي محمد خان



گدا عليِ خان بن نواب علي محمد خان

قادر بخش خان بن شير محمد خان

Scanned by CamScanner

نواب علي محمد خان جو اولاد



نواب علي محمد خان بن نواب غلام محمد خان

Scanned by CamScanner

حيدر علي خان بن هوت خان جو اولاد



حيدر علي خان بن گل محمد خان



نورمحمد خان بن حيدر علي خان

Scanned by CamScanner

مرحوم حاجي گل محمد خان بن حيدر علي خان

(جنهن هن ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي.)

Scanned by CamScanner

هو ۽ باقي امير غاليچن يا گلمن تي ويٺا هئا. ٻي وڌيڪ خالي منجي پيل ڪانه هئي، انهيءَ تي علي بخش خان، مير صاحب سان گڏ کٽ تي چڙهي ويٺو. نواب صاحب کيس ڇنڀيو، مگر مير صاحب لائق ڪري مٿي تي هٿ گهمائڻ لڳس ۽ نواب صاحب کي چيائين ته: 'وڌيڪ منجي پيل ڪانه هئي؛ غاليچا هن کي پسند نه آيا؛ جا جاءِ کيس پسند آئي اتي ويٺو آهي، ان ۾ هن ڪهڙو قصور ڪيو؟' نواب صاحب جواب ڏنو ته: 'قبلا! ادب ضروري آهي.' ائين چئي علي بخش کي هيٺ لاٿائين، جنهن تي مير صاحب حڪم ڏنو، ته علي بخش خان لاءِ خاص منجي آڻيو. اها منجي بروقت آئي جنهن تي ويٺو. ان بعد جڏهن به ڪچهري ۾ ويندو هو، ته مير صاحب جن منجي ڏياريندا هئس.

مير صاحب موصوف، علي بخش خان جي ننڍي عمر ۾ بلند همت کان نهايت متاثر هو. هڪ دفعي ڏانهس منهن ڪري چيائين ته: 'علي بخش اسين توکي هي انعام ڏيڻ ٿا چاهيون، مگر تنهنجو مامو نواب صاحب توکي اسان وٽ وٺي آيو، تنهن ڪري اٿي پيرين پئو، ته انعام تنهنجي حوالي ڪريون'. جواب ڏنائين ته: 'سائين! نواب صاحب منهنجو مامو آهي؛ پيرين پوڻ ۾ مونکي عيب ڪونهي، مگر انعام جي لالچ تي پيرين ڪونه پوندس'. مير صاحب گهڻو ئي سمجهايس، پر نه مڃيائين. انهيءَ تي مير صاحب چيو ته: 'نواب صاحب! هيءُ نينگر وڏي همت وارو ۽ پهلوان ٿيندو'. پوءِ مير صاحب حڪم ڪيو ته: علي بخش خان کي جاگير مان ڏوابو پوکي ۾ پنج سو

ايڪڙ لکي ڏيو. ان تي نواب حاجي محمّد خان عرض ڪيو ته: غريب پرور! علي بخش اڃا ننڍو آهي، وڏو ٿئي ته اهو ڏجوس. هن وقت عام امير چوندا ته نواب صاحب پاڻ ماليه جو مختيارڪار آهي، تڏهن پنهنجي ننڍن کي جاگيرون ولارائي پيو ڏئي. ان ۾ اسان جي ناموس نه رهندي. اهو ٻڌي مير صاحب ڪٿي ماٺ ڪئي. علي بخش خان سنه ١٣٢٠ھ ۾ وصال ڪيو. سندس مقبرو سيد ننگر شاه بخاري مقام لڳ آهي.

حاجي فتح خان جو ٻيو فرزند گل محمد خان هو، جو ڪجهه وقت شهدادپور ۾ سب رجسٽرار هو، مگر عين جوانيءَ ۾ شب عيد رمضان ١٢٩٢ھ ۾ وفات ڪيائين. گل محمد خان جو فرزند حيدر علي خان ٿيو، جنهن سنه ١٣٤٦ھ ۾ وفات ڪئي. حيدر علي خان جو فرزند اسان جو مهربان ۽ بزرگ دوست مرحوم گل محمد خان (بن حيدر علي خان بن گل محمد خان بن فتح خان بن حيدر عاي خان بن فتح خان بن حيدر علي خان بن هوت خان) هو، جنهن تاريخ ٨- ربيع الاول ١٣٧٥ھ/ ٢٥- آڪٽوبر ١٩٥٥ع تي وفات ڪئي. مرحوم وڏو علم دوست ۽ صاحب فضيلت هو. سندس سوانح حيات تي اسان ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي ٽه ماهي مخزن ”مهراڻ“ (سرءُ، نمبر ٤، ١٩٥٥ع، ص ص ٢٦٨-٢٧٣) ۾ ذرا تفصيل سان روشني وڌي آهي. هن ڪتاب جي تجويز ۽ مواد مهيا ڪرڻ ۾ مرحوم جو وڏو هٿ هو، جنهن جو ذڪر اسان ديباچي ۾ ڪيو آهي. سندس ٻن فرزندن مان وڏو ميان قنبر علي خان گذاري ويو، آهي ۽ غلام حسين خان حيات آهي.

Scanned by CamScanner

جلال خان بن هوت خان شهيد جو اولاد: جلال خان، هڪ حق گو درويش هو. مير بجار خان جو رفيق هو ۽ آخر ڪيس ميين عبدالرحيم گرهوڙي ڏي وٺي ويو. ڪيس پنج پٽ ٿيا: قطب علي خان، بهادر خان، علي مراد خان، فقير عبدالله ۽ غلام حيدر خان. انهن پٽرن مان قطب علي خان ۽ بهادر خان جو اولاد اڄ تائين موجود آهي. جلال خان جي اولاد کي به فقيريءَ جي ورثي ملي، ۽ هن پاڙي مان ڪي درويش ۽ اهلِ دل پيدا ٿيا. خود جلال خان جو فرزند عبدالله خان هن سڄي خاندان مان پهريون درويش هو ۽ فقير عبدالله جي نالي سان مشهور ٿيو. جلال خان جي ٻئي فرزند علي مراد خان جو پوٽو فقير علي مراد به هڪ سچو فقير ٿيو، جنهن تقريباً ويهه سال ڪن ٿيا جو وفات ڪئي. تعليم ۾ به هن پاڙي جي هڪ نوجوان ڪاميابي حاصل ڪئي: يعني ته بهادر خان جي اولاد مان حاجي هادي بخش خان (بن محمّد حسن خان بن هادي بخش خان بن محمّد حسن خان بن محمّد باقر خان بن بهادر خان) تاجپور جي لغاري خاندان مان پهريو نوجوان هو، جنهن ۱۹۳۹ع ۾ بي. اي. ۽ ۱۹۴۲ع ۾ بي. ٽي. پاس ڪئي. هو هن وقت جيلن جي کاتي ۾ بالا عملدار آهي، ۽ پنهنجي انتهائي صلاحيت ۽ ايمانداري سببان هڪ ڪامياب آفيسر آهي. هو پهريون آفيسر آهي، جنهن جيل ۾ اندروني سڌارن طرف توجهه ڪيو ۽ پنهنجي اختياريءَ جي دائري اندر حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ انهن سڌارن جي شروعات ڪئي. قطب علي خان جي اولاد مان الله بخش خان ابتدائي اسڪول ۾ اُستاد آهي.

ب. غلام محمد خان بن هوت خان شهيد ۽ سندس اولاد

غلام محمد خان، هوت خان شهيد جو وچون پٽ هو ۽ سنه ۱۱۳۷ھ ۾ ڄائو. کيس ننڍي هوندي فارسي جي سٺي تعليم ملي. نوڪري جي سلسلي ۾ هو مير بجار خان سان وابسته ٿيو. سندس لياقت صداقت ۽ شرافت کان متاثر ٿي مير بجار خان کيس "يار وفادار" ڪري سڏيندو هو. انهيءَ اوائلي وقت ۾ غلام محمد خان، ٽالپور اميرن جي صاحبزادن کي فارسي جي تعليم ڏني. مگر غلام محمد خان هڪ دلير مرد هو ۽ اميرن ٽالپورن سان لڳي لڳي گڏ رهيو. ميان سرفراز خان جڏهن مير بهرام خان کي مارائڻ جي سازش سٽي تڏهن مير بجار خان پنهنجي مرشد فقير ميان احمد سلطان* سان گڏ حج بيت الله شريف لاءِ روانو ٿي ويو. پويان غلام محمد خان، مير بهرام خان جو هڏ ڏوکي ۽ همراه ٿي بيٺو ۽ جڏهن مير بهرام خان شهيد ٿيو تڏهن غلام محمد خان پڻ مير صوبدار سان گڏ ڪلهوڙي جي دربانن سان وڙهندي شهيد ٿيو. اهو واقعو سنه ۱۱۸۹ھ/۱۷۷۵ع ۾ ٿيو.



غلام محمد خان کي هڪ نياڻي ۽ ٽي پٽ ٿيا، جن مان وڏو علي محمد خان ۱۱۶۲ھ ۾ ڄائو؛ ٻيو نمبر ولي محمد خان

---

* سنڌ الينيشن جي تاريخ، جلد ۲، ص ۲۱۶-۲۱۷.

١١٦٥ ھ ۾ ڄائو، ۽ نمبر ٽيو ننڍو پٽ غلام الله خان ٿيا: علي محمّد خان ٺٽي جو نواب ٿيو، ولي محمّد خان سنڌ جو وزير اعظم بڻيو، ۽ غلام الله عمرڪوٽ جو نواب ٿيو۔ هت اسان پھريائين وزير اعظم نواب ولي محمّد خان جي وڏي ڀاءُ نواب علي محمّد خان ۽ سندس اولاد ۽ ان بعد سندس ننڍي ڀاءُ نواب غلام الله ۽ سندس اولاد جو ذڪر ڪنداسون، ۽ آخر ۾ وزير اعظم نواب ولي محمّد خان ۽ سندس اولاد، خصوصاً سندس پوٽي نواب فقير ولي محمّد خان لغاري جو تفصيل سان ذڪر ڪنداسون، جو هن مقدمه جو مکيه مقصد آهي۔

نواب علي محمد خان بن غلام محمّد خان ۽ سندس اولاد

علي محمّد خان، ميان غلام محمّد خان جو وڏو فرزند ۽ وزير اعظم نواب ولي محمّد خان جو وڏو ڀاءُ هو۔ پنھنجي اصل ڳوٺ 'اپيور' (لڳ جھول، ضلعو سانگھڙ) ۾ سنه ١١٦٢ ھ ۾ ڄائو۔ ميان غلام محمّد خان پاڻ علم وارو هو، انھيءَ ڪري پنھنجي فرزندن جي تعليم ڏانھن خاص توجهه ڏنائين۔ علي محمد خان فارسي توڙي عربيءَ ۾ تحصيل ڪئي ۽ هن لغاري خاندان مان پھريون عالم ٿيو۔ فن ڪتابت ۾ پڻ چڱي مهارت حاصل ڪيائين، هڪ ڪلام مجيد لکي مير مراد علي خان کي تحفي طور ڏنائين جو مير صاحب کي ڏاڍو پسند آيو ۽ مير صاحب وري ٻيو قلمي ڪلام مجيد نواب صاحب کي تحفي طور ڏنو۔

علم سان گڏ علي محمّد خان انتظامي صلاحيتون رکندڙ هو، جنھنڪري مير صاحبن طرفان ٺٽي جو نواب ٿيو ۽ اتي جو نظام بخوبي هلايائين۔ سندس خدمتن جي عيوض هن خاندان

جي موجوده ڳوٺ ”تاجپور“ واري جاگير پھريائين پھريائين مير غلام علي خان ۽ مير مراد علي خان طرفان نواب علي محمّد خان کي ملي. نواب علي محمد خان، نوڪري جي مدي بعد حيدرآباد ۾ نوابن جي محلي (ٽنڊه ولي محمّد خان) ۾ رهڻ لڳو، پر پوءِ مير صاحب کي چيائين ته: هتي منهنجي ذڪر و فڪر ۾ حرج ٿو ٿئي؛ اجازت ملي ته آءٌ شهر کان ٻاهر خلوت نشين ٿيان. کيس موجوده تاجپور وٽ جاگير ملي. تاجپور اصل تاجي ليکي جي جاگير هئي* مگر ان وقت سرڪار جي ملڪيت هئي. نواب علي محمّد خان ٽنڊه جام مان ٿيندو، اولياء شيخ سيد الياس عرف جمي شاه جي درگاه تي آيو، ۽ دعا گهري اچي تاجپور ۾ هميشه لاءِ مقيم ٿيو. تاجي ليکي جو ”چوڏرو“ عدالتي ڪمرو ۽ کوهه سندس اوطاق جي حدن ۾ شامل ٿيا ۽ اڄ تائين اها صورتحال موجود آهي. نواب علي محمّد خان ٨٨ ورهيه جي عمر ۾ سنه ١٢٥٠ ھ ۾ وفات ڪئي. سندس مقبره، شاه صاحب شيخ محمّد الياس جي مقام ۾ آهي.

نواب علي محمّد خان عالم، ڪاتب، صاحبِ شريعت ۽ اهلِ دل درويش هو. طريقت جي راهه ۾ مٺي فقير هالي (سڪرنڊ لڳ) جو مريد هو. پنهنجي آخري عمر علمي مطالعي ۽ خدمت ۾ صرف ڪيائين. افسوس جو سندس قلمي ڪشالي مان سواءِ هڪ فارسي بياض جي، ٻيو باقي نه بچيو آهي. هيءَ هڪ چڱو خاصو ضخيم ۽ وڏي تختي وارو بياض آهي، جنهن ۾ شامل مواد جي عنوانن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو، انهيءَ لاءِ ته پڙهندڙ نواب مرحوم جي علمي ذوق جو اندازو لڳائي سگهن:

---

* سنڌ لئنڊ اليئينيشن جي تاريخ، جلد ٢ ص ص ٢١٦-٢١٧

بیاض نواب علي محمّد خان: (۱) تسبیحات (۲) اقوال النبي صلعم في قرأة القران (۳) اسماء صفاتي رسول اللّٰه صلعم (۴) "باب الاخبار" (که بناء آن چهل باب است، در هر بابي ده حدیث بنظر آورده است که بعبارت پارسي ترجمه کند۔ الخ۔) (۵) اقتباس من تاریخ کسری (۶) چهل جوامع الکلم من احادیث النبي صلعم معه منظوم ترجمه فارسي۔ مثلاً:

"لایؤمن احدکم حتی یحب لاُخیه مایحب لنفسه"

هر کسی را لقب مکن مومن گرچه از سعی جان و تن کاهد
تا نخواهد برادري خود را آنچه از بهر خویشتن خواهد

"من اعطی للّٰه ومنع للّٰه وأحب للّٰه وابغض للّٰه فقداستکمل ایمانه"

هر که در حب وبغض و منع وعطا نبودش دل بغیر حق مائل
نقد ایمان خویش را یابد بر محک قبول حق کامل

(۷) راوایات انس بن مالک رضہ وغیره (۸) امثال العرب و اقوالهم (۹) مأة کلمة من کلام معجز نظام حضرت علی رضہ، معه ترجمة فارسی منظوم۔ اولها:

"لو کشف الغطاء ما ازددت یقینا"

حال خلد و جحیم دانم به یقین آنچنانکه می باید
گر حجاب از بردارند آن یقین ذره نیفزاید

و آخر کلمة:

"اللهم اغفر مرات الالحاظ و شغات الالفاظ
و شهوات الجنان و هفوات اللسان"

این گناهان که یاد خواهم کرد یارب از مابفضل درگذران
زدن چشم و زشتی گفتار را شهوت و خطائی زبان

Scanned by CamScanner

”کتبه العبد المذنب الفقير الحقير علی محمد بن غلام محمد لغاری این کتاب حدیث در سنه سنه ۱۲۴۷ ھ تحریر یافت.“ (۱۰) روایة علی کرم الله وجهه (۱۱) سقانی الحب کاسات الوصال - الخ القصیدة للشیخ عبدالقادر جیلاني رضه (۱۲) یا حبیب الاله خذ بیدي - الخ القصیدة (۱۳) نظم دعائیه بزبان عربی (۱۴) روایة عیسی (۱۵) صد پند لقمان (۱۶) مقولة افلاطون (۱۷) نقل از دانایان (۱۸) نصائح بزرجمهر از تاریخ کسری (۱۹) کتاب أنیس السالکین (۲۰) بعض اشعار میر جان الله شاه صوفی روهروی (۲۱) خرد نامه ارسطاطالیس حکیم که بموجب فرموده سکندر شاه باد شاه درست نمود - مثنوي در پنج اوراق (۲۲) خردنامه بقراط حکیم - مثنوی در دو اوراق (۲۳) پند مخدوم جامی (۲۴) نصائح سعدی.

بياض جي عنوانن مان ظاهر آهي ته نواب صاحب جي طبيعت جو رجحان حڪمت، نصيحت ۽ دانائي طرف هو، جنهن جي جستجو نبي صلعم جي احاديث، حضرت علي رضه جي قولن ۽ يوناني فيلسوفن ۽ ايراني دانائن جي خردنامن ۽ پندنامن مان ڪئي اٿس. نمبر ۹ عنوان، حضرت علي جا هڪ سؤ مقولا، سنه ۱۲۴۷ ھ ۾، يعني سندس وفات (۱۲۵۰ھ) کان ٽي سال اڳ لکيائين، ۽ ان وقت سندس عمر ۸۵ ورهيه هئي. مگر ان هوندي به قلم ايڏو ته صاف ۽ سهڻو آهي جو رواجي ڪاتب جي جاءِ ڪانهي.

ڪتاب أنيس السالڪين: مٿين عنوانن ۾ نمبر ۱۹، يعني ”ڪتاب أنيس السالڪين“ خود نواب علي محمد خان جو پنهنجو

تصنيف ڪيل آهي، جو سنه ۱۲۴۰ هه ۾ يعني پنهنجي وفات کان ڏهه سال اڳ لکي پورو ڪيائين. ڪتاب جملہ ۱۰۸ وڏن ورقن (۲۱۶ صفحا) ۾ آهي. ڪتاب جي سڄي مضمون جو خاص مقصد آهي پڙهندڙن کي حق تعاليٰ ڏانهن رجوع ڪرڻ. آيات قرآن حڪيم، احاديث، اقوال صوفيه، مثنوي مولانا رومي وغيره کي جابجا شواهد طور آندو ويو آهي. هيٺ ڪتاب جي شروعات ۽ آخر وارا اقتباس ڏجن ٿا، انهيءَ لاءِ تہ مصنف جي تحرير جي نوعيت جو اندازو ٿي سگهي.

(ڪتاب جي شروعات): الحمد لله ربّ العالمين، و الصلواة والسلام علی رسوله محمّد و آله و اصحاب اجمعين. بشنو ای طالب راه دين و سالک بالقين که حضرت حق سبحانه تعالی جلشانه ايزد متعال ذوالجلال با فضال لا يزال و الطافات و عنايات بقدرت کامله خويش انسان را بيافريد. بعده خلعت فاخره "فنفخت فيه من روحی" از توجهات و اشفاقات خود اورا بپوشانيد وهم درباره او از راه لطف و کرم در قرآن فرموده که "فاذکرونی اذکرکم" ودر آيه ديگر آمده "وفی انفسکم افلاتبصرون". وهم در خلقت انسان در فرقان فرموده "لقد خلقنا الانسان في أحسن تقويم". وهم در قرآن بيان عيان است "نحن اقرب اليه من حبل الوريد". ان چند خطاب که در کتاب رب الارباب در باب بشر مبشراست درباره هيچ مخلوقي از مخلوقات کلی ديگر شرف نزول نيافته. لهذا آدمی هوشمند و عاقل را بايد که يک لحظه و يک لمحه غافل نبوده شب و روز هزاران هزار شکرانه اين نعمت عظمی مکرمه و مشرفه مذکوره بعجز و

انکسار بسیار نموده براحکام کلام حضرت حق سبحان ایزد منان جلشانه قرار واقعی مساعی بوده عمل نماید چنانچه فرموده است "ماخلقت الجن و الانس الالیعبدون- الخ".

(كتاب جي تصنيف جو ذكر ۽ خاتمه): چون این فقیر حقیر پر تقصیر هیچمدان زمان علی محمّد ولد مرحوم مغفور غلام محمد علیه‌الرحمة از عنایت و هدایت ربانی از ابتداي ایام جوانی بخواند تفسیر قرآنی و دیگر کتب اشتغال ورزیده و نیز براه نیازهم صحبتی علمایان و مشاخان برگزیده ببرکت خواندن قرآن وهم از اثر صحبت آن نیکان بهر عنوان بفضل حق سبحان جلشانه بهرور گردیده- از انجا که عمر بنده به پیری رسیده خواست که کتابی بعبارت مختصر منحصر بر معاملات راه دین واحوالات و مقالات و مقامات اهل یقین که از کتب هائی معتبر بنظر آمده واز فقراء صادر شده بعنوان شائسته بطریق اختصار در بیان آورده تصنیف کتاب سازد که گاه بیگاه بوقت تنهائی مردمان طالبان و عاقلان را مؤنس و متنفع گردد و بخواندن آن سالکان بهرگونه مستفیض و بهره یاب شده این ضعیف را بدعای خیر و خوبی دارین یاد فرما باشند. لهذا این کتاب درست نموده بنام **انیس سالکین** موسوم ساخته توقع از الطافات و اشفاقات عالمان صالحان و طالبان صادقان و دانایان خورده بنیان و نکته چینان، آن دارد که اگر سهوی یا خطائی در تحریر و تقریر تصنیف این ضعیف بنظر کرم منظر در آید بموجب مصرع: "قلم عفو برگناهم کش- که از خوردان خطا و بزرگان عطا-"
تمام شده کتاب انیس السالکین بعون عنایت ربّ العالمین جلشانه

Scanned by CamScanner

بدست خط فقیر الحقیر المذنب علی محمّد لغاری

در سنه ١٢٤٠ من الهجرة النبویه

حضرت پیغمبر علیه الصلواة و السلام"

نواب علي محمد خان فارسي ۾ شاعري پڻ ڪئي. ‘علي’ تخلص هوس، سندس هڪ غزل ڏستياب ٿيو آهي جو هيٺ ڏجي ٿو:

غم عشقت انیسِ جان من بود
به روز و شب غمت مهمان من بود
چرا کردی جدا از من غمِ خویش
که همدم با دلِ مستان من بود
شدم حیران به فکرِ این جدائی
که آخر با کشش عصیان من بود
کریما گر نمودم جرم بسیار
بشانت لائقِ غفران من بود
دلم فرما به عشقِ خود گرفتار
اگر سهو دل نادان من بود
خوش آن وقتی که از شوقِ تو هردم
ز عشق دیدها گریان من بود
علی گردد به دیدارت سرفراز
که پیشت دائما اوطان من بود


نواب علي محمد خان
غلام محمد خان
قادر بخش خان
علي محمد خان
نظر علي خان
شير محمد خان
عرض محمد خان
گدا علي
واحد بخش خان
قادر بخش خان
غلام محمد خان
علي محمد خان
در محمد خان
الطاف حسين
محمد بخش
قاسم علي
خالد حسين
زاعد حسين
جاويد حسين
عرض محمد
قادر بخش
واحد بخش

Scanned by CamScanner

مٿيون غزل غيرمطبوع آهي. "تذڪره تڪملة مقالات الشعراء" جي مصنف خليل ٺٽويءَ پڻ نواب علي محمد خان 'علي' جو ذڪر ڪيو آهي ۽ سندس خوش نويسيءَ کي ساراهيو آهي. 'علي' جو هيٺيون فارسي غزل پڻ نموني طور ڏنو اٿس(۱).

عشق، پيدا شد ولي مشتاق ديداري نشد،
تاهنوز از خاميء ماپخته هرڪاري نشد.

از قساوات طبيعت مانده ام اندر حجاب،
چشمِ خواب آلوده را ديدارِ غمخواري نشد.

اي 'علي' گر محو سازي خويش را درياد حق،
زندگي دائم بود و از مرگ آزاري نشد.

نواب غلام محمد خان بن نواب علي محمد خان: نواب علي محمد خان جي اولاد (ڏسو شجره) مان پهريون نامور شخص سندس اڪيلو فرزند ميان غلام محمد خان هو. هو جمعي جي ڏينهن ۱۱-شعبان سن ۱۲۰۴ھ ۾ ڄائو. ڪيس غالباً پنهنجي والد کان فارسيءَ جي سٺي تعليم ملي. نواب غلام محمد خان ميرن جي چوڌاريءَ ۾ وڏي مرتبي وارو امير ۽ صلاحڪار هو. غلام محمد خان سنڌ ۾ انگريزن جي سازشن کان باخبر هو ۽ مياڻيءَ واريءَ جنگ کان اڳ، مير جان محمدخان، ميرخان محمدخان ۽ بختيارخان لغاريءَ سان شامل راءِ هو ته مقابلو ڪري انگريزن جي تسلط کي ختم ڪجي. حڪمران ميرن کي پڻ هنن چئن اميرن پنهنجي طرفان اهائي صلاح ڏني(۲). انهيءَ ڪري ئي انگريزن جي قبضي بعد نواب غلام محمد خان جون کي

---

(۱) ڏسو "تذڪره تڪملة مقالات الشعراء" مطبوعه، سنڌي ادبي بورڊ نمبر (۵۴: علي)، ص ۴۵۴.

(۲) ڏسو، سنڌ الينيشن جي تاريخ، جلد ۲، ص ۲۱۶.

جاگيرون رواجي سببن تي رد ڪيون ويون (۱)۔ نواب غلام محمد خان ۹- جمادي الثاني سن ۱۲۷۹ھ/۲- ڊسمبر ۱۸۶۲ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ اڀپور (تعلقو سنجهورو) ۾ وفات ڪئي (۲)۔ ۱۸۴۷ع ۾، هڪ انگريز ڪئپٽن راٽبورن، نواب صاحب جي شخصيت بابت هن طرح لکيو آهي ته "شوخ ۽ ڏکي ڏيکاءَ وارو مگر سهڻيءَ طبيعت جو، پنهنجي وسعت ڪان وڌيڪ سخي ۽ هردلعزيز، البت گهڻن معاملن وارو (۳)۔" هڪ مخالف قوم جي فرد جي، پنهنجي دشمن متعلق اها راءِ نواب صاحب جي اهليت ۽ لياقت جي ساک پري ٿي۔ طريقت ۾ هو قربان علي شاه ٻاڏائي بزرگ جو مريد ٿيو ۽ ڪانئس ذڪر ورتائين۔

ديوان غلام: نواب غلام محمد خان جو تخلص "غلام" هو ۽ فارسي ۾ سندس "ديوان غلام" جو هڪ قلمي نسخو، جنهن تي نواب غلام محمد خان جي فرزند نواب محمد خان جي تحرير موجود آهي، هن وقت ميان عرض محمد خان وٽ موجود آهي۔ غالباً هي نسخو خود نواب مرحوم جو لکيل يا لکايل آهي۔ پوءِ جا غزل حاشيي تي درج ڪيل آهن۔ هن ديوان جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته: فارسي زبان تي ڪيس

---

(۱) ڏسو سنڌ الينيشن جي تاريخ، جلد ۲، ص ۲۱۷.

(۲) نواب غلام محمد خان جي ولادت ۽ وفات جون تاريخون نواب عرض محمد خان جي لکيل يادداشت موجب ڏنل آهن. انگريزي سن موجب تاريخ وفات "سنڌ الينيشن جي تاريخ" جلد ۲، ص ۲۱۷ تي پڻ درج ٿيل آهي. بقول نواب عرض محمد خان ته: غلام محمد خان اڀپور ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي مدفون ٿيو.

(۳) قاضي احمد ميان اختر مرحوم، صدر شعبهٔ اسلامي تاريخ، سنڌ يونيورسٽي، "ديوان غلام" پڙهڻ بعد اها راءِ پنهنجي هٿ اکرين لکي موڪلي هئي، ۽ قاضي اختر جهڙي فاضل جي راءِ وزندار آهي.

خاصي قدرت هئي ۽ اهل زبان وانگر شعر ۽ سخن تي قادر هو. سندس ديوان زبان يا عروض جي غلطين کان. پاڪ آهي (١). اڪثر "حافظ" جي رديف ۽ قافين ۾ شعر چيا اٿس، قديم طرز جو علمبردار آهي ۽ هجر ۽ وصل، گل ۽ بلبل، بوسه و ڪنار وارا عاشقانه مضمون آندا اٿس. غزل گوئيءَ ۾ ڪيس خاص مهارت آهي. ديوان جي پهرئين غزل جو مطلع آهي ته

الاهي شوق عشق خود به بخش جسم و جانم را،
بوصفِ خويش جوهردار ڪن تيغِ زبانم را.

سندس اڪثر غزليات مختصر ۽ ننڍن بحرن ۾ چيل آهن ۽ انهن ۾ ڪي اشعار پنهنجو مٽ پاڻ آهن، مثلاً:

حالِ دل را ڪسي نمي داند،
هرڪس از حال خويش ممنون است.

—

ازِ دنيا حرام مي گويند،
بهر ديدار دوست آز خوش است.

—

چاڪ باد آن سينه ڪو چاڪ از خدنگ يار نيست.
خاڪ باد آن جسم ڪو خاڪ در ياري نه شد.

—

گرچه سابق مستم از راح لبش،
ليڪ ميخواهم خمار اندر خمار.

—

دعويءْ عشقِ سنگدلان ميڪني غلام،
تو شيوهايءِ رنديءِ مَستان نديدهٔ.

انهن نڪتن ۽ نزاڪتن سبب ئي ڪيس دعوا آهي ته:

غلاما! نظم شعرت گرچه خام است،
ولے ڪردد پسند نڪته چيني.

Scanned by CamScanner

محبت ۾ انڪساري ۽ عشق ۾ جان آزاري جا مثال پنهنجن شعرن ۾ هن طرح آندا اٿس:

گر مرا سگ خطاب گفت روا است،
قبله گاهِ من است و حضرت ما است؛
ما ز اشفاقهايء و اڪرامش،
گر سگ ڪوي او شويم بجا است.

—

گر بظاهر از تو دورم ليڪ غافل نيستم،
هست شش چيز تنم در بند عشقت مبتلا،
جان به هجر و خاطر از درد و ضمير از بارِ غم،
لب بحسرت دل بسوز وهم زبان در نالها.

ڀانئجي ٿو ته ڪنهن سندس شعر تي اعتراض ڪيو ۽ گرامي نالي شاعر جو نالو ڪنيو، جنهن تي پنهنجي هڪ غزل ۾ اشارتاً جواب ڏنائين:

گر گرامي نيز گفتا شعرهاي پر نمڪ،
ليڪن از دريا درِ شهوار مي آيد دگر.
در بيانِ نظم من خامي مڪش طعنه مزن،
شاهد من منصف اشعار مي آيد دگر.

نواب غلام محمد خان غالباً مير مراد علي خان جي عهد کان وٺي مير محمد نصير جي عهد تائين پوري ذوق سان شعرگوئي ڪئي. هيٺيان غزل مير مراد علي خان، مير نور محمد خان جي غم ۾ چئي، شاعري ڇڏي ڏني، جو سندس ديوان ۾ بعد جي ڪنهن به واقعي بابت ڪوبه ذڪر نٿو ملي، تان جو خود ملڪ جي ڪسنجهه بابت به مرثيي طور ڪو اشارو ڪونهي. غزل گو طبع شايد هميشه لاءِ ڪومائجي ويئي.

سندس هيٺيان اشعار غالباً مير مراد علي خان جي شان ۾ چيل ٿا ڀانئجن:

فلڪ زير فرمانِ راي تو باد، سر دشمنان خاڪ پاي تو باد.
بود ظلّ حق بر سرت پائدار، نبي و خدا رهنماي تو باد.
به پيشت بود مشڪل آسان مدام، يدالله مشڪل ڪشاي تو باد.
"مراد از علي" حاصلت باد هم، قضا و قدر در رضاي تو باد.
بلند و فزون باد اقبال تو، چو خورشيد هرجا ضياي تو باد.
بر اين مفلسي و بينوا از ڪرم، شها! سايه افگن هماي تو باد.
ز صدقِ دل و جان زبانِ "غلام"، بشيرين سخن در ثناي تو باد.

مير نور محمد خان جي شان ۾ هيٺيون غزل چيو اٿس:

ز نُورِ محمد ڪه ميرِ من است،
همه لشڪرِ فوجِ دين روشن است.
فزون تر بود عمر و اقبال او،
ڪه از عدلِ او خلق در اين است.
ز بيمش دل دشمنان شد خراب،
به لطفش دلِ دوستان گلشن است.
نمڪ خوار شاهيم حق نمڪ،
به توصيف و صفش ادا ڪردن است.
باشفاقهائي شهِ ذوالڪرم،
غلامِ شهم تاڪ جان در تن است.

مير نور محمد خان بابت سندس ٻيو غزل قافيه 'ر' هيٺ آهي:

نورِ محمدي ز جبينِ تو آشڪار،
ارڪانِ دين شده است بعهد تو استوار.
بادا چو گل شگفته چندان رخت مدام،
باشند دشمنان تو گريان خراب و خوار.
باشد بجمع خاطر هر نيڪ خواه تو،
بادا هميشه خاطرِ بدخواه بيقرار.

بابرکتِ خدا و نبي و علي، شها!
عمرت دراز باشد اقبال پائدار.

از جان "غلام" درگهت اي شاه بوده ايم،
بادا نگاه لطفِ تو هردم بخاکسار.

مير محمد نصير خان جي شان ۾ نَون شعرن جو هيٺيون غزل چيو اٿس:

سرِ سروران شه محمّد نصير،
مريدِ امامانِ دين بي نظير،
بود دلخوش و شادمان لشکرش،
ثنا خوانِ او هر امير و وزير.
فلاطون شد از شوق شاگرد او،
بدانائيش هست لقمان اسير.
بچشمِ دلِ دوستان همچو گل،
بجان و دل دشمنان مثل تير.
شهِ ما که دارد خداداد هوش،
نخواهد کشد احتياج وزير.
بهمت بود رستمش همچو زال،
شده ماه از مهرِ او جلوه گير.
بسي حاتم اند از گدايانِ او،
باوجِ سخاوت چو ماهِ منير.
بآفاقهاي جهان نامدار،
شنيده ثنايش صغير و کبير.
"غلامش" بود بندهٔ کمترين،
ولي دارد اميد لطفِ کثير.

نواب غلام محمد خان پنهنجي مهرن ۾ هيٺيون مختلف سجعون استعمال ڪيون: (۱) "چه خوش نصيب ما که غلامِ محمد ام"،

(٢) ”منّت خدائي را ڪه غلامِ محمّد ام“، (٣) ”شادم بدين شرف ڪه غلامِ محمّد ام“، (٤) نازم به بخت خود ڪه غلامِ محمد ام“.

نواب غلام محمد خان سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ پڻ شعر چيو، جن مان ڪي ڪافيون ۽ ڪلام نواب عرض محمد خان وٽ محفوظ آهن. سندس هڪ سنڌي ڪلام جو ٽڪر آهي:

پنهنجي دم تي دمبدم، هوشيار ٿي، هوشيار ٿي.

هڪ ٻي سرائڪي ڪلام جو ٽڪر آهي:

اکيان ويکڻ دي وچ قابو ڪَڙيان،
نوڪان عشق ماهي ديان رانجهڻ نال جڙيان.

سندس هيٺين ڪافي جا سرائڪيءَ ۾ چيل آهي، سا حال توڙي قال جي لحاظ سان معياري آهي:

ڏيندا يار ڏوراپي، سهڻا سانول سانون.

سهڻي ڏي خاطر وي ميان، سڀ جڳ ڇوڙيم،
ڇوڙيم سڳ سياپي.

اگڻ اساڏي وي ميان! اؤسي رانجهن وي،
ماهي مهرڏون آپي.

عشق ڏي پوڪ وي ميان! گهٽي پوڪيسي،
گهنسون لائي تهين لاپي.

”غلام محمد“ وي ميان! دمبدم آندي وي،
پياري ڏي نينهن نياپي.

نواب غلام محمد خان جو اولاد. غلام محمد خان کي ٽي فرزند ٿيا*: قادر بخش خان، علي محمد خان ۽ نظر علي خان. قادر بخش خان علم وارو هو. پنجٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين،

---

* غلام محمد خان جي اولاد بابت مٿيون بيان نواب عرض محمد خان جي زبانيءَ قلمبند ڪيو ويو.

۽ ڪانئس پوءِ پڳ ۽ جاگير علي محمد خان (ثاني) جي حوالي ٿيون. علي محمد خان کي فارسيءَ تي دسترس هئي ۽ پڻ فارسيءَ ۾ شعر چيائين. نظرعلي خان عرف حاجي عبدالله فارسي تعليم پوري ڪري انجنيري کاتي جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ بدين تعلقي ۾ قاضي واهه ۽ امام واهه جو ”سجاول ڪار“ مقرر ٿيو. سندس پنهنجي زمين ’لُواريءَ‘ لڳ پنج سؤ ايڪڙ، ديهه ’ٻڪُو ڪَنڌي‘ ۽ ديهه ’چانهيسري‘ ۾ هئي، جتي پنهنجو ڳوٺ ٻڌائين. اهو ڳوٺ لواريءَ کان اڌ ميل کن اتر طرف آهي ۽ اڃا تائين ”نواب نظرعلي خان“ جي نالي سان سڏجي ٿو. انهيءَ نوجوانيءَ واري دؤر ۾ ’لواريءَ‘ جي بزرگن سان سندس تعلق پيدا ٿيو ۽ ڪتاب ”مرغوب الاحباب“ لکيائين.

نوڪريءَ جو عرصو پورو ڪري، ڪجهه وقت اچي تاجپور ۾ رهيو ۽ کيس ماهوار پنجهٺ رپيا پينشن ملندي هئي. نظرعلي خان جي تحقيق ۽ تلاش واري نظريي کيس ويهڻ نه ڏنو، ۽ اول راولپنڊي طرف سير لاءِ ويو، جتان موٽي تاجپور آيو. ڇئن مهينن بعد هتان سڀ لاڳاپا لاهي علم جي تحصيل لاءِ رنگون ويو، جتي دستاربندي ڪيائين ۽ پنهنجو نالو مٽائي ’عبدالله‘ رکيائين. رنگون مان هڪ خط اردوءَ نظم ۾ لکيائين، جنهن ۾ هيٺين شعرن ۾ اشارتاً پنهنجن عزيزن، نواب حاجي فتح محمد خان، نواب حيدرخان (مرحوم گل محمد خان جو والد)، ۽ نواب نورمحمد خان (بن امام بخش خان، خانپور) کي ياد ڪيائين-

فتح خيبر ڪيا لاريب جس نے،
پهلوان وه علي حيدر دکا دے.

دکا همشيرزاده تين مجهکو،
اور اونکي آبرو بهتر دکا دے.

دستاربندي بعد رنگون مان حرمين ويو ۽ حج ادا ڪري رنگون موٽي آيو. ٻارهن مهينا ڪن اتي رهي دوباره حرمين ويو، جتان عزيزن ڏي خط لکيائين ته: آءٌ پيرسن آهيان ۽ هن وقت منهنجي سڪونت مديني شريف ۾ آهي. ان بعد خط و ڪتابت جو سلسلو ڪٽجي ويو ۽ غالباً هن بزرگ مديني شريف ۾ وفات ڪئي.

جوانيءَ ۾ نظرعلي جڏهن 'سجاول ڪار' هو ۽ لواريءَ لڳ پنهنجي زمين ۽ ڳوٺ ۾ سندس رهڻ ٿيو، تڏهن لواري وارن بزرگن سان سندس عقيدت ٿي، جنهن جو اظهار هيٺين مدح ۾ ڪيو اٿس ته:

مرشد منهنجو آهه علام، پير لواريءَ جو پاڳارو

پهريون صاحب آهه روضي جو ڏٺو سڀ خاص و عام
آ خدا ۽ مصطفيٰ راضي مٿس تا ڏينهن قيام
ڪيو خدا روشن ستارو

هي خدا جو قطب ۽ اقطاب ڪيو رب الانام
ٿو وسي ان تي سدائين نور حق جو صبح و شام
آ سندس نَوَ ڪنڊ نعرو

ٽيو جو صاحب آهه او جنهن خانقه جوڙي تمام
سڀ مريدن جو وسيلو آهه او عالي مقام
آ گهڻو پرور پيارو

... ...

پنجون صاحب آهه او مسند نشين عالي مقام
ڪيا خدا پنهنجي عطا سان علم سڀ اُن کي انعام
آ مبارڪ منهن موچارو

... ...

٣. منجهه مداين عمر ساري سڀ گذاريم بيگمان
معاف ڪر سڀ مونکي مالڪ صدقي ڪلمي ۽ قرآن
ٿو ڪريان نت زار زاري

٤. "شيرمحمد" کي محمدؐ جي محابي مانَ ساڻ
دوُر دنيا ۽ بقا ۾ شال رک ايمان ساڻ
ڏي ڪا مهدي جي ڏيکاري

گدا علي خان هڪ باهمت نوجوان هو ۽ ان سان گڏ فقيري ۽ تصوف ڏي مائل هو. سنڌي شعر چيائين، اٽڪيهن ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي والد جي حياتيءَ ۾ وفات ڪيائين. سندس ڀاءُ نواب عرض محمد خان، نوابشاهه تعلقي ۾ "شينهن-نار" مٿنر تي پنج سؤ ايڪڙ زمين ڪنئي. اها زمين اصل ۾ نواب سردارخان بن نواب فقير ولي محمدؐ ڪنئي هئي، پر گدا علي ان زمين کي شعر ۾ ننديو هو. پوءِ وري اها ٽڪ واريائين ۽ دعا طور چيائين ته:

'شينهن-نار' مؤن شيرِ خدا، بهرو ڏيارج ياعلي.

گدا علي خان ڪلام ۽ ڪافيون چيون جن مان ہ نمونيٖ طور هيٺ ڏجن ٿيون.

ٿل: محبوب جي شبيهه جو مٽ ماهتاب ناهي
جلوي جمال جو مٽ هي آفتاب ناهي.

١. رخسار رمز واڌو نرمل نجيب جي
ڪاتب لکي ڇا سگهندو تنهن جو حساب ناهي

٢. ابرُن جي ڏسي سونهن ٿيا هڪدم حريف حيران
ڏسن جي محمدؐي رخ تن تي عتاب ناهي

٣. خوشبو دهن جي خاصي زياده گهڻي عنبر کان
مٽ بوءِ تنهن دهن جي عطر و گلاب ناهي

٤. سڪ ختم النبي جي رک تون "گدا علي" مدام
مسند نشين جنهن جو شه بوتراب آهي

سندس هيٺين ڪافي مٺي سماء سان چيل آهي ته :

يار سڄڻ سان منهنجون وو، آهن ٻولون ٻانهپ واريون

١. پنهل ايندم، ڪرم ڪريندم
سيئي ڏينديون مون سهنجون وو
ڏينديون قلب اندر گلزاريون.

٢. جبل جهاڳي ملڪ ووڙيندس
واٽون ڳوليندس تنهنجون وو
جنهن جون مُلڪين پيون ته پچارون.

٣ ڏيرن ڪئي مون سان ڏنگائي، محب وٺي وياڏيٺي جدائي،
واٽون لنگهي سڀ اهنجون وو
ڪنديس ڪيچ ڏٺين پوئواريون.

٤. گدا علي جي لڙهه آهي لڳيس
ڪڍنديس ڪاٽون پيون ڪنهن جون وو
اچي مون ڏيندا دلداريون.

نواب عرض محمد خان : ٣- ربيع الاول سنه ١٣١٠ھ ۾ ڄائو.

پنج درجا سڪول ۾ پڙهيائين ۽ ان بعد کيس پنهنجي والد پڙهايو. پنهنجي تجربي ۽ مطالعي مان هن صاحب گهڻو ڪي پرايو. هن وقت هو پيرمرد آهي. متانت ۽ سنجيدگي سندس شخصيت ۾ نمايان آهي. اڍائي سوَ ڪن سنڌي ڪلام، ڪافيون ۽ ٻيا بيت چيل اٿس:

منهنجي لئي ڪاڻ جيڏيون ڙي!
پنهل آيو مون گهر پيهي پيهي الا

١. هيس اصل ڪؤن ٻانهي ٻاروچن
سڱ سياپو مون نا هوتن

ڪيئون ڪرم پاڻ جيڏيون ڙي
آءٌ تہ هيس اڳهين جيهي تيهي الا

٢. آئي پنهون جي عيدون ٽيڙيون
بادل برسي بوندون پيڙيون
ٽيون خوشيون هاڻ جيڏيون ڙي
ڳالهہ ڪريان تن جي ڪيهي ڪيهي الا

٣. عرض محمد جي لڙهہ لڳيس
ڇڏي ڀنڀور ڪي ڀينر پڳيس
اهڙي ان اهڃاڻ جيڏيون ڙي
موليٰ ملايا سيئي سيئي الا

(٢)

مئن پيش رانجهن دي پئي آن
تسان سٹو سهيليان سهيان

١. سئن رانجهن دي رانجهن ميڏا،
هڻ مين تُسان ڪَنون ڳئيان

٢. ڪيڙا پيڙا مول نہ پاوي،
تنهن دي روزازل ڪَنون نَهيئان

٣. جهوڪ شهر وچ رانجهن رهندا،
تنهن ديان ڳالهيان ڪران مين ڪيهيان

٤. عرض قول محمد ڪيتي،
تڏهن خيال اهين وچ ٿئيان

نواب غلام الله ولد غلام محمد خان ۽ سندس اولاد

غلام الله، ميان غلام محمد خان جو ننڍي ۾ ننڍو فرزند ۽ وزيراعظم نواب ولي محمد خان جو ننڍو ڀاءُ هو.

سنه ١١٦٨ھ ۾ ڄائو. پنهنجي لياقت ۽ انتظامي صلاحيت سببان، ٽالپور اميرن وٽ وڏي منزل تي پهتو. مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان واري عهد ۾ جڏهن سندس وڏو ڀاءُ نواب ولي محمد خان سنڌ جو وزير اعظم هو، تڏهن غلام الله ٻنهي مير صاحبن جو مختيارڪار ۽ ٿرپارڪر جو نواب يا گورنر هو. مير ڪرم علي خان طرفان کيس بدين، عمرڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي طرف جاگيرون مليل هيون (١). مير صاحبن، ڪرم علي خان ۽ مراد علي خان جو مٿس وڏو اعتماد هو، جو کيس ٿرپارڪر جو گورنر ۽ عمرڪوٽ جي قلعي جو محافظ مقرر ڪيو هئائون.

ڊاڪٽر جيمس برنس جو نومبر سنه ١٨٢٧ع کان جنوري ١٨٢٨ع تائين حيدرآباد ۾ رهيل هو، لکي ٿو ته ”عمرڪوٽ جو مکيه قلعو، نواب (ولي محمد خان) جي ڀاءُ غلام الله لغاري جي هٿ هيٺ آهي، جتي ٻڌجي ٿو ته سنڌ جي حڪمرانن جو ڪروڙن جو خزانو محفوظ آهي“ (٢). خانداني روايت موجب نواب غلام الله خان خاص طرح سنڌ جي سرحد جي بچاءُ جو ذميوار هو ۽ ٻڙودي جي گائڪواڙ توڙي جوڌپور جي راجا مان سندس سڌو سنئون لکپڙهه هلندڙ هئي. انهن رياستن طرفان ڪنهن به منصوبي يا حملي جي پيش بندي لاءِ ۽ ٿرپارڪر ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ وٽس مضبوط فوج رهندڙ هئي ۽ قلعي تي توبون هيون. مير مراد علي خان جو مٿس وڏو اعتماد هو ۽ ماليات ۾ پڻ وڏين رقمن وٺڻ يا معاف ڪرڻ جا کيس اختيارات مليل هئا. ڪن پاليسي جي اختلافن سبب استعفيٰ ڏيئي، ٺٽي طرف هليو ويو ۽ هاٿوڪي مير پورساڪري تعلقي ۾

---

(١) ڏسو سنڌ الينيشن جي تاريخ، جلد ٢، ص ص ٢١٤-١١٥.

(٢) جيمس برنس، ”سنڌ جي دربار ڏسڻ جو احوال- الخ“، ايڊنبرو، سال ١٨٣١، ص ص ١١١-١١٢.

وڃي سڪونت اختيار ڪيائين، جتي ان وقت جو سندس ٻڌايل ڳوٺ 'غلام الله' اڄ به سندس نالي سان موجود آهي. پوءِ مير صاحب پنهنجو فرزند موڪلي پرچائي واپس آندو ۽ وري نوابي جو ساڳيو عهدو سنڀاليائين.

نواب غلام الله شاهه فضل الله صاحب جهوڪ واري جو مريد هو. انهيءَ ڪري باوجود نوابي جي هو فقيري حال وارو هو. هڪ روايت موجب فقير غلام الله(١)، غلام حيدر فقير 'تيرهيو' (٢)، عبدالله فقير لغاري تاجپوري (جلال خان جو فرزند)، فقير فتح خان ٽالپور، فقير عبدالله ناهيون ۽ لڏو فقير عرف 'لالو' پاڻ ۾ صحبتي هئا. فقير غلام حيدر، مريد سيد قنبر علي شاهه ٻاڏائي جو هو ۽ فقير فتح خان، شاهه بلاول جو مريد هو. ٻيا جهوڪ وارن صاحبن جا مريد هئا. لڏو فقير جوکيو شاهبندر طرف جو هو. اصل ۾ طالب سيد قنبر علي شاهه ٻاڏائي (٣) جو هو. سندس سچاٽپ اول نواب علي محمد خان سان ٿي جو ٺٽي

---

(١) ٻي روايت موجب، فقير نواب غلام الله ثاني ۽ اهي درويش پاڻ ۾ صحبتي هئا. غلام حيدر فقير تيرهيو پنهنجي مرشد قنبر علي شاهه ٻاڏائي (وفات ١٢٦۴ هه) کان اڳ گذاري ويو. انهيءَ لحاظ سان هو وڏي فقير نواب غلام الله جنهن (١٢٥٣ هه وفات ڪئي) جوئي صحبتي ٿي سگهي ٿو.

(٢) غلام حيدر فقير تيرهيو شاعر هو. بيتن ۾ سندس رسالو (ننڍو ۽ مختصر) ليٿو تي، پوڪرداس بوڪسلير شڪارپور مان شايع ڪيو. سندس ٿيهه اکري ۽ بيت سنڌي لوڪ ادب سلسلي جي ڪتابن (نمبر ڇهين ۽ ستين) ۾ شايع ٿيا آهن.

(٣) ٻاڏ، نزديڪ گنبالي؟. سندس تخلص شاهه شريف، اتي جمعي جمعي رات ميلو لڳي ۽ سندس پنهنجو رسالو آهي.

جو گورنر هو، ۽ ان بعد نواب غلام الله سان ٿي، جنهن جي صحبت ۾ محو ٿي ويو ۽ پنهنجو ملڪ ڇڏي اچي تاجپور ۾ گذارڻ لڳو. سندس بيتن مان پڻ اها حقيقت ظاهر ٿئي ٿي:

'لالو'، 'لغاري' لئي ٿيا، جيئن مَهِي منجهه، ماٿي
اچي ويٺا اوڏڙا گهٽي منجهه گهاٽي
ٻُر پيتائون پاڻ ۾ وٽين ۾ واٽي
سڄڻ سنئين ساٿي، لٿو فرق 'فقير' چئي.

هڪ دفعي "لالو" فقير تاجپور ۾ آيو. نواب غلام الله عمرڪوٽ ڏانهن هو. فقير چيو ته گهرايونس ٿا ۽ اچي ٿو. ان وقت آرهڙ جو چاليهو هو ۽ سخت جهولو پئي لڳو، جنهن تي چيائين ته:

سڻ چاليها چٽ ڪري، وجهه جهولي کي جهل
پرين منهنجا پنڌ ۾، آهن ناز ڀريا نرمل
ڪڪر قريبن تي سٿئون اڏ محل
ته جهڙ ۾ اچن جهُولندا، مٿئون چانءِ ڇَهَل
هو ٻي ڪامل وڏي ڪل، آهن سچا غلام الله جا.

بهرحال لالي فقير ۽ نواب غلام الله جي صحبت خود نواب صاحب جي فقيري حال جي ساک ڀري ٿي. لالهي فقير جا بيت مشهور آهن، جيئن ته:

لالا! هن لوڪ کي، وَهه ٿي ويڙهائي
اگهي کي آهي، ڪا وسيعت وڙهڻ جي!

نڪي "لالو"، نڪي "لڏو"، نڪي "لال داس"
آهي ڪا اداس، جوڳين سنڌي جوءِ جي.

نواب غلام الله فقيري حال رکندڙ هو، سندس لکيتن مان فارسي ۾ هڪ "نصيحت نامه" موجود آهي، جنهن جي شروعات هن طرح ٿئي ٿي:

> بنده ضعيف پر تقصير راجي الی رحمة الله غلام الله بن غلام محمد لغاري صوفي القادري بعض نصائح و مواعظ برائ تعليم فرزندان ارجمندان بقيد تحرير در آورده که بران عمل نموده حرڪات و سڪنات خود را به طرز خوب قائم دارند.

آخر ۾ اصل ڪاتب آخوند عطاءالله هن نسخي ۾ ان جي فاضل مصنف بابت هن طرح لکيو آهي:

> هذه النسخة المتبرکة مسمیٰ به "نصيحت نامه" که اگر درجڪ مرواريد و پنجه مرجان توان خواند، دوست تصنيف، معدن مروت و حيا، ينبوع تلطف و سخا، صاحب سيف و القلم، متفرق ميان حق و باطل، زحرشناس قانون علم و ادب، خدا پرست حق آگاه، محب اهلبيت و اهل الله ميان غلام الله فقير لغاري ادام الله عمره و اقباله و احسن اولاده و اخوانه و اتباع از دست احقر العباد هيچتر از هيچ آخوند عطاءالله ولد مرحوم محمداشرف ساڪن قصبه بدين بتاريخ بيست و ششم ماه جميد الثاني سن ١٢٢٨ھ، واقعه حيدرآباد خجسته بنياد صورت اختتام يافت.
>
> لا اله الا الله محمد رسول الله.
>
> تاريخ ٣-ماه رمضان سنه ١٢٩١ھ در شهر ميران پور نوشته شد.

(يعني ته هيءُ ڪتاب پهو دفعو سنه ١٢٩١ ۾ نقل ٿيو).

نواب غلام الله تاريخ ١٨- ذوالحج سنه ١٢٥٣ھ/١٨٣٨ع ۾ وفات ڪئي، ۽ شيخ سيد محمد الياس جي مقام (تاجپور کان ڏيڍ ميل اولهه) ۾ مدفون ٿيو. سندس پٽن مان نواب جان محمد خان ۽ نواب غلام شاهه جو اولاد هن وقت موجود آهي ۽ تاجپور لڳ سندن ڳوٺ خانپور ۾ آباد آهي. نوابْ غلام الله جي اولاد مان ڪن خاص سربرآورده شخصن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو. **تاجپور جي ڏکڻ طرف پنهنجي وڏي پيٽ. خان محمد خان جي نالي ڳوٺ ٻڌرايائين جو اڄ تائين خانپور سڏجي ٿو.**

نواب خان محمد خان بن نواب غلام الله. نواب غلام الله جي وفات بعد خان محمد خان. پنهنجي والد جي عهدي تي، مير صاحبن جو مختارڪار ۽ عمرڪوٽ جو نواب مقرر ٿيو. انگريزن جي قبضي بعد، نواب غلام الله وارين جاگيرن مان، مٺياري، عمرڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي واريون جاگيرون نواب خان محمد خان ۽ سندس وڏي فرزند غلام مصطفیٰ جي نالي بحال ٿيون.

نواب خان محمد خان سنه ١٨٤٥ع ۾ وفات ڪئي (١). سندس وڏو فرزند نواب غلام مصطفیٰ هڪ لائق شخص هو. سندس ڪوشش سان ئي نواب احمد خان بن وزيراعظم نواب ولي محمد خان جا فرزند، نواب فقير ولي محمد ۽ نواب بخش علي خان سڪرنڊ طرفان لڏي آيا ۽ اچي تاجپور-خانپور ۾ پنهنجي عزيزن سان گڏ سڪونت اختيار ڪيائون. نواب غلام مصطفیٰ توڙي سندس ڀين ٽن ڀائرن کي نرينو اولاد ڪونه ٿيو.

---

(١) ڏسو سنڌ الينيشن جي تاريخ، جلد ٢، ص ٢١٥.

نواب غلام اللّٰہ


۱. نواب خان محمدؐ خان
۲. فقیر نواب غلام شاہ
۳. جان محمد خان
۴. تاج محمد خان
۵. دوست محمدؐ خان
مگّن خان
نواب غلام مصطفیٰ خان
غلام نبي
غلام مرتضیٰ
هوت خان
علي گوهر خان
فقیر غلام اللّٰہ (عرف پریل)
علي مردان خان (عرف مگّیل)
فقیر جان محمد خان
علي اکبر خان
امام بخش خان
مرید علي خان
امید علي خان
خدابخش خان
غلام علي خان
غلام اللّٰہ خان (لاولد)
غلام غوث
نور احمد خان
علي گوهر خان
(عرف علي مدد)
امیرعلي
وزیرعلي
حاکم علي
غلام شاہ
کرم علي
نور محمدؐ خان
گل محمدؐ
جان علي
گل حسن
رازعلي
خادم حسین
انورعلي
عبدعلي
بندہ علي
محمودعلي
محبوب علي
(عرف
حاکم علي)
امام علي
نور محمد
محمدبخش
(لاولد)
کرم علي
(لاولد)
رحم علي
(لاولد)
بهادرعلي
غلام اللّٰہ
مهرحسین
رفیق حسین
عابدحسین
زاهدحسی

Scanned by CamScanner

نواب غلام شاهه بن غلام الله: غلام شاهه، هڪ ٻرجستو ۽ همت وارو جوان هو ۽ پنهنجي والد نواب غلام الله کي ٿرپارڪر جي گورنري واري وقت ۾ انتظام رکڻ ۾ وڏي مدد ڪيائين. نوجوان غلام شاهه، اسلام ڪوٽ جو حاڪم هو ۽ سوڍن جي بغاوتن کي بند ڪرڻ ۽ آڻ مڃائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. انگريزن جي ڪڇ ۾ رهندڙ پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ، بمبئي گورنمينٽ کي پنهنجي خط مؤرخ ٢٠- نومبر ١٨٣١ع ذريعي اطلاع ڏيندي لکيو آهي ته: نواب غلام شاهه لغاري، جو اسلام ڪوٽ جو حاڪم آهي، ان جي فوج، ننگرپارڪر جي سوڍي جڳت سنگ ۽ ويرا واهه جي سوڍي پونجاجي ڏاڙيلن جو تعاقب ڪري رهي آهي(١).

نواب غلام الله جي وفات بعد مير نور محمد خان، نواب غلام شاهه کي ٻين ضروري ڪمن لاءِ چونڊيو. ۴- شوال ١٢٥۴ھ/١١- جنوري ١٨٣٨ع ۾ انگريزن جو لشڪر جڏهن وِڪُر بندر وٽان ٽپيو ته، ان وقت ميان غلام شاهه وِڪُر بندر جو ناظم هو. انگريزن ان وقت حرفت ۽ حڪمت عملي سان سنڌ تي قبضي ڪرڻ جون تجويزون پئي سٽيون. سندن منصوبن خلاف پيش بندي لاءِ جن آفيسرن کي چونڊيو ويو تن مان هڪ نواب غلام شاهه هو. سنه ١٨٣٨ع جي آخر ڌاري انگريزن شاهه شجاع کي مدد ڏيڻ جي بهاني سان پنهنجي بمبئي واري فوج کي سنڌ ۾ داخل ڪرڻ ٿي چاهيو. اها فوج سنڌوندي جي چوڙ وٽان خود سنڌوندي ذريعي سنڌ ۾ داخل ٿي هئي. مير نور محمد خان، نواب غلام شاهه کي پيش بندي لاءِ مقرر ڪيو. نواب غلام شاهه انگريزن جي اچڻ کان هڪ مهينو اڳ سرزمين تي پهچي ويو ۽

---

(١) ”ڪمشنر سنڌ جي آفيس ۾ ٻلوي کان اڳ واري رڪارڊ جي عنوانن جي الف-بي وار فهرست“ (انگريزي ۾)، ڪمشنر پريس ڪراچي، ١٩٣١ع، ص ٢٦٥

خريف جي فصل جو اَنُ پنهنجي قبضي ڪيائين. ڀانئجي ٿو ته حڪمت عملي ڪري سرڪاري حصي جي علاوه باقي وڌيڪ اَنُ به پيسا ڏيئي خريد ڪري ورتائين، ۽ ٻئي رسد جي سامان تي پڻ قبضو ڪيائين. نتيجو اهو نڪتو جو انگريزن جي فوج جڏهن نومبر مهيني (١٨٣٨ع) ۾ سنڌ جي ڪناري تي پهتي ته رسد جو سامان ڪين مهيا ٿي نه سگهيو. ڪرنل پاٽنجر، جو انگريزن طرفان حيدرآباد ۾ ايلچي هو، تنهن برٽش گورنمينٽ آف انڊيا کي ١- ڊسمبر ١٨٣٨ع تي آگاهه ڪندي لکيو ته: ٢٧- تاريخ (نومبر) ڪيس ليفٽيننٽ ايسٽوڪ وٽان خط پهتو ته (انگريزي) فوج سنڌو ندي جي ڇوڙ وٽ پهچي ويئي آهي. پر غلام شاهه، جنهن کي مير نورمحمد هڪ مهينو اڳ موڪليو هو، تنهن نه فقط اناج گڏ ڪري پنهنجي هٿ هيٺ ڪيو آهي، مگر هن (ٻي ڪنهن به) رسد جو ڪوبه وڏو ذخيرو فوج کي وڪڻڻ کان انڪار ڪيو آهي(١).

مير نورمحمد خان سنه ١٨۴٠ع ۾ وفات ڪئي ۽ ان بعد نواب غلام شاهه، مير محمد نصير خان، مير حسين علي خان ۽ مير شهداد خان جي نوڪري ڪئي. ١٨۴٢ع ۾ مير شهداد خان جي نوڪري ۾ هو. جنهن کيس پنهنجي طرفان سر چارلس نيپئر کي سکر ۾ صلح لاءِ ايلچي ڪري موڪليو. ان ملاقات ذريعي سر چارلس نيپئر جي نواب غلام شاهه سان ڏيٺ ٿي. سنڌ تي قبضي بعد نواب غلام شاهه چارلس نيپئر جو سلام ڪيو ته سندس جاگيرون بحال ٿيون. نيپئر جي بحالي واري پرواني جي تاريخ پهرين مارچ ١٨۴۴ع ڄاڻايل آهي. ڀانئجي ٿو ته نيپئر غلام شاهه کان ڪافي متاثر ٿيو جو کيس بدستور ڪاردار مقرر ڪيائين؛ هو اٺ سال انهيءَ ملازمت

---

(١) "ڪمشنر سنڌ جي آفيس ۾ بلوي کان اڳ واري رڪارڊ جي عنوانن جي الف-بي وار فهرست" (انگريزي ۾) ڪمشنر پريس ڪراچي، ١٩٣١ع، ص ٣٢٨

۾ هو، ۽ ان عرصي ۾ جهوڪي، ڪاٺڙي، وِلاسي، آڪڙي ۽ موري جو ڪاردار ٿي رهيو. نواب غلام شاهه ١٩- اپريل ١٨٦١ع تي وفات ڪئي.

ڪيپٽن راٿبورن جي راءِ ۾ نواب غلام شاهه ”مائيٽو، شريف، عقلمند ۽ نهايت ئي بلند اخلاق جو مالڪ هو(١)“. انگريزن وٽ نواب صاحب جو وڏو قدر هو. پنهنجي سؤٽ نواب احمد خان کي (پنجاب مان) سنڌ ۾ داخل ٿيڻ ۽ سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ جي اجازت وٺي ڏيڻ ۾ نواب غلام شاهه جو وڏو هٿ هو. انگريزن کي شورش جو ڊپ هو، مگر نواب غلام شاهه سڀني بلوچن سردارن سان ملي کانئن صحيحون ورتيون ته نواب احمد خان جي سنڌ ۾ اچڻ تي هو خوش آهن ۽ ڪابه شورش ٿي ته جوابدار رهندا. اهو دستاويز حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪيپٽن راٿبورن جي آڏو پيش ڪيائين جنهن سر چارلس نيپيئر ڏانهن سفارش لکي موڪلي ته نواب احمد خان پڻ واپس سنڌ اچي.

نواب غلام شاهه نه فقط انتظامي لياقت ۾ برک هو، پر پنهنجي وقت جو اديب، حڪيم ۽ اهل دل صوفي هو. پاڻ کي ”غلام شاهه فقير“ ڪري لکندو هو. درگاهه جهوڪ جي ناميارِي درويش فضل الله شاهه قلندر جو مريد هو جو چيائين ته ”غلام شاهه نئون قلندر مليا، صفت رلي وچ ذات.“ فقير محمد صديق جي صحبت مان ڪيس اهو فيض حاصل ٿيو. فقير محمد صديق جي ميان غلام شاهه سان گهڻي ڏيٺ ويٺ هئي، ۽ جڏهن ٽر جي سوڍن سان فقير جو تڪرار ٿيو تڏهن نواب غلام شاهه کي مدد لاءِ لکيائين، ۽ نواب صاحب جي مداخلت سان ئي فساد ٽريو. سنه ١٢٦٦هه کان وٺي هو راهِ طريقت ڏانهن پوريءَ طرح مائل رهيو ۽ انهيءَ سال

---

(١) سنڌ الينيشن جي تاريخ، جلد -٢، ص ص ٢١٤-٢١٥

"دردنامو" (صوفي فضل الله شاهه قلندر جي ارشادات تي مبني ۽ فقير محمد صديق جو مرتب ڪيل) پنهنجي هٿ اکرين نقل ڪيائين. آخر ۾ تاريخ ڪتابت هن طرح لکي اٿس:

> "نسخه دردنامه از دست حقير غلام شاهه فقير
> لغاري بتاريخ بيست ونهم ماه رمضان المبارڪ
> بروز جمعه سنه ١٢٦٦ صورت تحرير يافت".

بعد ۾ خود پاڻ سلوڪ ۽ معرفت بابت فارسيءَ ۾ رساله "انيس العاشقين" لکيائين جنهن ۾ موقعي ۽ مناسبت سان فارسي ۽ سنڌي بيت آندا اٿس. ڪتاب ۾ پنهنجي "والد غلام الله" ۽ پڻ "رهنمائي حقيقي... خليفه اڪبر محمد صديق سرمره" جو نالو ڪنيو اٿس. سنه ١٢٧٠ هه ۾ "نسخه شلوڪ تصنيف نانڪ شاهه" نقل ڪيائين جو هن شعر سان شروع ٿئي ٿو:

انند سنا تيرے گن گاوان   هردم تيرے نام دهياوان

آخري شعر:

"مجنون لال ديوانے وانگر هون ليلي هو رهيگا
بهدس مري گهن آيا هن طعنه کها سکيگا" (ڪذا)

آخر ۾ تاريخ ڪتابت هن طرح قلمبند ڪئي اٿس:

> "نسخه سلوڪ تصنيف نانڪ شاهه ساڪن امرت سر
> مرشدش شاهه امانت الله صوفي ساڪن ولايت ڪشمير
> از دست اميدوار عفو عميم بنده درگاه الاهي غلام شاهه
> لغاري بتاريخ بيست و سيوم ماهه ربيع الاول سنه ١٢٧٠
> تحرير آمده"

'نسخه ادويات' جي نالي سان طب جا مجرب نسخا لکي جمع ڪيائين جن مان ڪي نسخا "حڪيم مخدوم نور محمد ساڪن ٺجر" (ڪذا) وٽان ڪيس مليل هئا. سندس انهيءَ دستخط نسخي تان ميان امام علي بن نور محمد خان سنه ١٣٤٥ هه ۾ هيو نسخو نقل ڪيو

جنهن جي آخر ۾ مؤلف جي اصل عبارت هن طرح نقل ڪيل آهي ته: ”نسخه ادويات بعضي از کتابهاى و بعضي آزموده خود بنده درگاه الاهي غلام شاهه ولد غلام الله فقير لغاري تجويز کرده نوشته شد.“

سنه ۱۲۷۴ هه ۾ ’نسخه ظفر نامه‘ (جنهن جا چند ورق پندو نصائح ۽ نوشيروان بابت حڪايتن تي مشتمل اسان جي نظر مان گذريا) نقل ڪيائين جنهن جي آخر ۾ ڄاڻايل ته ”نوشته ماه ربيع الاول سنه ۱۲۷۴ هه در شهر خانپور“. نواب عرض محمد خان کان معلوم ٿيو ته نواب غلام شاهه تصوف بابت فارسي ۾ هڪ رسالو ”غوثيه“ جي عنوان سان لکيو. ڪافين ۽ ڪلامن سان خاص دلچسپي هئس ڪري پاڻ به سنڌي، سرائڪي ۽ ريخته هندي ۾ ڪلام چيائين. سندس دستخط ڪافين جو هڪ وڏو بياض نظر مان گذريو جنهن ۾ فقير محمد صديق، ڪرم علي فقير ڪورڪائي ۽ گهرام فقير جتوئي جون ڪافيون، ۽ شاهه عبداللطيف، بهاري فقير صوفي ۽ بنگو فقير گوپانگ جا ڪي بيت پڻ لکيا اٿس. بياض ۾ هڪ هنڌ تاريخ ۱۱- ماه ربيع الاول ۱۲۷۲ هه لکي اٿس. ڪن ڪافين جي مٿان مختلف راڳڻين ۽ ڏنن جا عنوان ڏنا اٿس، جن مان ظاهر آهي ته کيس راڳ سان دلچسپي هئي. سندس پنهنجي ڪافين مان هيٺيون نموني طور قلمند ڪجن ٿيون:

(۱)

ڪافي روپ بباس

رين وهامي ويئي، اٿي گوڙ الله ڪي.
۱. ابلق جو عمر جو، ويو چال چڪون ڏيئي
شاهه، سڪندر بادشاهه ويا سلطان سڀئي.
۲. رک الله روح ۾ پيون پن ڏيئي
سچ محمد مصطفيٰ مرسل منجهيئي.

۳. غلام شاھ جا شوق رکي نينهن لڳائج نيهي،
فاذڪروني اذڪرڪم تند وڄائج ويهي.

(۲)

صاحب ڏؤن صدقي ڪيم ساھ، پوتو آھ پساھ.

۱. تند وڄي ٿي وحدت واري، جان هنئين ۾ آهي جاري
منجھ قلب ڪرناھ

۲. عشق سڄڻ جي آتش لائي، محبت وارو مچ الاهي
جئن چڪيءَ جي باھ

۳. روح رڳي ويو ذڪر رباني، حاصل ٿيڙو حال حقاني
اندر رهيو الله

۴. موج مهراڻ جي لهر لڳائي، قلب سڄڻ جي تک ترائي
دوست مليو دلخواھ

۵. غلام شاھ کي شاھ قلندر، پوڄ پياري سيڪ سراسر
دل پيتو درياھ

(۳)

روپ سهڻي

دونهيون ديکڻ آئيون، من ريهو ميهار.
اندر اجاري عين ڪيو ساهڙ جيءَ سنيار
ڪَرڪن من ڪيجائيو جي هُريون پيلي پار
وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي، جر تڙ تک توار
غلام شاھ چئي فضل گهران، اوتڙ تون آڌار

(۴)

ناهي ڪو منهنجو وس، عشق آنديس آر ۾.
عجب دور درياءَ جا، پرت ڪيس پروس
سنيارن ساهڙ جي جاڳايس جرس

سهڻي ڪي سرير ۾ سدا سڪ سرس
وڃ تار وجود ۾، طلب لائي تس
غلام شاهه ڪي شوق جي روح ۾ آهي رس

نواب علي اڪبر خان: نواب غلام شاهه جي اولاد مان سندس فرزند نواب علي اڪبر خان هڪ لائق ۽ علم وارو شخص هو. فارسيءَ جو شاعر هو ۽ فقيريءَ ڏانهن مائل هو. 'علي' سندس تخلص هو. سندس "ديوان علي" پوين وٽ موجود هو، ڪي ٿورا سال ٿيا جو هيٺ سڙي ٿي ويو آهي. سندس هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو:

کنارهٔ آب گلزاريست و يارِ نازنين رقصان
فرح بخش و نشاط افزا مفرّح رو مهِ تابان
دف و چنگ و رباب و نئي ترم با کن درين مجلس
بغلغل قمري و طائوس خوش آواز دل هيجان
چون ساقي ديد در شوقم پيا پئي جام بامن داد
تو خوش ذوق از شراب لال در کام است عشاقان
"علي" بايد بدين درگه بجازے سرفروشيدن
برين فرشي مرصّع بود حافظ نيز دل حيران

علي اڪبر خان جو فرزند نواب غلام علي خان تعليم يافته، برجستو ۽ با همت جوان هو. فارسي ۾ گفتگو ڪندو هو ۽ شاعرانه ذوق رکندڙ هو. ڪيس اولاد ڪونه ٿي ٿيو، ۽ پنهنجو هيٺيون شعر ڇت جي ڪام تي ورونهه خاطر هٽائي ڇڏيائين:

از دل و جان منم غلامِ علي
بهر حسنين کن قبول ولي
يا الٰهي مرا تو کعبه نما
مع زيارت رسول پاک نبي
نيز اميدوار فرزندم
يا شهنشه! بده امير علي

پوءِ ٻي شادي ڪيائين، جنهن مان ڪيس ٽي پٽ ٿيا: امير علي خان، وزير علي خان ۽ حاڪم علي خان.

نواب امام بخش ولد نواب غلام شاهه. نواب علي اڪبر خان جو ننڍو ڀاءُ هو. فارسي خوانده ۽ طب مان واقف هو. سندس يادداشت ۾ ڄاڻايل آهي ته: "ادويه براءِ دفع بواسير از سامي فقير سوده". فقيري حال رکندڙ هو ۽ سنڌي ۽ سرائڪي ۾ گهڻا ڪلام چيائين. سندس هٿ لکيل (؟) ڪافين ۽ بيتن جو هڪ وڏو بياض اسان جي نظر مان گذريو. سندس هڪ ڪافي نموني طور هيٺ ڏجي ٿي:

سائين سار لهن وو، ماءُ منهنجي جيءَ جڏي جي.
۱. مون کي ماري هليا، هينئڙو نيو هوتن
۲. سسئي کي سرير ۾ سڪوڙيو سورن
۳. لٿون جا لائي سڄڻين، مگر ماٺ نه ڪن
۴. آلا ڦٽ فراق جا چڪيو ٿا چڪن
۵. عاشق جي الله جا قربئون ٿا ڪسن
۶. هلي هوت حبيب کي ڏوريندئون ڏسن
۷. "امام بخش" جي ارواح کي جاڳايو جتن

نواب جان محمد خان (اول). نواب غلام الله جو فرزند هو. سنڌ تي انگريزن جي قبضي بعد نئين حڪومت ۾ مختيارڪار ٿيو. تاريخ ۲۷-محرم ۱۲۷۸ھ تي وفات ڪيائين ۽ سيد السادات شيخ محمد الياس جي مقام ۾ مدفون ٿيو. حضرت بادشاهه پير جي شان ۾ چيل سندس هڪ ڊگهي مدح مان ظاهر آهي ته ڪيس سنڌي نظم ۾ چڱي دسترس هئي. هي مدح - لوڪ ادب سلسلي جي پهرئين ڪتاب "مداحون ۽ مناجاتون" (صفحا ۴۲۴-۴۴۵) ۾ ڇپيل آهي. مدح ۾ جملي ۷۹ بند آهن، جن مان پهريون هيءَ آهي:

نامِ خدا بهرِ خدا مون سين وسين هردم سدا
توهؤن مڱان هر مدعا مون کي چون تنهنجو گدا
يا پير پيران بادشاه

هن مدح کان سواءِ ڪافيون ڪلام پڻ چيائين، جن مان ڪي اسان جي نظر مان گذريا ۽ هيٺيون ڪلام قلمبند ڪيو ويو:

ڪلام سر آسا

جتي باز برهه ٿو ٻچائي،
اتي ڪانگ نه ذات لنوَن وه وا!
۱. ڪيهر شينهن جتي گجڪاري،
هستي آتَهين کين گذاري
ماريو مرون ٿو کائي،
لکين لاگهه لکيو ٿا ليِکن وه وا!
۲. عشق عقاب ڪيا آشانا،
ڇا مجال رکي سيچانا
باشا بحريون اڏائي،
نِت تازا طعام تکن وه وا!
۳. وِرهه واسينگ وڏا جي وِهاڻي،
عشق آڙاهه مان آندا آڻي
ڪوري سي ڇڏيا ڪاڻهي،
سک سوز ۾ روز سڙن وه وا!
۴. نينهن نهوڙي نيا نماڻا،
موٽي کي مجنا ٿين سياڻا؟
گهور گهنديءَ سان گهائي،
سي ته ڪٺل کين ڪُڇن وه وا!
۵. جوڳي ”جان علي“ جڳ فاني،
وڃي رهندو نينهن نشاني
راڻوَل رمز رَلائي،
پنڌ پورب پاس پڄن وه وا!

نواب جان محمد خان غالباً آخري عمر ۾ بالڪل فقيري حال ۾ رهيو ۽ گيڙو پوشاڪ پاتائين، جو سندس فرزند فقير نواب غلام الله کيس ”احمر پوش“ ڪري ڄاڻايو آهي. اهو فقيري رنگ سندس اولاد تي پڻ غالب پيو. سندس پٽ (نواب ميان علي گوهر خان ۽ فقير نواب غلام الله خان) ۽ پوٽو فقير نواب جان محمد خان (ثاني) عرف جان علي پنهنجي وقت جا درويش ۽ شاعر هئا.

تاج محمد خان بن نواب غلام الله (اول). نواب غلام شاهه کان ننڍو هو. فارسي جو ڄاڻو، خوشمزاج ۽ نڪته سنج هو. پنهنجي وقت جو قابل حڪيم هو. وٽس ’گهوڙي-چڙهيي‘ جلاب جو مجرب نسخو هو، جنهن مان سوين صحتياب ٿيا. موري جو مختيارڪار ٿيو. آخر عمر ۾ نابينا ٿي پيو. فارسي ۽ اردو ۾ شعر چيائين ۽ پڻ پٽس مگڻ خان جي وفات بعد درد مان ڪافيون ۽ ڪلام چيائين:

رمز رانجهن دي مينون ڏوهيا، پل پل پور پون ٿا هاءِ...
”تاج محمد“ بات اهاني، پين پڏائڻ آهه ڪچائي
بس ڪر آڏڻ، ڪر تون هاءِ

غزل فارسي

تو دلِ خويش، بدست آر، برادر جاني
اين همه حرص و هوا ست به يک دم فاني
کاش که عمر تو برباد رود در غمِ مال
تو کمر بسته و چالاک درين يغماني
تو که يک روز جدا مي شوي از دار فنا
در جهان، آن که مي خواني تو کرامي خواني
”تاج محمد“ که سرِ عشق نه داري هرگز
اين چه بيهودهٔ عقل ست همه ناداز

Scanned by CamScanner

غزل هندي: روپ شام ڪلياڻ

مجھ ھے فراق ديدن ياران بسے تمام
مانگون دعا ملن کي ھرروز صبح و شام
يا رب دکھاؤ مجکون آن دوست دلربا
شکر بجانمايم اے احکم الحکام
ساقي بيا بما ده آن لعلگون شراب
جسکا نشہ ھے غالب کائي اوپر مدام
کہتا ھے "تاج محمد" سن اے سجن پيارا
مرے پاس کر نظارا دے عشق کی زمام

نواب علي گوهر خان بن نواب جان محمد خان (اول).

تعليم يافته ۽ راه طريقت ڏي مائل هو. جهوڪ وارن صاحبن جو مريد هو. پاڻ کي "گوهر علي" سڏايائين ۽ 'صوفي' تخلص ڪيائين. اوائل ۾ پيراهن ۽ مخالفن خلاف "ردالخبيث" نالي رسالو منظوم (مخمس) ڪيائين، جنهن جي آخري بند ۾ چوي ٿو ته: "جهل تون قلم لچن جو، صوفي تون ڪر صبر". بعد ۾ پنهنجي حال توڙي قال ۾ وڏي منزل کي پهتو ۽ وفات وقت پنهنجي وقت جو صوفي قادري طريقي جو هڪ ڪامل درويش هو. ڪيس شاه الياس جي مقام ۾ رکيو ويو. سندس ڪلام ڪو گهڻو هو پر اسان کي گهڻي تلاش بعد هيٺيان بيت ۽ هڪ ڪافي هٿ آئي، جي معنيٰ توڙي اسلوب بيان جي لحاظ سان اعليٰ ڪلام جي ساک ڀرين ٿا:

بيت

الله نه ڳنڍو نه ڳوڙهو، نڪي هڏو هوءِ
آهي سوئي سو، جو پيدا ٿيو (؟)

الله نه ڳنڍو نه ڳوڙهو، نڪي ڪلي ڪا
آهي اها ڪا، ماريو وجهي موت کي.

الله نه ڳنڍو نه ڳوڙهو، نڪا منجهس مڪ
سوئي وڃي سڪ، جو اوڏو ٿئي الله کي.

—

الله نه ڳنڍو نه ڳوڙهو، نڪا هئي نه هُوءِ
آهي سڀو هُو، جي پروڙين پاڻ کي.

—

جي پروڙين پاڻ کي ته آهين سُرت سُجان
پر ڪنهن رضا ڪاڻ، ڦريو وتين فڪر ڪان.

—

ڦريو وتين فڪر ڪان، ڪري ڏاڍو ڪم
ڇڏ بازي ۽ بم، ڦيرج ڪين فڪر ڪان.

ڪافي

ڪا جا روح رهاڻ
ميان عمر! منهنجي هينئڙي ڪا جا روح رهاڻ
وسريم تان نه ولهار وٿاڻ، مارڻ ساڻ
ڪا جا روح رهاڻ

١. پيرون پٽن چونڊيان
ڏارن ڏُونرن ساڻ
مارن ساڻ............

٢. ڊاني اٿ ڊينگر ڊوندا
پٽ تي پهرن پهور پاڻ
مارن ساڻ............

٣. ڪرڙ پچي پٽ پار پڪا
پالُر پُسيءَ ڪيا گهڙ گهمسان
مارن ساڻ............

٤. "گوهر علي" تي ٻاجهون ٿيڙيون
حق هادي، ڪيون حاذق هاڻ
مارن ساڻ............

Scanned by CamScanner

١٤- ربيع الاخر سنه ١٢٥٤ھ ۾ تولد ٿيو. ڪيس فارسي ۽ عربي جي تعليم ملي، ان سان گڏ مٿس پنهنجي والد جي تربيت جو پڻ وڏو اثر ٿيو، ۽ هن راهِ طريقت ۽ فقيري کي پنهنجي حياتيءَ جو سول مقصد بنايو. پنهنجي ڏاڏي (فقير نواب غلام الله خان اول) ۽ والد جي صحبتن جي سلسلي کان وڌيڪ پنهنجي معتقدن جي دائري کي وسيع ڪيائين. پنهنجي شاعري جي مضمونن ۽ عنوانن ۾ شبد، شلوڪ ۽ پؤڙيون شامل ڪيائين، جنهنڪري سنڌي هندن مان هڪ وڏو تعداد سندس مريدي جي دائري ۾ داخل ٿيو.

پنهنجي والد جي گيڙو لباس جي بدران پاڻ غالباً سائو ويس اختيار ڪيائين، جو پاڻ کي "غلام الله فقير صافي العلوي سبز پوش صوفي القادري اويسي" ڪري لکيو اٿس. پنهنجي فقراءَ لاءِ هڪ مخصوص طريقي 'غلام الٰهيان سبز پوشان' جو بنياد وڌائين، جنهن ڏانهن سندس تحريرن ۾ واضح اشارا ملن ٿا.

'شجره اولياى صافيه علويه اويسيه غلام الٰهي' ۾ پنهنجو سلسلهٔ طريقت نبي صلعم کان وٺي پنهنجي فرزند تائين لکيو اٿس، جنهن مان اقتباس ڏجي ٿو: سيد عبدالملڪ ساڪن برهانپور، سندن مريد ميرجان علي شاهه بهره وال ساڪن دکن، سندن مريد صوفي شاهه عنايت الله شهيد، سندن مريد سيد اسماعيل شاهه حسيني سنڌي صوفي ساڪن ٺٽو نگر، سندن مريد مخدوم عزت الله شاهه لقب 'گنبد پير' ابن شاهه عنايت الله شهيد، سندن مريد عبداللطيف شاهه حسيني ساڪن ٺٽو نگر، سندن مريد حضرت شاهه قلندر والي ريگستان سهرابي مخدوم شاهه سلام الله، سندن مريد مخدوم محمد زاهد شاهه ڪلان ابن ابراهيم شاهه ڪلان 'ڏرب واله'، سندن مريد مخدوم ابراهيم شاهه اوسط

ابن محمد زاهد شاهه ڪلان، سندن ۽ سندن والد جو مريد صوفي شاهه قلندر فضل الله القادري، سندن مريد نواب فقير غلام الله لغاري (١) بن غلام محمد ۽ سندن فرزند نواب جان محمد اڪبر عرف جان علي، جنهن جو مريد سندن فرزند نواب غلام الله، جنهن جو مريد نواب جان محمد اصغر اخضر لباس."

"ڪتاب انشاي گلزار عشاق اللّٰهي ... تصنيف قوم فقراى صافيان غلام اللّٰهيان سبز پوشان صوفيان احمر پوشان" (ڪذا) ۾ پنهنجي معتقدين جا فارسي ۾ لکيل خط جمع ڪيا اٿس، جن ۾ هيٺين صاحبن جا خط شامل آهن: قاضي خدابخش (٢)؛ قاضي امان الله سڪنه شڪارپور، منشي ديوانچند سڪنه بلرام پور آود، گجرانه واله؛ نواب خدابخش خان لغاري؛ نواب غلام مصطفیٰ خان لغاري؛ سيد علي اڪبر شاهه نقشبندي سڪنه قريه لکهي؛ منشي ميلاپسنگ خيرپوري؛ منشي تلسيداس خيرپوري؛ منشي خوشيرام خيرپوري؛ منشي منگهارام خيرپوري؛ منشي سجانسنگ خيرپوري؛ منشي اتمچند خيرپوري؛ ديوان وليرام خيرپوري؛ منشي مولسنگ ولد ڪشنداس خيرپوري.

فقير نواب غلام الله تواضع خاطر پنهنجي لاءِ "محمد مسڪين" جو ٻيو نالو اختيار ڪيو ۽ پڻ پنهنجي هندي شعرن ۾ "مسڪين" تخلص آندو. پنهنجي جاگير ستياري (تعلقو شهدادپور، ٽنڊي آدم کان چار ميل اتر-اولهه) ۾ چلا ڪڍيائين ۽ رياضتون ڪيائين ۽ بالآخر انهيءَ مڪان کي ڇڏي خانپور بدران پنهنجي سڪونت گاهه بنايائين. هڪ تحرير

(١) نواب غلام الله وڏو ۽ سندس وڏو ڀاءُ نواب علي محمد خان ٻئي درويش مٺي فقير هالي جا مريد هئا. ٿي سگهي ٿو ته نواب غلام الله، فضل شاهه قلندر کان به فيض حاصل ڪيو هجي.

(٢) قاضي خدابخش جي ولادت حيدرآباد ۾ ٿي. گدو ۾ رهندو هو. ڪنهن وقت گهوٽڪي ۾ سب رجسٽرار هو. فارسي جو شاعر هو.

۾ پاڻ کي "غلام الله خان فقير عرف محمد مسڪين بن جان محمد خان فقير صوفي القادري احمر لباس... ساڪن شهر خانپور و مسڪنه قريه ستياري من نواحي شهر شهدادپور" ڪري لکيو اٿس. سندس وفات **خانپور** ۾ تاريخ ١٧-شوال اڱاري ڏينهن سنه ١٣٠٣هه ۾ ٿي. کيس **ستياري** ۾ دفن ڪيو ويو، ۽ سندس مزار تي هڪ شاهي قبو تعمير ٿيل آهي.

تصنيف ۽ شاعري. مٿي سندس ٻن تاليفن جو ذڪر اچي چڪو آهي. سلوڪ ۾ سندس لکيل هڪ رسالو "ناصح العارفين" ۽ ٻيو هڪ "نسخهء ترڪيبات آدم" (يعني معنيٰ الف، دال و ميم) اسان جي نظر مان گذريا. اهي فارسيءَ ۾ آهن جا ان وقت جي چالو فارسي جو هڪ نمونو آهي. عربي، فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ۾ شعر چيائين. عربيءَ ۾ سندس هٿ اکر لکيل نظميه دعا جي آخر ۾ ڄاڻايل آهي ته: "قصيده هذا تصنيف نحيف غلام الله ضعيف ولد نواب مستطاب غفران پناه... ميان جان محمد خان لغاري صوفي القادري احمر پوش- تحرير بيست و دويم شهر رمضان المبارڪ ١٢٩٢هه". عربيءَ ۾ شعر چوڻ جي ڪوشش ڪيائين، زبان جي اعتبار کان سندس اهي اشعار البت ناقص آهن، حالانڪ خيال سهڻا آهن. بهتر مثال نموني طور ڏجن ٿا:

حماک الله من بحرالغمائم   حماک الله انک لا نظيرا

—

عن الاسرار علمني بقدري   فکشفني من الانوار صدري

اهڙيءَ طرح فارسيءَ ۾ پڻ شعر چيائين. هڪ بياض ۾ سندس هٿ اکرين لکيل فارسي شعرن مان هيٺيان نموني طور ڏجن ٿا:

ڪاروانِ تجارتِ دوران   برسرش آشيان بلاى بود
چند ڪمتر ازين رهايانند   گوش ميدان همي صلاى بود

سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ۾ سندس چيل ڪلام جو ڪافي ذخيرو موجود آهي (١)، جنهن جو مطالعو ۽ اشاعت ادبي لحاظ سان مفيد ثابت ٿيندا.

سرائڪي بيتن ۾ پنهنجو تخلص ’مسڪين‘ ڪري آندو اٿس. مثلاً:

ڪنهن نون آک آکيندئين حالت، آپ وچالهي ڄاڻين
الانسان سرّي وانا سرّه، دل وحدت وچ واڻين
مسڪين! وچ ميخان سدائين، تنگ دليهين دي تاڻين.

سنڌي شعر: هڪ بياض ۾ ’شاه جي رسالي‘ جي نموني تي سُروار پنهنجا بيت لکيا اٿس، جنهن ۾ پنهنجو تخلص ’مسڪين‘ ۽ ’لغاري‘ آندو اٿس. ان ۾ هيٺين سرن تي بيت چيل آهن: ١. ڪلياڻ، ٢. ڪنڀات، ٣. سر راڳ، ٤. سامونڊي، ٥. کوهياري، ٦. معذوري، ٧. سر جوڳ، (مضمون هير رانجها)، ٨. بروه سنڌي، ٩. بروه هندي، ١٠. توڏي، ١١. ديسي، ١٢. آٻري، ١٣. حسيني، ١٤. رامڪلي، ١٥. بلاول، ١٦. ڪاهوڙي، ١٧. رپ، ١٨. سورٺ، ١٩. پورب، ٢٠. سارنگ، ٢١. رانه، ٢٢. ڏهر، ٢٣. گهاتو، ٢٤. ڪارايل، ٢٥. ليلان چنيسر، ٢٦. ڪاموڏ، ٢٧. آسا، ٢٨. مارئي، ٢٩. سر ڪيڏاره صوفيانه. ڪن سرن مان نموني طور بيت هت ڏجن ٿا.

’سر ڪلياڻ‘ جي شروعات هيٺئين بيت سان ٿئي ٿي:

ڪُسڻ جني ڪاڻ، لؤن لؤن اندر لکيو
پسي هن پروڙ ڪي، ٿا پڇائن پاڻ
عاشق ٿي اڄاڻ، پوءِ پڇائج پرينءَ کي.

---

(١) اهو قلمي ذخيرو نواب نوراحمد خان وٽ محفوظ آهي، مگر اسان جي رسائي ان جملي ڪلام تائين نه ٿي سگهي آهي.

"سر ڪيڏارو صوفيانه" ۾ صوفي شاھ عنايت الله جي شهادت ڏانهن معنوي اشارات آهن، شروع وارو بيت هيءُ آهي:

ڪامل قطب ڪمال جي، سُئي جنگ جهان
شمس الضحيٰ، بدرالدجيٰ، هادي هردو جهان
قلزم ڪمالت جو، سگورو سلطان
سرڪ پياري سوز جي، فڪر جو فنجان
"هُوَ صوفي آتم" جامع، اغوص في بحر سڪوز"، عاشق جو عرفان
اهي لفظ لسان، ڪَهي ڪَهجن ڪيترا.

وچان هڪ بيت مثال طور ته:

حاسد حسودي ٿيا، جهيڙو جوٽيائون
ڏسي موج محمدي، ڪن سوجهي صلاحون
توبون تراريون ڪٽي، جهنڊا جوڙيائون
پٽيءَ شور شرڪ جي، ٻيلون ٻڌائون
قاتل ڪلهوڙو ٿيو، ڇنا ڇانيائون
ڪو پتهُ پهيائون، جهيڙي جهونجهارن جي.

آخري بيت:

امر ڪي اثبات ڪيو، مانجهي مرد منير
اسم سين الله جي، سوجهي هليا سير
هئي هئي هاڳاچو ٿيو، آئي قيام ڪبير
"انّا فتحنالڪ فتحا مبينا"، ترڪ ٿي تدبير
عاشق مرد امير، شير شهادت رسيا.

سسئي:

چوٽيان چڙهي سسئي، انحد اونائيج
'لم يلد ولم يولد' ٻوڙيون ٻرائيج

نا ڪنهن رنگ نه بيرنگي، پنهون پهائيج
برزخ بيهاريج، ڏاڪڻ ڏيهه ڏسڻ جي.

سهڻي:

دلو نه دهشت، نه ڪا منڌ نه، ماء ڪو
وصل جي وحدت، وڃائي وجود ڪي.

—

وحدت نه وجود، نا ڪا نظر نينهن جي
نڪو 'ڪن فيڪون' ڪو، نڪو درد درود
تهان اڳ سجود، ڪامڻ قربين ڪيو.

رندي:

عزازيل عجيب، آهه به عبد ان جو
محبتي مجيب، جنهن امر کي اثبات ڪيو.

—

الله، آدم اورهون، آهه الستؤن اڳي
نڪو بحر "بلوچ" چئي، نڪا لاف لڳي
ڪو جو درد ڏڳي، اڳي ماء ميهار ڪان.

ڪاهوڙي:

گَرِي ڏونگر گام، پاٽان پيهي جي ويا
گنجي ڏونگر ڏيهه ڪان، پري تن پيغام
اني جا احڪام، ڪو پروڙي پَنيَرُو.

—

گري ڏونگر ڏيهه، ڏورا جني ڏورئا
لاحدي لاهوت جي، سُتڙ ٿيا سائيهه
ونء تني سين ويهه، جني قدس نه مد ڪو.

گَرِي ڏونگر ڏور، پسي پراهان ٿيا
وڃن موت مٿي مچيو، هنيان لاهي هور

گنجو تن گنوائيو، جني اونهي اور
آمَر سي آگهور، آتي آسڻ جن جا.

—

گَرِي گويون نين، سَنڌ وڃايو وڃ ۾
گنجي ڏونگر گام جو، اورڻ نہ اورين
اتي اونائين، جتي عبد نہ احد ڪو.

—

گَرِي گوڙيون ڪن، ڇهڪا چنجورن جا
همه سي هاهوت جا، لاحدي لُٽڪن
گنجي ڏونگر گام جي، اون نہ رسي آن
موتان اڳ مرن، ڏورا ڏور چتائيو.

—

گَرِي ٽيون گاجون، آپر اگهورِن جون
حيرن حاجون، اتي اوري ڇڏيون.

—

گَرِي غفلت هڏ، اڄ نہ اگهورن کي
مٿي ڪان مٿي ڪري، لڏي هليا لڏ
سپيرياٽي سڏ، ماهر ملاقي ٿيا.

—

گَرِي گوندر هوءِ، حن اوسيڙو اڳ جو
ساريو سپيرين کي، رند نهاريو روءِ
هاهوتي ها هوءِ، اِت مقالون ان جون.

—

گَرِي گوندر گهاءِ، جني رسيو جان کي
خالق مخلوقي ڪان، پري تن پڙلاءِ
ڳجهاٽي ڳالهاءِ، ويا پيهي ڇپرين.

—

جي لنگهي پيا لاهوت کان، سي آهن نہ آدم
ڪاپڙين قـدم، نيٺي رکيو نانھ تـي.

—

ساھ سر ڏيا صدقو، ۽ عناصـر اولـون
ٻاروچن ٻولون، ٻاريون پرئين پنڌ جون.

—

ساھ سر ڏيا صدقـو، رهيـو رب قديم
نُوري مـرد نعيم، اوڏهن اونائو ڏيا.

—

ساھ سر ڏيا صدقـو، رهيو عشق عظيم
مسڪينن مقيم، جوءِ ڇتائي جوڳ ـ جي.

سندس ڪافين مان هڪ نموني طور هيٺ ڏجي ٿي:

عشق نانگ آهي، متان ڪا پُلي لئون لائي.

١. وِرھ وهانيس پرين جي، سو ڪيئن سـور سمائي
٢. جـاذب جـوش پريـن جـا، خـون جگر نـت ڪائي
٣. اونهون عـشـق الله جو، وَڙي ڪـا وهـچائـي
٤. پـاڻ وڃايـو پـريـن ۾، هـي ڪـا رمـز رهائي
٥. سرڙو ڪاٽي ڪات سـان، پـوءِ ڪـا پيِّ پچائي
٦. معنيٰ سيـن ”مسڪين“ چئي، وڃـا عـشـق وڃائي

هندي شعر. فقير غلام الله هندي ۽ هندي آميز محاوري
۾ گهڻو شعر چيو، جو لفظي توڙي معنوي لحاظ سان معياري
آهي. پنجونجاھ دوھا ”سلو ڪهاي شاستري گوجري“ ۽ ٻئي بياض
۾ ”سر بروي هندي“ جي عنوان سان قلمبند ٿيل آهن، جن
۾ ’مسڪين‘ تخلص آندو ائس، مثلاً:

Scanned by CamScanner

مسکين ممتا روگ هے، سربهه روگن کي ڇهاپ
جو جن ممتا ڇها ليا، اس جنم گوايا آپ.

مسکين ممتا اوگني، جس هوئي گن ناه
جو جن سنت سروپ هے، کهون ۾ بهٽکے کاه.

مسکين مايا موهني، سندر روپي نار
لاکهه ڇهلاوے هر جنان بهٽکاوے سنسار.

مسکين مارگ چاليے، بن مارگ مت چال
جو نر مارگ نا چلے، کرمين هوت کنگال.

—

نينان بادل برستا، کرتا نت بهار
رين دناں رت ميگهه هے، آ تم ديکهو يار.

—

دم دم کا .. نا بهيا، مکهه سين کهيو نه جاءِ
هم کهتي هون آپ کون، جلت جلت جل جاءِ
نت نت لاگے پريم کا جان هماري کان
اس شهادت عشق کي ناکو نام نشان.

—

صوفي نام کهاون ايسا، جيسا نام هري کا
نا کو نام ٺهام اس جن کا، نا کو پندهه پري کا.
'لااله' نفي سون نر گيا اِس آس جنم مٽايا
'الاالله' کيا استهانا، آواگون گنوايا.

هڪ بياض ۾ سندس هٿ اکرين لکيل ستهتر 'سبڌ هندي ريخته'، هڪ 'نارائڻ واڻي'، هڪ 'نهه ڪلٽڪ واڻي'، ايڪيتاليهه سلوڪ ۽ ستٽيهه 'پؤڙيون' نظر مان گذريون. ڪن 'سبڌن' ۾ پنهنجي والد "جان علي" (نواب جان محمد) کي گهُر ڪري سڏيو اٿس.

سلوک

هور بيج بڻسي بهون، سنت بيج پهر هوئي
جسکون آپ جڳاوتا، نس دن سُتري سوئي.
لاگي چهاپ سيري ستگر کي مٽيا سکل گمان
انحد کي گهنگهور سين پايا برم گيان.
من بهر ميڙيا مومنا محرم من کا ميت
کُبدهيا جل امين ڏوبتي ساچان کي پريت.

ٻوڙي

هر کا بهيد پڇهانئے، اور نه کيجے آس
اک دن کايا هو مٽسي تب لگ آس نراس.

فقير نواب جان محمد (ثاني) بن فقير نواب غلام الله (ثاني):

فقير نواب غلام الله (ثاني) جو اڪيلو فرزند هو. سنڌي خواندو هو. پنهنجي والد وارو فقيري رنگ مٿس غالب رهيو. گوشه نشين ۽ پرهيزگار درويش هو. سندس معتقدن جو دائرو ويتر وسيع ٿيو، ۽ هندن مان وڏو تعداد سندس مريد ٿيو. سنڌي، سرائڪي توڙي هندي ۾ شعر چيائين. سندس ڪلام ٻن ضخيم بياضن ۾ قلمبند ٿيل آهي(۱). هڪ بياض ۾ اڪثر بيت ۽ مثنويون آهن. ڪاتب بيتن تي توڙي مثنوي جي هر ٻن مصراعن تي نمبر هنيا آهن ۽ آخري نمبر ۱۲۸۷ (ٻارهن سؤ ستاسي) آهي. ٻئي بياض ۾ چارسؤ چوونجاهه وايون ۽ ڪافيون(۲)، ۱۰۰۹ (هڪ هزار ۽ نو) بيت، ٻارهن مناجاتون، پنج مناقب، ٻه داستان، يارهن ٿيهه اکريون، ۽ نوَ شبد قلمبند ٿيل آهن. وفات بعد فقير صاحب 'ستياري' ۾ پنهنجي والد فقير نواب غلام الله جي قبي کان ڏکڻ ۾ مدفون ٿيو. سندس اولاد مان نواب نوراحمد خان هڪ لائق ۽ خليق شخص آهي.

---

(۱) جي سندس فرزند نواب نوراحمد خان وٽ محفوظ آهن. اسان اهي بياض ڏٺا پر خانداني روايت جي مد نظر ان مان نموني طور ڪلام نقل ڪرڻ کان محروم رهياسون.

(۲) جن مان 'وائي' جي عنوان سان جملي ۲۱۴.

ج. نواب ولي محمد خان ۽ سندس اولاد

ولي محمد خان، ميان غلام محمد خان جو ٻيو نمبر فرزند هو. هو سنه ١١٦٥هه ۾ آڇپور لڳ (موجوده تعلقي سنجهوري ضلع سانگهڙ) ۾ ڄائو، جتي سندس چاچا ۽ والد سنه ١١٤٠هه ڌاري سنڌ ۾ پنهنجو پهريون ڳوٺ ٻڌي اچي ويٺا هئا. ولي محمد خان جي ولادت وقت ميان نور محمد ڪلهوڙو سنڌ جو حڪمران هو. ان وقت سنڌ ۾ تعليم جا معيار بلند هئا. ميان غلام محمد خان خود فارسيدان هو، جنهن نه فقط پنهنجي پٽن جي اعليٰ تعليم لاءِ پورو انتظام ڪيو، پر پهريائين پاڻ کين تعليم ڏنائين. مير بهرام خان جي شهادت وقت ولي محمد خان جي عمر ويهه سال کن هئي. ان بعد مير بجار خان جي جنگين ۽ شهادت توڙي مير عبدالله خان جي جنگين ۽ شهادت وارن واقعن ۾ سندس ذڪر موجود نه آهي، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته ويهن سالن جي عمر بعد پڻ ولي محمد خان ڪجهه عرصو تعليم ۽ تربيت ۾ مشغول رهيو. تعليم پوري ڪرڻ بعد هو امير فتح علي خان ٽالپور جي عملي سان شامل ٿيو ۽ هن بختاور امير جي اقبال سان گڏ سندس بخت پڻ اوج کي پهتو.

نواب ولي محمد خان جهڙي ڪامياب سپهه سالار، سفير، وزير، منتظم، انجنير، حڪيم، شاعر ۽ محب وطن جي سوانح حيات هڪ خاص تحقيقي مقالي جي محتاج آهي. ٽالپوري عهد جي ڪن تاريخي ماخذن ۾ سنڌ طرفان نواب ولي محمد خان جي بجا آندل فرضن ۽ ڪارنامن جو ذڪر آهي مگر تفصيل سان درج ٿيل نه آهي. البت سندس اولاد ۽ خاندانن ۾ ان بابت قلمي يادداشتون ۽ متواتر روايتون موجود آهن، جن کي تاريخي اهڃاڻن سان تطبيق ڏيئي نواب نامدار جي ڪردار ۽ ڪارنامن جو قدري صحيح اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان واقعات خاص اهميت رکن ٿا.

١. سنه ١١٩٦ھ/١٧٨٢ع ۾ هالاڻي واري فيصلي ڪن جنگ ۾ جوانمرد ولي محمد خان سنڌ جي لغارين جي جمعيت ساڻ ڪري، وڏي همت ۽ حرفت سان وڙهيو. بقول مير حسن علي خان (١):

”هو نواب نالي ولي محمد خان
بدانش قوي هو، بدل پهلوان“

ان وقت سندس عمر ٽيهارو سال ڪن هئي پر سندس بهادري، وفاداري ۽ جنگ ۾ حڪمت عملي، مير فتح علي خان کي ايترو ته متاثر ڪيو جو کيس ’نوابي‘ جو لقب ڏيئي پنهنجو خاص امير مقرر ڪيائين، ۽ ان بعد سياسي توڙي جنگي مهمن ۽ موقعن تي کيس هڪ خصوصي صلاحڪار، سربراهه يا سپهه سالار بڻايائين.

٢. ڪابل جي حڪمران تيمور شاهه کان سَنَد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ طرفان جو وفد موڪليو ويو هو، تنهن جا مکيه رڪن نواب قيصر خان نظاماڻي، سيد ابراهيم شاهه ۽ نواب ولي محمد خان هئا. نواب قيصر خان ۽ ابراهيم شاهه عمر رسيده بزرگ هئا، هنن ڳالهيون هلايون پر ڪابل جي درٻارين ميان عبدالنبي (جو پڻ ڪابل ۾ اچي پهتو هو) جي آچن ۽ آسرن کان متاثر ٿي، سنڌ جي وفد جي بزرگن کي هڪ اهڙي عهدنامي تي آماده ڪيو، جنهن موجب سنڌ جو

---

(١) مير حسن علي خان ”شاهنامه سنڌ“ ۾ قدري پنهنجي پسند ۽ قدري بخل کان ڪم ورتو آهي، ۽ ٽالپوري عهد جي سربرآورده اڳواڻن ۽ سپهه سالارن کي داد ڏيڻ بدران خدمتگارن کي وڌيڪ ساراهيو آهي انهيءَ لاءِ ته فتوحات جو سهرو سندن خاص نوڪرن ذريعي مير صاحبن جي سر سونهي. نواب ولي محمد خان جي باري ۾ سندس هيءَ راءِ غنيمت آهي، حالانڪ ٻين موقعن تي سندس ذڪر نالي طور يا ماڳهين ڪونه آندو اٿس.

Scanned by CamScanner

اڌ ملڪ ميان عبدالنبي جي حوالي ۽ باقي اڌ ٽالپورن اميرن جي حوالي ٿيو۔ ميان عبدالنبي خود نواب ولي محمد خان کي حرصايو ته هو کيس جاگير ڏيندو ۽ وزير بنائيندو۔ نواب صاحب کيس دلاسو ڏيئي اهڙو وعدو ڪانئس لکيت ۾ ورتو۔ اهڙيءَ طرح سڄو راز معلوم ڪري نواب ولي محمد خان پنهنجي وفد جي پنهي بزرگن کي هن چال کان آگاهه ڪيو، ۽ جيتوڻيڪ ميان عبدالنبي عهدنامي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سنڌ طرف روانو ٿي ويو، پر نواب ولي محمد خان جي تائيد ۽ تاڪيد سان سنڌ جو وفد ڪابل ۾ رهي پيو۔ نواب ولي محمد خان پوءِ محفلن ۽ مجلسن ۾ پنهنجي علمي ۽ ادبي ذهانت ۽ حڪمت عملي سان تيمورشاهه کي متاثر ڪيو ۽ پڻ وزيرن سان صحبتون ڪري کين پنهنجو ڪيائين۔ اها حڪمت عملي ڪارگر ٿي ۽ بالاخر مير فتح علي خان جي نالي سڄي سنڌ جي سَنَد ۽ خلعت ملي، جا آڻي مير فتح علي خان کي ٽنڊو الهيار واري منزل(۱) تي پيش ڪيائون۔ اهو واقعو سنه ۱۱۹۸ هه جو آهي۔ مير صاحب دوباره خلاصي طرح نواب ولي محمد خان کان سڄي ڪارگذاري ٻڌي۔ نواب صاحب ميان عبدالنبي جي لکيل سند پڻ مير صاحب جي آڏو پيش ڪئي۔ مير صاحب نهايت خوش ٿيو ۽ نواب ولي محمد خان کي هميشه لاءِ پنهنجي قرب ۽ محبت جو اعزاز بخشيائين ۽ پڻ سندس ظاهري منزل ۽ مرتبي ۾ اضافو ڪيائين۔

۳۔ مير فتح علي خان جي اوائلي دوُر (۱۱۸۷-۱۲۰۴هه) ۾ نواب ولي محمد خان جو پهريون ڪارنامون هيءُ هو جو سنڌ جي سرحدن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ حفاظتي قلعن جي تعمير جي تجويز مير فتح علي خان آڏو پيش ڪيائين جا فوراً منظور ٿي۔ ان تجويز مطابق نئين ڪوٽ، سئي ۽ اسلام ڪوٽ

---

(۱) ٻي روايت مطابق هالن جي منزل.

جا قلعا تعمير ٿيا هئا، انهيءَ لاءِ تہ ڪڇ جي سرحد محفوظ ٿي سگهي ۽ پڻ عمرڪوٽ مان جوڌپور جي دخل کي ڪڍڻ ۾ آساني ٿئي. لاڙ طرف وڪر بندر ۽ جاتي ڏانهن ننڍا ڪوٽ تجويز ڪيائين. انهيءَ ڪم جي تڪميل لاءِ مير فتح علي خان ڪيس مقرر ڪيو ۽ نواب ولي محمد خان پنهنجن ڀائرن ۽ ٻين خاص ماڻهن کي ڪم جي نظرداري لاءِ مقرر ڪيو. خانداني روايت موجب اهو سڄو ڪم نواب صاحب اٺن سالن ۾ پورو ڪرايو. فتح ڳڙهہ يا نئون ڪوٽ، اسلام ڳڙهہ يا اسلام ڪوٽ ١٧٨٩/١٢٠٤ھ ۾ ساڳي سال جڙي راس ٿيا. نواب ولي محمد خان پنهنجي ننڍي ڀاءُ ميان غلام الله کي پڻ نگراني لاءِ پاڻ سان گڏ رکيو ۽ هو پوءِ عمرڪوٽ جو نواب ٿيو. لاڙ طرف وڪر بندر، جاتي ۽ ساڪري طرف سامونڊي ڪناري جي حفاظت لاءِ ڪوٽن ۽ مورچن جي تعمير جي جانچ ۽ نظرداري لاءِ سندس وڏو ڀاءُ ميان علي محمد خان ويو، جو پوءِ ٺٽي جو نواب ٿيو.

٤. ١٢٠٥-١٢١٠ھ واري دؤر ۾ نواب ولي محمد خان کي درياءَ جي الهندي طرف ڪوهستان، ڪاڇي ۽ چانڊڪي وارن علائقن يعني موجوده دادو، لاڙڪاڻي ۽ سکر ضلعي جي ايراضين جي انتظام ۽ حفاظت جو ڪم سونپيو ويو، جتي پوءِ هو آخر دم تائين گورنر ٿي رهيو. ان وقت ڪراچي واري علائقي تي اڃان قلات جي خان جو قبضو هو ۽ شڪارپور واري علائقي تي افغانن جو تسلط هو. انهن علائقن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ نواب ولي محمد خان اول ڪراچي ۽ شڪارپور جيءَ وچ واري ايراضي جي اندروني نظام کي درست ڪرڻ ڏانهن توجهہ ڏنو. ڪوهستان ۾ جوکين، نومڙين ۽ اتر طرف ڪاڇي جي چانڊين کي شرافت ۽ محبت جي هٿيارن سان مطيع ڪرڻ جي تجويز سٽيائين. موجوده دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن واري آباد ايراضي، جا ڪلهوڙن جي آخري دؤر ۾ فتني

۽ فساد سببان تباهه ٿي چڪي هئي، ان ۾ واهن ۽ ڪڙين جو نظام درست ڪري آباد ڪيائين. سڀني علائقن ۾ پنهنجي سر تڪڙا گشت ڪري عدل ۽ انصاف وارن فيصلن ذريعي رعايا جي دلجوئي ڪيائين. هن عرصي ۾ هن انتظام جا ابتدائي مرحلا طي ٿيا جن جي تڪميل پوءِ ٿي، مگر اندروني انتشار جو خاتمو ٿيڻ لڳو، جنهنڪري نواب ولي محمد خان اطمينان سان شڪارپور ۽ ڪراچي وارين سرحدن ڏانهن پنهنجو توجهه ڪيو.

۵. سنه ۱۲۰۸هه/۱۷۹۳ع ۾ ڪابل جو حاڪم زمان شاهه سنڌ کان سالانه ڍل وصول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي چڙهيو. سنڌ طرفان نواب ولي محمد خان کيس منهن ڏيڻ لاءِ مقرر ٿيو. نواب صاحب کي معاملي فهمي ۽ حڪمت عملي ۾ پاڻ تي وڏو اعتماد هو انهيءَ ڪري مير فتح علي خان کي عرض ڪري موڪليائين ته آءٌ پنهنجي سر وڃي شاهه سان ڳالهائيندس ۽ اميد ته مقابلي جي ضرورت پيش نه ايندي. خوش اتفاقي سان ان وقت پويان ڪابل ۾ فساد ٿيا ۽ زمان شاهه واٽ تان ئي پوئتي موٽي ويو. اهڙيءَ طرح شڪارپور واري سرحد تان في الحال فتنو ٽري ويو.

۶. سنه ۱۲۰۹هه/۱۷۹۴ع ۾ نواب ولي محمد خان ڪراچي واري علائقي کي واپس وٺڻ لاءِ خان قلات جي نائب سان وڃي ڪراچيءَ ۾ ڳالهيون هلايون. ڪراچي ۽ هب ندي وارو علائقو ميان عبدالنبي ڪلهوڙي خان قلات کي ڏيئي ڇڏيو هو، جو خان کيس ميرن خلاف مدد ڏني هئي ۽ جنگ ۾ خان جو نائي سردار زرڪ خان مارجي ويو هو. مير فتح علي خان، ڪابل جي بادشاهه تيمورشاهه ڏي لکيو هو جنهن خان قلات کي ڪراچي علائقي جي واپسي لاءِ هدايت ڪئي هئي. مگر خط و ڪتابت ۽ ڳالهيون پئي هليون ۽ خان

جي نائب ڪراچي خالي ڪانہ ٿي ڪئي. نواب ولي محمد خان انهيءَ مسئلي کي طئي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. هو مختصر مگر مضبوط فوجي دستي سان ڪراچي پهتو ۽ پنهنجي خداداد لياقت سان خان قلات جي نمايندن سان ڳالهيون هلائي کين مجبور ڪري ڪراچي ڇڏائي. اهڙيءَ طرح بنا جنگ و جدل جي صلح سان ڪراچي وارو علائقو واري واپس ورتو ويو، جنهن کي هميشه لاءِ سنڌ سان شامل ڪيو ويو. سنڌ ۽ قلات جي سرحد هب ندي تي قائم ڪئي ويئي.

٧. ١٢١١-١٢١٧ھ واري دؤر ۾ نواب ولي محمد خان، چانڊڪي (لاڙڪاڻي) پرڳڻي جي گورنر جي حيثيت ۾، ڪراچي علائقي جي حدن کان وٺي شڪارپور علائقي جي حدن تائين، سنڌونديءَ جي اولهہ طرف، واري جملي اراضي جو فوجداري توڙي مالي انتظام وڏيڪ درست ڪيو. شڪارپور وارو علائقو جيڪو افغانن جي هٿ ۾ هو ان جون حدون مقرر ٿيل ڪين هيون ۽ انهيءَ ڪري افغان سپاهين چوڌاري پئي ماڪ پيليو. نواب ولي محمد خان سندن انهيءَ ڇڙواڳي کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ، لاڙڪاڻي کان اتر طرف ۽ ڳڙهي ياسين لڳ، نوشهره ابڙه ۾ وڃي پنهنجو سرڪاري ديرو قائم ڪيو ۽ ان کي ڪوٽ ڏياري مضبوط ڪيو. هن ديري وٽان هن پنهنجي مالي ۽ فوجداري انتظام جون حدون وڌايون تان جو باقي شڪارپور شهر ۽ ان جي پسگردائي وڃي افغانن لاءِ ڇڏيائين.

محرم سنہ ١٢١٧ھ ۾ مير فتح علي خان وفات ڪئي ۽ مير غلام علي خان مکيہ امير جي حيثيت ۾ سندس جاءِ نشين ٿيو. مير غلام علي خان، نواب ولي محمد خان کي ساڳي عزت سان نوازيو، ۽ هو لاڙڪاڻي جي گورنر جي حيثيت ۾ انتظام سنواريندو رهيو. مگر جلدئي هڪ طرف بهاولپور جي حاڪم ۽ ٻئي پاسي افغانستان جي نئين بادشاهہ شاهہ شجاع الملڪ

طرفان سنڌ سان آزار شروع ٿيو، جنهنڪري نواب ولي محمد خان کي انهن پڻ محاذن کي منهن ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو.

٨. سنه ١٢٢٤ھ/١٨٠٩ع ۾ بهاولپور جو نواب صادق محمد خان گادي نشين ٿيو، جنهن سندس والد محمد بهاول خان سان مير فتح علي خان جا دوستانا تعلقات وساري، ميرن سان تنازع شروع ڪيو. نواب جي وزير ۽ سپهه سالار مير نصير خان گورگيچ ويتر انهيءَ چڪتاڻ کي وڌايو. انهيءَ فتني خلاف حيدرآباد طرفان نواب ولي محمد خان ۽ خيرپور طرفان گولو شاهه ڦهيري سپهه سالار مقرر ٿيا. ٻنهي گڏجي لشڪر ڪشي ڪئي. نواب ولي محمد خان پنهنجي دستور موجب نصير خان گورگيچ کي ڳالهيون هلائي صلح ڪرڻ لاءِ چيو پر هن اها آڇ نه قبولي؛ جنهنڪري سنڌ جو لشڪر بهاولپور جي حدن ۾ پيشقدمي ڪري، حڪمت عملي سان حملي جو رخ ڦيري، مخالف کي بتال ڪري، وڃي بهاولپور جي نزديڪ پهتو. نواب ولي محمد خان، وري به نصير خان گورگيچ کي صلح جي آڇ ڪئي، ۽ هو هاڻي ٻي واهه نه ڏسي قرآن شريف ۽ ساداتن کي وچ ۾ آڻي صلح خاطر اچي نواب صاحب سان مليو. بهاولپور جي نواب طرفان لکايل ”صادق التواريخ“ جي بيان موجب نواب ولي محمد خان هڪ وڏو مدبر ۽ داناءُ هو، ۽ هن حڪمت عملي سان نصير خان گورگيچ کي ڳالهين ۾ ايترو ته لاجواب ڪري ڇڏيو، جو هن مجبور ٿي نواب ولي محمد خان جا سڀ شرط قبول ڪيا، جنهن موجب بهاولپور جي شهزادي رحيم يار خان ۽ ٻين کي يرغمال طور حيدرآباد موڪليو ويو ۽ سنڌ جو لشڪر نواب ولي محمد خان جي سرڪردگيءَ هيٺ ساري ڪري واپس موٽيو.

٩. انهيءَ دؤر ۾ افغانستان طرفان شاهه شجاع الملڪ جي شڪل ۾ سنڌ لاءِ هڪ وڏو اهنج ۽ آزار پيدا ٿيو.

سنه ١٢١٨ھ/١٨٠٣ع ۾ ڪابل جو حاڪم محمود شاهه مري ويو ۽ شاهه شجاع الملڪ سندس جاءِ نشين ٿيو. انهيءَ سال سنڌ طرفان ساڻس عهدنامو ٿيو ۽ ڪيس مقرر رقم پهچاني ويئي. سنه ١٢٢١ھ/١٨٠٦ع ۾ هو پنهنجي وزير شيرمحمد خان کي ساڻ ڪري ماليات وصول ڪرڻ لاءِ اچي شڪارپور پهتو، ۽ نواب ولي محمد خان ڪيس قدري رقم ڏيئي راضي ڪري واپس موٽايو. سنه ١٢٢٥ھ/١٨١٠ع ۾ وري ماليات وصول ڪرڻ جي بهاني سان شاهه شجاع اچي شڪارپور سهڙيو. نواب ولي محمد خان وڏو دورانديش هو، هن ڏٺو ته جي شڪارپور جهڙي پُرفضا شهر ۾ ڪابل جي حاڪم اچي ديرو دمايو ته پوءِ سنجهانئس جند ڪانه ڇٽندي. سو فوري شڪارپور پهچي، ساڻس ملي دم دلاسا ڏيئي في الحال ڪيس ديره غازي خان ڏانهن ڪڍي ويو ۽ اتي ڪيس قدري رقم ڏيئي اکتي اماڻي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح في الحال سنڌ جي هن آزار مان وڃي جند ڇٽي.

١٠. سنه ١٢٢٦ھ/١٨١١ع ۾ وري بهاولپور جي نواب سان نزاع جي نوبت اچي پهتي ۽ حيدرآباد طرفان نواب ولي محمدخان ۽ مير وليوخان لشڪر جا مهندار مقرر ٿيا ۽ خيرپور طرفان مير مبارڪ خان ۽ گولوشاهه آيا. سنڌ جو لشڪر پيشقدمي ڪري صادق آباد کان احمدپور شرقي تائين وڃي پهتو. نواب ولي محمدخان جي خطن ۽ تنبيهن ۽ پڻ نصيرخان گورگيچ (جو اندروني طرح سنڌ جي اميرن جو طرفدار هو) جي مصلحتن بهاولپور جي نواب صادق محمد خان کي مجبور ڪيو ۽ هن سنڌ جا سڀ شرط قبولي صلح ڪيو. انهن شرطن موجب سبزل ڪوٽ ۽ سنجرپور وارو علائقو سرواهي جي قلعي سميت سنڌ جي سرحدن ۾ شامل ڪيو ويو ۽ پڻ شهزادو رحيم يارخان ٻين سان گڏ ضمانت طور حيدرآباد آندو ويو.

۱۱. سنه ۱۲۲۷ھ/۱۸۱۲ع ۾ مير غلام علي خان وفات ڪئي ۽ مير ڪرم علي خان مکيه امير طور سندس جانشين ٿيو. مير ڪرم علي خان هڪ بيدار مغز حڪمران، علم دوست، اديب ۽ شاعر هو. نواب ولي محمد خان سان سندس ذاتي طور انس هو. مير مراد علي خان جو پڻ نواب صاحب تي ڪلي اعتماد هو، ۽ ننڍا امير سندس گهڻو احترام ڪندا هئا. هن عهد ۾ پڻ نواب صاحب جي عزت ۽ منزلت ۾ اضافو ٿيو.

۱۲. هن دؤر جو پهريون مکيه واقعو ۱۲۲۸ھ/۱۸۱۳ع ۾ قلعي ۽ علائقي عمرڪوٽ جي فتح هو. عمرڪوٽ جو قلعو ۽ علائقو، عبدالنبي ڪلهوڙي مير بجار خان کي مارائڻ (۱۱۹۴ھ/۱۷۸۱ع) جي عيوض ۾ جوڌپور جي راجا کي ڏيئي ڇڏيو هو. سنڌ فتح ڪرڻ بعد ٽالپور اميرن پهريائين ڪڇ، ڪراچي، شڪارپور ۽ بهاولپور وارين سرحدن طرف توجه ڏنو جتان وڌيڪ خطرو هو. البت خيرپور جي والي مير سهراب خان جو ڀاءُ مير غلام محمد خان مختصر فوجي دستي سان عمرڪوٽ چڙهي ويو ته ڳالهيون هلائي قلعو خالي ڪرائجي، پر جوڌپور جي قلعي-بند لشڪر اوچتو حملو ڪري غلام محمد خان کي شهيد ڪري ڇڏيو. ان بعد اميرن طرفان عمرڪوٽ واري علائقي ڏانهن فوري توجه ڪونه ٿي سگهيو. تان جو بهاولپور وارن معرڪن ۾ حيدرآباد طرفان سپه سالار نواب ولي محمد خان ۽ خيرپور طرفان ميان گولو شاهه (قهيري بلوچ) پاڻ ۾ گڏيا ۽ بهاولپور واري سرحد تي ڪاميابيون حاصل ڪيائون. ٻئي محب وطن هئا ۽ ٻئي اميرن جا وفادار سپه سالار هئا. انهيءَ ڪري ٻنهي ۾ دوستي جو سلسلو قائم ٿيو، جو پوءِ سندن اولاد تائين هلندو آيو. بهاولپور جي سرحد صاف ڪرڻ بعد ٻنهي متفق فيصلو ڪيو ته پنهنجن اميرن کي عمرڪوٽ جي فتح جو مشورو ڏيندا. مير غلام علي خان جي وفات سبب في الحال انهيءَ تجويز جي تڪميل ۾ دير ٿي، پر مير ڪرم علي خان

Scanned by CamScanner

جيئن ئي جانشين ٿيو ته نواب ولي محمد خان انهيءَ تجويز جي پٺڀرائي ڪئي. هوڏانهن خيرپور ۾ مير سهراب خان آڏو ميان گولي شاهه رٿ پيش ڪئي ۽ نواب ولي محمد خان جي صلاح سان مير سهراب خان طرفان مير ڪرم علي خان ڏانهن رقعو لکارايو جنهن تي فوراً اها تجويز منظور ٿي.

وڏي تياري ۽ اهتمام سان حيدرآباد ۽ خيرپور جي فوجن اچي عمرڪوٽ جي قلعي کي گهيرو ڪيو. هن مهم ۾ ٽالپور امير ۽ سندن اڪثر سردار شامل هئا، مگر مجموعي طور سان حملي جي حڪمت عملي جي واڳ وڏن سپهه سالارن نواب ولي محمد خان ۽ گولاشاهه جي هٿ ۾ هئي. عمرڪوٽ جو قلعو ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي عهد ۾ نئين سر فوجي لحاظ سان محڪم ۽ مضبوط بنايو ويو هو، انهيءَ ڪري جوڌپور جي فوج اطمينان سان قلعي بند ٿي ويهي رهي. نواب ولي محمد خان جي تجويز مطابق قلعي جي ديوار هيٺان مختلف جڳهن تان سرنگهون هڻي بارود ڀري اڏائڻ جي سيٽ سيٽي ويئي جا ڪامياب ٿي، ۽ ربيع الاول سنه ١٢٢٨ھ/ ١٨١٣ع ۾ عمرڪوٽ جو قلعو فتح ٿيو. قلعي فتح ٿيڻ سان فوراً عمرڪوٽ جو علائقو هٿ ڪري سنڌ ۾ شامل ڪيو ويو ۽ سنڌ جي اڀرندي سرحد جوڌپور جي سرحد سان لڳائي نروار ڪئي ويئي، جنهن تي سنڌ طرفان چؤڪيون قائم ٿيون. هن فتح بعد سنڌ جا سيئي علائقا، جن تي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ پروارن حڪمرانن قبضا ڪيا هئا، سي آزاد ٿي ويا.

١٣. سنه ١٢٢٩ھ/١٨١٤ع ۾* ڪابل جي حڪمران محمود شاهه پنهنجي وزير فتح خان جي مشوري سان شڪارپور تي چڙهائي ڪئي. بهانو اهو هو ته افغانن طرفان شڪارپور

---

*خانداني روايت موجب. مگر ٿي سگهي ٿو ته هي واقعو ١٢٢٩-١٢٣١ھ واري عرصي ۾ ڪنهن ٻه سال جو هجي.

وارو سندن نائب کين ماليات نٿو پهچائي. محمود شاهه پنهنجي لشڪر سان اچي ڏادر ۾ منزل انداز ٿيو، جتي قلات جو خان محمود خان پڻ لشڪر وٺي اچي ساڻس شامل ٿيو. اتان اول امين الملڪ محمد رحيم افغاني کي شڪارپور تي چاڙهي موڪليو ويو. نواب ولي محمد خان حالات جو جائزو وٺي راءِ ڏني ته طاقت جو جواب طاقت سان ڏجي. انهيءَ صلاح موجب مير ڪرم علي خان، مير مراد علي خان، مير سهراب خان ۽ مير ٺارو خان سنڌ جي متحد لشڪر سان اچي شڪارپور جي ويجهو منزل انداز ٿيا، جتي کين محمود شاهه جو پيغام ماليات لاءِ پهتو ۽ ان بعد شڪارپور مان محمد رحيم افغاني جو قاصد آيو. مشوري بعد فيصلو ٿيو ته محمود شاهه ڏي خط لکيو وڃي ته جي صلح ڪندين ته صلح ڪنداسون ۽ جي جنگ ڪندين ته جنگ ڪنداسون. باقي محمد رحيم افغاني جو قاصد موڪلڻ بي معنيٰ آهي؛ کيس خود حاضر ٿيڻ گهرجي. مير صاحبن طرفان نواب ولي محمد خان کي اهو ڪم سونپيو ويو، ته محمد رحيم افغاني کي حاضر ڪري. نواب ولي محمد خان انهيءَ قاصد کي ساڻ ڪري شڪارپور پهتو. محمد رحيم مير صاحبن جي دربار ۾ اچڻ کان نٽايو، مگر نواب ولي محمد خان ساڻس ڳالهيون هلائي کيس مجبوراً مڃايو ۽ آڻي دربار ۾ حاضر ڪيائينس. ان بعد ڳالهيون هليون ۽ صلح لاءِ رستو صاف ٿيو، مگر مولاداد افغان شرارت ڪري ٺهيل ڪم کي ڦٽايو. انهيءَ تي مير صاحبن جي حڪم موجب سنڌ جو لشڪر جنگ لاءِ تيار ٿيو. محمود شاهه اهو ٻڌي، ڏادر مان پير ڏاٿا ۽ راڄنپور وارو گس وٺي وڃي ديري غازي خان پهتو. اهو ٻڌي محمد رحيم افغان مير صاحبن کان موڪل گهري جا کيس ملي، ۽ هو پڻ سنڌ ڇڏي واپس وريو. انهيءَ تدبير سان بنا جنگ و جدل جي سنڌ جي سَرسي ٿي. نواب ولي محمد خان هن

موقعي تي اهم پارٽ ادا ڪيو، جنهن جو پنهنجي مثنوي 'هير رانجهي' ۾ پڻ قدري تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿس.

۱۴. عمرڪوٽ جي فتح سان سرحدي ڇڪتاڻ جو خاتمو ٿي چڪو هو. شڪارپور جي محاذ تي به سنڌ جي سياست ۽ حڪمت عملي ڪامياب هئي. انهي ڪري مير ڪرم علي خان جي باقي دؤر (۱۲۳۰-۱۲۴۴ھ) ۾ مکيه توجه ملڪ جي اندروني انتظام ۽ استحڪام طرف ٿيو.

نواب ولي محمد خان ڪراچي کان شڪارپور تائين سڄي پرڳڻي جي نظام کي درست ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ انهيءَ ڏس ۾ کيس وڏو تجربو هو. سندس عمر اُن وقت ٻاهٺ سال هئي. مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جو مٿس وڏو اعتماد هو. جيتوڻيڪ هن کان اڳ هو 'چانڊڪي پرڳڻي'، جو نالي وارو ناظم، سنڌ جو سپهه سالار ۽ اميرن جو خاص صلاحڪار هو، مگر هاڻي هو "وزير بي نظير" جي خطاب سان سرفراز ٿي عملي طور سنڌ جو 'وزيراعظم' بڻيو، جنهنڪري سندس اختيارين توڙي ذميدارين ۾ اضافو ٿيو. پنج سؤ مسلح سوارن سان پالڪي يا محفي ۾ سواري ڪرڻ (جنهن کي کڻڻ لاءِ چوويهه حمالي مقرر هئا، جن کي 'قهار' چوندا هئا ۽ آٺ ڇٽا واري سان کڻندا هئا)، هر اهم معاملي ۾ 'وزيراعظم' جي حيثيت ۾ شامل ٿيڻ ۽ دربار ۾ حسب مراتب مير صاحبن کان ٻئي نمبر ۾ ويهڻ سندس واسطي مخصوص ٿيا. صوبائي منتظم جي حيثيت ۾ عدالتي اختيار هلائي ڏوهارين کي ڦاسي ڏيڻ يا معاف ڪرڻ، جاگيرن ڏيڻ لاءِ آخري طور پڪيون سفارشون ڪرڻ، آبپاشي، عدالتي ۽ حفاظتي انتظام لاءِ ڪُلّي طور خرچ ڪرڻ، ڍل-بستگيءَ جو نظام متعين ڪرڻ ۽ ٻين محصولن جا نرخ مقرر ڪرڻ جا مطلق اختيار سندس حوالي ٿيا. انهيءَ لحاظ سان کيس "مختار ماليه سرڪار" جو رتبو حاصل ٿيو.

Scanned by CamScanner

١٥. نواب ولي محمد خان عمرڪوٽ جي فتح بعد پنهنجن مشورن ۽ ڪوششن کي ٻن مکيه مسئلن لاءِ مخصوص ڪيو: ملڪ جي اندروني انتظام کي بهتر بنائڻ، ۽ فوجي لحاظ سان ملڪ جي حفاظت توڙي طاقت کي وڌائڻ.

اندروني انتظام جي سلسلي ۾ سندس واسطو حيدرآباد جي شهدادائي خاندان جي حصي وارن پرڳڻن سان هو، جن ۾ عدالتي، آبپاشي ۽ ڍل-بستگي جي نظام کي يڪسان طور ترقي ڏيڻ لاءِ نواب ولي محمد خان لاءِ قدري آساني ٿي، ڇاڪاڻ ته سندس وڏو ڀاءُ علي محمد خان ٺٽي جو ناظم هو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ عمرڪوٽ جو ناظم هو. 'لاڙڪاڻي-دادو' واري خطي جو انتظام خود سندس حوالي هو، جنهن کي معياري بنائڻ جي ڪوشش ڪيائين، انهيءَ لاءِ ته اهو ٻين ناظمن لاءِ هڪ نمونو بنجي. انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي پاليسي ٽن مکيه اصولن تي وضع ڪيائين.

پهريون ته: راڄن ۽ راڄن جي سردارن کي زمينون ڏيئي سندن اقتصادي حالت سڌاري، کين امن قائم ڪرڻ ۽ حڪومت سان تعاون ڪرڻ تي آماده ڪرڻ. انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ سان نواب صاحب عام توڙي خاص کي پنهنجو گرويدو ۽ حڪومت جو خيرخواهه بنائي ڇڏيو. مثلاً ڪوهستاني علائقي ۾ نئين ٻارڻ کان وٺي نئين سَن تائين نومڙيا قوم جي راڄن ۽ سندس سردارن جي دلجوئي ڪري کين ڪوهستاني علائقي کان ٻاهر هيٺ درياءَ لڳ زمينون ڏنائين ۽ نومڙين سردارن کي درياءَ کان اوڀر طرف (حيدرآباد ضلعي ۾) آباد خطي ۾ پڻ جاگيرون ڏياريائين، جنهنڪري هي قوم جا مغليه دور کان وٺي حڪومت جي برخلاف ۽ امن وامان ۾ وگوڙو وجهندڙ هئي، سا هاڻي حڪومت سان تعاون ۽ رعايا ۾ امن سان رهڻ لڳي. نه فقط ايترو مگر محبت ۽ اخلاص جو سلسلو انهيءَ حد تي پهتو جو سردار مَلڪ

احمد خان پنهنجي نياڻي مير ڪرم علي خان کي ۽ پنهنجي همشيره مير نور محمد خان کي ڏني. اتر طرف چانڊڪي جي حدن ۾ چانڊيا قوم نهايت طاقتور ۽ حڪومت جي قبضي کان ٻاهر هئي. سندن سردار ان وقت ولي محمد خان چانڊيو هو. جنهن سان نواب ولي محمد خان ذاتي طور دوستانه تعلقات قائم ڪري کيس حڪومت جو خيرخواه بڻايو. سندن قوت ۽ خوشحالي لاءِ سندن بود و باش واري 'ڪاڇي' جي ڪوهستاني خطي کان سواءِ هيٺ ميداني علائقي ۾ مرزاپور جي آباد اراضي کين جاگير طور ڏياري، جنهن ۾ سردار توڙي سندس راڄن جي عوام کي ڀائيوار ڪيائين. خاص 'چانڊڪي' جو علائقو مير مراد علي خان جي زير اختيار هو، انهيءَ ڪري نواب صاحب اها سَنَد ربيع الثاني ١٢٣٣ه (١٨١٧ع) ۾ مير مراد علي خان جي صحيح سان سردار ولي محمد خان چانڊيي کي وٺي ڏني. اهڙي طرح ڪلهوڙن، جتوين، ابڙن ۽ ٻين قبيلن سان، جي اڳ ڪلهوڙن جا طرفدار هئا، سٺو سلوڪ ڪري سڄي علائقي ۾ رعايا ۽ حڪومت جي باهمي اعتماد کي پختو ڪيائين. اها ساڳي پاليسي ٻين علائقن جي ناظمن لاءِ پڻ مشعل راهه بڻي، جيئن ته ٺٽي جي علائقي ۾ جوکين جي ڄام ۽ سندس راڄن کي حڪومت جو معاون ۽ مددگار بڻايو ويو، جيتوڻيڪ ڄام اصل کان ڪلهوڙن جو جاگيردار ۽ طرفدار هو.

ٻيو ته نواب صاحب آبپاشي جي نظام کي سڌاريو ۽ وڌايو. اڳين واهن کي ويڪرو ڪيو ۽ درياءَ مان انهن جا مُنهن نئين سر سڌاريا. راڄن کي ننڍن واهن ۽ نون کڙين کوٽڻ تي آماده ڪيائين. ڳوٺن ۽ راڄن کي عام اختيار ڏنو ويو ته واهه ۽ کڙيا کوٽائي غيرآباد زمينون آباد ڪن، جنهن جي عيوض نئين آباد ڪيل زمين ۾ خودبخود سندن حق واسطا قائم ٿيندا. وڏا واهه جتان درياءَ مان نڪتا ٿي، انهن مُنهن جو نواب صاحب پاڻ مطالعو ٿي ڪيو ۽ آبپاشي انجنيري جي

مهارت سان انهن جا منهن اهڙي ته نموني ۾ تجويز ٿي ڪيائين جو لٽ ۽ رؤ کان اهي محفوظ ٿي رهيا ۽ پاڻي پڻ گهٽو ٿي کنيائون. سندس انهن ڪامياب تجربن جي بناء تي ڪيس خاص طرح گهرايو ويو ته ڪاردارن ۽ آبپاشي جي سزاولڪارن کي سمجهائڻ خاطر اچي ”خيطي“ پرڳڻي (موجوده سڪرنڊ-موري واري اراضي) ۾ هڪ مکيه واهه جو منهن (١) نئين سر درست ڪرائي. نواب صاحب وڏي اهتمام سان آيو ۽ صادق ڀٽيءَ جي ڳوٺ (موجود تعلقو مورو) ۾ اچي ڪئمپ ڪيائين. جملي تيرهن هزارن جي خرچ سان واهه جو نئون منهن ڪڍارايائين، جو پوءِ سالن جا سال ڪارگر رهيو.

ٻيون ته ’آئين اڪبري‘ جي گهري مطالعي سببان نواب صاحب کي هميشه اهو خيال رهندو هو ته ملڪي انتظام، اڪبر بادشاهه جي دستور وانگر هلائڻ گهرجي. انهيءَ ڪري عدل ۽ فيصلن، ۽ ڍل جي نرخن جي نظام کي سڌاريائين. عام طرح سان ڍل، بٽائي ۽ وصولي جو سلسلو هن طرح هو ته: باغن ۾ تماڪ، ڪمند ۽ ڀاڄين تي، آباد ڪيل ايراضي موجب روڪ رقم مقرر ٻڌل هئي. ازانسواءِ ڪاتيدار کي ڪجهه زمين تي اناج جي ڍل آباد ڪيل ايراضي جي لحاظ سان جنس ۾ ڏيڻي پوندي هئي، جنهن جو انداز گذريل چند سالن ۾ سراسري في ايڪڙ پيدائش جي لحاظ سان ٻڌبو هو. مگر ’چانڊڪي‘ پرڳڻي ۾ نواب صاحب جي آندل سڌاري موجب، ڪاتيدار ان جنس جي عوض روڪڙي رقم ڏيڻي ٿي سگهيو. اها رقم تن ۾ جنس جي سراسري چالو اگهه جي لحاظ سان ٻڌي ويندي هئي. اهو سلسلو نواب صاحب ”آئين اڪبري“ جي مطالعي بعد رائج ڪيو (٢)، جنهن موجب ڪاتيدارن کي سهولت ٿي،

---

(١) هڪ روايت موجب جهوني داد واهه جو منهن.

(2) Record: Sind file, Pol. 131, P. 342, and Masson vol 2 P. 131.

ڏل جي ادائگي ۾ وڌيڪ آساني ٿي ۽ زرعي پيداوار ۾ اضافو ٿيو.

١٦. ملڪ جي اندروني استحڪام قائم رکڻ ۽ طاقت وڌائڻ لاءِ، رعايا جي آبادي ۽ خوشحالي، ۽ راڄن، قومن ۽ قبيلن جي پاڻ ۾ صلح ۽ حڪومت سان تعاون جي ضرورت هئي. انهيءَ ڏس ۾ نواب صاحب جي انتظامي پاليسي سنگ بنياد بني. راڄن، قبيلن ۽ سردارن جو مٿس اعتماد ٿيو ۽ انهيءَ ڪري ڪين باهمي جهيڙن کان جهليائين. مثلا جڏهن سردار ولي محمد چانڊيو، شورڻ جي رندن تي چڙهائي لاءِ سنڀريو ته نواب ولي محمد خان کيس سمجهايو ۽ روڪيو(١). اهڙيءَ طرح ملڪي طاقت اندروني فسادات ۾ ضايع ٿيڻ کان بچي، ۽ خود سردار ولي محمد خان چانڊيي ۽ سندس قوم سنڌ تي ٻاهرئين حملي وقت اٺن هزارن جي فوج مهيا ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل رکيو(٢). اهڙيءَ طرح اندروني طور فوج جي تعداد توڙي طاقت ۾ اضافو ٿيو.

علي‌آباد عرف رني ڪوٽ جو قلعو ٺهرائڻ. مٿين بنيادي قدمن سان گڏ حيدرآباد جي ميرن جي حد ۾ هڪ مضبوط حفاظتي قلعي جي ضرورت هئي. عمرڪوٽ جي قلعي جي فتح بعد انهيءَ ضرورت جو شدت سان احساس ٿيو. عمرڪوٽ جي قلعي کي ميان نور محمد ڪلهوڙي هڪ مضبوط ۽ حفاظتي قلعي طور پوري اهتمام سان پنهنجي لاءِ مخصوص ڪيو هو. مگر جڏهن نادرشاهه اچي مٿس ڪڙڪيو تڏهن کيس ڀڄڻ جي واهه به ڪانه ٿي، چاڪاڻ ته ڪڇ، مارواڙ ۽ جوڌپور جي راجائن کان مدد ۽ مهرباني جي ڪا اميد ڪانه هئي.

---

(1) Record: Sind file, Pol. 131 P. 342, and Masson vol 2 P. 131.

(2) History of Alienations in Province of Sind, 1888, vol 2, P. 39.

خود قلعي جي مضبوطي جو پتو ۱۲۲۸ھ واري حملي ۾ فتح وقت پئجي ويو. قلعي جو دروازو ٽوڙي ديوارون پڪي سر سان محڪم ۽ مضبوط ٻڌل هئا پر هيٺان ديوارن جون بنائون پيٽ تي بيٺل هيون ۽ انهيءَ ڪري ٽالپوري لشڪر آساني سان هيٺان سرنگهه هڻي، بارود ڀري، ديوار کي اڏائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن واقعي بعد مير ڪرمعلي خان ۽ مير مراد علي خان، نواب ولي محمد خان کي خاص مشوري لاءِ سڏيو ۽ ملڪ اندر آخري بچاءُ لاءِ هڪ مضبوط قلعي تعمير ڪرڻ لاءِ سائس صلاح ڪئي. نواب ولي محمد خان کي قلعن تعمير ڪرائڻ جو تجربو هو، ۽ مشورو ڏنائين ته اهو حفاظتي قلعو الهندي طرف ڪوهستاني علائقي ۾ تعمير ڪجي، جيئن قلعي کان ٻاهر ڪوهستاني علائقو پڻ حمله آور سان مقابلي وقت پشت پناهه بنجي. اها رٿ فوراً منظور ڪئي وئي ۽ قلعي تعمير ڪرائڻ جو ڪم نواب صاحب جي حوالي ٿيو.

نواب ولي محمد خان کي ڪوهستاني علائقي جي پوري واقفيت هئي، تنهن ’سَنَ‘ جي تاريخي شهر کان ۱۸ ميل ڏکڻ طرف ’نئن رني‘ جي هڪ ماڙي کي قلعي جي جڳهه لاءِ چونڊيو. قدرتي طور هن ماڙي کي چوڌاري هڪ ڪرنگهي دار ٽڪري ديوار طور بيٺل هئي، جنهن کي فقط ٻه مکيه خال هئا: هڪ الهندين طرفان، جتان نئن ماڙي ۾ داخل ٿي ٿي ۽ ٻيو اڀرندي طرفان، جتان نئن ٻاهر ٿي نڪتي. مينهن جي مند کان سواءِ پڻ نئن جي پيٽ ۾ هڪ قدرتي چشمو هو، جنهن جو پاڻي نه فقط قلعي جي فوج لاءِ مگر اندر ماڙي ۾ آبادي لاءِ پڻ پورو ٿيي ٿي سگهيو. انهيءَ لحاظ سان هيءَ جڳهه قلعي جي تعمير لاءِ هر نقطه نظر کان موزون هئي. چوڌاري ٽڪري واري ديوار ۾ جتي ٻه ڪي شگاف ۽ گهٽ گهارا هئا، سي نواب صاحب اول پٿر جي اوساري سان پختا ڪري ڀرائي، ٽڪري جي ڪرنگهي کي بنياد بنائي ان تي

قلعي جي ديوار تعمير ڪرائي. اندر ماڙي ۾ هڪ قدرتي مٿانهين ٽڪرائتي سطح تي اندريون خاص محفوظ قلعو جاين جڳهين خاطر جوڙايو. نئن جي اندر لهڻ توڙي ٻاهر نڪرڻ وارن گهٽن تي موريون ٻڌائي مورچن ٺهرائڻ جو انتظام ڪيو. اڀرندين طرف واري موري جي هيٺان لوهه جي درن، ۽ مٿان قلعي جي خاص دروازي جو اهتمام ڪيو ۽ دروازي تي توبون رکايون. سنه ١٢٣٤هه/١٨١٩ع ۾ قلعي جو مڪيه ڪم پورو ٿيو. اندرين ننڍي قلعي جو نالو ”شير ڳڙهه“ رکيو ويو ۽ سڄي قلعي جو نالو ’علي آباد‘ تجويز ٿيو، مگر ’نئن رني‘ جي لحاظ سان عوام ۾ ’رني ڪوٽ‘ جي نالي سان مشهور ٿيو.

هيءَ ’علي آباد‘ عرف ’رني ڪوٽ‘ جو قلعو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي ۽ حفاظتي نگاهه کان نواب ولي محمد خان جي حسن انتخاب ۽ تعميري سٽاء جي لحاظ سان سندس انجنيري شعور تي شاهد آهي. اهو نواب صاحب جي ذاتي طور نگراني ۽ نظرداري جو نتيجو هو، جو هيڏو شاهي قلعو سترهن لکن رپين ۾ جڙي راس ٿيو. هيءُ قلعو ٽالپوري عهد ۾ ملڪ جي حفاظت ۽ بندوبست جي سلسلي ۾ بيدار مغز حڪمران جي دورانديشي ۽ سنڌ ۾ قلعن جي تعمير جي فن جو هڪ نمايان يادگار آهي.

خانداني روايت موجب، ٻاهرئين اڀرندين دروازي جو ڪم، خصوصاً هيٺيان لوهي دروازن هڻڻ جو ڪم، اڃان باقي هو، جو شڪارپور ۾ شاهه شجاع الملڪ سني اچڻ سببان نواب ولي محمد خان کي مير صاحبن مشوري لاءِ حيدرآباد گهرائي ورتو جتان هو سڌو لاڙڪاڻي طرف روانو ٿي ويو. موري هيٺان لوهي دروازن جي ترتيب معمارن کي سمجهائي هئائين، پر هو سانوڻ ۾ نئن جي پاڻي جي زور جو صحيح اندازو ڪري نه سگهيا ۽ انهيءَ ڪري باوجود ڪوششن جي هو

هيئين لوهي دروازن هٽڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا. نواب صاحب اڪثر چوندو هو تہ: ڪو موقعو مليو تہ اهي لوها دروازا ٽوڙي الهندي طرفان نئن جي اچڻ وارو دروازو پنهنجي نظرداري هيٺ درست ڪرائيندس. مگر هڪ طرف افغانن ۽ ٻئي طرف انگريزن جي سازشن سببان نواب صاحب جي زندگيءَ جا پويان ڏهہ پندرهن سال زياده تر سياسي معاملات سلجهائڻ ۾ صرف ٿيا ۽ رني ڪوٽ جي دروازن جو ڪم ائين ئي رهجي ويو.

١٧. سنہ ١٢٣٤ھ/١٨١٩ع ۾ 'رني ڪوٽ' جو ڪم اڃان مس راس ٿيو تہ اوچتو شاهہ شجاع الملڪ اچي شڪارپور پهتو. نواب ولي محمد خان لاڙڪاڻي ڏي روانو ٿيو ۽ اتان وڃي نوشهره ابڙه طرف منزل ڪيائين. ڪابل ڏانهن شاهہ شجاع جي موٽڻ جون واهون بند هيون جو ڪابل تي محمد عظيم خان جو قبضو هو، انهيءَ ڪري هو ڪپ ڪوڙي يڪا ٻہ سال شڪارپور ۾ ويهي رهيو. نواب ولي محمد خان شڪارپور جي چوڌاري سڄي علائقي کي پوري طرح پنهنجي ضابطي ۾ رکيو مگر شهر شڪارپور ۽ ان جي نزديڪي پسگردائي ۾ شاهہ شجاع ۽ سندس ماڻهو ڦرندا رهيا. جيئن تہ ڪين مهمانن جي حيثيت هئي انهيءَ ڪري ڪين ڪجهہ بہ ڪونہ ٿي چيو ويو. بالآخر جڏهن شاهہ شجاع ۽ سندس سپاهہ شرافت جا ليڪا لتاڙي اشرافن جون لڄون ۽ ملڪيتون لٽڻ لڳا، تڏهن نواب ولي محمد خان رعايا تي ظلم ٿيندو ڏسي شجاع کي شڪارپور ڇڏائڻ جي تجويز اميرن جي آڏو رکي جا منظور ٿي. ان موجب ١٢٣٦ھ/١٨٢١ع ۾ نواب ولي محمد خان حيدرآباد طرفان ۽ حمزو خان ٽالپور خيرپور طرفان شهر شڪارپور ۾ وڃي منزل انداز ٿيا، جنهنڪري ڇڙواڳ افغانن طرفان رعايا کي ايذائڻ واريون حرڪتون بند ٿيون. ٻئي طرف

سنڌ طرفان سنئون سڌو محمد عظيم خان سان تعلق قائم ڪيو ويو، جو فوج وٺي اتان چڙهيو. سنڌ جي متحد فوج ۾ اميرن سان گڏ اچي نواب ولي محمد خان جي رٿيل تجويز موجب لاڙڪاڻي پهتي ۽ اتان وڌي اچي ميان شاهل محمد عباسي جي قبي وٽ ڇانوڻي هنيائون. شاهه شجاع پريان محمد عظيم خان جو لشڪر ايندو ڏسي شڪارپور جي جند ڇڏي ۽ پنهنجي جان بچائڻ خاطر اچي اميرن جي ڇانوڻي ۾ پناهه ورتي. محمد عظيم خان جي فوجي دستن ايهرائي ڪري پيشقدمي ڪئي، جنهن کي سنڌ جي فوجي دستن ختم ڪري ڇڏيو، باقي محمد عظيم خان کي صلح ڪري موٽڻو پيو. شاهه شجاع ۾ سنڌ ڇڏي جيسلمير جي راهه وٺي لذياني (پنجاب) ڏي روانو ٿيو.

سنه ۱۲۳۶ھ واري هن تاريخي ڊراما ۾ نواب ولي محمد خان مکيه پارٽ ادا ڪيو ۽ سندس حڪمت عملي ۽ تدبير سؤ في صدي ڪارگر ٿي، افغانن جا سردار هڪٻئي کي تڪيندا رهيا ۽ آخر پنهنجي راهه وٺي راهي ٿيا. انهيءَ دوران شڪارپور جي پسگردائي ۾ نواب صاحب پنهنجي انتظام هيٺ آڻي ڇڏي ۽ باقي شهر وچي افغانن وٽ رهيو.

۱۸۰. نواب ولي محمد خان سوچيندو رهيو ته ڪنهن پر شهر کي افغانن جي چنبي کان ڇڏائجي. سنه ۱۲۳۹/۲۳-۱۸۲۴ع ۾ رحمدل خان افغان شڪارپور جو والي هو، جنهن کي سندس ڀاءُ ۽ ڪابل جي امير شيردل خان پاڻ وٽ گهرائي ورتو. رحمدل خان پنهنجي طرفان عبدالمنصور خان کي شڪارپور جو والي مقرر ڪيو. ٿوري عرصي بعد، سِکن جو لشڪر اچي ديري غازي خان پهتو. مبادا اهو لشڪر سنڌ جو رخ ڪري، انهيءَ لاءِ ضروري هو ته سنڌ جي سرحد ۽ خصوصاً شڪارپور جي بچاءَ لاءِ انتظام ڪيو وڃي. اهو سڄو معاملو ۽ ان جو انتظام نواب ولي محمد خان جي حوالي ٿيو.

نواب صاحب اول پنهنجي هيڊ ڪوارٽر لاڙڪاڻي مان عبدالمنصور ڏانهن مؤثر مُراسلا موڪليا، ۽ ڪيس موقعي جي نزاڪت کان آگاهه ڪري سمجهائيندو رهيو ته افغان سردارن طرفان شڪارپور جو بچاءُ مشڪل آهي، انهيءَ ڪري بهتر آهي ته سکن جي آڏو سر جهڪائڻ بدران شڪارپور سنڌ جي حوالي ڪريو ته فوراً حفاظتي انتظام ڪيو وڃي۔ عبدالمنصور خان شهر خالي ڪرڻ بدران، نواب صاحب ڏي منٿ ميڙ جا خط بهاني طور اڪليا ته، سک شڪارپور تي حملو ڪو نه ڪندا، ۽ ازانسواءِ شڪارپور جي ٻئي سڄي علائقي تي اڳ ئي اوهان جو قبضو آهي، ۽ صرف شهر واري چارديواري باقي وڃي بچي آهي، جا اسان کان نه ڇڏايو ته بهتر آهي۔ نواب صاحب انهن حيلن ۽ بهانن کان متاثر نه ٿيو ۽ شڪارپور کي افغانن جي تسلط کان هميشه لاءِ آزاد ڪرائڻ لاءِ لاڙڪاڻي کان روانو ٿيو۔ نواب صاحب کي بخوبي معلوم هو ته عبدالمنصور خان ۾ مقابلي جي طاقت ڪانهي، انهيءَ ڪري سپاهه ۽ پنهنجا خاص ماڻهو، جن ۾ ’دلاور خدمتگار‘ چونڊ هو، ساڻ ڪري اچي ’شاهي باغ‘ ۾ لٿو، ۽ جمعي خان بارڪزئي سردار کي گهرائي عبدالمنصور خان ڏي چوائي موڪليائين ته جي خير سمجهي ته شهر خالي ڪري ڪابل ڏانهن روانو ٿئي۔ انهيءَ ڌمڪيءَ سان گڏ ’خدمتگار دلاور‘ کي گهوڙيسوارن جي دستي سان شهر ۾ موڪليائين ته سنڌ جي حڪومت طرفان قبضي جو اعلان ڪري ۽ ڪوتوالي توڙي دروازن جي چوڪين تي پنهنجا ماڻهو مقرر ڪري۔ ٻئي ڏينهن نواب صاحب پنهنجن سپاهين جي هڪ خاص دستي کي پوري وردي ۽ سروپاءُ سان سينگاري هٿيار بند ڪري موڪليو ته وڃي شهر ۾ گشت ڪن، ۽ ماڻهن کي همٿائين ۽ اطمينان ڏيارين ته افغانن جو تسلط ختم ٿي چڪو۔ خدمتگارن

پوري رعب تاب سان گشت ڪيو ۽ تاريخ ”تازه نواي معارڪ“ جي مؤلف منشي عطامحمد جي لکڻ موجب اکين جا اشارا ڏيندي علي الاعلان پئي چيائون ته:

واه شڪارپورا! واه شڪارپورا!
پلا پلا مار مارينداسون ڙي!
رئيسن جي سرن جي سلامتي هجي!

محض انهي رعب تاب جي حڪمت عملي سان، عبدالمنصور خان جا حوصلا پست ٿي پيا ۽ ٽئي ڏينهن ٽپڙ ٻڌائين. پاڻ هلي اچي نواب کي شاهي باغ ۾ مليو. نواب صاحب کيس مروت سان پيش آيو پر فوري شهر ڇڏڻ لاءِ تاڪيد ڪيائينس، جنهن تي نواب صاحب کان ڳڙهي ياسين وڃڻ لاءِ اجازت ورتائين ته اتي رهي سامان سڙو سنڀاري ڪابل روانو ٿئي. کيس اها اجازت ملي. ڳڙهي ياسين ۾ سندس مڏي مس تيار ٿي ته نواب صاحب طرفان سنڌ ڇڏڻ جو حڪم نامو پهتس ۽ لاچار ٿي روانو ٿيو: بقول منشي عطامحمد: ”شڪارپور جا سالن جا سال خراسان (ڪابل) جي حڪمرانن جي ياردلخواه رهي هئي، انهيءَ معشوق جي جدائي ۾ هو ڳوڙها ڳاڙيندو، سينو پٽيندو، ڪپڙا ڦاڙيندو، افسوس ڪندو پئي ويو.“

۱۹. شڪارپور کي سنڌ جي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ ۽ اتي امن امان قائم ڪرڻ سان شڪارپور ڏيهي توڙي پرڏيهي واپار جو مرڪز بڻيو. شاه شجاع جي دؤر جا ستايل هندو واپاري هينئر اطمينان سان واپار کي لڳا. نواب ولي محمد خان بنا جنگ و جدل جي جنهن حڪمت عملي سان افغانن کي خارج ڪيو سا سندس نمايان ڪاميابي هئي ۽ انهيءَ خدمت بعد مير ڪرمعلي خان ۽ مراد علي خان وٽ سندس ويتر وڌي عزت ٿي. نواب صاحب جي عمر هن وقت ستر سال کن هئي،

۽ وفاداري توڙي بزرگي جي لحاظ سان مير صاحبن پڻ سيٺي کان سندس وڏو احترام ٿي ڪيو.

۲۰. نواب صاحب هينئر پنهنجو سڄو توجهه انگريزن جي سياست طرف ڪيو، ڇاڪاڻ ته سکن سان انگريزن جا تعلقات قائم ٿي چڪا هئا، ۽ شاهه شجاع الملڪ سان پڻ انگريزن پنهنجي لڌيانه واري سفير ذريعي تعلق پيدا ڪيو هو. بهرحال پنجاب توڙي افغانستان جي سياسي معاملات سان انگريزن جي ايتري ته دلچسپي هئي، جو ان جو اثر سنڌ تي پوڻ لازمي هو. انگريز هندستان جو وڏو حصو هٿ ڪري چڪا هئا ۽ سنڌ کان ڏکڻ بمبئي جو علائقو سندن قبضي ۾ هو ۽ اتر طرف هنن وڌي اچي ڪڇ رياست ۾ پنهنجو دخل ڄمايو هو. نواب ولي محمد خان کي انگريزن جي ارادن جي پوري ڄاڻ هئي، جو سڀ کان اڳ ڪابل جي امير محمود شاهه کي آگاهه ڪيو هئائين ته انگريزن جي نيت ميرن ڏانهن به صاف ڪانهي:

”آن فرنگي که فتنها دارد،
با شهان نيز ڪينها دارد(۱)".

مگر هڪ دورانديش مدبر جي حيثيت ۾ نواب موصوف انگريزن جي وڏي ۽ وڌندڙ طاقت جو اندازو لڳائي، انگريزن سان مفاهمت ۽ دوستي جي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ مناسب سمجهيو ۽ ان ڏس ۾ عملي قدم کڻڻ لاءِ اميرن کي پڻ آماده ڪيائين.

ان وقت اتفاق سان مير مراد علي خان بيمار ٿي پيو ۽ صلاح بيٺي ته انگريز ڊاڪٽر گهرائجي. نواب ولي محمد خان ان راءِ جي پوري پٺڀرائي ڪئي، جنهن موجب بمبئي جي

---

(۱) نواب موصوف جي تصنيف ڪيل 'ساقي نامه' جي مقدمه جو شعر

گورنر لارڊ ايلفنسٽن ڏانهن ڊاڪٽر موڪلڻ لاءِ دوستاڻو خط لکيو ويو، ۽ اتان ڊاڪٽر جيمس برنس ١٠-نومبر ١٨٢٧ع (١٢٤٣ھ) تي حيدرآباد پهتو. نواب ولي محمد خان سندس آجيان ۽ مهمانداري لاءِ مقرر ٿيو. نواب صاحب جي مشوري سان ڊاڪٽر برنس کي ميرصاحبن وڏي عزت ڏني، ۽ نواب صاحب پاڻ پنهنجي سر ڊاڪٽر برنس جي ذاتي طور آدرڀاءَ ڪئي، ۽ کيس ايترو ته گرويده بنائي ڇڏيائين جو واپسي تي ڊاڪٽر برنس ميرصاحبن، سندن حڪومت ۽ دربار لاءِ نهايت چڱن خيالن جو وچي اظهار ڪيو، جنهنڪري ميرصاحبن ۽ انگريزن جي وچ ۾ دوستي قائم رهي.

ڊاڪٽر جيمس برنس جي آجيان لاءِ نواب ولي محمد خان حيدرآباد کان هڪ منزل اڳتي اچي کيس مليو هو. اڪثر ٻيا مکيه درباري پڻ ساڻس گڏ هئا. نواب صاحب پالڪي ۾ سوار هو، جنهن کي اٺن حمالين پئي کنيو. ڊاڪٽر برنس جي آمد وقت نواب صاحب جي عمر ٧٨ سال هئي. ان وقت نواب صاحب جي شخصيت، حيثيت ۽ لياقت بابت ڊاڪٽر برنس جا اکين ڏٺا حالات ۽ تاثرات ڪافي اهميت رکن ٿا ۽ انهيءَ ڪري هيٺ انهن جو اختصار ڏجي ٿو:

> ڏسڻ ۾ معزز ۽ باوقار، عمررسيده، عزتمند، ۽ اميري شان وارو، جنهن سان گڏ سندس شخصيت ۾ بلڪل فطري بلندي ۽ رحمدلي سمايل آهي(١).
> امير خود کيس 'سنڌ جو وزيراعظم' تسليم ڪن ٿا، ۽ عزت ۽ عظمت ۾ خاص ٽالپور اميرن کان پوءِ ٻئي نمبر ليکين ٿا. اميرن جي نظام حڪومت ۾ سندس ذات هڪ خصوصي حيثيت رکي ٿي. هو پاڻ لغاري قبيلن جو اڳواڻ آهي، جن جي همت ۽ حمايت سان

---

(١) ڊاڪٽر جيمس برنس: 'سنڌ جي دربار ڏسڻ جو بيان' ايڊنبرو، ١٨٣١ع، ص ٤٢.

> ٽالپور اميرن سنڌ فتح ڪئي. ازانسواءِ ذاتي طور هو اميرن جو نهايت وفادار ۽ لائق آفيسر ٿي رهيو آهي. نه فقط اميرن جو منجهس ڪُلي اعتبار آهي، مگر عجب اهو ته ان سان گڏ عوام کي به سندس واسطي عزت ۽ احترام آهي. هو داخلي معاملن ۾ اميرن جو خاص مشير آهي... (١).
>
> ولي محمد خان هن وقت يقيني طور ستر (حقيقت ۾ اٺهتر) ورهين جو هوندو، ۽ خدشو اهو آهي ته سندس وفات نه فقط اميرن کي سندن لائق ترين خادم کان محروم ڪندي، مگر سنڌ جي عوام کي پڻ سندن مخلص ترين محافظ کان جدا ڪندي.
>
> نواب صاحب فارسي جو اعليٰ شاعر آهي، ۽ ان سان گڏ طب تي گهڻو ڪجهه لکيو اٿس، جنهنڪري کيس ”سنڌ جو حڪيم“ تسليم ڪيو وڃي ٿو. ان سلسلي ۾ سندس هڪ ننڍو رسالو ”معالج الامراض“ قابل ذڪر آهي، جو هن مير مراد علي خان جي نالي سان تاليف ڪيو آهي (٢).

نواب ولي محمد خان جي صحت تمام سٺي هئي، انهيءَ ڪري باوجود پيريءَ جي هو جسماني توڙي ذهني طور جوان هو. ١٢٤٣ھ/١٨٢٧ھ ۾ سندس عمر اٺهتر ورهيه هئي، مگر ڊاڪٽر جيمس برنس کيس ستر ورهين جو سمجهيو. ٻئي سال. جمادي الثاني ١٢٤٤ھ/١٨٢٨ع ۾ مير ڪرمعلي خان وفات ڪئي ۽ ڪانئس پوءِ وڏو مکيه امير مير مراد علي خان ٿيو، جنهن جو نواب ولي محمد خان سان ساڳيو قرب قائم رهيو. باوجود وڏي عمر جي نواب صاحب 'وزير اعظم' جي

---

(١) ايضاً، ص ص ١٠٦-١٠٧

(٢) ايضاً، ص ص ١٠٧-٨٠١

حيثيت ۾ حيدرآباد ۾ صلاح مشوري جا فرائض به انجام ڏيندو رهيو ته لاڙڪاڻي ـ داد و پرڳڻي جي انتظام کي به سنڀاليندو رهيو.

وفات. مير ڪرمعلي خان جي وفات کان ٽي سال ڪن پوءِ نواب صاحب لاڙڪاڻي ۾ هو، جو اتي ذي قعده ۱۲۴۷ھ/ ۱۸۳۲ع ۾ وفات ڪيائين، ۽ في الحال سندس نعش کي پڻ امانت طور اتي ئي سندس باغ ۾ دفنايو ويو، ۽ مٿان 'تجر' ٺهرائي وئي. اهو باغ پوءِ 'تجر باغ' جي نالي سان مشهور ٿيو. لاڙڪاڻي ۾ سندس نالي سان ڪوٽ، ڪوھ، باغ، عدالتگاھ، لشڪرگاھ ۽ ٻيون جايون زمينون انگريزن جي اوائلي دؤر تائين موجود ۽ محفوظ هيون. سندس عارضي خوابگاھ ۽ متصل ايراضي ٽي سؤ ڪن ايڪڙ هئي، جنهن ۾ هن وقت سيئو بازار، ڍڪ بازار ۽ لوهار بازار شامل آهن. نواب صاحب جو ڪوھ، ڪوٽ، مير باغ ۽ ميرن جو ديرو سنه ۱۹۳۰ع تائين موجود هئا. افسوس جو نواب صاحب جي آثارن کي تاريخي يادگار طور محفوظ نه ڪيو ويو ۽ ڪن هلنديءَ وارن هندن آسپاس واري زمين تي قبضو ڪري، اهي آثار ختم ڪري ڇڏيا (۱).

---

(۱) نواب صاحب جي اولاد مان نواب خداداد خان مرحوم پهريون ۽ واحد شخص هو، جنهن ۱۹۲۹ع ۾ انهن آثارن جي حفاظت لاءِ تحرڪ هلايو. سندس ڪتابن ۾، نواب صاحب جي اولاد جي نالي سندس هڪ گذارش 'اشتهار' جي صورت ۾ اسان جي نظر مان گذري. اهو اشتهار ۱۲- آگسٽ ۱۹۲۹ع جو لکيل آهي، جو پوءِ اخبار عالمگير مؤرخ ۱۷- آگسٽ ۱۹۲۹ع ۾ ڇپيو. ان ۾ ڄاڻايل آهي ته نواب صاحب جي آثارن واري ايراضي تي واڻين چوڌاري قبضو ڪيو، ۽ (غالباً نواب خداداد خان جي تحرڪ تي) آخر ڪليڪٽر حامد علي ۱۷- آگسٽ ۱۹۲۹ع تي گلاب سنگهه کي منع نامو ڏنو ته 'لوهر بازار' جي آمهون سامهون نواب مرحوم جي ڪنهن آثار واري جاءِ کي نه ڊهرائي. ۱۰- آڪٽوبر ۱۹۲۹ع تي نواب خداداد خان انهن آثارن جي حفاظت ۽ مرمت پنهنجي طرفان ڪرائي، جنهن تي پنج سؤ روپيا خرچ ٿيا.

سندس فرزند نواب احمد خان پوءِ پنهنجي نوابي واري دؤر ۾، سندس نعش لاڙڪاڻي مان ڪڍائي مير صاحبن جي رضا موجب اچي حيدرآباد ۾ دفنايو ۽ مٿان قبو ٺهرايو. اهو قبو ميان سرفراز جي قبي کان ڪجهه فاصلي تي اتر طرف موجود آهي، جنهن جي چوڌاري اڳ ڪافي زمين وقف هئي. اندر هڪ قبر نواب صاحب جي آهي، جنهن تي پيراندي کان هيٺيان الفاظ ڪَنند ٿيل آهن:

”وفات يافت نواب مرحوم
ولي محمد خان لغاري
تاريخ ماه ذي قعده روز شنبه ۱۲۴۷ھ“

ڪنهن وقت هن مقبره جي چوڌاري پررونق باغيچو هو ۽ زمين وقف بر اولاد هئي. پر وچ ۾ ڪجهه وقت سنڌ جي هن اعليٰ شخصيت ۽ محب وطن جو مقبره خسته حالي ۾ هو. جنهن جي مرامت سندس اولاد نئين سر ڪرائي آهي.

فارسي زبان جو شاعر. نواب ولي محمد خان فارسي زبان جو قادرالڪلام شاعر هو. سندس تخلص ’ولي‘ هو. سندس چيل شعر جي ذخيري مان هڪ ديوان، ٻه ساقي ناما ۽ هڪ ’هير نامو‘ موجود آهن، جن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته نواب صاحب کي فارسي زبان ۽ ان جي اصطلاحن تي عبور هو. اهل زبان وانگر شعر چيو اٿس. سندس ڪلام عروض جي غلطين کان آجو آهي (۱).

(الف) ديوان ولي: ديوان ولي ۾ ڪم از ڪم ۲۴۳ نظم شامل آهن، جن مان اڪثر غزل آهن ۽ هڪ-ٻه منقبتون ۽ ترجيع بند آهن. ديوان ’ولي‘ سنه ۱۲۲۲ھ (۱۸۰۷ع) ۾ مرتب ٿيو:

---

(۱) غور سان مطالعو ڪندي انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو، باقي ڪتابت جون ڪوتاهيون ڪاتبن جي ذمي آهن.

مصرع تاريخ ’ديوان ولي‘
گفت هاتف ”جا بجا بادا چراغ“

ان وقت نواب ولي محمد خان جي عمر ٥٧ سال کن هئي. ڀانئجي ٿو ته نواب صاحب جي جواني وارو وقت عملي زندگي جي آزمائش ۾ صرف ٿيو ۽ شعر دير سان چيائين. ديوان جي شروعات هن غزل سان ٿئي ٿي:

الٰهي جوهر آرا ساز شمشير زبانم را
چو خورشيد درخشان کن در نظم بيانم را

ديوان جو آخري غزل هيءَ آهي:

اي نازنين دلربا راحت روان کيستي
بردي زمن آرام را آرام جان کيستي

”ولي“ پنهنجا ڪافي غزل ”حافظ“ جي رديف ۽ ڪافين ۾ چيا آهن. مجموعي طور سان سندس ڪلام تي روايتي رنگ غالب آهي، مگر ان هوندي به، ديوان ۾ جابجا چيدا اشعار ملن ٿا:

تار ستار نيست که بازش کني درست
اين تار دوستي ست که بسيار نازکست.

—

ساقي شکن اياغ بلورين که سنگ سخت
گل را فگن به گل که لب يار نازکست.

—

خاک گشتيم بکوی تو سرفراز شديم
خاک درديده که او خاک کف پاي تو نيست.

—

سامان اگر چه در سفرِ عشق مشکل است
ما را غم تو شام و سحر زادراه شد.

آهوئ چشم ترا صيدِ نظر خواهم کرد
دامِ تسخير ترا آهِ سحر خواهم کرد.

-

عقد پروين بسر چرخ چو تابان ديدم
رشتهٔ گوهر دندانِ تو يادم آمد
دوش صياد بيفگند غزالي بخدنگ
ناوک غمزهٔ مژگان تو يادم آمد.

مخدوم ابراهيم خليل ٺٽوي پنهنجي ”تذکره تکملة مقالات‌الشعراء“ ۾ سندس ذکر ڪيو آهي (۱) ۽ ڪيس ”امارت پائگاه حشمت دستگاه، امير ڪبير سرڪار ٽالپران، وزير رفيع دولت آشيان، ڪامگار مدار آفتاب امارت، ماهتاب وزارت، صاحب شوڪت و شان“ جي خطابن سان ياد ڪيو آهي. سندس تصنيف مان فارسي ديوان ۽ ”خردنامه“ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ پڻ سندس فارسي اشعار جو انتخاب ڏنو آهي، جن مان هڪ هي غزل آهي:

آهوئ چشم ترا شير ژيان مي دانند
نوک مژگان ترا، تير کمان مي دانند
از خمار مئي چشمِ تو همه باده‌کشان
ساغر چشم ترا، پيرمغان مي دانند
نخل بندانِ رياضِ تو چو قمري بچمن
قد رعناى ترا، سروِ چمنان مي دانند
موشگافان خرد پيشهٔ پرکار تميز
کمرِ چستِ ترا، موئ ميان مي دانند
آهوان ختن و طره کشايانِ خطا
زلفِ مشکين ترا، دام جهان مي دانند

---

(۱) مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ، ص ص ٦٢٢-٦٢٤، نمبر (٧٨-ولي)

من چرا از نظر شوخِ تو شوري فگنم
نرگس مست ترا، باده کشان مي دانند

طوطیء پسته دهانِ تو خموشي دارد
غمزه و ناز ترا، نطق زبان مي دانند

خوبرويانِ خطا و ختن و چين و چگل
لب ياقوت ترا، قوت روان مي دانند

رازِ طبع تو، نهان چند بماند ز ”ولي“
زانکه فکرِ تو خردمند عيان مي دانند.

(ب) ساقي ناما. ديوان جي هڪ آڳاٽي ۽ معتبر نسخي جي پويان ’ولي‘ جا ٻہ مختصر ’ساقي ناما‘ ضم ڪيل آهن. پهريون ديوان جي آخري غزل بعد هن طرح شروع ٿئي ٿو:

”مغني بيا چنگ را ساز کن
چو بلبل زبان را خوش آواز کن.“

هن ۾ مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي مختصر مدح بعد، مير غلام علي خان جي تعريف ۾ مدحيہ اشعار تفصيل سان ڇپيل آهن:

گرفتی ز گردن کشان باج را
ببردي ز عباسيان تاج را
ز چنگ تو ترسنده شيرِ ژيان
ز رزم تو لرزنده پيل دمان
هماي فلک صيد دامِ تو شد
نگين سلاطين بنام تو شد
ترا نام کردند افلاکيان
غلام علي بادشاهِ جهان — الخ.

هن ”ساقي نامه“ جي آخر ۾ ”ديوان جي تاريخ“ جو قطعو ڏنل آهي:



بسم الله الرحمن الرحيم

الهي جوهرآرا ساز شمشير زبانم را
چو خورشيد درخشان بکن در نظم بيانم را

بتوصيف تو ميخواهم که نظم از دل برون آرم
بوصفت آشنا گردان دل و جان و زبانم را

ترنگ جذبهٔ عشقت بجولان ميکشند ما را
بکش بر منزل وحدت بدست خود عنانم را

ز دريا ابر احسانت بگيتي عام مي بارد
بآب زندگي پرور نهال بوستانم را

ز دست ناتوانيها بدل نشتر همي دارم
بفضل خود توانا کن مزاج ناتوانم را

ز نيروت راه ميجويم براوج قصر معنايت
رسائي ده بسر ايوان بستون نردبانم را

دل از تاريکي عصيان نمي بيند شهود آخر
بنور خود منور کن چراغ جسم و جانم را

خدايا از ره احسان دعاي من پذيرا کن
به تخت سلطنت سازي مسلم مرزبانم را

ولي عقد در نظمت دو گوش سمع مي خواهد

ديوان ولي (شروع وارو ورق)
تصنيف وزير اعظم نواب ولي محمد خان لغاري



از هلاکند عاشقان به پناه   لایموتون اولیاء الله ۱۱۹
عاشقان از خدا نیند جدا   نیست از عاشقان جدائی خدا
شکر حق را که ذکر را گنجینه ور   جلوه اندوز شد چو ماه منیر
آن ظفرنامه بر سر این نامه   بسته کردم چو پیچ عمامه
من بارشاد خسروان سریر   نظم کردیم سخن بفکر ضمیر
گلشن نظم خوب چمن کردم   در یکی باغ صد چمن کردم
گر پذیرا شود زهی اکرام   ورنه بر شاه نیست مزد غلام

ای ولی هست چون خدای کریم
بکنند بر تو لطفهای عظیم

[illegible] خان محمد [illegible] ۱۲ [illegible]

دیوان ولي (آخري ورق)
تصنیف وزیر اعظم نواب ولي محمد خان الغاري



رب یسر بسم الله الرحمن الرحیم وتمم بالخیر

این موعظت نامه ایست که در آن نتایج ارجمند تحریر یافته اگر خرد آموز بحسن ادراک

بمطالعه خرد نامه اشتغال خواهد گرفت که هر آینه بر روزگار منعقد و این مراد ش

تواند گشت چون گردشات دور گردون گوناگون رو بکار میگیرد اگر مشورت در آن

رخنه میشود ازین جهت این خرد نامه تصنیف جدید از برای طالبان این مطلب حضر

بر تقصیر قاصر فهم بنده ولی محمد لغاری در سال یکهزار و دو صد و بیست و شش سال هجری

مرتب ساخته شد که باید کار روزگار در هر هفته دو بار باشد [illegible] خرد جهت

که اصل سخن چند اصل هر سخن عاقبت اندیشی است که آنرا خردمندان روزگار استقبال

گویند در استقبال یعنی هر روز [illegible] پس باید که آنرا بقیاس درست

موعظت نامه

تصنيف وزير اعظم نواب ولي محمد خان لغاري



سبب جزای اعمال رسانند که خلل انداز کارهای مملکت باشد اگر یک آدم

احمق چنین مردم [illegible] فضایل برهم میدید گشتن اینچنین احمق عین عدالت است

موعظت آسایش در کارهای روزگار قبل از وقوع واقعه باید که آب از سر نگذرد

موعظت شاه را باید که نظر بر مدعای انتظام مملکت خود دارد نه آنکه بجهت

انتظام کارهای دیگران ناموس مملکت خود برباد دهد و نقصان مال دولت

خود کند موعظت

بیت

موعظت نامہ (آخري ورق)

تصنيف وزير اعظم نواب ولي محمد خان لغاري



علي آباد عرف رني كوٽ



علي آباد عرف رلي ڪوٽ جي مٿاهين ديوار

Scanned by CamScanner



مقبره وزير اعظم نواب ولي محمد خان



نواب احمد خان بن وزیر اعظم نواب ولي محمد خان

Scanned by CamScanner

گل ز حسنت چاک دل دارد بباغ
لاله را از رشک روئ تست داغ
از مئ گلگون ز دستِ ساقیان
اي نگارِ نازنین برکش اياغ
نافۂ مشکین ز عشقِ کاکلت
پخت سودائ ترا اندر دماغ
من چسانِ وصف تو در نظمْ آورم
دل نمي دارد ز عشق تو فراغ
مصرعِ تاريخِ ديوانِ "ولي"
گفت هاتف "جابجا بادا چراغ"

۱۲۲۲

هن مان ظاهر آهي ته هي "ساقي نامو-اول' ديوان جي جز طور، پنهنجن ٽن اميرن جي مدح خاطر منظوم ڪيائين.

"ساقي نامه اول" کان پوءِ "ساقي نامه قدماء که تتبع آن در ذيل درست گشت" جي عنوان سان چوويهہ شعر چيل آهن، پهريون شعر هيءُ آهي:

بيا ساقي آن تلخ شيرين گوار
که شيرين کند تلخيِ روزگار

آخري شعر:

خروس سحر چون بر آرد خروش
چرا بلبل مست گردد خموش

ان بعد "ساقي نامو-ثاني" هن عنوان سان شروع ٿئي ٿو: "چند ابيات ساقي نامه ثاني بر طبق فرمائش سرکار صورت تصنيف يافت". ان جا شروع وارا بيت هن طرح آهن:

بيا ساقي، آن آب آتش نظير
که در خم نهفته ز دهقانِ پير

Scanned by CamScanner

بمن ده که اين شيشهٔ هفت رنگ
مبادا زند شيشهٔ من بسنگ

هن ۾ هڪ شعر نواب صاحب جي پنهنجي مسلڪ جي ترجماني ڪري ٿو ته:

هنرمند را اندرين روزگار
نشايد که خود را کند بي وقار

آخري شعر آهي ته:

’ولي‘ نظمِ تو گوئي برد از گُهر
صدف را مکن زين گُهرها خبر

هيءُ ٻيو ساقي نامو غالباً پهرين ساقي نامي کان پوءِ، يعني سنه ١٢٢٢هه ۾ ديوان جي تڪميل بعد، سگهوئي منظوم ٿيو.

(ج) هير نامه: هير-رانجهي جي قصي بابت نواب صاحب هيءَ مثنوي مير مراد علي خان جي ايماء تي تصنيف ڪئي:

کرد فرمان شه مراد علي بارشاد صحيح و حکم جلي

هن کان اڳ نواب احمد يار خان ”يڪتا“ لاهوري (١١١٨-١١٤٧هه)، مير عظيم الدين ٺٽوي (١٢٢٤هه)، منشي صاحب راءِ آزاد (١٢١٦-١٢٢٦هه) ۽ ٻين هير-رانجهي جي قصي تي مثنويون لکيون هيون. نواب صاحب مثنوي شروع ڪندي تمنا ڪئي ته جيئن پنهنجن پيشروئن کان وڪ وڌائي رکي:

گوء بر اي ”ولي“ بفهم عظيم
هم ز ”آزاد“ و ”احمد“ وز ”عظيم“

نواب صاحب هيءُ قصو ”هير نامه“ جي نالي سان لکيو، جيئن ته مهاڳ ۾ ڄاڻايل آهي ته:

اندرين ’هيرنامه‘ خواهم گفت
در توصيف نيک خواهم سفت.

مثنوي جي شروعات ۾ پنهنجن مربي حڪمرانن جي مدح ڪئي اٿس، ۽ ان سلسلي ۾ محمود شاهه افغان جي سنڌ تي چڙهائي ۽ نااميدي ۽ نامرادي سان سنڌس واپسي جو ذڪر ڪيو اٿس. قرائن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو واقعو ١٢٢٩-١٢٣١ھ واري عرصي ۾ رونما ٿيو. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته نواب صاحب هيءَ مثنوي انهيءَ واقعي بعد تصنيف ڪئي. اسان هڪ آڳاٽي قلمي نسخي جي آخر ۾ هيءَ عبارت نسخي جي ڪاتب خان محمد خان گوجر هٿ اکرين لکيل ڏٺي، جنهن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته هيءَ مثنوي يقيني طور سنه ١٢٣٧ھ کان اڳ لکي وئي آهي. لکيل عبارت هن طرح آهي:

"بشاه نور محمد بشاه مير شهداد
حيات خضر عطاساز تخت ذی القرنين
نوشته غلام خان محمد گوجر سنه ١٢٣٧ھ"

بحيثيت نثر نويس

نواب ولي محمد خان کي فارسي زبان تي عبور هو ۽ نظم توڙي نثر ۾ هو پنهنجي دور ۾ يڪتا هو. هڪ فارسي بياض، جو روهڙي ۾ سنه ١٢٧٧ھ ڌاري لکيو ويو، نظر مان گذريو جنهن جو ڪجھ حصو انشاپردازي تي مشتمل هو. انهيءَ سلسلي ۾ ڪاتب جيڪي سرڪاري لکپڙھ بابت سرناما، حڪمناما، عرضداشتون وغيره نموني طور نقل ڪيون هيون تن ۾ "مسوده نواب غفران پناه سيادت مآب مير ابوالقاسم نمڪين" ۽ "عرضداشت ولي محمد لغاري" پڻ ڏنل هئا. شڪسته خط ۽ جهُريل پني سببان 'عرضداشت' جي عبارت البت مشڪل پڙهڻ ۾ ٿي آئي، پر جيئن سمجھ ۾ آئي تيئن هيٺ ڏجي ٿي انهيءَ لاءِ ته ٽالپوري عهد ۾ سرڪاري

خط و ڪتابت جي اسلوب بيان ۾ نواب صاحب جي اوائلي فارسي نثر جي نموني طور يادگار رهي:

”آداب تسليمات بندگي و قواعد ڪورنشات سرفگندگي ڪه بهزاران عجز و نياز بجا آورده ذرّه وار بموقف عرض شرف اندوزان حضور فيض گنجور بندگان مير صاحب والاشان سڪندر شوڪت بلند مڪان دام اجلاله مي رساند۔

پروانه سعادت نشان ڪه از لطف و ڪرم بنده نوازي مشرف صدور يافته بود در بهرين زمانه چهره وصف خجالت شمول افروخته سرعزت و افتخار اين خاڪسار باوج فلڪ زرنگار رسانيد۔ در خصوص حصول صحت و شفائ احقر از عارضه درد شڪم و روانه نمودن فضيلت و فضايل پناه شريعت و شرافت دستگاه ڪمالات انتباه جامع العلوم قاضي محمد عمر بحضور پرنور ارشاد صادر شده بوده۔ خداوند ڪريم و نعمت سلامت در اين وقت بفضل مفضل حقيقي در عارضۀ درد شڪم تخفيف بسيار بالڪليه حاصل است۔ انشاءالله تعالى آينده تفصيلات شافي‌هاي شامل حال فدوي خواهد شد۔ فضيلت و ڪمالات پناه مشاراليه روانهٔ حضور پرنور ...... ڪه در حضور بشرف خواهد شد۔ غلام شمار توجهات و عنايات عاليات حضور انور بڪدام زبان بيان نمايد ڪه از اندازهٔ احصار برتر است۔ ايزد تعالى باين همه مراتب بنده نوازي‌هائ ذاتي ستوده صفات حضور انور فراوان .... دير بقا و سلامت دارد۔ اميدوار است ڪه هموار بزمره خير انديشان باصفا محتوي بوده بصدور ارشادات ڪار و خذمات لايقه سرفراز گرديده باشد۔ زياده حد ادب“

سنڌس هيءَ مراسلو سرڪاري خط و ڪتابت جي رائج دستور مطابق ۽ آڳاٽو لکيل آهي. فارسي نثر ۾ سنڌس خصوصي تصنيف ”خرد نامه“ يا ”موعظت نامه“ آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو. ان کان سواءِ سنڌس تصنيف ڪيل ”طب“ پڻ نثر ۾ آهي.

طب جو ماهر.

ڊاڪٽر جيمس بَرْنْس سنه ١٨٢٧ع ۾ حيدرآباد ۾ آيو ۽ نواب صاحب سان سنڌس گهَري واقفيت ٿي. لکي ٿو ته: ”ولي محمد خان نه فقط فارسي جو اعلیٰ شاعر آهي، مگر طب تي پڻ هن ڪيئي وڏا جُز تصنيف ڪيا آهن، جن جو مدار جيتوڻيڪ قدماءَ جي راين ۽ نظرين تي آهي، پر جيئن ته اهي طبعزاد سمجهيا وڃن ٿا انهيءَ ڪري کيس سنڌ جو لقمان حڪيم ”(Sage in Sinde)“ ڪري سڏيو وڃي ٿو. هن سلسلي ۾ سنڌس تصنيفات مان آءٌ هڪ ڪتابڙي ”مرضن جا علاج“ جو خاص طور تي ذڪر ڪرڻ گهران ٿو، جو هن مير مراد علي جي نالي سان لکيو آهي...“(١). اڳتي هلي نواب ولي محمد خان ۽ آغا اسماعيل شاهه جي ڀيٽ ڪندي لکي ٿو ته: ٻئي علم ۽ فضل، خصوصاً طب ۾ هڪٻئي جا مدمقابل آهن (٢).

آغا اسماعيل شاهه سرڪاري طور ميرن جو طبيب هو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ کيس ٻارهن سؤ رپيا مهينو ملندو هو، جيتوڻيڪ ڊاڪٽر برنس جي راءِ موجب مير صاحب سنڌس طبي نسخن کي خير ڪا اهميت ڏيندا هئا. نواب ولي محمد خان پنهنجن ٻين متعدد مشغلن جي باوجود طب ۾ به آغا اسماعيل شاهه جو همسر هجي، ۽ خصوصاً عوام ۾ ”سنڌ جو لقمان“ ڪري تسليم ڪيو وڃي، ان حقيقت تي شاهد آهي ته بيشڪ

---

(١) ڊاڪٽر جيمس برنس: سنڌ جي دربار، ص ص ١٠٧-١٠٨.

(٢) ايضاً ص ١٠٩.

نواب صاحب کي طب جي نظرين توڙي عملي علاجن تي وڏي دسترس هئي.

"نزهة الابدان" يا "طب ولي". طب بابت جن متعدد جزن جي تصنيف جو ذکر ڊاڪٽر برنس کيو آهي سي غالباً "نزهة الابدان" يا "طب ولي" جا جز هئا، ڇاڪاڻ تہ "طب ولي" چار سؤ قلمي ورقن يا اٺ سؤ صفحن (وڏي تختي) تي مشتمل هڪ ضخيم ڪتاب آهي. "نزهة الابدان" نواب صاحب ستيتاليهن ورهين جي ڄمار ۾ سنہ ١٢١٢ هه/١٧٩٧ع ۾ مرتب ڪيو. مقدمو هن طرح شروع ٿئي ٿو:

> حمد و سپاس حضرت کبرياي حکيمي بيچون که سرشت و طينت ابدان جميع انسان از تحت ثرائ ماء و طين و ظلمات نهان خانۀ نيستي بر آورده از روائح ذات احديت در وجود جان و تصاوير هستي دميده۔ و ستايش و نيايش مالک الملک اعنی بزم آراى مسند رسالت و سيلة الدارين سلطان سرير جلالت محمد مصطفی صلي الله عليه و آله وسلم بهر امکانِ تضرع و ضراعت بجا آورده از نهايت اجتهاد بشمرد۔ عقل دوربين و افهام خردگزين بخيال تصنيف و انتخاب نسخه طب "نزهة الابدان" که مسمی است به "طب ولي" و مقرون خاطر از کليات حکمت بتراکيب ادويات علی جهت نظام صحت مزاج بشريت آنچه از کتب معتبره از تشريح حکماء قدماء و بعضي نسخه جات متجربه محقق فائز گشتة طب منشرح مجدد در سال ١٢١٢ يکهزار دوصد و دوازده سال هجري مرقوم و مرتب ساخته۔ طالب اين امور بتوکل علي الله از روي فهم ادراک کامل اگر بدواي امراض ابدان انسان اشتغال خواهد گرفت هر آئينه بافضال ايزد متعال گوهر مدعاي منعقد دامن مرادش نوازنده شد۔

و بر راي طبيبان ارجمند و تجربه ڪاران طبع بلند سعي فراهمي مجربات اين مستند مستور و محتجب نخواهد ماند- و الله المستعان و عليه التڪلان."

'طب ولي' ۾ جملي چوٽيهه باب آهن ۽ هر باب 'فصلن' ۾ ورڇيل آهي. پهرئين باب جو عنوان آهي "باب اول در امراض زرس و آن مشتمل است بر ٢٨ فصل"، ۽ آخري "باب سى و چهارم در تدابير بعضي ادويه و آن مشتمل است بر پنج فصل".

اسان جي آڏو 'طب ولي' جو اهو نسخو آهي جو نوابن جي خاندان ۾ ورثي طور هلندو آيو آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي تصحيح ۽ ترميم ڪيل آهي، ۽ آخر ۾ ڪتابت جي تاريخ به ڏنل ڪانهي. انهيءَ ڪري ڀانئجي ٿو هيءُ نواب صاحب جو ذاتي نسخو آهي جنهن تي پاڻ نظر ڪيائين ۽ اهو وٽس ئي رهيو.

دوانديش مُدَبِر ۽ فيلسوف

جنگ جي ميدانن توڙي سياسي مسئلن ۽ انتظامي معاملن ۾ نواب ولي محمد خان هميشه دورانديشي، حسن تدبير ۽ حڪمت عملي کان ڪم ورتو، ۽ هميشه ڪامياب ٿيو. هو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو دورانديش منتظم ۽ مدبر هو. سندس عملي ڪاميابيون سندس صحيح سوچ ۽ فڪر جو نتيجو هيون. انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي وسيع تجربي تي پرکيل نظرين ۽ راين کي هڪ رسالي ۾ قلمبند ڪيائين، جنهن جو نالو اڳين دانائن ۽ مدبرن وانگر 'خرد نامو" يا 'موعظت نامو' رکيائين.

خرد نامه يا موعظت نامه. هيءُ رسالو نواب ولي محمد خان ايڪهٺ ورهين جي عمر ۾ سنه ١٢٢٦ھ ۾ لکيو، جنهن جو مقصد ڪتاب جي مقدمي جي بالڪل شروع ۾ هن طرح واضح ڪيو اٿس:

"این موعظت نامه ایست که در آن نصائح ارجمند
تحریر یافته۔ اگر خرد آموز بحسن ادراک بمطالعه
'خرد نامه' اشتغال خواهد گرفت گوهر تدابیر روزگار
منعقد دامن مرادش تواند گشت۔ چون گردشات دور
گردون گوناگون روبکار مي گیرد اگر مشورت
در آن رخنما مي شود ازین جهت این 'خرد نامه'
تصنیف جدید براۓ طالبان این مطلب، حقیر پر تقصیر
قاصر فهم بنده ولي محمد لغاري در سال یک هزار و
دوصد و بیست و شش هجري مرتب ساخت که یادگار
روزگار در شهر و دیار باشد۔"

مقدمي بعد هن رسالي ۾ 'موعظت' جي عنوان سان ٻاونجاهه (٥٢) مختلف موضوعن بابت حڪيمانه رايا ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن۔ 'خرد نامي' جي مطالعي مان نواب صاحب جي بلند فڪر ۽ وسيع نظر جو اندازو ٿئي ٿو۔ ذاتي اخلاق جي بلندي، عزيزن جي عزت، ولي نعمت سان وفاداري، حصول علم، طب ۽ حڪمت، گهوڙي سواري، مال جي سنڀال وغيره موضوعن تي نهايت مفيد ۽ مؤثر نڪات درج ڪيا اٿس، هڪ منتظم ۽ وزير جي حيثيت ۾ عدل ۽ انصاف، ماليات جي وصولي ۾ تدبر، ۽ حڪمراني جي حڪمت عملي کي واضح ڪيو اٿس، ۽ سماجي نقطه نظر کان برادري ۽ راڄداري جي اصولن کي بيان ڪيو اٿس۔ سندس قولن ۽ راين مان ڪي نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

- صحبت و مشورت و نشست و برخاست بااهل دانش و ستوده روزگار باید نمود۔
- بهرۀ روزي از کشت کار و تجارت و سائر اسباب انتفاع معیشت را از دست ندهد۔
- انسان را باید که بدل راستیها دارد۔ حرکت و سکنات براستي کند۔

- قرض از کسي نبايد گرفت۰۰۰۰۰۰اخراجات بموجب پيدايش بايد کرد.
- بايد که دل به بخل مائل ندارد- لباس احسن حسب مناسب فراخور رتبه خود بايد کرد.
- در عرض معروض بحضور خداوندان نعمت بيفائده بطوالت عرض نبايد پرداخت.
- کلفت انداختن درميان عمدگان باعث نقص اعزاز خود است.
- درحين حکومت و کامروائي، حرمت و عزت مردم آبرو طلب مدنظر بايد داشت.
- درکارهاي مامور ماليه به نفس ذات خود اگر اتفاق افتد بخدمات پردازد و۰۰۰۰۰۰۰۰تقرر متوسلان و عزيزان خود نکند.
- هنگام روبکار جواب و سوال سر رشته تحمل و بردباري خود را در تکلمات فاحش از دست ندهد.
- درحين شدائدات روزگار دل شديد بايد کرد و از مردانگي نبايد گذشت- هرچند سختي رو دهد دل را سخت ازان بايد داشت.
- انتظام ملک بلشکر بمال و خزانه است، سرانجامي خزانه از ملک و رعيت است، و آبادي رعيت بعدالت است.
- شاه را بايد که نظر بر مدعائ انتظام مملکت خود دارد نه آنکه بجهت انتظام کارهای ديگران ناموس مملکت خود برباد دهد.

نواب ولي محمد خان جا اهي قول ۽ رايا محض نظرياتي نہ هئا، مگر سندس ذاتي عمل ۽ تجربي جو عڪس هئا. ملڪي انتظام کي اڪبر بادشاه جي ”آئين“ واري نبج نموني تي هلائڻ جي ڪوشش ڪيائين. رعايا ۽ راڄن جي ڀلائي ۽ بهبودي تي ذاتي طور نگراني خاطر ڪاغذ ۽ قاصد نهايت ئي مؤثر ۽ منظم نموني ۾ استعمال ڪيائين. پرڳڻي جي هر

ڪنڊ ڪڙڇ مان روزانو ڪيس خبرچار پهچندي هئي. انهيءَ ڪري ڪنهن به سرڪاري ملازم کي مجال نه هئي جو عدل ۽ انصاف جو ليڪو لتاڙي انتظام ۾ رخنو وجهي. نواب صاحب جي زندگيءَ جي آخري دؤر تائين قاصدن جو نظام ايتريقدر ته وڏو ۽ وسيع ٿي چڪو هو جو ان تي هڪ ڪافي وڏي رقم خرچ پئي ٿي. مير مراد علي خان جي راءِ هئي ته قاصدن تي خرچ ٿيندڙ رقم ۾ تخفيف آڻجي(١) پر مير صاحب کي نواب صاحب قاصدن جي نظام جي اهميت کان آگاهه ڪيو، ۽ ان کي آخر دم تائين قائم رکيو.

ذهني قوت سان گڏ جسماني طاقت ۾ پڻ نواب صاحب پنهنجو مٽ پاڻ هو. هو هڪ وڏو طاقتور پهلوان هو. گهوڙي تي اڪثر رڪيب ۾ پير وجهڻ کان سواءِ ٻانهن جي زور سان ٽپ ڏيئي چڙهندو هو. ڪابل ۾ بادشاهه جي آڏو سنڌس پهلوانن ڪرتب پئي ڏيکاريا. بادشاهه پڇيو ته سنڌ ۾ اهڙا پهلوان آهن؟ انهيءَ تي سڀني ۾ جيڪو طاقتور پهلوان هو تنهن کي نواب صاحب سڏيو ۽ کيس چنبو ڏيئي قابو ڪيو. هن گهڻا زور لاتا پر چنبو ڇڏائي نه سگهيو. ڪراچي واري فيصلي وقت، قلات جي ايلچيءَ نواب صاحب کي ٻاڪر ۾ جهلي سخت زور ڏنو، جو هن مشڪل سان برداشت ڪيو. ان بعد نواب صاحب کيس آرهه ۾ آڻي ٻانهن سان اهڙو ته زور ڏنو جو سنڌس پاسري ضربجي پئي.

---

(١) "مرحوم نواب مذکور (ولي محمد خان لغاري) که براسپ کاغذي حکمراني ملک نمود، و از هرچهار طرف، از دوست و دشمن برفتن و آمدنِ قواصد خبرگيري مي نمود- عاليجاه مير مراد علي خان سبب اخراجات قاصدان... بيان مي فرمود که: نواب ولي محمد خان تمام ماليهٔ ملک چاندوکه در اخراجات قاصدان برباد مي دهد، ازين سودا چه بايد کرد" (تازه نواي معارک، ص ٢٧٣).

نواب صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ جملي ٻارهن شاديون ڪيون، پر ساڳئي وقت ڪيس چئن ديرن کان وڌيڪ نه هئا.

نواب صاحب خوشطبع، رنگينِ مزاج ۽ راڳ جو شوقين هو. خود پاڻ ستار نهايت سٺي وڄائيندو هو. ٻاهر جي ڪچهري وانگر اندر حويلي ۾ به سندس خاص محفل ٿيندي هئي. پنهنجي گهروارين تي نهايت مهربان هوندو هو. هرهڪ کان ڏک سک جو احوال اهڙي ته قرب سان پڇندو هو جو سڀ ڪا ائين سمجهندي هئي ته سهاڳڻ آءٌ آهيان. هڪ ڀيري ٻَچي نالي ٻانهيءَ چيس ته ”نواب صاحب! دل ٿي چوي ته اج نه آسهه.“ سندس مانُ رکيائين ۽ چيائين ته ’ٻچي جو حڪم آهي ته نه چڙهو.‘ اندر حويلي ۾ جا راڳ ۽ ڳيچن جي ڪلي محفل ٿيندي هئي، انهيءَ تي سندس وڏي فرزند احمد خان اعتراض ڪيو ۽ منهن رکيو، مگر نواب صاحب چيو ته اسان جي حويلي جو هيءُ دستور بند نه ٿيندو.

نواب ولي محمد خان جي دنيوي ڪاميابي جو مدار گهڻي قدر سندس ذاتي فضيلت، نيڪي ۽ دينداري تي هو. هو صوم صلواة جو سخت پابند هو. پنهنجي حياتي ۾ هڪ ڪروڙ صلواة جو ڪڍيائين. وقت جي عارفن، عالمن ۽ بزرگن لاءِ ڪيس وڏي عزت هئي. هڪ ڀيري، حيدرآباد قلعي مان مير صاحب جن جي دربار پوري ڪري ٽاڪ منجهند جو ٻاهر نڪري پنهنجي ديري ۽ اوطاقن (١) ڏانهن ٿي ويو ته هڪ ميرن ڪپڙن وارو درويش جو ڪٻڙن جي ڇانوُ هيٺ بيٺو هو تنهن سڏ ڪيس. نواب صاحب سواري ڇڏي پيدل وڃي ڪيس مليو. فقير دعا طور چيس ته: جتي ٻين جون تلوارون ڪم ڪنديون اتي تنهنجي زبان ڪم ڪندي. قلعي جي دروازي

---

(١) اهو اصل ’ٽنڊه ولي محمد خان‘ موجوده ڪليڪٽري جي اولهه ۽ ڏکڻ طرف هو. ’جمخاني‘ تائين سڄي اراضي ان ۾ شامل هئي.

اڳ ڪنهن درويش اچي تڪيو ڪيو هو، ۽ جڏهن به نواب صاحب قلعي ۾ اندر ويندو هو يا ٻاهر نڪرندو هو ته اهو درويش تعظيم خاطر اٿي بيهندو هو. ڪن معتقدن ان درويش کي چيو ته اوهان نواب صاحب جي ايڏي خوشامد ڇو ٿا ڪريو! فقير جواب ڏنو ته: ابا نواب صاحب سنڌ جو بسطامي آهي.

سندس مرشد جي باري ۾ ٻه روايتون آهن: اول ته جناب پير صاحب حضرت محمد راشد 'روضي ڌڻي' جو مريد هو، ٻيو ته سرهندي بزرگن نقشبندين جو مريد هو. پير صاحب جن واري روايت جي ڪن ٻين اهڃاڻن مان قدري وڌيڪ تصديق ٿئي ٿي: جناب پير صاحب محمد راشد صاحب جي وفات تي نواب ولي محمد خان 'ڪنگري' آيو ۽ ان بعد گاديءَ وارو اختلاف به نواب صاحب جي روبرو نبريو. نواب صاحب جي وفات تي سندس جنازي نماز حضرت پير صاحب پاڳاري صبغت الله جن پڙهائي. انهن تعلقات جي بناء تي خيرپور جي والي مير عليمراد خان، نواب ولي محمد خان جي فرزند نواب احمد خان کي چيو هو ته: مون کي مير صاحب (حيدرآباد وارا) ۽ پير صاحب (پير پاڳاره حزب الله شاهه) پرچائي ڏي. نواب ولي محمد خان جي پوٽي نواب فتح محمد خان جي جناب پير صاحب حزب الله شاهه سان انهن اڳين تعلقاتن جي بناء تي خاص ارادت ۽ عقيدت هئي.

مجموعي جائزو: حاصل مقصد ته نواب ولي محمد خان ٽالپورن اميرن جي دور ۾، سنڌ جي حڪومت جي دل ۽ دماغ جو جز هو. هو سنڌ جو وزيراعظم هو، بلڪ مير ڪرمعلي خان ۽ مير مراد علي خان جي نظر ۾ "وزير بينظير" هو. ولي محمد خان انهيءَ خطاب جو لائق هو. سمن جي حڪومت ۾ ڄام نظام الدين جي وزير دريا خان بعد سنڌ کي نواب ولي محمد خان جهڙو محب وطن ۽ لائق وزير نصيب ڪونه ٿيو هو. البت دريا خان، ڄام فيروز جهڙي بيقدر

حڪمران سبب پنهنجي مقصد جي ڪاميابي اڪيئن نه ڏسي سگهيو، مگر نواب ولي محمد خان پنهنجن قدردان حڪمرانن جو اعتماد حاصل ڪري سنڌ جي سياست ۽ طاقت کي اوج تي پهچايو.

وسيع نظر، روشن دماغ ۽ همه گير شخصيت سبباڻ نواب ولي محمد خان هردلعزيز، هرفن موليٰ ۽ هرهنڌ ڪامياب هو: هو جيترو حڪمرانن وٽ مقبول هو اوترو ئي سنڌ جي راڄن ۽ عوام کي محبوب هو؛ پنهنجن اميرن جو مٿس اعتبار هو ته بيروني حاڪمن وٽ به سندس وقار هو. ولي محمد خان ۽ ڪاميابي لازم ملزم جُز هئا: جن به تجويزن ۽ معاملن جو نظام ڪلي طور سندس هٿ ۾ هو انهن کي ڪلي طور ڪامياب بنايائين. سندس لياقت ۽ همه گير شخصيت کيس هرفن موليٰ بنايو: لڙائي جي ميدان ۾ هو هڪ بهادر شهسوار ۽ پيشقدمي ڪندڙ ڪمانڊر هو؛ سياسي معاملات ۾ سنڌ جو ڪامياب سفير هو؛ ۽ انتظامي صلاحيتن ۾ بينظير هو. لاڙڪاڻي جي گورنر جي حيثيت ۾ روينيو، زراعت وغيره نظام جي مثالي طور نئين سر تشڪيل ڪيائين. انجنيري فن ۾ آب پاشي خواه تعميري صيغن جو ماهر هو. طب ۽ معالجت ۾ پنهنجي وقت جي نامور طبيبن ۾ نامور هو. تصنيف ۽ شاعري ۾ کيس خصوصي مقام حاصل هو، ۽ هو پنهنجي وقت ۾ سنڌ جي فارسي شاعرن جي پهرين صف ۾ هو. مطلب ته سنڌ جي سرزمين جيڪي اعليٰ شخصيتون پيدا ڪيون آهن، ولي محمد خان تن منجهان هڪ هو: کيس سنڌ جي تاريخ جو هيرو ۽ روشن ستارو شمار ڪري سگهجي ٿو.

ٽالپور اميرن سان وفاداري، سنڌ جي عوام جي خيرخواهي، ۽ پنهنجي وطن جي عزت ۽ آبرو جي نگهداري نواب ولي محمد خان جي ڪوشش ۽ ڪارنامن لاءِ مکيه محرڪات هئا. هن پنهنجي همت ۽ مردانگي، دانائي ۽ دور انديشي، تدبر

۽ تحمّل سان جنهن به ڪم ۾ هٿ وڌو تنهن کي ڪامياب بنايو. فوجي جرنيل توڙي سياسي سربراه، ملڪي منتظم توڙي وزيراعظم، شاعر ۽ حڪيم توڙي دوست ۽ عزيز جي حيثيت ۾ نواب ولي محمد خان جو ڪردار ڪاميابي جو آئينو آهي.

آخوند صاحبڏني، امام مسجد قاضي سنڌي شڪارپوري، ”نواب نامدار ذوالعز و الافتخار“ جي مدح ۾ قصيدا چيا ۽ ”آنموذجي از اوصاف ذاتي و صفاتش از زبان عجز ترجمان قلم شکسته رقم بنده صاحبڏنه باميد قبول عرض گرديده“ جي الفاظ سان پيش ڪيا، جن ۾ جابجا نواب صاحب طرفان حسن انتظام، عدل ۽ احسان جو داد ڏنل آهي:

باز در عالم نوائي تازگي را برتري ست
در همه آفاق انواع طرب را رهبري ست.

آخوند صاحبڏني جي نواب صاحب سان سڌي سنئين ڏيٺ ويٺ ڪانه هئي، مگر محض غائبانه محبت ۽ عقيدت هئي جا نواب صاحب جي حسن اخلاق ۽ ڪردار جي ڪري آخوند صاحبڏني جي دل ۾ پيدا ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ هن اهي قصيدا چيا. انهيءَ ساڳئي ’رديف‘ جي ’مطلع ثاني‘ ۾ چوي ٿو ته:

آنکه رفعت را ببزمش رتبهٔ بالاتري ست
شان و شوکت را بذاتش مايهٔ نام آوري ست...
شاعري شيرين کلام و ثانيِ خسرو بود
صاحب ديوان اديب عسجدي و عنصري ست
حافظِ آيات تحقيق معاني موشگاف
در سخنداني عديلِ هاتفي و انوري ست...
دين و دولت را ز قانونش وقار آب و رنگ
ملک و ملّت را ز ميزانش بهار اخضري ست...
غائبانه بندهٔ ’صاحب‘ دعا خوانش بود
کان دعا ازسمع خالي و از رياکاري بري ست

نواب الهداد خان ابن نواب ولي محمد خان پنهنجي ’مثنوي اصغر‘ جي اوڻيتاليهين باب (بعنوان ’سروران سنده‘) ۾ اميرن ٽالپرن جي بيان بعد آخر ۾ نواب ولي محمد خان جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

در غزل بندي ز شعراي قديم در خرد مندي سلاطين را نديم
خسروانِ دهر باعزّ و کبير مي نوشتندش ”مشيرِ بينظير“
در لياقت طبع موزونش بخوان هم بحکمت ثانيِ لقمان بدان
در سخاوت حاتم ازوي بود سرد در شجاعت رستم ازوي گونه برد
در صلاح و مشورت آصف زمان در عدالت ثانيِ نوشيروان
خلق عالم را بدورانش قرار اهل سرقت هر يکي را سر بدار
گوسفند از گرگ بي انديشه بود و از کبوتر باز نفرت مي نمود
طالعش گو طالعِ اسکندري بر رخش صد چون زليخا مشتري
در ولايت سند عالي جاه بود نيک مومن بندهٔ درگاه بود
محبتش با صالحان و عارفان ديدهٔ خشمش بسوئ کافران
در اطاعت عابدِ معروف بود در نماز و ذکر صلواة و سجود
عمر چون آمد به هشتادش قرين شد ازين دارالفنا عزلت گزين
دائما باد از نکوئ‌ها تمام ماند نامش بر زبان خاص و عام
سال وصلِ او تصور کن بدل يک هزار و دوصد و هفت و چهل

نواب ولي محمد خان جو اولاد۔ نواب ولي محمد خان کي چار پٽ ٿيا:



نواب صاحب جي وفات وقت، احمد خان جي عمر چاليهه سال ڪن هئي، محمد خان جي عمر نو سال، الهداد خان جي ست سال ۽ غلام حيدر خان جي اڍائي سال۔ نواب غلام حيدر خان ڪان سواءِ

Scanned by CamScanner

ٻين سڀني کي اولاد ٿيو. اسان اول نواب محمد خان ۽ سندس اولاد، ان بعد نواب الهداد خان ۽ سندس اولاد، ۽ آخر ۾ نواب احمدخان ۽ سندس اولاد جو ذڪر ڪنداسون.

نواب حاجي محمد خان ۽ سندس اولاد

نواب حاجي محمد خان، وزيراعظم نواب ولي محمد خان جو ٻيو نمبر فرزند هو. سنه ١٢٣٨ھ ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. مير شهداد خان وٽ وڏي عزت وارو ۽ ماليه جو مختيار ٿيو. مير شهداد خان پنهنجي طرفان نواب محمد خان کي جيڪا نوڪري جي سند ڏني، ان جا هي فقرا نواب موصوف جي قدر ۽ منزلت تي شاهد آهن:

> "هوالله تبارک و تعالیٰ، بسم الله الرحمٰن الرحيم... من که بندهٔ درگاه الاهي باشم، چنين آنجام به عاليجاه نواب صاحب نواب محمد خان لغاري نمودم که در هر باب آبرو و عزت نواب مذکور مقدم خواهم داشت سوائ عاليجاه خان صاحب ميان غلام محمد خان (١) کسي را برابر نخواهم داشت... ملک ومال اين جانب خلاصه ميلک نواب مذکور مي باشد... بحال است..."

جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو تڏهن جوان هو ۽ سندس عمر ايڪيهه سال کن هئي. انگريزن جي حڪومت ۾ شهدادپور جو مختيارڪار ٿيو. بالآخر ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيو ۽ ان بعد پينشن بردار ٿي رهيو. نوڪري وارو حصو اڪثر شاهبندر ۽ هالا ڊويزنن ۾ گذاريائين. حيدرآباد ميونسپالٽي جو پريزيڊنٽ ۽ بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. نهايتئي دانشمند ۽ دوررانديش هو. شڪل صورت ۾ پنهنجي والد نواب ولي محمد خان وانگر هو. مير علي مراد خان والي خيرپور چوندو هو ته: جنهن نواب ولي محمد خان کي نه ڏٺو هجي سو نواب

---

(١) يعني غلام محمد خان لغاري ڪُنهڙي وارو.



نواب الهداد خان صوفي
بن وزیراعظم نواب ولي محمد خان



نواب حاجي محمد خان
بن نواب وزیراعظم ولي محمد خان

Scanned by CamScanner



خداداد خان (ثاني) بن گل محمد خان

Scanned by CamScanner


نواب حاجي محمد خان
نواب فتح محمد خان
فيض محمد خان
علي احمد خان
محمد خان (لاولد)
غلام مرتضيٰ خان (لاولد)
الهداد خان (لاولد)
خان‌محمد خان
مراد علي خان
حاجي محمد صادق خان
مگڻ خان
محمد علي خان
جان علي خان
حسين بخش
محمد خان
فرزند
بشير خان
فيض محمد خان
فضل محمد خان
فتح محمدخان
الله بخش
لياقت علي
سعيد احمد
علي احمد
شير محمد
سيف الدين
خليل احمد

حاجي محمد خان کي ڏسي. طريقت ۾ جهوڪ شريف جي بزرگن جو مريد هو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ روهڙي جي رضوي سيد مير جان الله شاهه (ثاني) جي ٻاري سان منسلڪ هو. جهوڪ جي سجاده نشين صوفي محمد زاهد جي وفات بعد نواب حاجي محمد خان جي تدبر ۽ مشوره سان ئي پير عبدالستار صاحب سجاده نشين چونڊيو ويو. نواب حاجي محمد خان محرم سنه ١٣٠٦ ھ ۾ وفات ڪئي ۽ شيخ محمد الياس جي مقام ۾ مدفون ٿيو.

نواب حاجي فتح محمد خان. نواب حاجي محمد خان جو فرزند ۽ نواب غلام محمد خان 'ديوان غلام' جي مصنف جو ڏوهٽو هو. ٧- ربيع الثاني سنه ١٢٧٥ ھ ۾ ڄائو. فارسي جي تعليم سان گڏ طب سان پڻ واقف ٿيو. سندس علم کان سندس عقل وڌيڪ هو. وڏو حوصلي ۽ همت وارو ۽ نوابي شان رکندڙ هو. جناب پير صاحب پاڳاري سيد حزب الله شاهه سان سندس محبت ۽ عقيدت هئي. کيس هڪ ٻلو مشڪي گهوڙو هو، جو ليوڪس ڪانئس گهريو، پر نواب صاحب عمداً ۽ ارادتاً اهو گهوڙو پير صاحب جن جي حوالي ڪيو. سندس ايماء تي منشي ٽوپڻمل سنه ١٢٩٢ ھ ۾ فارسيءَ ۾ 'تاريخ سنڌ' جو ٻيو جلد ٽالپور اميرن جي دؤر بابت لکيو (١)، جنهن جو قلمي نسخو (تاريخ ڪتابت ٢٦ جمادي الثاني ١٢٩٢ ھ) پنجاب يونيورسٽي لئبرري ۾ موجود آهي. ڪتاب ۾ ١٨۴٣ ع (١٢٠٩ ھ) تائين جا واقعات آهن. پهريون ڀاڱو (٢٥ ورق) تيمور جي دؤر کان وٺي سنه ١٢١٦ ھ تائين، ۽ ٻيو ڀاڱو (٢٥ تا ٣٧ ورق) تاريخ سنڌ جي ابتدا کان وٺي انگريزن جي قبضي (١٨۴٣ ع) تائين آهي. ڪتاب جي آخر ۾ مؤلف لکيو آهي:

---

(١) پهريون جلد، ڪلهوڙن جي دؤر بابت فقير نواب ولي محمد خان لغاري جي ايماء تي لکيائين (ڏسو هيٺ).

”حسب التكليف جناب نواب صاحب عمر خضر نواب ميان فتح محمد خان زيد عمره خلف جناب نواب صاحب عالي قدر سرمايه مروت مجمع الاشفاق يگانہ گوهر النفس و آفاق فياض الدهر مفيض العصر جناب نواب صاحب نواب حاجي ميان محمد خان لغاري دام لطفه سكنهٔ تاجپور- واقعہ تاريخ ٢٦ ماه جمادي الثاني ١٢٩٢ھ برابر تاريخ ١٨ ماه جولاءِ ١٨٧٦ع، سنڌي ماه اکهار سنبت ١٩٢٦ (؟) صورت انظام يافت."

هيٺين سجع سندس مهر ۾ ثبت ٿيل هوندي هئي، ”شده دين قائم ز فتح محمد". نواب فتح محمد خان سنه ١٣٤٨ھ ۾ حيدرآباد ۾ ٽنڊي ولي محمد ۾ وفات ڪئي ۽ کيس جهوڪ شريف جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. سندس تربت، چوکنڊي جي دروازي لڳ فقير حاجي فتح خان لغاري جي سيراندي کان آهي.

نواب حاجي فتح محمد خان جي فرزندن مان وڏو حاجي فيض محمد خان والد جي حياتي ۾ گذاري ويو. عالم وارو هو. سنه ١٩١٠-١١ع ۾ حجاز، بيت المقدس ۽ عراق جو سفر ڪيائين ۽ سنڌيءَ ۾ 'سفر نامو' لکائين. سندس فرزند مراد علي خان ۽ حاجي محمد صادق خان حال حيات ۽ اولاد وارا آهن. ٻيو نمبر نواب علي احمد خان هو، جنهن جو ذڪر هيٺ اچي ٿو. ٽيو نمبر ۽ چوٿون نمبر محمد خان ۽ الهداد خان گذاري ويا. پنجون نمبر غلام مرتضيٰ خان حال حيات آهي. ڇهون نمبر فرزند خان محمد خان، هن خاندان مان پهريون نوجوان هو، جنهن بي.اي. پاس ڪئي. حال حيات آهي، ڪراچي ۾ رهي ۽ اولاد وارو آهي.

نواب علي احمد خان. نواب حاجي فتح محمد خان جو ٻيو فرزند ٢٦- ربيع الاول سنه ١٢٩٩ھ ۾ ڄائو. وڏي ڀاءُ فيض محمد خان جي وفات ڪري جاگيري ۽ نوابي کيس ورثي طور ملي.

Scanned by CamScanner

مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين۔ جواني ۾ آفيسرن وٽ وڏي اثر رسوخ وارو هو۔ طبعاً فقيري ڏانهن مائل هو ۽ انهيءَ ڪري سندس حياتي جو پويون حصو عبادت ۽ فاقيري حال ۾ گذريو۔ سنڌي ۾ مولود، ڪافيون ۽ ڪلام جوڙيائين۔ سنه ۱۳۱۹ھ کان وٺي هڪ بياض جي شروعات ڪيائين، جنهن ۾ آخري تحرير سنه ۱۳۵۴ھ جي سندس دستخط قلمبند ٿيل آهي۔ بياض جو عنوان "ڪتاب سيرالعاشقين و قوت العاشقين، تصنيف علي احمد صوفي القادري" آهي، جنهن جو گهڻو ڀاگو "شهودن" جي سمجهاڻي تي مشتمل آهي۔ وچ ۾ موقعي سان مثنوي مان "سوداگر طوطي" وارو نقل ۽ ڀٽائي صاحب جا بيت آندل آهن۔ شاهه صاحب جي هر بيت مٿان هيءُ عنوان ڏنل آهي "بيت شاهه صاحب سمجهاڻي شيخ"۔ "ڇهين شهود" جي سمجهاڻي بعد "تاريخ ۱۲-شوال ۱۳۳۹ھ" ڏنل آهي۔ ان بعد سندس پنهنجي سي حرفي ۽ هڪ سؤ (پنجهٽ) ڪن سنڌي ڪلام قلمبند ڪيل آهن۔ آخر ۾ "باب منجهه بيان لا وجودي طالب" جي وضاحت آهي۔

سندس ڪلام ۾ ڪي مولود آهن ۽ ٻين ڪافين ڪلامن ۾ پڻ جابجا نبي صلعم جي سڪ ۽ محبت جا جذبات ڀريل آهن۔ سندس هڪ مولود ۽ ٽي ڪافيون نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون۔

مولود

ٿئي ملڪن منجهه مقال، آيو عربي ٽيڙيون عيدان
۱. اڱڻ اسان جي دلبر آيو، وريو واءِ وصال
۲. گئي اونداهي ٿئي روشنائي، اڀريا سج شمال
۳. ملڪن ۾ مشهور ٿيڙو، جانب جو ته جمال
۴. سڄڻ سدائين هوندا نيڙي، دشمن ٿيڙا زوال
۵. هر جا حاضر ناظر هادي، حاصل ٿيڙو حال
۶. "علي احمد" سان لطف هزارين، ڏس ڀلي جا ڀال

ڪافي

پاند ڳچي ڳل پائي، چو نہ پنهل پرچايون.

١. حجت هوتن سان نئي وڃي، ناهي اسان حي، الو ميان
ڪير پيو سينو ساهي، اسين سگ دربان سڌايون
٢. حجت ڪيڙا نئي وڃي، هلاڪ هزارين، الو ميان
ڪيئي ڏنگ وڏائين ڏاهي، وسري وين سڀ وايون
٣. علي احمد آهي نئي وڃي، اصلاؤن اوهان جو، الو ميان
ٻئي سان اسان جو چاهي، توڪي نئي ٿا سندايون

ڪافي

سي لوهو ڪئڙا لال، رتا عاشق رنگ ۾

١. مرد ميخاني مست مدامي، پس تنهين جا حال-
جي ماريا اڪبر جنگ ۾
٢. جوڳين جيئري جان جلائي، سٺي ڳجهي ڪا ڳال-
ناٿ نميا انهي ننگ ۾
٣. روزالست جو وعدو پاڙيئون، نينهن ڪياسي نهال-
سامي رهيا انهيءَ سنگ ۾
٤. علي احمد جا "عاشق" ٿئڙا، ڏس ٻلي جا ٻال-
جنهن ڏڪيا انهيءَ ڏنگ ۾

ڪافي

ٻانهان آهيون ملهه خريدي، در دلبر جي دايا.

١. پرتئون ڀيرا ڏيون پنهنجي پير تي، جڏهن پير اڱڻ سون پايا
٢. سهڄؤن سرهي سيج وڇايان، ٿئڙا سانگ سٺايا
٣. سڪ سيد جي سوگهو ڪئڙو، آها ازلؤن عشق دا رايا
٤. "علي احمد" تي لطف هزارين، جا جانب جهولڙي پايا

نواب حاجي علي احمد خان جو اولاد موجود آهي. سندس وڏو فرزند مگڻ خان حال حيات ۽ اولاد وارو آهي. ٻيو نمبر فرزند نواب حاجي محمد علي خان جهان ديده، خوش خلق، علم دوست ۽ سير سفر جو شوقين آهي. تقرير توڙي تحرير ۾ دسترس اٿس. سوالن جي ڏي وٺ ۽ منطقي دليلن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ماهوار رسالو 'نئين ڪيتي' سندس رهنمائي هيٺ شايع ٿيو. ڪانئس ننڍو ۽ ٽيون نمبر پٽ حاجي جان علي خان آهي، جو خوش خلق، خوش پوش ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو آهي. حاجي حسين بخش خان ۽ محمد خان ڪانئس ننڍا آهن ۽ اولاد وارا آهن.

نواب الهداد خان 'صوفي' ۽ سندس اولاد

الهداد خان، نواب ولي محمد خان جو ٽيون نمبر پٽ هو، جو نواب صاحب کي پيريءَ ۾ تاريخ ٢٧-رمضان سنه ١٢٣٨هه (١٨٢٣ع) ۾ ڄائو. دستور موجب سندس واسطي فارسيءَ جي اعليٰ تعليم جو انتظام ٿيو. نون سالن کن جو هو جو سندس والد نواب ولي محمد خان وفات ڪئي. ڏهن سالن کن جي عمر جو هو جو مير محمد نصير خان طرفان سندس واسطي نوازمو مقرر ٿيو. باوجود ڪمسنيءَ جي الهداد خان مير صاحب موصوف جي دربار ۾ مقبول پيو ۽ ويندي انگريزن جي قبضي تائين ٻارهن سال ۽ سترهن ڏينهن مير نصير خان جي نوڪري ۾ رهيو ۽ سندس واسطي جاگير مقرر ٿي.

سنه ١٢٥٩هه/١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ في الحال هي خاندان پڻ زير عتاب رهيو. ٻه سال کن نواب الهداد خان پڻ ڪسمپرسي جي حالت ۾ هو ۽ بالاخر ماه ذي قعده سنه ١٢٦٠هه ۾ نواب بهاول خان دائود پوٽي

وٽ امداد لاءِ ويو ۽ هڪ مختصر قصيدي ”تصنيف نوزدهم ماه ذي قعده ١٢٦٠ھ“ ۾ سندس آڏو پنهنجي مدعا پيش ڪيائين:

مطلع: اي شهِ دوران بهاول خان سلطانِ زمان
سايهٔ فضل الٰهي برتو باشد جاودان...
روزگارم بينوا بر درگهت آورده ام
لطف فرما برسرم اي فيض بخش بيڪسان

ڀانئجي ٿو ته نواب بهاول خان طرفان ڪيس تسلي بخش امداد ڪانه ملي، ۽ بعد ۾ هو غالباً مير عليمراد خان والي خيرپور وٽ آيو، جنهن جي وساطت سان شايد انگريزن وٽ سندس نوڪري جو سلسلو شروع ٿيو.

انگريزن جي دؤر ۾، سنه ١٨٤٧ع کان وٺي(١) سترهن سال ساڍا ٽي مهينا انگريزن جي نوڪري ڪيائين. سندس ڪاغذات ۽ تحريرن مان معلوم ٿئي ٿو ته جون ١٨٥٣ع/ رمضان ١٢٦٩ھ ۾ هو ‘قنبر ڪنڊي” جو ڪاردار هو. سندس نالي سان هڪ سرڪيولر مؤرخ ”٢٦- رجب ١٢٧٨ھ صحي الهداد لغاري مختيارڪار سيوان“ مان ظاهر آهي ته سنه ١٨٦١/١٢٧٨ھ ۾ هو سيوهڻ جو مختيارڪار هو. غلامي جي دؤر واري نوڪري ۾ اها اڳين خودداري قائم نه رهي. انهيءَ ڪري بالاخر سيوهڻ جي مختيارڪاري جي عهدي تان استعفيٰ ڏنائين، مگر ان هوندي به ڪيس هڪ سؤ رپيا ماهوار پينشن ملڻ لڳي. هڪ يادداشت مان معلوم ٿيو ته مهيني نومبر ١٨٦٤ع جا هڪ سؤ رپيا پينشن ڪيس خزاني مختيارڪاري سيوهڻ مان ٣- ڊسمبر ١٨٦٤ع تي مليا.

---

(١) سندس هڪ دستخط تاريخ ”٢٥- صفر ١٢٦٤ مطابق انگريزي يڪم ماه فبروري ١٨٤٨ع“ جي ملي ٿي، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته ان کان اڳ هو انگريزن جي نوڪري ۾ هو. خانداني روايت مطابق هو سنه ١٨٤٧ع ۾ نوڪري ۾ گهڙيو.

نواب الهداد خان 'ڪوٽ لاشاري' (١) تعلقي سيوهڻ ۾ دائمي سڪونت اختيار ڪئي ۽ سندس اولاد پڻ هميشه لاءِ آتي ٿي رهيو. غالباً نوڪريءَ مان رٽائرڊ ٿيڻ بعد ٿي کيس مير عليمراد خان والي خيرپور طرفان "غره ماه ربيع الثاني سنه ١٢٨٠ هه" کان هڪ سؤ رپيا ماهيانو وجه مواجب مقرر ٿي مليو. مير صاحب سان سندس نيازمندي جو سلسلو غالباً آخر عمر تائين قائم رهيو، جيئن ته سنه ١٢٩٣ هه ۾ مير عليمراد خان ڏي سندس هٿ لکيل (فارسيءَ ۾) هڪ خط جو نقل اسان جي نظر مان گذريو.

نواب الهداد خان تاريخ ١٨- محرم سنه ١٣٠٠ هه/ ٣٠ نومبر ١٨٨٢ع ۾ ڪوٽ لاشاري ۾ وفات ڪئي ۽ کيس اتي ٿي دفن ڪيو ويو. ڏهه سال کن ٿيا جو اسان سندس تُربت تي هيٺيون ڪتبو (٢) لکيل ڏٺو ۽ قلمبند ڪيو:

واحسرتا دريغ اله داد خان نواب
ذي شان و صوفي خاتم شعرا زمانه بود
چون شد ز مه محرم تاريخ هژدهم
زين دار رفت و روي بدارالبقا نمود
"افضل" بجست سال وفاتش ز "حال" بگفت
"بنمود اله داد بخلدِ برين ورود"

اديب ۽ شاعر. نواب الهداد خان سنجيده، باوقار، ديندار، صلح پسند ۽ صوفي منش بزرگ هو. پنهنجي وقت جو اديب ۽ شاعر هو ۽ طبع جي لاڙي مطابق "صوفي" تخلص اختيار ڪيائين. سندس باري ۾ ڪنهن شاعر مرثيه طور چيو ته:

---

(١) تعلقي سيوهڻ ۾ هيءُ ڳوٺ بوبڪن جي سٽيشن کان آڀرندي ٽلٽي ڏانهن ويندڙ رستي تي هڪ ميل جي فاصلي تي آهي.

(٢) غالباً ميان محمد افضل بختيارپوري جو لکيل.

در علوم ديني و عقبيٰ فضائلمند بود
در امور دنيوي هم بود پسنديده شهان
در بلاغت هم فصاحت ثانيِ سحبان بودي
در شرف عزّ و هدايت بهترينِ بزرگان
هست اشعارش بسي اندر زبانِ فارسي
نيز در هندي بسي شيرين و در سندي زبان
مرد بودي صاف دل بيرون درون صافي روش
زان تخلص خود به "صوفي" وا نمود اندر بيان.

سندس ٻه سجعون هيون ١. "بهرڪاري خدايار الهداد"، ٢. "بنده درگاه الهداد لغاري"، ۽ سندس مهر ۾ "مسڪين عبده الهداد" جا الفاظ ثبت ٿيل هئا.

ديوان صوفي. نواب الهداد خان فارسي زبان جو قادرالڪلام شاعر هو. زبانداني ۽ محاورن تي ڪافي عبور هوس. اجان سندس عمر ويهه سال به ڪانه هئي جو فارسيءَ ۾ "ديوان صوفي" منظوم ڪيائين. ديوان ۾ سندس ڪلام جو رنگ صوفيانو آهي. زبان داني ۽ محاورن جي بندش سان مجازي عشق جي رعنائن کي حقيقي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿس. سندس فارسي ڪلام لغات ۽ عروض جي غلطين کان پاڪ آهي، ۽ آمد ۽ زور بيان پڻ ڪلام ۾ ڪنهن حد تائين نمايان آهي. ڪي اشعار حافظ، سعدي ۽ صائب جي رنگ ۾ چيا اٿس، خود چوي ٿو ته:

به شعر گفتن صوفي زبان فهم ترا
مثال سعدي و صائب شعار بايد کرد

پنهنجي ڪلام متعلق وڌيڪ چوي ٿو:

مي دمد بوئِ حقيقت از لبِ گفتار ما
مي پسندد بسکه هرصاحب دلي اشعار ما

دیگر که میل طبع بشکر" نیاورد
طوطي بگوش گر کند این خوش کلام ما

"ديوان صوفي" مان کي اشعار انتخاب طور هيٺ ڏجن ٿا: ديوان هن طرح شروع ٿئي ٿو.

الٰهي مطلع انوارِ رحمت ساز جانم را
کلید مخزنِ اسرار دل گردان زبانم را
خداوندا تجلي ده ز نور دل بیانم را
به شمع خویش روشن کن ز ظلمت دودمانم را

—

تا بر آوردي نقاب اي رشک روئ آفتاب
داغ حسرت گشت پیدا بر وجودِ ماهتاب

—

تابکي نشود نماي گل در ایامِ بهار
زانکه از باد خزان چندین چمن برباد رفت
آنچه از ما التفاتِ دوستي دیروز بود
حیف کامروز آشنایان را همه از یاد رفت

—

از ایاغ نرگسِ میگونِ تو اي رشک گل
هردو چشمِ من خمار جرعهٔ صهبا گرفت

—

شرح جفای دوست نه بهر شکایت است
مقصود ذکر اوست دگرها حکایت است

—

برنگ غنچه عمري سر به جیبِ خود فروبردم
گریبانها مهیا کردم از بهر دریدنها

—

بهنگام تواضع صوفي از مکر عدو مَ نشین
که خیزد تیر از پشت کمان وقت خمیدنها

—

غم عالم فراوان است من یک غنچه دل دارم
چسان در شیشهٔ ساعت کنم ریگ بیابان را

—

آئینه را مقابل روي تو رنگ نیست
من آنچه دیده ام که تو خود هم ندیده اي

—

کند از راز جهان قصه، تو گوئي، دارد
نسب از کاسهٔ جم جام سفالینه اي ما

—

مي توان در زلف او دیدن دل بیتاب را
کي کند شب پرده پوشي گوهرِ شب تاب را

—

حسن و عشق پاک را شرم و حیا درکار نیست
پیش مردم شمع در بر مي کشد پروانه را
"صوفیا"! دلها پریشان را پریشان تر کند
شورش زنجیر در شور آورد دیوانه را

—

رخصت طوفان دهم گر اشک عالم گیر را
گم کند چون موج دریا رشتهٔ تدبیر را

قصه تسکین و شیدا. هن 'طبع زاد' فارسي مثنوي جي شروعات هن طرح کئي اٿس:

الٰهي پرده‌هاى دید بکشا
لقاي چهرهٔ پُرنور بنما
شراب عشق در جامِ دلم ریز
خمار اشتیاق خود برانگیز
ز شوق خود دلم را شاد تر کن
نهال آرزویم پرثمر کن

آخري شعرن ۾ چوي ٿو تہ:

بسا ايام بودم محنت آگين
به نظمِ 'قصهٔ شيدا و تسکين'
که سازم داستانش جمله منظوم
ز بهر انس خاطرهاي مفهوم
کنون تم شد بعون لطف سبحان
خداوند جهان ذوالفضل يزدان
بـاين در سفتن نظم طبع زاد
ترا حق مهربان باد اي الهداد!
که "صوفي" هم تخلص توست پيدا
بهر يک کبت هر شعر و غزلها

مثنوي اصغر۔ "مشتمل بر چهل داستان" سنتيهن سالن جي عمر ۾ سنہ ۱۲۷۴ ھ ۾ جوڙيائين۔ هن مثنوي جا شروع وارا ورق دستياب نہ ٿيا، باقي پڇاڙي واري چاليهين داستان جا شعر مليا جي هيٺ انتخاب طور ڏجن ٿا:

آمد اکنون باز چهلم داستان   داستانِ آخرينِ خوش بيان
از تماميت مثنّا مثنوي   'مثنوي اصغر' کتاب معنوي...
قبل ايامي بعمرِ بيست سال   کردم از تصنيف ديوان اشتغال
در غزل "صوفي" تخلص کرده ام   در يکايک شعر خود آورده ام...
حاليا در عمر سالِ سي و هفت   دل بشغلِ نظم مشغولي گرفت
مشتغل گشتم به تصنيف کتاب   از براي اشتغال شيخ و شاب
سال تصنيفش بياور در شمار   از هزار و دو صد و هفتاد و چهار...
'مثنوي' را 'مثنوي اکبر' بخوان   و اين کتابم 'مثنوي اصغر' بدان
'مثنوي اصغر' نمودم نام اين   يا الهي در اجابت کن قرين...
آن مصنف هست مسکين "الهداد"   گو غلام توست عاصي در عباد

مثنوي مسڪين۔ هيءَ مثنوي، مدح، مناجات ۽ وصف صحابه ڪرام ۾ چيائين۔ آخر ۾ ڄاڻايل ته هن مثنوي ۾ جملي ٥٧١ اشعار آهن۔ شروع وارا بيت هن طرح آهن:

يا الهي بر تو روشن حال ما از عفويت در گذر اعمال ما...
چاره کن اين ”صوفي“ بيچاره را حسن و خوبي در دو عالم کن عطا

آخري شعر:

از سجود و طاعت حق سر متاب ختم کن و الله اعلم بالصواب

”ديوان“ ۽ ”مثنوين“ کان سواءِ، الهداد ”صوفي“ مشهور فارسي گو شعراء جي ڪلام مان هڪ انتخاب بترتيب ’ديوان‘ مرتب ڪيو ۽ الف-بي وار هر قافيي تي منتخب ڪيل شعرن جي آخر ۾ پنهنجو شعر پڻ انتخاب طور ڏنائين۔ حافظ، جامي، طالب، صائب ۽ ٻين ٻاهرين شاعرن کان سواءِ سنڌ جي فارسي گو شاعرن مان محسن ٺٽوي، مير علي شير قانع، سيد عظيم الدين، ميان سرفراز، منشي صاحبراءِ آزاد، سيد صابر علي ٺٽوي، شيوڪ رام عطارد، جان الله شاه، مخدوم نور محمد بوبڪائي، مير غلام علي مائل، ميرزا غلام علي مومن، ديوان چيتانند مسرور ۽ پنهنجي والد نواب ولي محمد خان لغاري جا شعر چونڊيا اٿس، مثلاً:

خواجه حافظ شيرازي

ما مريدان رو بسوئي کعبه چون آريم چون
رو بسوئ خانه خمار دارد پير ما

محسن تهتوي

ما پريشان خاطر ان ديوان زلف تو ايم
در کف شانه مده سر رشتهٔ زنجير ما
لاغريم از بسکه ”محسن“ خامه نقاش فکر
موشگافيها کند تا برکشد تصوير ما

صائب

از غبار ناله ما درمندان آگه اند
مي شود در زخم ظاهر جوهر شمشير ما
اينکه "صائب" دست مارادامن اوکوته است
نارسائيهاي اقبال است دامن گير ما

الهداد لغاري "صوفي"

زلف را فرما که باما يک نفس گيرد سرور
کاشنا باآشنا زيبد من و زنجير ما

سنڌي شعر. نواب الهداد خان فارسي کان سواءِ سنڌي، سرائڪي توڙي اردو ۾ شعر چيو. سنڌي ۾ مناجاتون، مولود، مرثيا ۽ ڪافيون ڪلام چيائين، پر فارسيءَ جي ڀيٽ ۾ سندس اهو ڪلام ٿورو آهي. سندس سنڌيءَ ۾ چيل مناجات (ياخدا آءٌ آهيان عاجز مون تي ڪر مهرئون نگاهه ـ الخ) ۽ نبي صلعم جي مدح (اي خدا جا خاص تون محبوب حق احسن امير ـ الخ) لوڪ ادب سلسلي جي ڇهرئين ڪتاب "مداحون ۽ مناجاتون" (۱) ۾ ڇپجي چڪا آهن. سندس سنڌي ڪلام ۾ زبان جي پختگي ۽ خيالات جي شگفتگي نمايان آهي، هڪ سنڌي نصيحت نامي ۾ تڪراري مصرع اردو ۾ آندي اٿس:

سوين سهراب هوا سڄهندا، لکين گهرام هوا گجندا
ڀهون ڀڳڻ هوا ڀڄهندا، اجل جي لوڇ ويا لُڄهندا
مگر باقي خدا هوگا دگر ڪلّي فنا هوگا

هڪ مولود جو مطلع تہ:

صفت سردار جي هردم دليئون ده وات ٿو وايان
محمد مير مُرسل جو مدح گو اصل ڪؤن آهيان.

---

(۱) مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص ص ۱۴۶- ۱۵۹.

هيٺ سندس چار سنڌي ڪافيون، هڪ سرائڪي ڪافي ۽ بيت نموني طور ڏجن ٿا.

ڪافي

اهنجون عشق پڇارون، پلو برهه وارن جون ميان.
ڏوٿي جيڪي ڏونگر ڏورن، سوڙن ڪين مهارون
ڪونجون آيون ڏيهه ڏونگر ڪان، تن جون سڄ تون توارون
تار وڳي جڏ وحدت واري، سهسين وڄن ستارون
”صوفي“ بيحد برهه جون باتيون، سوين ساز سينگاريون

ڪافي

گولي آهيان غلام، پلو تنهنجي در جي
پلو تنهنجي در جي، سائين تنهنجي در جي.
١. جيهي آهيان تيهي آهيان، ڪريو مهر مدام
مون ڏي پاڪ نظر جي.
٢. صفت سبحاني بيحد بالا، لکي قول ڪلام
ناهي بات بشر جي.
٣. پاڻ وڃائڻ دوست پهائڻ، رکڻ تانگهه تمام
ناهي حاج هنر جي.
٤. ”صوفي“ ويچارو عيبن هاڻو، ايهو عهد انجام
آهي گولي در جي.

—

جنهن جو خيال دل تي تنهن جي ٿو ڳالهه ڳايان
هر وقت هر گهڙي ۾ اهو فڪر ٿو پڇايان
”موتوا قبل ان تموتوا“ آهي تنهن سندو اشارو
غازي ٿي هن غزا ڪؤن ڪيئن پير پٽ تي پايان
دنيا جي دوستي ۾ عقبيٰ جي اعتراضي
مشڪل ته باهه پاڻي رلمل ڪري رلايان

جنهن نفس ڪيو پريشان، تنهنجون ته هي مرادون
ڪپڙا چڱا هنڍايان چوڪو ڪين' کاڄ کايان
"صوفي" اميد رکجي آهي دوست ڏنه دلاسو
"لاتقنطوا" تي تڪيو رحمت رفيق ڀايان.

—

عشق اچي ڪيو اندر اوتارو
دل ۾ لائي نينهن نغارو.

ڏور ڪياسين دل کؤن سڀئي
خام خيالن جن ٽي ڪارئو

مهسين ڏٺاسين رنگ تماشا
عشق اچي جڏ ساز سنوارئو

عشق لايون جڏ نينهن جون موڪون
برهه جو دل ۾ باغ بهارئو

عشق سچو آهي حق جو 'صوفي'
ٻئو مڙوئي ڪوڙ پسارو

—

اسان نون عشق وي يارو عجب ڪجهه رمز دکلائي
قدح پُر ڪر ڏتا ساقي وسر ڳئي بات هرڪائي

جڏان خورشيد وحدت دي وکهايا نُور نوراني
مهيني ماه سڀ دل تؤن اترڳئي جُون جُولائي

امر ٽيا فاذڪروني دا بشارت عام اذڪرڪم
اها لذت جنان آئي تنان ڪيا ڪام دنيائي

جڏان حق آپ فرمايا هي 'ڪرّمنا بني' آدم'
نه ويکه آپٹان منصب اها هي عين اعمائي

دوئي ڪون دور ڪر ويکهو تماشا دل اندر 'صوفي'
جنان حق احد ڪر سمجها تنان سڀ حاج هٿ آئي

سرائڪي ۾ سندس هيٺيون بيت غالباً حمل خان لغاري (وفات ١٢٩٦ ھ) جي تتبع ۾ چيل آهي:

زلف سياه سڄڻ ڏي خم خم عين عجب ڪنهن ڳُٿهي
راست پَٿهي رخسار اتهي جڻ نانگ بشيهر سُٿهي
ڪَونه اٿان هٿ مار سگهي، هِن مار خزاني آتهي
مين صدقي تنهن صاحب تون جنهن جوڙ اهي رنگ رُتهي.

مير محمد نصير خان جي قيد ۾ بند ٿيڻ تي هيٺيون مرثيو چيائين جو اسان سندس هٿ اکرين لکيل ڪاغذن تان قلمبند ڪيو، پر جيئن ته ڪاغذ توڙي عبارت بالڪل خسته حالت ۾ هئا، انهيءَ ڪري ڪن جاين تي خال رهجي ويا آهن. هيءُ مرثيو تاريخي لحاظ سان اهم آهي.

”هو الڪريم جل شانه مرثيه مير محمد نصيرخان دار اقباله“

سنڌ جي سردار سرور جي سڻو هِي ماجرا
چا چوان تنهن شير غازي جي شجاعت، هَي قضا!
هاڪ جنهن جي فيض ۽ انعام جي هئي جابجا
پهلوانِ صف شڪن رستم جو ثاني در وَغا
جنگ جو جنگي بهادر سرڪش و پُر دل شجاع
تنهن ڪي اڄ تقدير ڪاريو تابعِ اهلِ نزاع.

هَي قضا هَي هَي قضا اهڙي نه لايق شاهه جو
هَئي! سدا بُرجِ بَسالت جو منور ماهه هو
دائما دوران ۾ سلطان عالي جاه جو
سڀ ڪي [ان جو آسرو ۽ سڀ] سنڌو همراهه هو
هاءِ اڄ ٿئو تابعِ حڪمِ سپهدارِ فرنگ
هو ادب ۾ جنهن سنڌي پيوسته سالارِ فرنگ.

سال ٻارهن سا ۽ اٺهٺ [رات هئي] جمعي سنڌي
هاءِ اڄ فوجِ فرنگي ظلم سين برطرف ڪي

چا چوان ميرن سندي چا سروري سرڪار هئي
دولت [دارِ] ڪفر غلبي ڪؤن سڀ مسمار هئي
امت ختم الرسل عيسیٰ جي امت ڪئي اسير
سَرورانِ سنڌ هر يڪ شد اسيرو دستگير.
ٿو چوي راوي ڪِ جڏ جرنيل نيپر انگريز
صوبهٔ سالار هندوستان فرنگي فتنه خيز
سنڌ ۾ آيو وڏي سامان باعزم ستيز
تاب ان جي ڪؤن تمامي خلق ڪيو رو در گريز
خيرپور ٿي شورپور محشر ۽ ماتم جو مڪان
خيرپور جا خاص سڀ شهدادپور ڏي ٿيا روان.
هاءِ جنهن دم حيدرآباد آيو ميرِ خيرپور
سنڌ جي سالار ڪي ان جي تلافي خوب تر
جنگ ري هرگز نہ چاتئين ان جو درمانِ دگر
تڏ مسلح ٿي بعزم رزم سنبهيو پنهنجي سر
سام جي لئہ سر ڏيڻ سعيو ڪيو ان شير نر
شير نر غازي غضنفر بيمثل والا گُهر.
رات ... ...
ڪاپ جي ٽوڙڻ جو صبحي اسر ڪيئين افواج ڪي
ڪئي جُلهہ جنگي جوانن هرطرف ڪؤن ڪاپ تي
ڪاپ ڪي ڪيئون ڪالعدم سڀ چيز ۽ آشيا لڏي
ڪاپ جي شورش ڪؤن نيپر جلد آيو بهر جنگ
ليلة الجمعة اچي نزديڪ ٿي فوجِ فرنگ.
بيشهٔ گردون ڪؤن ظاهر ٿيو جڏ روباه زرد
ٿئو سواري اسپ تازي فوجدار شير مرد
اڳ ۾ سڀ سورهہ يڪايڪ ثاني بهرام گرد
صف بصف دسته بدست ٿيا بہ آهنگِ نبرد
روز جمعي سترهين محرم جي ٿيو آغاز جنگ
سنڌ جي سالار جو باصوبهٔ ملڪ فرنگ.

Scanned by CamScanner

ڇا جوان صوبا سنڌس ۽ ڇا جوان ان جا امير
ڇا جوان ان جا ملازم ڇا جوان ان جا مشير
ڇا جوان ان جا بهادر ۽ دلاور دلپذير
ڇا جوان هر يڪ بهادر بهمن و رستم نظير
رستم و اسفند ثاني صف شڪن سورهه جوان
جن جا هئا سينا ۽ سر تيرن اڳيئون مثلِ نشان.

آهه جڏ ’نصر من الله‘ چئي جلهه ڪي ان جوان
تيغ عريان برڪف و ’الله اڪبر‘ بر زبان
تيغ جي تابش ڪؤن هو سڀ ملڪ محشر جو مڪان
سچ قيامت جي تجلّي ڪيو سرِ نوڪ سنان
هڪ طرف قوم بلوچان ٻي طرف فوج فرنگ
ابر جي بارش ٿي آيا هر طرف تير و تفنگ.

... ...
... ...

بحر جيئن هئي سيّل جاري هر طرف ڪؤن خون جي
ڪربلا مثل ... ...
هُن طرف جي باهه هئي، تان هِن طرف ها سڀ پتنگ
تن پتنگن منهن نه موڙيو باهه ڪؤن در وقت جنگ.

جنگ جي ميدان ۾ جڏ سڀني جوانن سر ڏنا
تن جي حق تڏ چيو خدا ’جنات فيها خالدا‘
سرخرو ٿيا در حضورِ بادشاهِ ڪربلا
۽ نمڪ جو حق“ سڀ ڪيئون پانهجي سرتؤن ادا
سام پئي راهِ خدا ۾ سر ڏيئي سُرها ٿيا
تن مٿي آئين چؤ اي يارو! ’رحمة الله عنهما‘.

مابقي لشڪر نه آندو تاب شمشير ستيز
يڪ قلم سڀ شتر دل گيدي گدڙ ٿيا در گريز

... ... گريزان تند تيز
پٽ ۾ هي هي ڪيون ٿي تت ڪاهون سپاهِ انگريز
جيئن ڀڄي خرگوش تيئن هڪ هڪ [منجهائن پٺي پڳو]
سڀڪنهين سورهيه بسوئے خانهٔ خود رخ رکيو.

جڏ ڏٺو سالار هئڻ پنهنجي سپاهين جو حوال
ٿيا گريزان ... ...(؟)
سڀڪنهين پنهنجو سنڀاليو مال ۽ اولاد آل
مير جو ڪنهن کي نه آيو هاءِ خاطر ۾ خيال
مختصر ان مهل کي صوبا رهيا حاضر حضور
جن کي خواهش هئي مرڻ جي مير جي اڳ ۾ ضرور.

پيا سندس هٿا پائٽيا آن وقت حاضر همعنان
... ... (؟)
چا ڪريان تعريف تن جي پهلواني جي عيان
ناهه طاقت تان ڪري هڪڙي زبان ان جو بيان
مر ته اهڙا پٽ ڪنهين بابي سندي [گهر ۾ ڄمن]
مر ته اهڙا گل ڪنهين کي زيب دامن جا هجن.

مير کي پڻ مصلحت آئي ته هاڻي سر ڏجي
سر ڏيئي منجهه معرڪي مردن سندي سرهو ٿجي
مر ته هي ناموس اسان جو دهر ۾ دائم هجي
اهڙي منصب کي ڇڏي ڇا سر سندو صرفو ڪجي
... ... ناهي لڪائڻ پنهنجو ساهه
سر ڏيڻ ڪؤن بعد سڄ آڀري نه آڀري، باڪ ناهه.

ان دلاور کي جڏهن هي مصلحت ٿي دلپذير
تڏ ڪنهين صوبي سندس چيو [سڻ تون اي] روشن ضميرا!

پهلواني ۾ تُهنجي مير هرگز ناهه [گيير]
پر ته اهڙي وقت ۾ ... ...(؟)
مفت مارائڻ نه گهرجي تو جهڙي سالار کي
... ...(؟)

مير تڏ لاچار سوڙي واڳ آيو ڪوٽ ڏي
مصلحت هن ۾ ڪِ هاڻي ڪوٽ کي قائم ڪجي
ڪوٽ هرگز ڪين دشمن کي ڏجي شمشير ري
پر ته ناواقف ڪِ اصلي دوست دشمن [ٿو ٿئي]
... ... جت خود فرنگي سونهان ٿئا
جن فرنگي ڏي اچڻ جي لئي ڳجها خط ٿي لکيا.

سؤٽ اهڙا سار جي پائن سين اهڙا ڊوهه ڪن
پائرن کي بند ڪاري پاڻ آسودا رهن
جي آدن جا مُدّعي سي ڇو نه مرگهي ۾ مرن
جيڪي اهڙا ڊوهه ڪن سي مر اهي منصب لهن
جڏ ڏٺا بدخواهه پائر پانهنجا ان بادشاهه
تڏ چڙهي لاچار دشمن پيش آيو عذر خواهه.

... ...(؟)
جمله يڪ جا ٿئا اسير و دستگيرِ دشمنان
مون کي پنهنجي مير جو ڏک دل ۾ آهي جاودان
ٿو ڪريان فرياد در فرياد هردم هر زمان
اڳتي ناهي تاب اي 'صوفي' ڪنون خاموش ڪن
صبر واجب "فاصبروا صبراً جميلاً" گوش ڪن.

يا الهي از براي مصطفى و مرتضى
و از براي بنت احمد حضرت خيرالنساء
و از براي شبّر و شبير شاه ڪربلا
و از براي چار يارانِ رسولِ مجتبى.

رحم ڪر موٽائي هاٿي مير پنهنجي ملڪ آڻ
منصبِ عزّ و جلالِ جاوداني کي رساڻ.

"تمت تمام شد مرثيہ سرڪار فيض آثار مير محمد نصير خان، تصنيف احقرالعباد الهداد متخلص بصوفي عفي عنہ (بخطہ)".

اردو شعر. صوفي اردو ۾ پڻ سهڻي شاعري ڪئي.

سندس هڪ مناجات، فرد، مطلعا ۽ ڪي غزل نظر مان گذريا جن مان ڪي نمونی طور هيٺ ڏجن ٿا. مناجات جو مطلع ۽ چند بند هن طرح آهن:

پهلے کهوں نامِ خدا، جو هے خدا سب سے بڑا،
شب روز هے جس کا ثنا، ميري زبان سے ماجرا،
مجکو خدا و مصطفیٰ
هيں دوجهاں ميں آسرا...

والشمس هے رو کی قسم، والليل گيسو کی قسم،
مشکين اس مُو کی قسم، مجکو وه ابرو کي قسم،
مجکو خدا و مصطفیٰ
هيں دوجهاں ميں آسرا...

مه کيا اسی مکهہ سے ملے، گل کيا اسی گل سے رَلے،
قرآن صفت اس کی بلے، جوں هار هے اس کے گلے،
مجکو خدا و مصطفیٰ
هيں دوجهاں ميں آسرا...

سندس هيٺيون فرد "هندي فرد" جي عنوان سان قلمبند ٿيل مليو:

پری روسيں تو اپنی سير کرلے،
کہ يہ ساعت جدائی کي گهری هے.

هڪ 'مطلع' سندس دستخط هن طرح قلمبند ٿيل آهي ته:

يا خدا اس درد دل ميرے کا درمان کيجئے،
ميں پهسا مشکل ميں اب تو مشکل آسان کيجئے.

هيٺ سندس ہہ غزل ڏجن ٿا :

متاعِ عشق جاناں کی اگر لیتے تو هم لیتے
دل و جاں کی بہا سے یہ ثمر لیتے تو هم لیتے

مزا پایا هے میں نے ان لبوں کی تلخ کہتی سیں
اگر شیریں زبانی کی شکر لیتے تو هم لیتے

بہ آب چشم اس نوخیز نخلِ ناز بستاں کوں
کیا هوں پرورش اب تو ثمر لیتے تو هم لیتے

مریضِ عشق کا دارو مسیحا سے نہ هو آخر
دوا اس لب سے اک بوسہ اگر لیتے تو هم لیتے

میرے اس شعر دلکش میں اثر کیوں کر نہ هو "صوفی"
کہ هر شعرِ محبت سے اثر لیتے تو هم لیتے

—

مکھ اوپر زلف کوں لایا نہ کرو
رین میں دن کوں چھپایا نہ کرو

چشم شوخی سے اٹھایا نہ کرو
مجکوں صحرا میں پھرایا نہ کرو

گر تجھے ڈر هے خدا کا تو کسی
خنجرِ چشم سے گھایا نہ کرو(١)

اس قدر تاب ضعیفاں کوں نهیں
نظرِ شوخ اٹھایا نہ کرو

گر تجھے دل نهیں مجسے تو غرض
اپنے منہہ سیں تو سنایا نہ کرو

غیر کی صحبت میں کبھی مت بیٹھو
مشک کوں گِل سے ملایا نہ کرو

گر تجھہ پاس هے "صوفی" کی عزیز
پاس غیروں کے تو جایا نہ کرو

---

(١) گھایا نہ کرو=زخمي نہ کرو

Scanned by CamScanner

نواب الهداد خان جو اولاد. نواب الهداد خان کي چار پٽ ٿيا جن جو ذڪر مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو.


نواب الهداد خان (اول)
خداداد خان (اول)
محمد علي خان
حسين علي خان
مراد علي خان
گل محمد خان
خداداد خان (ثاني)
الهداد خان (ثاني)
حسين علي خان عرف عبدالحسين خان
عبدالحسين خان ۽ ٻيا

١. **نواب خداداد خان (اول).** نواب الهداد خان جو وڏو فرزند ۽ پڳدار هو. ٧-صفر ١٢٥٩ھ تي ڄائو، ۽ ٨-رجب ١٣٠١ھ تي وفات ڪيائين. فارسي خوانده ۽ داناء هو. کيس هڪ فرزند نواب گل محمد خان ٿيو، جو ١٠-ربيع الثاني ١٢٧۴ھ تي ڄائو ۽ پنهنجي والد جي وفات کان ٽي سال کن پوءِ ١٩-شوال ١٣٠۴ تي ٽيهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. کيس هڪ پٽ، نواب خداداد خان (ثاني) ٿيو، جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

٢. **محمد علي خان.** (١-رجب ١٢٦٢- ١٩ جمادي الثاني ١٣٠٩). نواب الهداد خان جو ٻيو نمبر فرزند هو. سنڌيءَ ۾ ڪافيون چيائين، جن مان هيٺين هڪ دستياب ٿي آهي:

تن مارن سان لڳي آهي ڪا منھنجي ڏاڍي محبت
آهي منھنجي ڏاڍي ڪا محبت، قيد ڪيس هت قسمت

۱. آءٌ تہ بيگاني وتان ڏَڻ-وندن ڌارئون،
نت تہ نماڻيءَ جا نيڻ وهن ڪيو نارون،
ڪين جيان ٿي جيڏيون دم هوتن ڌارئون،
پهر پري تن ڪؤن ظلمي ڀانيان ٿي ظلمت.

۲. هُت خوش منھنجون جيڏيون، هت هيڪلڙي آئون،
وهڻ وِهه ٿي ڀانيان، ڇا اچي ڪنديس آءٌ ڇائون،
آڌمان ڏيئي عشق مؤن دل منھنجي ڪري ٿي دانھون،
ديد ٻنا دلبر جي، آهيان انهيءَ منجھ حسرت.

۳. زريون زيور زينت جا ٻن اهي ٿي ڀانيان،
مهٺا مارن جا ميان عمر، هت ڪيئن هٿن کي لايان،
ڪاڻ اباڻن جي نيڻين جر ٿي واهيان،
شال ملان تن مارن، الله ڏيندم شل عظمت.

۴. محبت ۾ "محمد علي" جيءَ ۾ جانب ڪاڻ جلي،
اور اندر ۾ اوريو، سور نہ ٻئي ڪي سلي،
ٻڌي ٻانھن۔ جئن ٻانھون هيٺائي سان هلي،
راضي ٿيندو رب رحيمي ڪندو شل رحمت.

۳. حسين علي خان. (۵-ربيع الثاني ۱۲۶۴- ۲۷ صفر ۱۳۱۷). نواب الهداد خان جو ٽيون نمبر فرزند هو. سنڌيءَ ۾ مولود ۽ ڪافيون چيائين، جن مان ٿي ڪافيون نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون، پر سنڌس اردوءَ ۾ چيل هڪ غزل نظر مان گذريو جو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪافي

سڻ تون خبرون چارون، ڀلو حسن وارن جون ميان!

١. ڪانگل ڪَهه ڪا تون لات سڀاجهي،
سندي پرين پارؤن

٢. محبت موهيو ني ناز وارن جي،
ڪيهون قرب پچارون

٣. درمان دردن جو دوست ري ناهي،
ڪير ڪري ٻيو ڪو دارون

٤. "حسين علي" چوي لايون عشق عجب،
لنؤ لنؤ منجهه لغارون

ڪافي*

ڏاڍا ٻاڻ ٿو دل کي لائين
جڏهن نيڻ ناز ڪري ٿو اٿائين

١. نيڻن جا نيشان نسنگي، اڙٻنگ آٽي اڙائين،
نوڪن ساڻ زوراور زوري، عاشق نت ڦاسائين.
٢. لاهيو نقاب رخسارن توؤن، ڪيون بدل بهار بنائين،
ڪري چمڪار ڀڪار چوڏاري، رم جهم ڪر برسائين.
٣. جوڀن جوڙ جنسار ڪيو، گلزار چوڏار وڪائين،
ڇا ياقوت رُماني مرجان ساڻ لبن شرمائين.
٤. محفل ۾ ڀري جام شراب جو جڏ تون يار پلائين،
ساڻ "حسين علي" جي هردم خوش فرمان فرمائين.

---

*هن ساڳئي مضمون ۾ سندس ٻي ڪافي جنهن جو ٽلهه ته:
رمزين نال محبوب موهيندا هين، اکيان ناز وچون جڏ ڇيندا هين،
هن ساڳئي مضمون ۾ پير حسن بخش جي مشهور ڪافي ته:
جڏ عين عجب ٿو چائين، لاڏ ڪيو لکَ ڏاهين.

ڪلام

تنهنجي جنسار صورت جي ڪئي چوُطرف گلزاري

١. ڏسڻ سُرڪڻ تنهنجو جاني، رهي ٿي دل کي حيراني،
ڪريان ڇا تنهن ثنا خواني، آهي ڪا بات اسراري.

٢. عجب ٿيا نيڻ ٻئي مارا، ڪرن ٿا دل منجهوُن چارا،
لٽي نيڻَن ملڪ سارا، ڪري غمزن جي اظهاري.

٣. عجب رمزون وِڪائين ٿو، گهٽڻ گهورڻ سان گهائين ٿو،
بيحد وري پيچ پائين ٿو، برهه جا دل کي لڪَ واري.

٤. برهه جي بات اٿئي باري، سرت تنهن ۾ رکيج ساري،
ڪجان ڏنهن نينهن نرواري، ”حسين علي“ بَہ هشياري.

غزل اردو

مجھے اب ماہ خوبی نے حسن کی جلوہ دکھلائی
اتر گئے سب الم دل توں رہے سینے مُصفائی

ھوا روشن چمن سارا بہارستاں لگی دل میں
کھلے گل ھر طرف ظاھر برہ جب بوند برسائی

برہ کی بات کوں دل میں چھپانا بہت مشکل ھے
ذرا کچھ چھپ نہیں سکتا آخر ھوتی ھے شنوائی

شراب ارغوانی سوں مزا آتا نہیں ساقی
مجھے ساغر محبت سوں بیحد ھے چاشنی آئی

’حسین‘ اس عشق کا قطرہ جسی کے دل میں ظاھر ھے
نھین اس خوف اور خطرہ قیامت کی نہ رسوائی

٤. مرادعلي خان (٩- ذوالحج ١٢٦٨-٢٧ ذوالحج ١٢٩٢ ه).

نواب الهداد خان جو چوٿون نمبر فرزند هو. انگريزي تعليم حاصل ڪيائين ۽ مانجهندن جو مختيارڪار ٿيو. ڇوويهن سالن

جو جوان هو جو وفات ڪيائين. سندس ڏک ۾ نواب الهداد خان فارسيءَ ۾ هڪ دلگداز مرثيو چيو، جنهن جا ڪي شعر هيٺ ڏجن ٿا:

آه از نيرنگ چرخِ اخضرِ نيلوفري
آه آه از گردش گردون دورِ سپهري

آن مراد علي بنام و در لقب مختار بود
در بلاغت کس نکرد از همسرانش همسري

آن نکو طالع جوان همت جواني باسخا
خور سال و پير فطرت مايهٔ دانشوري...

آه بر پيري و برنائی نبايد اعتماد
هرچه گيري مختصر بايد بناءِ سرسري

دم غنيمت دان که در ذکرِ الٰهي بگذرد
عمر ناقص جز بذکرش گرباوجِ سروري

صبر کن صوفي در استغفار شو پيشِ جناب
کاينچنين بود از قضا و اينست ره پيغمبري

نواب خداداد خان (ثاني). نواب خداداد خان (اول) کي هڪ پٽ نواب گل محمد خان ٿيو، جو ۱۵-ربيع الثاني سنه ۱۲۷۴ھ ڄائو ۽ ۲۹-شوال سنه ۱۳۰۴ھ (۱۸۸۷) ۾ وفات ڪيائين. نواب گل محمد خان کي هڪ پٽ نواب خداداد خان (ثاني) ٿيو جو ۱۳-رجب سنه ۱۳۰۳ھ (۱۹-اپريل ۱۸۸۶) تي ڄائو. سنڌي سان گڏ فارسي جي تعليم حاصل ڪيائين، ۽ ان بعد ذاتي ذوق، تجربي ۽ تجسس سان پنهنجي معلومات کي وسيع ڪيائين. کيس پنهنجي خاندان جي عظمت ۽ خدمت جو احساس هو، وڏن جا ديوان نقل ڪرايائين ۽ ٻيا معلومات جمع ڪيائين.

سندس دائمي سڪونت ’ڪوٽ لاشاري‘ ۾ هئي، پر پنهنجي جاگير ’مياڻي نور ملاح‘ تعلقو رتوديرو ۾ وڃي رهندو هو ۽ پڻ پنهنجن عزيزن خاطر تاجپور ۾ سندس اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. سندس هٿ لکيل يادداشت ”تاريخ ١٥-شوال ١٣٤٠ درشهر تاجپور“ جي، تنهن کي ”تاريخ ١٣-صفر ١٣٤١ در شهر جاگير مياڻي نور ملاح“ ۾ از سر نؤ سڌاري لکيائين. هي يادداشت مان معلوم ٿئي ٿو ته سنه ١٣٤٣ھ ۾ ٻوڏ آئي ۽ اها جاگير پڻ ٻوڏ هيٺ اچي وئي. انهن لاهن چاڙهن سببان سندس مالي حالت هميشه ڪمزور رهي، پر هو سادي زندگي جو عادي ۽ توڪل جو صاحب هو. قومي جذبو سندس ذاتي مفاد تي غالب هو. خلافت تحريڪ ۾ وڏو بهرو ورتائين ۽ سنڌ خلافت ڪميٽي جو صدر چونڊيو ويو. جاگير توڙي هٿيار انگريزن کي واپس ڪيائين. هٿيار ورتائون باقي جاگير ’پشت به پشت‘ هئي انهي ڪري اها قائم رهي.

لاڙڪاڻي ۾ وزيراعظم نواب ولي محمد خان مرحوم جي آثارن ۽ جاين تي شهر ۾ هلنديءَ وارن هندن قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. سنه ١٩٢٩ع ۾ خداداد خان انهن تاريخي آثارن جي حفاظت لاءِ وڏي ڪوشش ورتي ۽ ضلعي جي ڪليڪٽر مسٽر حامد علي خان کان گلاب سنگ ۽ ٻين خلاف منع نامو ڪڍايائين، ۽ پنج سؤ رپيا پنهنجي هٿان خرچ ڪري ڪن جاين جي مرمت ڪرايائين.

کيس سنڌي زبان، ادب ۽ تمدن سان محبت هئي. ’بيان العارفين‘ کي سليس سنڌي ۾ ڪري لکيائين. ان جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته: ”بيان العارفين جو اصل فارسي ۾ هو، جو پوءِ ربيع الاول سنه ١٢١٠ ۾ ميان عبدالرحمان بن محمد ملوڪ سنڌي ۾ تيار ڪيو، جو ڇپيو آهي پر اها سنڌي اڳئين قسم واري هئي ۽ ماڻهن کي پوريءَ طرح عبارت سمجهه ۾ نٿي آئي، تنهنڪري احقرالعباد نواب خداداد خان ساڳيو ڪتاب

تمام سليس زبان سنڌي ۾ پڌرو نروار مثل قصه جي تيار ڪيو آهي.”

ڪيس سنڌ جي ذاتين گڏ ڪرڻ جو شوق جاڳيو ۽ ذاتين جا نالا ڪافي انداز ۾ جمع ڪيائين. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڳوٺن جون الف-بي وار فهرستون مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.

سنڌي شعر و شاعري جو پڻ ڪافي ذوق هوس، ۽ وقت بوقت غزل منظوم ڪيائين، جن کي ’ديوان‘ جي سٽاء سان الف-بي وار مسودي جي صورت ۾ قلمبند ڪيائين. ان مسودي جي اصلاح ۽ نظرثاني جو کيس موقعو ڪونه مليو، پر جمع ٿيل نظمن مان ظاهر آهي ته کيس پنهنجي ديوان جي ترتيب ۽ تڪميل جو ارادو هو. سنه ۱۹۴۳ع کان وٺي ۱۹۴۷ع تائين جيڪي غزل جوڙيائين سي هن مسوده ۾ شامل آهن. دادو جي ڪُل ’سنڌ مشاعره‘ ۾ پڻ غالباً شريڪ ٿيو. سال ۱۹۴۷-۱۹۴۸ جي حساب ڪتاب جو ڪاغذ سندس هٿ لکيل ملي ٿو ۽ غالباً ان بعد سگهوئي وفات ڪيائين. سندس قافيه وار غزلن جي مجموعي مان هيٺيان نموني طور ڏجن ٿا:

قافيه ث

ويل دل جو درمان آهي عبث
هي سورن جو سامان آهي عبث
چوي سچ ٿي بلبل برهه جو بيان
بنا عشق انسان آهي عبث
اي واعظ سٺو چو هٽين مفت ٿو
اهو دڙڪو دهمان آهي عبث
نه ڪر نيم بسمل، وري وار ڪر
جڏي لاءِ جيدان آهي عبث
دنيا جي گلن سان نه رک دل ”نواب“
اهو گل گلستان آهي عبث

Scanned by CamScanner

قافيه چ

ٿو ڏسان اڄ دور عالم ۾ سندو اظهار چپ
يار چپ اغيار چپ آثار چپ اطوار چپ

جا خزان مغرب کان آئي، ٿي بهاري اصل بند
چپ چمن گل چپ شجر چپ گلبن و گلزار چپ

'مارشل'(۱) جا مڪڙ آيا فصل ول داٿو ڪٽي
ڳاه چپ توده چپ وڪاسه چپ و خروار چپ

سچ لکڻ وارن جا هٿ ڏڪندي ڏٺم پڻ وات بند
چپ خبر، تاريخ چپ، اخبار چپ، اذڪار چپ

نئين طريقت جي ڪفر ڪيو اڳلي زندان کي تباه
حلقه چپ زنجير چپ سلسل چپ و زنّار چپ

پاڻ سڱيءَ ۾ پيل سي قوم کي ڪيئن ڪن سجاڳ
چشم چپ ڪن چپ زبان چپ هوٺ چپ هاڪار چپ

چا تڏهن 'سي. آءِ. ڊي' جي خوف کان ڪيو ٿئي "نواب"
نثر چپ تقرير چپ ابيات چپ اشعار چپ.

سندس ڪافين مان نموني طور:

ٿلهه: عشق منجهايون متيون متيون،
برهه بندي کي ڪيو بيراڳي.
مصرع: عشق مچايو آڙهه دل ۾،
طلب انهيءَ ۾ تتيون تتيون.

—

ٿلهه: هيٺائي ۾ حال سانگيئڙا آءٌ هڏ نه وساريان.

۱. سن ۾ مارن کي آءٌ نت ساريان
ڳوڙها ڳلن تان هردم هاريان
دم دم جن جي مقال

---

(۱) حرن مجاهدن خلاف انگريزن جي ۱۹۴۲ع واري 'مارشل لا'.

٢. ملڪ مارن ري آهيان ماندي
قيدن ۾ هٿ بيوس ٻاندي
ساريندي ٿيم سال

٣. "خداداد" سوالي هردم سائل
غم وهم ۾ دم دم مائل
روزئون روز زوال

فارسي تي پڻ خدادادخان جي دسترس هئي. سندس دستخط هڪ قطعو نظر مان گذريو، جو هيٺ ڏجي ٿو:

بحمد الله چو اسمم شد خداداد
چنان جسمم شود با فضل او شاد
گلایم از گل و گل از سمی ام
سمی جدّم پدر جدّم الهداد
گلی بشگفت از گلشن "خداداد"
جهان روشن شد از حسنِ الهداد

نواب خداداد خان (ثاني) کي ٻه فرزند الهداد خان ۽ حسن علي خان عرف عبدالحسين ٿيا. الهداد خان حال حيات ۽ اولاد وارو آهي ۽ ڪوٽ لاشاري ۾ رهي ٿو.

نواب احمد خان ۽ سندس اولاد. نواب احمد خان، وزير اعظم نواب ولي محمد خان جو وڏو فرزند هو. سن ١٢٠٧ هه ۾ ڄائو ۽ پنهنجي والد جي زير نظر عربي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪيائين. امارت ۽ وزارت جي معاملن ۽ مسئلن ۾ تربيت ڏيڻ خاطر نوب ولي محمد خان کيس حيدرآباد ۾ پنهنجي ٻڌايل ٽنڊه ولي محمد خان ۾ رهايو، جتي نوجوان احمد خان پنهنجي والد جو ڪاروبار سنڀاليندو رهيو ۽ پڻ اميرن جي درٻار ۾ حاضر ٿي حڪم بجا آڻيندو رهيو، جنهن تي کيس 'نوابيءَ' جو لقب مليو. سندس بيماري جو ٻڌي نواب

ولي محمد خان سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي درگاهه ۾ سندس واسطي دعا گهري ته:

بفرزندم که احمد هست نامش
شفا بخشي و عمر جاودانش

نواب احمد خان سياسي ۽ انتظامي مسئلن ۾ ايتريقدر ته ڄاڻ پيدا ڪئي جو ڪيس نواب بهاولپور ۽ پنجاب جي حاڪم راجا رنجيت سنگ جي ارادن معلوم ڪرڻ لاءِ خاص طور چونڊيو ويو. ظاهريءَ طرح سان اهڙا اسباب پيدا ٿيا جو ڄڻ احمد خان، پنهنجي والد نواب ولي محمد خان بلڪ اميرن ٽالپرن سان رنج ٿي سنڌ ڇڏي آهي. اندازاً اهو سنه ١٢٣٨هه هو، ۽ ان وقت نواب احمد خان جي عمر ٻٽيهه سال کن هئي.

ان وقت 'ڇَهوڻ' جو سرڪش ٽَڪُر سامجي، جوڌپور جي حدن مان سنڌ جي سرحد اندر داخل ٿي، گهل هڻي، سنڌ جو بي انداز چوپايو مال ڪاهي ويو هو جنهن جي مقابلي واسطي لغارين جو هڪ وڏو لشڪر سنڌ جي راڄن جي مدد خاطر 'ڇهوڻ' تي ڪاهي ويو. نواب احمد خان به پنهنجي جمعيت ساڻ ڪري وڃي آتي پهتو ۽ سندس سرڪردگيءَ هيٺ سامجي کي شڪست آئي ۽ هو پيش پيو. نواب احمد خان پنهنجي سؤٽ ميان حيدرعلي خان جي نظرداري هيٺ ڪيس حراست ۾ حيدرآباد ڏانهن موڪليو پر سفارش ڪري موڪليائين ته: هو پيش پيو آهي، مال موٽايو اٿس ۽ اڳتي لاءِ پنهنجي وفاداري جي خاطري ڏني اٿس جنهنڪري ڪيس معاف ڪيو وڃي. سندس سفارش موجب، سامجي کي حيدرآباد ۾ با عزت آزاد ڪري، ڇهوڻ ڏانهن واپس وڃڻ جي اجازت ڏني وئي.

نواب احمد خان، سنڌ جي راڄن کي موٽايل مال متاع سميت روانو ڪري پاڻ اتان سڌو بهاولپور روانو ٿيو. بهاولپور جي نواب کي اڳواٽ اطلاع مليل هو، جنهن جي طرفان احمدپور ۾ سندس وڏي آجيان ۽ مرحبا ڪئي وئي ۽ ڪيس

شاهي مهمان طور اتي رهايو ويو. ڪجهه عرصو اتي رهي حال احوال معلوم ڪري موڪلائي لاهور روانو ٿيو. سنڌ جي سربراهن مان سنڌس سوٽ غلام محمد خان لغاري، اميد علي خان مري ۽ ڪمال خان رند سانس همراهه هئا. لاهور پهتا ته راجا رنجيت سنگ سندن آجيان ڪئي ۽ نواب احمد خان کي عزت آبروءَ سان پاڻ وٽ رهايائين. ۱۸۲۳ع (؟) ۾ رنجيت سنگ ڪشمير طرف چڙهائي ڪئي ۽ ان مهم ۾ نواب احمد خان کي پڻ ساڻ وٺي ويو.

انهيءَ ٽائي سنڌ جي ٽالپورن اميرن ۽ وزير اعظم نواب ولي محمد خان طرفان، نواب غلام الله خان (نواب احمد خان جي چاچي ۽ عمرڪوٽ جي نواب) کي موڪليو ويو ته نواب احمد خان کي واپس سنڌ وٺي اچي. نواب غلام الله خان اچي بهاولپور جي نواب وٽ مهمان ٿيو ۽ اتان قاصدن هٿان اميرن ۽ نواب ولي محمد خان جا خط راجا رنجيت سنگ ۽ نواب احمد خان ڏي موڪليائين. انهن خطن موجب نواب احمد خان راجا رنجيت سنگ کان اجازت گهري جنهن هڪ هاٿي پالڪيءَ سان، چار گهوڙا سنجن سان، چار جوڙا سونا ڪنگڻ جڙاءُ دار ۽ ٻيا وڏا تحفا ڏيئي نواب احمد خان کي رخصت ڪيو، جو اچي بهاولپور ۾ پنهنجي چاچي نواب غلام الله خان سان مليو. جڏهن حيدرآباد پهتا ته مير مراد علي خان پنهنجي صاحبزادي مير نور محمد خان کي نواب احمد خان جي مرحبا لاءِ موڪليو. نواب احمد خان، راجا رنجيت سنگ کان مليل هاٿي ۽ گهوڙا ۽ ٻيو سامان مير صاحبن کي نذراني طور پيش ڪيو جو خوشيءَ سان قبول ڪيو ويو.

وزير اعظم نواب ولي محمد خان جي وفات (۱۲۴۷ھ) بعد، نواب احمد خان لاءِ جاگيرون ۽ لوازما بحال ٿيا ۽ کيس مشير ۽ صلاحڪار جو عهدو مليو. مير غلام علي خان جو فرزند مير محمد خان جو سيني صاحبزادن (سوٽن) ۾ وڏو هو تنهن

نواب احمد خان کي پنهنجو وڏو وزير مقرر ڪيو. صاحبزادي مير نور محمد خان جي نواب احمد خان سان ذاتي محبت هئي، ۽ مير مراد علي خان جي وفات (١٢٤٩ ھ) بعد جڏهن مير نور محمد خان مکيه تاجدار ٿيو ته نواب احمد خان پڻ عملي طور ’وزير اعظم‘ جي درجي پهتو. چانڊوڪي جو پرڳڻو، ڪاڇو، ميهڙ، سامتاڻي، ۽ ٽکر باغبان سوڌو وينڊي سيوهڻ تائين نواب احمد خان کي حفاظت ۽ بندوبست لاءِ سپرد ٿيا. نواب احمد خان پنهنجو سڄو توجهه راڄن ۽ رعايا جي ڀلائي ۽ بهبودي ۽ سندن مفاد جي حفاظت طرف ٿي ڏنو جنهن جي ڪري بعضي ٽالپور اميرن ۽ صاحبزادن جي رنجيدگيءَ جو بار پڻ پنهنجي ذمي پئي ڪيائين. هن دور ۾ نواب احمد خان وڏي جرأت کان ڪم وٺي هڪ وڏو فساد ٽاريو جو ٽالپور ۽ لغاري قبيلن جي وچ ۾ روءِ نما ٿيڻ وارو هو(١) ۽ جنهن جي ڪري ملڪ جي اندروني استحڪام کي وڏو ڌڪ لڳي ها.

مير نور محمد خان کي ٻه فرزند هئا: وڏو مير شهداد خان ۽ ننڍو مير حسين علي خان. مير نور محمد خان پنهنجي جيئري صاحبزادي حسين علي خان جي ٻانهن نواب احمد خان جي حوالي ڪئي ۽ کيس سندس سنڀاليندڙ مقرر ڪيو. مير نور محمد خان

---

(١) چوٽي (ديره غازي خان) جو لغاري حسن خان پنهنجي خاندان جي رضا جي خلاف سنڌ ۾ لڏي آيو ۽ پنهنجي نياڻي جو سڱ لقمان خان پٽ محمد خان ٽالپور کي ڏيڻو ٿي ڪيائين. مقصد هو ته کيس سنڌ جي ٽالپور حڪمرانن جي حمايت حاصل ٿيندي ۽ ديري غازي خان جا لغاري سردار پڇي ڪونه سگهندا. انهيءَ سڱ تان سنڌ جي ٽالپور ۽ لغاري قبيلن ۾ فساد ٿيڻ وارو هو. نواب احمد خان، مير نور محمد خان کي مشورو ڏنو ته حسن خان واپس ديري غازي خان وڃي ۽ ٽالپر اتي وڃي ڪانئس سڱ وٺن. انهيءَ تي اتفاق ٿيو ۽ چوٽي مان رحيم خان لغاري آيو جنهن سان گڏ حسن خان کي واپس ڪيو ويو.

جي وفات (١٢٥٦) بعد مير محمد نصير خان سنڌ جو مکيه تاجدار ٿيو، ۽ اهڙا حالات پيدا ٿيا جو مير نصير خان طرفان نواب احمد خان جي ڪماحقه قدرداني نه ٿي. اول ته نواب احمد خان هميشه رعايا جي معاملن ۾ راڄن جي طرفداري پئي ڪئي، ٻيو ته مير شهداد خان ۽ مير حسين علي خان جي وچ ۾ ناسازي ٿي، ۽ مير محمد نصير خان توڙي صوبدار خان ٻنهي مير شهداد خان جي حمايت ڪئي. مير حسين علي خان جو نواب احمد خان سان سهڻو سلوڪ نه هو مگر مير نور محمد خان جي وصيت موجب نواب احمد خان ضروري ڄاتو ته مير حسين علي خان جي جائز حقن جي حفاظت ڪري. راڄن جا سردار سڀ نواب احمد خان سان شامل راءِ ٿيا جنهنڪري بالآخر مير محمد نصير خان دورانديشي ڪري نواب احمد خان جي راءِ موجب تڪراري حصي جو فيصلو مير حسين علي خان جي حق ۾ ڪيو؛ البت نواب احمد خان کي صدمو رسيو جو انهيءَ دورانديشي ۾ دير ٿي. ان جي تلافي لاءِ مير محمد نصير خان، مير شهداد خان کي ساڻ وٺي نواب احمد خان وٽ آيو ۽ مير شهداد خان پنهنجي طرفان نواب احمد خان کي جاگير ڏني. مير حسين علي خان پوءِ به نواب احمد خان لاءِ مٺي جو سور بڻيو ۽ انهن اندروني ڪشيدگين سببان نواب احمد خان ڪناره ڪشي ڪري وڃي لاڙڪاڻي طرف پنهنجي جاگيرن تي رهندو هو. ٻيو ته نواب احمد خان طبعاً قومي جذبات رکندڙ ۽ انگريزن جو مخالف هو، جنهنڪري پڻ، پنهنجن اميرن سان بعضي انهيءَ سلسلي ۾ سندس اختلاف راءِ ٿي ٿي پيو.

سنڌ جا عوام انگريزن جي وڌندڙ اثر ۽ رسوخ کان مطمئن نه هئا. اميرن ڪوشش ڪري انگريزن سان معاهدا ڪري صلح قائم ڪرڻ ٿي چاهيو، پر انگريزن جون سنڌ ۾ اکيون هيون ۽ انهيءَ ڪري پنهنجي مفاد مطابق معاهدن ۾ نت نوان شرط مڙهي اميرن کي رعايا جي نظر ۾ پئي ڏٺو ڪيائون.

مير محمد نصير خان بالآخر انگريزن جي ڏباءَ کان تنگ ٿي مقابلي جون تجويزون سٽيون. اصولي طور نواب احمد خان به انهيءَ راءِ جو هو پر هو اميرن جي گهرو نااتفاقي کان به پوريءَ طرح واقف هو. سندس زور هو ته اڳ ۾ اها نااتفاقي دور ڪجي ۽ پوءِ انگريزن کي منهن ڏجي. بهرحال، جڏهن نوبت مقابلي تي پهتي ته نواب احمد خان سڀ کان اول پيشقدمي ڪئي ۽ انگريزن جي ريزيڊنسي تي حملو ڪري سندن انهيءَ اڏي کي ختم ڪري ڇڏيائين. مياڻي واري جنگ ۾ نواب احمد خان هڪ سپه سالار جي حيثيت ۾ بهادريءَ سان لڙيو ۽ شڪست واري حالت ۾ پٺ پيش ڪونه پيو پر رهيل فوج کي سنڀالي فوراً وڃي مير شير محمد خان سان شامل ٿيو. بقول پوسٽنس: 'نواب احمد خان جو ٽالپور اميرن جي ڪؤنسل ۾ وڏو اثر هو، مگر ڳچ وقت کان وٺي اهو اثر گهٽجي چڪو هو، ۽ هو دربار جي پيچيدگين کان مايوس ٿي، منهن موڙي وڃي لاڙڪاڻي طرف پنهنجين وسيع جاگيرن ۾ گوشه نشين ٿيو. باوجود انهيءَ جي جڏهن موقعو آيو ته وفاداري ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪيائين: پنهنجي آقائن (اميرن) خاطر هٿيار کنيائين، جنگ ڪيائين، ۽ ٽالپور خاندان وارا ساڳيا ڏک سک پاڻ به سٺائين.' (۱)

'دبي' واري جنگ ٽوڙي شهدادپور کان اتر اوڀر طرف 'ڪونهيري' واري جنگ ۾ نواب احمد خان، مير شير محمد خان جو مکيه سپه سالار هو. شڪست بعد نواب احمد خان جي مشوره موجب ٿي مير شير محمد خان اتر سنڌ ۾ پهتو. سندن تجويز هئي ته اتي سرحد تي بلوچن جي فوج گڏ ڪري انگريزن سان مقابلو ڪجي، مگر جڏهن ڪين اها تجويز ڪامياب ٿيندي نظر نه آئي ته سنڌ کي خيرباد چئي پنجاب طرف مدد

---

(۱) پوسٽنس: سنڌ بابت ذاتي رايا، لنڊن ۱۸۴۳، ص ص ۲۰۷-۲۰۸.

Scanned by CamScanner

وڃڻ لاءِ روانا ٿيا. مير شير محمد خان ديره غازي خان جي لغارين سان ملڻ بعد لاهور ۾ سکن کان امداد طلب ڪرڻ لاءِ اسريو، ته نواب احمد خان اتي جي راڄن ۽ سردارن ۾ رهي لشڪر گڏ ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

مير محمد حسن خان، نواب احمد خان سان گڏ رهيو. لغارين جي ٽُمن مان پوءِ پٺي ڇٽا بوزدارن جي ٽُمن ۾ ويا، ۽ شهر 'مهري والا' ۽ شهر 'سيڪاٽي' ۾ رهيا ۽ بوزدارن سردارن درويش محمد خان ۽ گل محمد خان سان. ملي ڪين پنهنجو همخيال بنايائون. اتان پوءِ سيتپور ۾ گجرن سردارن وٽ آيا ۽ ڪافي عرصو سردار خان محمد گجر (جو ٽالپورن جي دربار سان وابسته هو) وٽ رهيا. پنجاب ۾ مير شير محمد خان سکن کان مايوس ٿيو ۽ پٺي طرف سنڌ تي انگريزن جو تسلط وڌندو ويو، انهيءَ ڪري نواب احمد خان سيتپور ويجهو مڪان 'ٽيڙهي' ۾ حويلي ٺهرائي ويٺو ۽ سازگار حالات جو انتظار ڪرڻ لڳو.

انهيءَ لڏپلاڻ ۾ نواب احمد خان سان پنهنجن ڀائرن ۽ رفيقن جو عملو لشڪر ۽ سپاه ساڻ هو، ۽ جنگ جو سامان جمع پئي ڪيائين. اتفاق سان هڪ ڪئمپ واري بستي کي اوچتو باه لڳي. نواب احمد خان چيو ته: اول ڀائرن ۽ رفيقن جو سامان ڪڍو، جو سڄو سورهن آنا ڪڍيو ويو، پوءِ چيائين ته: منهنجو ڪتبخانو ڪڍو. اهو قدري ڪڍيو ويو. ترارين جي هڪ پيٽي به ڪڍي وئي. بارود ۽ ٻيو سڄو سامان سڙي ويو. سڙيل زيورات هٿ ڪيا ويا(١).

---

(١) نواب شفيع محمد خان (بن عطا محمد خان بن بخش علي خان بن نواب احمد خان) چيو ته: اسان اهي سڙيل ڳهه ۽ زيور ڏٺا. اهي تراريون اسان ڏٺيون جن جون مٺاڻيون جڙاءُ دار هيون ۽ پوءِ به ڪافي قيمت تي وڪيون ويون. نواب احمد خان جي پنهنجي ترار جڙاءُ دار سازن واري مياڻ مان نه هئي بلڪ فولادي مياڻ هوس.

غالبا انهن ناسازگار حالتن کان متاثر ٿي نواب احمد خان دائمي طور سنڌ کان ٻاهر سيتپور لڳ سڪونت جو ارادو ڪيو. سنڌ ۾ پوري قبضي جي باوجود انگريزن کي مير شيرمحمد خان ۽ نواب احمد خان طرفان خدشو باقي رهيو. نواب احمد خان جي عزيزن ۽ رفيقن تي انگريزن طرفان بار پيو ته ڪنهن طرح نواب صاحب کي پنجاب مان سنڌ ۾ واپس آڻين. انهن عزيزن ۽ رفيقن طرفان (جن ۾ سندس ڀاءُ محمد خان، سوٽ غلام شاهه ۽ ٽالپور دوست علي خان مکيه هئا) نواب احمد خان کي واپس اچڻ تي آماده ڪيو ويو ۽ نواب صاحب طرفان نورنگ خان ڪوڪر ۽ عظيم خان پٺاڻ کي چارلس نيپئر ڏانهن وڪيلن جي حيثيت ۾ روانو ڪيو. وڪيلن جي اچڻ بعد حيدرآباد جي ڪليڪٽر رائبورن حڪمت عملي سوچي چو ته: نواب احمد خان راڄن ۾ مقبول آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته سندس اچڻ بعد شورش پيدا ٿئي. اول راڄن جا چڱا مڙس لکي ڏين ته اهڙي شورش نه ٿيندي. غلام شاهه جي معرفت جملي راڄن جي سربراهن اهڙيون صحيون ڏنيون. ڀانئجي ٿو ته انهيءَ سلسلي ۾ خيرپور جي مير علي مراد خان پڻ نواب احمد خان ۽ انگريزن جي وچ ۾ مفاهمت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مير علي مراد خان طرفان هيٺيون انجام نامون (جنهن جي تاريخ مبهم آهي) جو سندس مهر سان موجود آهي غالباً انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

"بحال است درين انجام تفاوت نيست

انجام سرکار به عاليجاه رفيع جايگاه نواب احمدخان لغاري آنکه درين وقت عهدهٔ حفاظت و بندوبست ملک چاندوکه کاچه و ميهر وسامتاني و تکر باغبان تابه سيوستان بذمهٔ نواب مذکور وسيلت و رافت

پناه...... دستگاه خلاصهٔ خاندان عظام یار با وفا سید میان دُرمحمد شاه مقرر داشته در پرگنات توقف فرموده شد۔ سرکار بنا بر ملاقات صاحبانِ ذي شان انگریز بهادر روانهٔ حیدرآباد شد۔ چنان تقیدِ محافظت سرحداتِ پرگنات سازند که یک پا ز آبِ کسي مردمِ غریب نقصان نہ گردد۔ و نیز بسرِ خودها سوار شده در تندرها بلوچان رفته که اقوامِ بلوچانِ کاچه و چاندوکه را از سرکار طمانیت کُلّي بموجب قسم تسلیمات دارد که بوطن مالوفه اماکن پذیر نمایند۔ وجوهات چار دشت بلوچانِ مذکور شرح سابق بحال است۔ هرکس تصرف کند شبگاه در قلعهٔ لارکانه نمایند۔ اخراجاتِ خودها و لشکر همراهي خود روزمره موجب مهر اعتبار خود بحساب سرکار متصرف باشند کہ برافت بفضل الهي.

سرکار انجام مي فرماید

کہ بمجرد ورودِ سرکار در حیدرآباد

آنچہ رنجشِ صاحبان انگریز بهادر دربارهٔ نواب خواهد بود

بهر وجوه معاف خواهد کنانند از همه ممکن الوجوه خاطر جمع باشد اعزاز و آبروي و قوت بعالیجاه مذکور بدستور بکلی بحال است بلکه درخور این چنین خدمات زیاد از سابق موردِ نتائج نیک خواهد بود

عالیجاه مذکور مدام از مراعات اشفاقات سرکار در سلک آبرو دانست همواره صدر شرح خواهد بود۔ ساخته پرداخته عزل و نصب کارپردازان و کارکنانِ پرگنات مذکور به اختیار است۔ انشاءالله تعالي درین انجام تفاوت تا بہ مو نخواهد شد...

حسب دستور حضور انور تسلیم روبرو

ماه ربیع الاخر سنہ ۱۲؟؟

مهر میر علي مراد

انهن خاطرين کان پوءِ حيدرآباد جي ڪليڪٽر مسٽر راٿبورن نواب احمد خان جي وڪيلن کي ڪراچيءَ ۾ وڃي نيپئر جي آڏو پيش ڪيو. سنڌ جي مکيه سردارن جو ضمانت نامو ڏسي چارلس نيپئر فوراً نواب احمد خان جي سنڌ واپس ورڻ جو طلب نامو وڪيلن کي ڏنو، جنهن جي پهچڻ تي نواب احمد خان، مير محمد حسن خان سان مشورو ڪيو ۽ ان بعد پنهنجي عزيز دوست علي خان ٽالپر ڏي لکيائين ته اوهان پنهنجي جاگير ’ٻُنياڻي‘ (تعلقو سڪرنڊ) ۾ حويليون تيار ڪرايو. اطلاع ملڻ تي سنه ١٨٤٧ع ۾ نواب احمد خان آتي پهتو ۽ قبيلو اتي رهائي پاڻ حيدرآباد آيو، ۽ ڪليڪٽر راٿبورن سان ملاقات ڪيائين جنهن سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ چارلس نيپئر سان ملاقات جو پروگرام طي ٿيو. نواب صاحب ان بعد ميرن صاحبن جي رهيل ديرن ۽ اهل نساء جي دلجوئي لاءِ ويو ۽ کين خاطري ڏنائين ته هو چارلس نيپئر کان ميرن صاحبن جي سنڌ واپس ورڻ جو مطالبو ڪندو.

هن کان اڳ ٻين سردارن چارلس نيپئر وٽ پهچي سلام ڪري جاگيرون پئي قبول ڪيون، پر ميرصاحبن جي واپس سنڌ اچڻ جو مطالبو ڪونه ٿي ڪيائون. نواب احمد خان جا ننڍا ڀائر محمد خان، الهداد خان، ۽ غلام حيدر خان سلام تي ٿي ڪين ويا هئا. ٽن سالن گذرڻ بعد سنه ١٨٤٦ع ۾ چارلس نيپئر طرفان سندن دلجوئي ڪئي وئي ته جئن هو نواب احمد خان کي سنڌ اچڻ تي آماده ڪن. انهيءَ سلسلي ۾ سندن نالي هيٺين سند جاري ڪئي وئي:

(مهر)

ميجر جنرل سر چارلس نيپئر صاحب بهادر
گورنر ممالڪ مفتوح سنڌه
سنه ١٨٤٦ عيسوي

Scanned by CamScanner

پسران مرحوم ولي محمد خان لغاري بعافيت باشند.

عاليجاهان محمد خان و الهداد خان و غلام حيدر خان

چون آنچه جاگيرات مفصلهٔ ذيل بنام شمايان مقرره بوده هنگام شرف شدنِ ديگر بلوچ و جاگيرداران بسلام حضور [آمدند مگر] شمايان مشرف بسلام نشديد۔ لهذا از روئ شفقت و الطاف آنچه جاگيرات اسمي شمايان كه [در] فبروري ۱۸۴۶ بتصرف شمايان بوده ازان جمله دو حصه از جاگيرات ... ذيل بنام شما عطا كرده شد تتمهٔ سيوم حصه از جاگيرات عيوض استحصال شرف سلام حضور بروقت آوردن موقوف چنانچه از حاصلات جاگيرات مذكوره ... تياري غلات در هر فصل يافت با ايالت سركار خواهد شد۔ فقط

تاريخ ۲۵ ماه اپريل ۱۸۴۶ع

باسم محمد خان لغاري از زمين
ديه دوآبه پوته و كوت
رته از منجمله شش هزار بيگه
مطابق پروانه دو هزار بيگه

باسم الهداد خان لغاري از
ديره خيره دو هزار بيگه
يک طرفي مطابق پروانه بمهر
مير نصير خان تالپر باسم الهداد خان
لغاري از رفتن ديه سنگواني (؟)
هفت صد بيگه موافق پروانه
بمهر مير نصير خان تالپر

باسم غلام حيدر خان لغاري موافق پروانه بمهر
مير محمد خان شش هزار و هفت صد (بيگه)

تحرير صدرالدين

True Copy
– – – – Rathborne
Certified at the request of
Muhammed Khan Laghari this 17th July 1847

هن سند مان ظاهر آهي ته نواب احمد خان جي ڀائرن پٽن

چارلس نيپئر جو بروقت سلام ڪونه ڪيو ۽ هيءَ سند سندن خوشنودي خاطر پاڻمرادو جاري ڪئي وئي.

نواب احمد خان هڪ محب وطن هو، تنهن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته چارلس نيپئر کان پهرين ملاقات ۾ ميرن صاحبن جي واپس اچڻ جو مطالبو ڪندو.

ڪليڪٽر راٿبورن، نواب احمد خان سان رفاقت ڪئي، ۽ ٻئي گڏجي ڪراچي پهتا. نواب احمد خان سان سندس ٻه فرزند ولي محمد خان ۽ بخش علي خان، ۽ سردار احمد خان نومڙيو گڏ هئا. چارلس نيپئر، نواب احمد خان سان ملندي ئي چيو ته: نواب احمد خان! مون توکي آسمان تي پئي ڳوليو پر اڄ مون کي تون هت زمين تي ملي ويو آهين. نواب احمد خان، نيپئر جي اکين ۾ اکيون ملائي فوراً جواب ڏنو ته: اوهان مون هڪڙي کي ٿي ڳوليو پر آءٌ پنهنجا ٻئي پٽ به ساڻ وٺي آيو آهيان. ان بعد حالي احوالي ٿيا ۽ جڏهن نيپئر، نواب صاحب کي سندس جاگيرن موٽائڻ ۽ انگريزن وٽ عزت ۽ افتخار جي خاطري ڏني، تڏهن نواب احمد خان کيس ٻڌايو ته هو فقط انهيءَ لاءِ سنڌ واپس آيو آهي ته سندس آڏو ميرن صاحبن جي سنڌ ۾ واپس موٽڻ جي مسئلي جي اهميت واضح ڪري. ان بعد نيپئر کي پنهنجي طرفان هر طرح جي خاطري ڏيئي ميرن صاحبن جي آزادي ۽ سنڌ ڏانهن واپسي جي گهر ڪيائين. نيپئر جواب ڏنو ته ميرن جو سنڌ واپس اچڻ قبل از وقت آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو ڪو به وعدو نٿو ڪري سگهي، البته نواب احمد خان کي گهرجي ته پنهنجون جاگيرون وٺي خوشحالي جي زندگي بسر ڪري. نواب احمد خان معذرت پيش ڪئي ۽ پنهنجن جملي جاگيرن - دوآبه پوٺو، پاڪ سنگهار، مرزان پور، رائلو، وچيلو، انڙپور، ٻڍاپور وغيره جن جي ايراضي ڏيڍ لک ايڪڙ هئي - ۽ ٻي ملڪيت تان دستبرداري

ڏيکاري، اجازت وٺي واپس وريو. جيڪو وقت ڪراچي ۾ هو ته چارلس نيپئر کيس پنهنجو مهمان ڪري رهايو.

نواب احمدخان واپس وريو پر نيپئر، نواب صاحب جي مير صاحبن سان وفاداري ۽ نمڪحلالي جي جذبي کان متاثر ٿي، حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏي لکيو ته نواب احمد خان جي گذران لاءِ هڪ هزار رپيا ماهوار پينشن مقرر ڪجي ٿي جا کيس ڏني وڃي. پينشن جي بدران گذران خاطر ڪابه جاگير قبول ڪري ته کيس ڏني وڃي. نواب احمد خان پينشن قبول نه ڪئي، مگر ڪجهه وقت کان پوءِ فرزندن ۽ پسماندن جي گذران جو خيال رکي دوآبو پوٺو (تعلقو لاڙڪاڻو) واري جاگير قبول ڪيائين. پنهنجي اڳين ميرزان پور جاگير ۾ (جا پوءِ دوآبه-پوٺه جي عيوض، ورتائين) ڪليڪٽر جي صلاح ۽ اجازت سان پنهنجو خلاصو ڳوٺ ٻڌائين ۽ سنه ١٢٦٧ه/ ١٨٥٠ع ۾ اچي اتي مقيم ٿيو.

نواب احمد خان هميشه ڪليڪٽر توڙي ڪمشنر آڏو ميرن صاحبن جي واپسي جو مطالبو پيش ڪندو رهيو ۽ انگريزن طرفان کيس دلاسا ملندا رهيا. بعد ۾ ڪليڪٽر جي اصرار تي ماڏا ٽي سؤ رپيا پينشن قبول ڪيائين انهيءَ لاءِ ته انگريزن کي مٿس پورو ڀروسو ٿئي ۽ هو سندس مطالبو منظور ڪن. مسٽر فريئر جڏهن ڪمشنر ٿي آيو ته نواب احمد خان جي عزت ۽ قدرداني ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪيائين ۽ بمبئي بدلي ٿيڻ بعد به کيس وڏي اهتمام سان ڪيمخواب جي لفافن ۾ خط لکندو رهيو. غالباً ڪمشنر فريئر صاحب ئي نواب احمد خان جي مطالبي کان متاثر ٿي ميرن صاحبن جي واپسي جي سفارش ڪئي، جو بالاخر ١٨٥٩ع ڌاري مير صاحب آزاد ٿي سنڌ ڏانهن موٽڻ لڳا.

نواب احمدخان جي عوام ۽ راڄن سان دلي محبت هئي ۽ ڀلائي ۽ بهبودي خاطر پنهنجو پاڻ پتوڙي سندن حمايت

حاصل ڪيائين. همت ۽ مردانگي سان گڏ سندس طبيعت ننڍي هوندي کان فقيري ڏانهن مائل هئي. لٽي جي درويش 'شاھ بلاول' جو مريد ٿيو جو پوءِ لڏي ٻيٽن ۾ آيو ۽ 'ٻيٽن وارو صاحب' سڏجي ٿو. مير صاحبن جن جي اصرار تي شاھ بلاول سنڌ ڇڏي مسقط ڏانهن روانو ٿيو ۽ ويندي وقت نواب احمدخان کي چيائين ته: مريد اسان جو آهين پر صحبت وڃي صوفي فضل الله قلندر سان ميران پور (جهوڪ) ۾ ڪر. نواب احمدخان پوءِ صوفي شاھ قلندر جو مريد ٿيو. ١٩- ذي قعده سنه ١٢٨٦ھ/ ٢١- فيبروري ١٨٧٠ع*، پنهنجي ڳوٺ مرزان پور جاگير ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس جهوڪ شريف ۾ دفن ڪيو ويو. ڪنهن شاعر سندس وفات جي تاريخ "با زود شد اندر بهشت" مادي مان ڪڍي.

نواب احمدخان علم دوست ۽ مطالعي جو شوقين هو. کيس پنهنجو ڪتبخانو هو جو سنڌ ڇڏڻ وقت پڻ سنڀالي ساڻ کنيائين. نواب احمدخان جي هٿ لکيل هيٺين عبارت، جنهن ۾ پنهنجي والد جي وفات جي تاريخ لکي اٿس، اسان جي نظر مان گذري:

> "بروز شنبه بروقت يک پاس روز باقي درماه
> ذي قعده ١٢٤٧ھ نواب ولي محمد عليه الرحمة
> رحلت فرمود، دستخط احمد فقير لغاري"

---

*خانداني روايت موجب اها تاريخ آهي. نواب احمدخان، سنڌ جي ڪمشنر کي هڪ درخواست ڏني هئي ته کانئس پوءِ سندس پينشن سندس اولاد واسطي قائم رهي. ان جو جواب ڪمشنر طرفان منشي خداداد خان جي صحيح سان اسان جي نظر مان گذريو، جنهن ۾ "ڪئمپ ٽنڊو الهيار" ۽ "تاريخ ٣- مارچ ١٨٧٠ع مطابق ٣٠- ذي قعده ١٢٨٦ھ" ڄاڻايل آهي. غالباً سندس وفات بعد اهو جواب رسم طور موڪليو ويو.

سندس ذاتي دؤر لاءِ قرآن شريف ڪاتب عبدالخالق ٻوٻڪائي سنه ١٢٦٥ھ ۾ لکي پورو ڪيو. آخوند صاحبڏني شڪارپوري سندس مدح ۾ قصيدو چيو جنهن ۾ نواب احمدخان جي مظلومن سان مدد ۽ همدردي ۽ سرڪشن کي شڪست ۽ سزا ڏانهن اشارو آهي:

ناميِ نواب نيک و نامدار و نامور
آنکه او همنام گشته سرورِ خيرالامم...
آنکه اورا شد خطاب ازبارگاهِ بي نياز
سرورِ نواب احمدخان اميرِ محترم
همت پامرديش افتادگان را دستگير
قوّت سرپنجه اش بشکست بازوی ستم

گولاشاهه جو فرزند غلام مرتضيٰ شاهه شهيد قهيري، خيرپوري، ڪمال خان رند، اميد علي خان مري ۽ غلام علي خان نظاماڻي نواب احمدخان جا خاص دلي دوست هئا. محمد يوسف منگواڻو سندس ننڍي هوندي جو يار هو، اڃان پڙهيو ڪونه هو جو نواب ولي محمد خان پنهنجي پٽ احمد خان کي چيو ته: ابا! پهريون يار اڻپڙهيل ڪيو اٿئي. اهو ٻڌي محمد يوسف پڙهڻ شروع ڪيو ۽ فارسي ۾ مهارت حاصل ڪري شاعر ٿي، ان بعد نواب ولي محمد خان جي خدمت ۾ نواب احمد خان سان گڏ اچي حاضر ٿيو.

بقول انگريز مصنف پوسٽنس: ”مير محمد خان جو وزيراعظم، نواب احمدخان، هڪ اهڙو ذي شان امير هو جو پنهنجي ذاتي خوبين سببان هندستان جي ڪنهن به شاهي ۽ شائسته دربار جو سينگار بنجي ها... هو اهڙين ته بلند اخلاقي خوبين جو مالڪ هو، جو صوبي سنڌ جي جن به مشهور ماڻهن ڪيس ڏٺو

هوندو تن کي سندس واسطي وڏي ۾ وڏو احترام هوندو."*

نواب احمد خان جون پنهنجون چيل ٽي ڪافيون دستياب ٿيون آهن جي هيٺ ڏجن ٿيون.

ٿلهه: سامي شال ملن آلا! جيءُ جلي ٿو جن لئي
١. جوڳي ايندا جوءِ ۾، وري شال وطن - آلا
٢. روهه رلايائون سسئي، ڪيچي ڪني ڪيچن - آلا
٣. ڏيان باهه ڀنڀور کي، لاٿي ڀيوت لڳن - آلا
٤. ساريو سناسين کي اندر چاڪ چڪن - آلا
٥. اٿم آس الله ۾، من ڪا سنهنجي ڪن - آلا
٦. حامي "احمد" شال ٿئي، اڱڻ هوت اچن - آلا

—

ٿلهه: سومل وڏا ڀاڳ وو! جي تون اچين مينڌرا
١. هي سر صدقو آهي اوهان تان، چمان پيرين خاڪ
٢. سوڌا توکي سوال اهوئي، گهمون ڪنڌين ڪاڪ
٣. راتو رئان رت ڦڙا، چاڙي ٿو رب پاڪ
٤. سڻي عرض "احمد" جو چانگي وارج واڳ

روپ گجري

ٿلهه: لڪيا هويا لڳام، عمر چام! مٿي لوئي وو هٽڙا
١. هٿم روز ازل کئون شايد هيءَ انجام
٢. راتو ڏينهان اچن ٿا سنڌا موت پيغام

---

*"Prime minister of Mir Mohomed...a noble man whose many qualities would have made him the ornament of the most polished court in India......his public merits were so generally known as to have procured him the highest opinion of all who were aquainted with the leading characters in the Sindian government." (Postans: Personal Observations on Sind, pp. 207-208).

۳. ڪارڻ دنيا ڪميٽيءَ جي وساريم پنهنجو رام
۴. سحر جاڳي جوڳ نه ڪمايم مٿئون پيڙم شام
۵. ڦري حرص هوا ۾ ڪهڙا وڌم دام
۶. عمر سڀ اجائي وڃايم، هٿ نه آيم ڪوئي ڪام
۷. هاڻي ’فضل‘ گهران ’الله‘ کان، پيوسندو ”احمد“ نام.*

—

نواب احمد خان جو اولاد. نواب احمد خان پنج شاديون ڪيون مگر اولاد فقط هڪ ديري مان ٿيو. اها بيگم ”رام سوڍن“ (ڳوٺ راڻاهو، جيسلمير) مان هئي جنهن مان ٻه فرزند ٿيا: وڏو نواب فقير ولي محمد ثاني ۽ ننڍو نواب بخش علي خان. ٻنهي جي تربيت نواب احمد خان جي زير نظر هئي، ۽ پنهنجي جيئري ٻنهي کي زمين ۽ مال ملڪيت ورهائي ڏنائين، اهي ورهاڱي وارا وصيتناما ۽ اقرارناما موجود آهن (ڏسو عڪس) ۽ ان وقت جي فارسي توڙي سنڌي نثرنويسي جا تاريخي يادگار آهن.

نواب بخش علي خان. سنه ۱۲۵۴ هه ۾ ڄائو. وڏي ڀاءُ نواب فقير ولي محمد خان کان ٻه سال کن ننڍو هو، پر وڏي بخت وارو هو. ٽن سالن جو هو جو دايو ڪلهي تي ڪري اول مير صوبدارخان وٽ کڻي ويس†. مير صاحب دُور ڪري دعا گهرڻ وارو هو ۽ پڇيائين ته: ڪنهن جو نينگر آهي؟ دايي چيو ته نواب احمد خان جو. مير صاحب چيو ته: دعا ٿو گهران ۽ هي قرآن شريف ٿو ڏيانس، پوءِ مير محمد خان

---

* هن مصرع ۾ سنڌس مرشد صوفي فضل الله قلندر ڏانهن اشارو آهي.

† دستور موجب سلام واسطي اول مير فتح علي خان جي اولاد وٽ، ان بعد مير غلام علي خان جي اولاد وٽ ۽ ان بعد مير مراد علي خان جي اولاد وٽ نيندا هئا.

Scanned by CamScanner



وصیت نامه

نواب احمد خان جو وصيت نامون



نواب احمد خان جي جائداد جو سندس پٽن لاء بخشش نامون

Scanned by CamScanner



عطا محمد خان بن نواب بخش علي خان



حاجي شفيع محمد خان بن عطا محمد خان



قادرداد خان بن عطا محمد خان

Scanned by CamScanner


نواب بخش علي خان
نواب عطامحمد خان
حاجي شفيع محمد خان
مير محمد خان
دين محمد خان
مهر علي خان
لطف علي خان
غلام مهدي خان
قادرداد خان
بخش علي خان
ناصر علي خان
قربان علي خان
شباب علي
شمشاد علي
خالق داد
قادرداد
غلام مهدي
شجاع محمد
شاهنواز
شهزادو خان
حسين بخش
غلام دستگير
شمس الدين

Scanned by CamScanner

(ابن مير غلام علي خان) وٽ ڪٽي ويس جنهن موتين سان جڙائدار خنجر ڏنس؛ ان بعد مير محمد نصير خان وٽ ڪٽي ويس، ڪچهري لڳي پئي هئي ۽ نواب احمد خان به ويٺو هو، مير محمد نصير خان کيس "ڪوٽ رته" (اڳيون تعلقو بقاپور ۽ هاڻي تعلقو قنبر) جي جاگير ڏني. هن سند جي تاريخ ٥- ماهه جمادي الثاني سنه ١٢٥٧هه آهي جنهن تي مير محمد نصير خان جي پنهنجي هٿ اکرين هي الفاظ لکيل آهن: "برخوردار نواب بخش علي خان طول عمره داده ام".

نواب بخش علي خان پنهنجي والد ۽ استادن جي زير نظر اعليٰ تربيت حاصل ڪئي. وڏو حسين ۽ هر فن مولا هو. وڻ تي چڙهڻ، ترڻ ۽ وهڻ جي سواريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. راڳ جو وڏو ڄاڻو هو، ستار وڄائيندو هو ۽ ڳائڻن تي فرمائشون رکندو هو. چوپڙ ۽ ڊاري راند جو استاد هو. بورچي به داناءَ هو؛ ميرن صاحبن جا ٻَپر بورچي چوندا هئا ته اسان جون ڪي خاميون جي مائٽن به ڪين ڪڍيون سي نواب صاحب درست ڪيون. جيئن ته سندس وڏو ڀاءُ نواب ولي محمد خان فقيري ڏانهن مائل هو، انهيءَ ڪري خاندان جو سڄو ڪاروبار جاگيرن سميت نواب بخش علي خان جي حوالي هوندو هو.

نواب بخش علي خان ماهه ربيع الثاني سنه ١٣٣٧هه ۾ وفات ڪئي. کيس هڪ فرزند نواب عطامحمد خان (ولادت ٢١- شعبان ١٢٧٤هه، وفات ٢٢- جمادي اول ١٣٠٣هه) ٿيو، جنهن کي ڇهه فرزند ٿيا. انهن مان نواب حاجي شفيع محمد خان (ولادت ٢٧- رمضان ١٢٩٧هه) هڪ باخبر، خوشطبع ۽ زنده دل شخصيت جو مالڪ هو. مئٽرڪ ڪلاس مان تعليم ڇڏيائين. سنه ١٩٠١ع ۾ ٽيويهن ورهين جي ڄمار ۾ حيدرآباد ۾ ڏهه روپيه ماهوار تنخواهه سان ڪلارڪ ٿيو ۽ ترقي ڪري ١٩١٨ع ۾ تعلقي دگهڙي جو مختيارڪار ٿيو. سنه ١٩٣٠ع ۾ پينشن تي لٿو.

جيڪو وقت نوڪري ڪيائين سو نوابي شان ۽ بيباڪي سان ڪيائين. انگريز آفيسر سندس گھڻو خيال رکندا هئا ۽ ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا.

بنده راقم جي نواب حاجي شفيع محمد خان سان هن ڪتاب لاءِ مواد جي سلسلي ۾ پهرين ملاقات ١١-سيپٽمبر سنه ١٩٥٦ع ۾ ٿي ۽ ان بعد پڻ ساڻس مجلسون ٿيون. نوابن جي خاندان ۽ خصوصاً وزيراعظم نواب ولي محمد خان، نواب احمد خان ۽ نواب فقير ولي محمد جي باري ۾ ڪافي معلومات وٽانئس مليا. باوجود پيريءَ جي نواب حاجي شفيع محمد خان جو حافظو تيز ۽ ذهن جوان هو. ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هو، 'جيندڙي' فقير ڳائڻو وٽس گھڻو گذاريندو هو، ۽ سندس هڪ محفل اسان نواب حاجي شفيع محمد خان جي اوطاق تي ٻڌي. خانداني روايات جو علمبردار ۽ نوابي شان ۽ فضيلت جو تاجدار نواب حاجي شفيع محمد خان ٢٩-جنوري سنه ١٩٦٥ع ۾ وفات ڪئي.

د- فقير نواب ولي محمد: سوانح، ڪلام ۽ اولاد

اسان جو شاعر فقير نواب ولي محمد لغاري (ثاني)، نواب احمد خان جو وڏو پٽ هو. سنه ١٢٥٢هه/١٨٣٦ع ۾ شهر حيدرآباد ۾ سندس ڏاڏي وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاري (اول) جي ٻڌايل ٽنڊي ولي محمد خان ۾ ڄائو، جو ان وقت موجوده ڪليڪٽري کان ڏکڻ-اولهه طرف واري ايراضي ۾ هو(١). ٻاراڻي ٻُڌ ۾ فقير نواب ولي محمد جي تربيت پنهنجي والد نواب احمد خان جي زير نظر هجرت ۽ سفر واري دؤر ۾ ٿي. انگريزن جي قبضي بعد نواب احمد خان،

---

(١) انگريزن اچي پوءِ انهيءَ ايراضي تي قبضو ڪيو، ۽ نواب صاحبن کي سندن اصلي حويلين جي عيوض نوان پٽ مليا، جن کي هنن موجوده "ٽنڊي ولي محمد" جي نالي سان آباد ڪيو.

مير شير محمد خان سان گڏجي سنڌ ڇڏي. سندس ٻئي فرزند ولي محمد خان ۽ بخش علي خان ساڻس گڏ رهيا. جڏهن نواب احمد خان موٽي سنڌ ۾ آيو ۽ اچي موجوده سڪرنڊ تعلقي ۾ پنهنجي جاگير "مرزان پور" ۾ مقيم ٿيو ته ان وقت سندس وڏي صاحبزادي ولي محمد خان جي عمر يارهن سال کن هئي.

مرزان پور ۾ رهائش بعد ئي نوجوان ولي محمد خان جي تعليم جو باقاعدي انتظام ڪيو ويو. سانوڻي آخوند ميان غلام محمد ۽ ميان محمد صادق ۽ ڳوٺ 'سيد ڪنڊي' (موجوده تعلقي سڪرنڊ) جي بزرگن مان ميان لقمان، ميان مقيم ۽ ميين سجاول کان فارسي ۽ عربي تعليم حاصل ڪيائين. پنهنجي والد جي ترغيب موجب طريقت جي تلقين جهوڪ شريف جي سجاده نشين صوفي ابراهيم شاهه 'بنگلہ ڏٺي' کان ورتائين. ولي محمد خان جي عمر چوٽيهه سال کن هئي جو سندس والد نواب احمد خان ٢١- فيبروري ١٨٧٠ع ۾ وفات ڪئي.

وڏي فرزند جي حيثيت ۾، ولي محمد خان 'نواب' جي موروثي لقب سان پنهنجي والد جو جانشين ٿيو، مگر سندس طبيعت ننڍي هوندي کان وٺي تنهائي پسند هئي. جاگير جي زمين جو سڄو ڪاروبار ۽ ٻيو سڄو انتظام پنهنجي ننڍي ڀاءُ بخش علي خان جي حوالي ڪيائين ۽ پاڻ فقيري ڏانهن مائل رهيو. ٿوري ئي وقت ۾ مرزان پور جاگير واري زمين جي گهڻي حصي کي درياهه پائي ويو، جنهنڪري سنه ١٨٧٤ع ۾ ان جي عيوض کيس ديهه 'ٻيرچڻ' ۽ ديهه 'جهونجهاڻ' ۾ ڏهه هزار جريب ٻي زمين ملي. سنه ١٣٠٠هه/١٨٨٢ع ۾ درياء بالاخر شهر ميرزان پور جاگير کي کوهه، باغ ۽ حويلين سميت پائي ويو. انهيءَ دوران نواب ولي محمد خان ۽ سندس ڀاءُ بخش علي خان، سندن والد نواب احمد خان ۽ ڀاڻس نواب غلام حيدر خان جا

نعش ڪڍارائي اچي جهوڪ شريف جي درگاھ جي ساڄي ۾ دفن ڪرايا. جڏهن سندن عزيزن تاجپور ۾ اها خبر پڌي، تڏهن ڀائرن کي موڪليائون جي وچي نواب ولي محمد خان ۽ بخش علي خان کي آتان لڏائي تعظيم سان تاجپور وٺي آيا، جتي عزيزن طرفان ڏنل زمين ۾ سنه ١٣٠١ھ/١٨٨٣ع ۾ حويليون اوطاقون ٺهرائي اچي دائمي طور سڪونت پذير ٿيا.

ان بعد نواب ولي محمد خان چاليهن سالن جي عمر ۾ سڄو دنيوي ڪاروبار پنهنجي پياري ڀاءُ نواب بخش علي خان جي حوالي ڪري پاڻ گوشه نشين ٿي فقيرانه رنگ ۾ رهڻ لڳو. جواني واري وقت کان شاعري ۽ موسيقي سان وڏو شغف هوس. پاڻ ستار وڄائيندو هو، ۽ محفلن ۾ گويّن تي راڳڻين جي فرمائش رکندو هو. ساڳئي وقت صوم صلواة جو پابند هو. ميران پور (جهوڪ) ۾ ڏها ۽ چاليها ڪڍيائين. چاليهن سالن جي عمر بعد فقيري رنگ مٿس ويتر وڌيڪ چڙهيو ۽ ياد الاهي ۽ ذڪر فڪر ۾ گذارڻ لڳو. چوونجاھ سالن جي ڄمار ۾ 'مرصع تاج' بدلائي 'فقيري تاج' پاتائين.

فقير نواب ولي محمد سنڌي ڪلامن کي پنهنجي صوفيانه خيالات جي اظهار جو ذريعو بڻايو. حاجي طاهر فقير يڪتاري وارو ۽ دائم فقير دلو وڄائيندڙ هميشه سندس حاضري ۾ رهندا هئا (١)، ۽ سندس ڪلام ڳائيندا هئا. فقير صاحب کين اڪثر چوندو هو ته: ابا اول اميد علي شاھ جو ڪلام پڙهو. سندس فرزندن مان بهاول خان پڻ مٿين فقيرن سان گڏ سندن ڪلام ڳائيندو هو. نصرپور جو مشهور شاعر سيد مصري شاھ سندس وڏو صحبتي هو ۽ اڪثر اچي فقير نواب ولي محمد وٽ مهمان

---

(١) دائم فقير سان اسان ملياسون، ان وقت سندس عمر پنجاسي سال کن هئي. اسان کي فقير نواب ولي محمد خان جو هي ڪلام ٻڌايائين:

"هيت آهيان جو انسان، هُت نه ڄاڻان ڪير آهيان."

ٿيندو هو. مصري شاهه، فقير صاحب کي هڪ ننڍڙي ڪشتي تحفي طور ڏني جا اڄ تائين فقير صاحب جي اولاد وٽ محفوظ آهي، ۽ پاڻ وري فقير صاحب کان ڳيڙو (ڪپڙو) پاڪر طور ورتائين جو اڄ تائين سندس پوين وٽ احترام سان رکيل آهي. خانپور (لڳ تاجپور) ۽ ان جي پسگردائي ۾ 'ناهيان' قوم مان مصري شاهه جا مريد هئا جن کي چوندو هو ته: جيڪو فقير نواب ولي محمد کي نٿو سمجهي ۽ سڃاڻي سو منهنجو مريد ئي ناهي.

فقير نواب ولي محمد جي صحبت مان گهڻن کي فيض پهتو. محمد فقير ڪنڀياڻ، فتح علي خان ڪنڀياڻ (محمد فقير ڪنڀياڻ جو سؤٽ)، قاضي حسام الدين ڪنڀياڻن وارو، احمد فقير لاڪو پيڏين (لڳ ڀريا، ضلع نوابشاهه) جو، ديوان خانچند حيدرآباد جو ۽ ٻيا سندس صحبتي ۽ طالب هئا. سندن عزيزن مان خاص طرح نواب گدا علي خان ۽ نواب عرض محمد خان ٻئي ڀائر فقير صاحب جا صحبتي هئا، ۽ فقير صاحب جن جي پڻ ساڻن گهڻي محبت هئي. نئون ڪلام ٺاهيندا هئا ته نواب گدا علي خان کي لکي ڏيندا هئا. خود پنهنجي فرزند نواب غلام حيدر خان تي پڻ سندن نظر عنايت هوندي هئي.

فقير نواب ولي محمد نهايت ئي نرم طبيعت ۽ سنجيده سڀاءُ جو مالڪ هو. ٻاهر مجلس ۾ ايندو هو ته مٿي کٽ تي اوڪڙو ٿي هٿ ٻڌي ويهندو هو ۽ اکيون ڍاري ڇڏيندو هو، ۽ اهڙي طرح ڪلاڪن جا ڪلاڪ بنا چرڻ پرڻ جي ويٺو هوندو هو.

آخري عمر ۾ هڪ ڀيري محمد فقير ڪنڀياڻ ۽ پنهنجي فرزند غلام حيدر خان کي چيائون ته: اسان سان صحبتي فقراء اڪثر جدا جدا وقتن تي اچن ٿا، انهي ڪري اهڙي ڪا تاريخ مقرر ڪريو جنهن تي سڀ، صحبتي فقير اچن ۽ پاڻ ۾ ملي سگهن. محمد فقير ڪنڀياڻ ۽ غلام حيدر خان صلاح ڪري

۾ تاريخون، ستيھ ۽ ٻارهين تجويز ڪيون، ان سان گڏ فقير صاحب کان سندن پنهنجو رايو پڻ پڇيائون. فقير صاحب چوٿين تاريخ جي خواهش ظاهر ڪئي، جنهن ڪري فقراء جي اچڻ لاءِ هر مهيني جي چوٿين تاريخ مقرر ٿي. تقريباً ڏيڍ سال تائين هر مهيني جي چوٿين تاريخ سندن طالب ۽ صحبتي فقير وٽن ايندا رهيا. سال ١٣٣٢هه (١٩١٤ع) ۾ رمضان شريف جي چوٿين تاريخ خميس ڏينهن فجر نماز جو وقت هو، فقير سڀ گڏ ٿيل هئا جو سندن حياتيءَ جو جام لبريز ٿي آيو ۽ سندن روح فاني جسم مان دارالبقا ڏانهن پرواز ڪيو. سندن عمر اُن وقت آسي ورهيه هئي. طالبن ۽ فقيرن، فقير نواب ولي محمد جو جنازو يڪتارن سازن ۽ آلاپن جي گونج ۾ سينگاري کنيو ۽ کين شهر تاجپور ۾ رستي لڳ سندن خانقاه جي حد اندر دفنايو ويو جتي سندن مقبره موجود آهي.

فقير نواب ولي محمد جا يادگار آثار

فقير صاحب جي ذاتي استعمال جي شين مان هيٺيون تبرڪات* طور محفوظ آهن: (١) ٻيراڳڻ، جا فقير صاحب کي سندس والد نواب احمد خان کان ملي. (٢) ۾ 'تاجون'، يعني ڏگهيون چوٽيدار فقيري ٽوپيون، جي فقير صاحب پاڻ پنهنجي هٿ سان ٺاهيندو هو. (٣) گودڙي. (٤) ڪمر ٻڌڻ جي گيڙو چادر. (٥) ننڍڙي ڪشتي جا سيد مصري شاهه نصرپوري کين تحفي طور ڏني. (٦) هڪ تَبر، جا ورثي طور کين پنهنجي والد کان ملي. اها تَبر، وزير اعظم نواب ولي محمد خان کي ڪابل ۾ تيمور شاهه بادشاهه تحفي طور ڏني هئي.

صوم و صلواة سان گڏ فقير صاحب ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ وظائف جو دؤر وڏي محبت ۽ دل جي حضور سان

---

* اهي تبرڪات سندس پڙپوٽي بهاول خان بن امداد علي خان وٽ محفوظ آهن.

ڪندو هو. قرأت لاءِ قرآن شريف، سيپارن ۽ وظائف جا قلمي نسخا وٽن سانڍيل هوندا هئا جن مان هيٺيان محفوظ آهن: (۷) قرآن شريف قلمي سنه ١١١٩ه، جو لکيل جنهن تي سونهري ۽ ميناڪاري ڪم ٿيل آهي. (٨) قرآن شريف قلمي سونهري ۽ ميناڪاري سان پارسي ۾ معنيٰ ۽ شرح سان. (٩) قرآن شريف، پندرهن سيپارا قلمي (ٻه ڀاڱا)، سنه ١٢٦٥ه جا لکيل. (١٠) 'يارهن سوره' قلمي، جو سندن والد نواب احمد خان کي جناب مير نورمحمد خان طرفان مليو. (١١) قرآن شريف جو 'پنج سيپاره' قلمي، فقير صاحب جي پنهنجي هٿ جو لکيل. (١٢) قرآن شريف، پهريون سيپارو، فقير صاحب جو پنهنجو هٿ لکيل. (١٣) بياض قلمي، سندن هٿ لکيل جنهن ۾ وظيفا، دعائون، مداح ۽ تعويذات قلمبند ٿيل آهن. (١۴) بياض قلمي، سندن هٿ لکيل، جنهن ۾ درگاهه ميران پور (جهوڪ) جي صاحبن بزرگن جي سلسلهٔ طريقت جو شجره، پارسي ۾ خطن لکڻ جا نمونا، سندن پنهنجا ۽ ٻين شاعرن جا ڪلام قلمبند ٿيل آهن. (١٥) پنهنجي خاندان جو تاريخي احوال، سندن پنهنجو مرتب ڪيل ۽ هٿ لکيل.

سندس اولاد

فقير صاحب کي ست فرزند ٿيا جن مان ڇهن کي اولاد ٿيو. وڏو فرزند غلام حيدر خان هو جو ڪانئن پوءِ سندن سجاده نشين ٿيو. غلام حيدر خان ٢٨- ربيع الاخر سنه ١٢٨٨ه ۾ ڄائو ۽ ١٩- صفر ١٣٦٢ه/٢۴- فبروري ١٩۴٣ع ۾ وفات ڪيائين. کيس پڻ ست فرزند ٿيا جن مان نواب دوست محمد خان (١٣٠٧-١٣۷٥ه) سندس جاءِ نشين ٿيو. نواب غلام حيدر خان جي فرزندن مان درويش محمد خان ۽ اميد علي خان خاص طرح هن ڪتاب لاءِ مواد مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، فقير نواب ولي محمد خان جي فرزند بهاول خان شهيد (١٢٩٠-١٣٢٥ه)



بسم الله الرحمن الرحيم
قل اعوذ برب الفلق ۞ من شر ما خلق
ومن شر غاسق اذا وقب ۞ ومن شر النفثت
في العقد ۞ ومن شر حاسد اذا حسد

بسم الله الرحمن الرحيم
قل اعوذ برب الناس ۞ ملك الناس ۞ اله
الناس ۞ من شر الوسواس الخناس ۞ الذي يوسوس
في صدور الناس ۞ من الجنة والناس

قرآن شريف: جنهن تي فقير نواب ولي محمد خان دور ڪندو هو



فقير نواب ولي محمد جي دور وارو قرآن شريف: آخر ۾ ڪاتب جي عبارت



بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يَا سَامِعَ الدُّعَآءِ وَيَا فَاطِرَ السَّمَآءِ

وَيَا دَائِمَ الْبَقَآءِ وَيَا وَاسِعَ الْعَطَآءِ

لِذِي الْفَاقَةِ الْعَدِيْمِ

يَا عَالِمَ الْغُيُوْبِ وَيَا سَاتِرَ الْعُيُوْبِ

وَيَا غَافِرَ الذُّنُوْبِ وَيَا كَاشِفَ الْكُرُوْبِ

عَنِ الْمُرْهَقِ الْكَظِيْمِ

يَا ثَابِتَ الصِّفَاتِ وَيَا جَامِعَ الشَّتَاتِ

وَيَا مُخْرِجَ النَّبَاتِ وَيَا مُنْشِئَ الرُّفَاتِ

مِنَ الْأَعْظُمِ الرَّمِيْمِ

فقير نواب ولي محمد جي هٿ لکيل
وظائفن جي بياض جو هڪ ورق



بسم الله الرحمن الرحيم

چند ڪافي ۽ ابيات سنڌي و بعضي غزل فارسيه
و هندي ڪلام تصنيف حقير دراين ڪتاب نوشته
نموده مي شود اميد است هر ڪسي اين ڪلام را مطالعه نمايد
آنها اين فقير را بدعا ياد خواهند فرمود والله اعلم بالصواب

ڪافي برديف گري

ڏس سير وجود جو ڏي هي ڇڏي خام خيال سڀئي
ڏيٺس پرينءَ پون ڇڄ ويندءِ ڳالهه ڪنهن ڀي پُٺ
ڪي هي نحن اقرب تو وٽ آهي يار تنهنجو
اوهو ڏيا هي الانسان سري وانا سره

نف

نواب فقير ولي محمد جا هٿ لکيل ڪلام



مرقد نواب فقير ولي محمد

Scanned by CamScanner



حاجي غلام حيدر خان بن فقير ولي محمد خان



بهاول خان بن فقير ولي محمد خان

Scanned by CamScanner



حاجي سردار خان زوار
بن فقير ولي محمد خان



غلام رسول خان بن
فقير ولي محمد خان

Scanned by CamScanner



دوست محمد خان بن حاجي غلام حيدر خان



حاجي غلام حسين خان بن حاجي غلام حيدر خان

Scanned by CamScanner



احسان علي خان بن
حاجي غلام حيدر خان



حاجي اميد علي خان بن
حاجي غلام حيدر خان

حاجي درويش محمد خان
بن حاجي غلام حيدر خان

بهاول خان بن امداد علي خان
(جنهن هن ڪتاب جي مواد گڏ ڪرڻ ۾
وڏي مدد ڪئي)

Scanned by CamScanner

نواب حاجي نور احمد خان لغاري
بن فقير نواب جان محمد خان



حيدر علي خان بن
حاجي قمبر علي خان



امداد علي خان بن
فقير نواب بهاول خان صوفي

عبدالجبار عابد لغاري بن
نواب حاجي محب علي خان



نواب غلام شبير خان بن نواب حاجي درويش محمد خان
موجوده سجاده نشين درگاهه فقير نواب ولي محمد خان

Scanned by CamScanner


فقير نواب ولي محمد
گل حسن خان
احمد خان
نواب غلام حيدر خان
بهاول خان شهيد
سردار خان
غلام رسول خان
درويش محمد خان
خدابخش خان
ولي محمد خان
امداد علي خان
بهاول خان
امداد علي
فتح علي
مكرم علي
معظم علي
مولاداد خان
مقبول عالم
عبدالحسين خان
عبدالقادر
عبدالجبار
عبدالخالق
عبدالكريم
عبدالرحمان
نواب دوست محمد خان
غلام حسين خان
شاه محمد خان
درويش محمد خان
اميد علي خان
احسان علي خان
روشن علي خان
ولي محمد
احمد خان
خان محمد
غلام شبير
غلام حيدر
مظهر حسين
اختر حسين
غلام قادر
وزير حسين
غلام مصطفىٰ
ظهور حسين
الطاف حسين
فدا حسين

Scanned by CamScanner

اپريا شمس حسن دا وِي، هرجاءِ ٿئي روشنائي
ويڪ شعاع شمع دا، پتنگ ڪرن پروازان
ڪليا گل گلشن دا وِي، عشق ڪيتي هٿئي عطائي
راز رندي دا رايا سمجهن سالڪ سياڻي
پاون ذوق چمن دا وِي، محبت مچڙا مچائي
"الانسان سري وانا سره" سمجهه اشارا
گهمندي ملڪ امن دا وِي، صورت وچ سمائي
"غلام حيدر" خيال خامي، ڇوڙ خودي دِي خساري
ڪر تون سير جشن دا وِي، اپڻان آپ وڃائي

●

جن سان روح رهاڻيون، سانَ ملن سي سپرين
نيڻين ناهي ننڊ ويچارين، ولهيون وطن ويڱاڻيون
آب آڻيو جر جال وهائن، قرب ڪٺيون ڪوماڻيون
راتو ڏينهان فڪر فراق ۾، وڃن راتيون وهاڻيون
"غلام حيدر" محبت مٺيون، نرمل لاءِ نماڻيون

●

نينهن نيڻن جي نائي آهيان
عشق حسن جي گهائي آهيان
محبت جن جي سوهيو، ناز انهن جي نمائي آهيان
راتو ڏينهان اندر ۾ طلب تنهنجي تائي آهيان
لڪئي لوح قلم جي، هتي آڻي ڦسائي آهيان
"غلام حيدر" چوي درد سؤن جوش جگر جي جلائي آهيان

●

جيڪي نينهن نظاري چڙهنديون
سي سڙيون سڪ ڪيئن سهنديون

راتو ڏينهان تانگهه تنهن ۾،
جان جلائي جوش جنهين ۾،
باب برهه جا بيوس پڙهنديون،
ٿي نروار نسنگ گهمنديون

جنهين پنهنجو پاڻ سڃاتو،
عشق حسن سان لائي ناتو،
قرب جي ڪارڻ قلب ۾ ڪڙهنديون،
ڏام ڏَيهن سان ڏُسون ڏمنديون

عشق جو پنڌ آهي اوکو اٽانگو،
جيڪي لاهن سر جو سانگو،
سڪ سڄڻ جي ڪان سوز ۾ سڙنديون،
لوڪؤن لڪي اهي ڪيئن سگهنديون

”غلام حيدر“ جن سان يار جي ياري،
تن کي خلق جي ڪوهه ڪندي خواري،
’لا‘ جي لاڙي لاشڪ لڙنديون،
جام جهوڙيليون جهميو جهمنديون

●

مولا ملڪ وساهه منهنجي مارن جو،
تن ويڙهيچن وينجهارن جو،

ايندم شال ڪهي، ويندم سار لهي،
ڪندم سور سهي، پوندم رات رهي،
پکي منهنجي پيهي، ڪندا حال وهي،
تن ويڙهيچن ولهارن جو

ماءُ لولي ڏني، آهيان ڇوري ڇني،
ساري رات رني، مٿان ٻيڄ ٻني،
ڪنهن ڪانءُ ٻُني، ڪيڙس قيد ڪني،
ايهو سور سڙيئي سنگهارن جو

ساوا گاهه ڦٽن، سانگي سانگ اچن،
ويجهو منهنجي ويهن، ڏسي نيڻ ٺرن،
مارو مال چيڙن، ٿئي چونگار چڙن،
اکين ڏٺ تہ ڏسان مان ڏٿارن جو

چوي "غلام حيدر"، پرين پيا ٿئي پڌر،
چڙهي نيڻ نظر، آيا تنهنجي در،
ڪڍي ڪوٽ منجهان نيندا نال نڌر،
ايهو ٻول ٻڌل آ ٻڪرارن جو

●

من موهن منٺار، سگهو مل جاني۔
تو سوا ڏکيا ڏينهڙا لنگهن ٿا، دل گهريا دلدار
راتو ڏينهان آهي اندر دل، پل پل تنهنجي پچار
ويٺي اوهان لئي واٽ نهاريان، نيڻين وهايو نار
"غلام حيدر" عرض ڪري ٿو، واڳ وطن تي وار

●

ذات صفات ڪري ڏار، ڪر ويچار،
پنهنجو منصف پاڻ ٿي۔
خلق آدم عليٰ صورته، گوهر ٻڌ گفتار
بيخودي جي بحر ۾ گم ٿي، سارو ڏسي اسرار
خاڪي پوش ۾ پاڻ لڪائي، آئين ٿي اظهار
ساڪن آهين ملڪ عدم جو، جت ٿي سڏايو تو ستار
"غلام حيدر" ڪي حق ڪري ڄاڻي، ناهي معنيٰ تڪرار

بيت

سهڻي صورت موهه ماهي، دي دل ڪيتي ديواني
الدنيا ساعة ليست فيها راحة، اهين ڏتڙي حرف حيراني
چوڙ ڳيا ڪل حرص هوائي هويا لطف رباني
"غلام حيدر" نال صدق دري، سر ڪرين قرباني۔

—

سهڻي صورت سوز چڪايا چستڙن چاس چکيوسي
ناز نازان دي نرمل نايا، لنؤ لنؤ لاڳ لڳيوسي
برهه دي بوند بهارين لايان، مهرڻون مينهن وسيوسي
"غلام حيدر" موهه مشتاقان محبت وچ مُسيوسي۔

—

راٺون ڪا رات ويو ڳجهي ڳالهه ڪري
سوڍي ري سرتيون، هڏ نه ساهه سري
وڃي مانَ وري، آسائتي آهيان۔

تصنيفون ۽ ڪلام

فقير نواب ولي محمد فارسي توڙي عربي جي تعليم ورتي۔ ڪتابن ۽ ڪتابت سان سندس شوق هو، جيئن ته سندس پنهنجا هٿ لکيل سيپاره ۽ سورتون موجود آهن۔ علم و ادب جي موضوعن خصوصاً شعر و سخن جي مضمونن ۽ تاريخ جي بابن سان سندس ذاتي ذوق هو۔ سندس پنهنجي سجع "شافع ما ولي محمد بس" هئي۔ هن عزيزن ۽ پنهنجن فرزندن جون سجعون هيٺينءَ ريت جوڙيائين جن مان فارسي سان سندس آشنائي جو اندازو ٿي سگهي ٿو:

نواب گدا علي خان:
"گدا علي به علي گشت در جهان روشن"۔
نواب عرض محمد خان:
"نمودم عرض محمد را عطا شد دين و الايمان"۔

Scanned by CamScanner

سندس فرزند غلام حيدر خان:

”غلامِ حيدرم الحمد لِلّٰه“.

سندس فرزند غلام رسول خان:

”به بين برڪت شهدا شدم غلامِ رسول“.

سندس فرزند بهاول خان:

”گرفت زيب بهاول به حرمتِ پنجتن“.

فقير صاحب جي ارشاد تي منشي ٽوپڻ مل ٽالپورن کان اڳ واري دؤر جي تاريخ فارسي ۾ تاليف ڪئي جا ۱۱- مئي ۱۸۷۶ع/۱۶- ماهه ربيع الثاني ۱۲۹۷هه تي لکي پوري ڪيائين. هن ڪتاب جي قلمي نسخي جي پهرين پنجويهن ورقن ۾ هندوستان جي مغليه حڪومت جو مختصر بيان، نادرشاهه ۽ احمد شاهه جي ڪاهن تائين ڏنل آهي. ان بعد سنڌ جي تاريخ شروع ٿئي ٿي. چويهين کان ڇٽيهين ورق تائين عربن، سومرن، سمن، ارغونن ۽ مغليه صوبيدارن جو ذڪر مختصر طور بيان ڪيل آهي. ان بعد ڪتاب جو باقي حصو ڪلهوڙن جي دؤر سان تعلق رکي ٿو جو نسبتاً تفصيل سان ڏنل آهي. انهيءَ لحاظ سان مجموعي طور سان هن کي ڪلهوڙن جي دؤر جي تاريخ چئي سگهجي ٿو. هيءَ هن تاريخ جو پهريون جلد هو جو فقير نواب ولي محمد جي ارشاد تي لکيو ويو*، جيئن ته ان جي آخر ۾ مؤلف جي هيٺين عبارت مان ظاهر آهي:

> ”باتمام رسيد نسخهٔ هذا از دست نحيف بمقدار بنده توپن مل ولد منشي ٹنورسنگ سکنه تندره مرحوم مير اسمٰعيل شاه عليه رحمة تعلقه حيدرآباد سنده حسب التکليف جناب نواب صاحب بلند حشمت عالي قدر سرمايهٔ مروت مجمع الاشفاق يگانه گوهر انفس و آفاق فياض الدهر مفيض العصر جناب نواب صاحب نواب ميان ولي محمد خان لغاري صاحب دام

---

*هيو جلد ”ٽالپوري دؤر“ بابت پوءِ نواب فتح محمد خان جي ايماء تي لکيو ويو، جنهن جو بيان مٿي صفحي [۱۱۵] تي اچي چڪو آهي.

حشمته خلف مرحوم مغفور جنت مکان خلد آشیان حضرت نواب صاحب نواب ميان احمد خان لغاري عليه الرحمة و الغفران واقع تاريخ ١١- مئي سنہ ١٨٧٦ع برابر ١٦- ماه ربيع الثاني سنہ ١٢٩٧ھ سنڌي ماه ويساکھ سنہ ١٩٤٤ صورت انتظام يافت".

فقير نواب ولي محمد خود پاڻ تصنيف ۽ تاليف ڏانھن متوجه ٿيو: پنھنجي خاندان جي تاريخ لکڻ جو ارادو ڪيائين ۽ انھيءَ سلسلي ۾ خاندان جا اوائلي حالات ۽ ٻيو چڱو خاصو مواد هڪ مسودي جي صورت ۾ مرتب ڪيائين. قلب جي صفائي ۽ توحيد جي نعمت بابت ڪتاب "انيس الموحدين" تصنيف ڪيائين*. سنہ ١٣٢٢ھ ۾ پنھنجي ڪلام جو مجموعو "واعظ العشاق" جي نالي سان مرتب ڪيائين.

نواب عرض محمد خان جي چوڻ موجب: فقير نواب ولي محمد چاليھن سالن جي عمر بعد شعر چوڻ شروع ڪيو. ا. ھ. سندس مرشد ابراهيم شاهہ هڪ صوفي درويش ۽ شاعر هو ۽ 'فقير' جي تخلص سان گھڻو ڪلام چيائين. فقير نواب ولي محمد جي سائس عقيدت هئي ۽ غالباً ڪانئس متاثر ٿي ڪلام چوڻ شروع ڪيائين. هيٺيان مثال سندس انھن ڪلامن جا آهن جي هن صوفي ابراهيم شاه جي ڪلامن جي تتبع ۾ چيا:

صوفي ابراهيم شاهہ

مون کي ساٿي نين نہ ساڻ، ڀينر جيڏيون! آءُ نماڻي ٿي مران

---

*هڪ ڀيري ٽاجپور ۾ ڊپوٽي ڪليڪٽر جي منزل ٿي ۽ ڪنھن ڪيس جي سلسلي ۾ خانبهادر حسن علي آفندي پڻ آيو. ڪتاب 'انيس الموحدين' ڏسي ان جي ڇپائڻ ۽ سنڌ مدرسة الاسلام جي ديني نصاب ۾ شامل ڪرڻ جو ذوق ڏيکاريائين، جنھن تي فقير صاحب جن اهو ڪتاب سندن حوالي ڪيو. ڪتاب جو ٻيو نسخو باقي نہ رهيو.

فقير نواب ولي محمد

مونکي هوت نه ڪيو چاڻ، پينر جيڏيون،
آءٌ اڻ سونهين ٿي وڃان

هن ڪلام جي آخري مصرع ۾ صوفي ابراهيم شاهه 'بنگله ڏٺي' جو نالو ڪنيو اٿس ته:

"ولي محمد حامي ٿيندم هاڻي بنگله ڏٺي پاڻ"

صوفي ابراهيم شاهه:

متان ٿئين ساندي، **اٿي** ويجها وڻ وندر جا

فقير نواب ولي محمد:

سسئي! سڀ سک ٿيا الا، ويجهي آهين وطن کي.

فقير نواب ولي محمد واري دور ۾ سنڌ جي، ٻين مشهور شاعرن جهڙوڪ آميد علي شاهه، اشرف شاهه، مهدي شاهه، فقير خير محمد هيسباڻي، مصري شاهه وغيره جي ڪافين ۽ ڪلامن جو چرچو هو، ۽ فقير صاحب پاڻ ڪانئن متاثر ٿي سندن تتبع ۾ ڪلام چيا. مهدي شاهه ۽ مصري شاهه وٽس ايندا هئا. آميد علي شاهه جي ڪلامن کان خصوصاً گهڻو متاثر هو ۽ پنهنجي ڪچهري ۾ پڻ چوندو هو ته: اڳ ۾ آميد علي شاهه جو ڪلام پڙهو.

اميد علي شاهه:

جنهن جو ناز وارن سان ناتو، سا مشهور **تڏهن** ٿيندي

فقير نواب ولي محمد:

جنهن جو عشق حسن سان ناتو
سي ته چو نه اناالحق چوندا ميان

اميد علي شاهه:

نينهن نباهج نيهي، جا سڌ لوڪ سسئي آهي ساري.

فقير نواب ولي محمد:

سا نگ رسائج نيهي آهيان محب ٿي تو پناري

اشرف شاهه:

منهنجون سڄڻ لهن سنڀارون
ٻيو ڪير لهي ڪل مٺي جي

فقير نواب ولي محمد:

سڻ پانڌي ادا مون ويهي،
ڏج ڪيچ خبر هن مٺي جي

فقير خير محمد هيسباڻي:

عشق اچي مون سان ڪيون ڪيون
ڳالهيون سلڻ نه جهڙيون

فقير نواب ولي محمد:

مون هاري سان ڪيون ڪيون
ڪي ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون

مصري شاهه:

پکيڙا تون ته پرڏيهي ڪهڙي وهه ڪؤن وطن ڇڏيئي
بهاريل باغ فردوسي ڇئو ڇو چمن ڇڏيئي

فقير نواب ولي محمد:

پکي آهين ملڪ معنيٰ جو، آڏر اوڏاهين ڪري سعيو
نڪر هن قيد خاني مؤن، وڃي شهه عشق جو رايو

مصري شاهه

ڀلا پير تنهنجو، پيرو نه ميرو
سوالين جا سڏڙا سڻ تون سويرو

فقير نواب ولي محمد

پرهه جو سوالي وڃان ڪيئن خالي
تون ڏي دان داتا صاحب سويرو

مصري شاهه هيٺيون بي نقاط ڪلام چيو، جو نواب عرض محمد خان لکي اچي فقير صاحب آڏو پيش ڪيو ۽ ڪيس انهن جي پران ڪلام جوڙڻ لاءِ چيائين:

ڪر ڪا مهر مل ماهرو، مَ لڪاءِ مک مڪرم مدام

فقير صاحب چيو ته آبا! مصري شاهه بي نقطي لفظ ڇڏيوئي ڪونهي جو وڌيڪ چئون. بهرحال ٻئي ڏينهن نواب عرض محمد خان وٽس ويو ته فقير صاحب هي ڪلام جهونگاريو ته:

دلم دلدار ڪر واهر، سگهو رس ڪر ڪرم ڪامل

فقير نواب ولي محمد سنڌي کان سواءِ سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ پڻ مثنويون، ڪلام ۽ غزل چيا. اهو ذوق ڪيس پنهنجن وڏن بزرگن کان ورثي ۾ مليو. ڪافين ۽ ڪلامن کان سواءِ مداحون ۽ مناقب چيائين. پر سندس مشهوري خصوصاً سندس سنڌي ڪافين ۽ ڪلامن ذريعي ٿي. سندس انهن ڪافين ۽ ڪلامن جي زبان سليس آهي مگر منجهن معنوي نڪات ڪافي سمايل آهن. مصري شاهه جهڙو نامور شاعر پڻ فقير نواب ولي محمد جي ڪلامن ۾ سمايل معنوي نڪات جو گاهي بگاهي داد ڏيندو هو. فقير صاحب راڳ مان واقف هو ۽ ڪي ڪافيون اهڙين راڳڻين ۾ سٽيائين جي هن وقت تمام گهٽ ٿورن کي ياد آهن- مثلاً ڊوليو، مارئي، سسئي، ڀاڳ، معذوري، اوغان، بنس وغيره انهن انوکين راڳڻين مان آهن جن ۾ فقير صاحب جا چيل ڪلام موجود آهن*.

---

* ڏسو داستان ۱۵، ص ص ۱۱۱-۱۴۸

كافيون

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

روپ ڪلياڻ

(١)

سڏائي عبد ٿيو ظاهر، پهري پوشاڪ انساني.

ڪري آيو 'ميم' جو اولو، مشاخي ڪي ڏنائين رولو
رندي وارن ڀڳئين ڀولو، ڇئي نروار 'مَن راني'.

ساري منجهه لوڪ پيو غوغا، ٿيو خَتمُ النّبي پيدا
ڏنو جن صاف منجهه معنيٰ، **تنهين** ڪئي جان قرباني.

ملان قاضي جوڙي مصليٰ، ويٺا پنهنجي ڪري تسليٰ
وسارين عشق سڀ وسلا، جيڪي هٿا منجهه فقه خواني.

سڃاتو عاشقن جاڳي، حسن محبوب جو ساڳي
ٿيا منجهه دَور بيراڳي، پسي ديدار سبحاني.

"ولي محمد" شريعت ڪي، تون ڳولي ڏس طريقت ڏي
حقيقت حال سمجهين جي، ته ڪر شُبهات سڀ فاني.

Scanned by CamScanner

(۲)

ڪري سينگار سڀ سهڻو، آدم جي پوش ۾ آيو.

آهي معنيٰ ۾ خود مالڪ، ڏسي سمجهي ڪو اُت سالڪ
ڪٿي خلقيل ڪٿي خالق، ڏبو ڪين عبد جو رايو.

ڪٿي بيمثل ڪٿ بيچُون، ڪٿي ختم النّبي ڏس تون
دوئي کي ڪڍ اندر دل مون، آهي آدم سندس ڇايو.

مڙهي مسجد ۾ ڏئي گوڏو، مشاخي کي ڏنائين لوڏو
رندي وارن کي ٿيو اوڏو، پسي دل سيڪهين مايو.

ظاهر وارن ڪفر ڄاتو، **مشاخي سان رکي ناتو**
[رنديءَ ۾ پير جن پاتو]، "ولي محمد" کي حق پايو.

(۳)

قالوابليٰ جي قول جا، صوفين امر پورا ڪيا.
مقبول ٿيا درگاه حق، ديدار ٿين دارالبقا.

ٿين شهادت جو شرف، داخل ٿيا شهدا جي فوج
سر سندن نيزن اُتي، 'آسريٰ' جي آيت ٿي پڙهيا.

انا احمد کي 'بلا ميمي' چئي ڪياڱون سُجود
عبد کي احد سڄاڻي الآمْر ۾ ٿي رهيا.

فقه جا ورق وساري آنا الحق ۾ ٿيا محيط
بيخودي جو پي پيالو، سِر سُولي منصور ٿيا.

"ولي محمد" کي هَ چئو، بِشْرآ مثل منجهه رهه صبر
قلب جي ڪعبي ۾ ڏس تون مُنهن وجهي سارو لقا.

(٤)

ڏٺوسون يار جو جلوو، عجب صورت پرستيءَ ۾.

ڪفر اسلام کي تون ڇڏ، قلب 'قالوابليٰ' سان گڏ
دوئي جي ملڪ مؤن تون لڏ، ڪري سجدو الستيءَ ۾.

سرّي جي سير ۾ ٿي گم، 'آلا آنا' کي وٺي با دم
وساري غير جا سڀ ڪم، مَحْوَ ٿي موج مستيءَ ۾.

نہ رک دل تي ذرو ماضي، پنهنجو ٿي پاڻ ۾ قاضي
ٿيندو حق تو مٿي راضي، اٿئي نقصان هستيءَ ۾.

"ولي محمد" کي ڏس ظاهر، 'بلا ميمي' سان ٿي ماهر
نهارج تون اندر باهر، نہ گھولج بُوالهوستيءَ ۾.

(٥) روپ ٻروو

مون هاديءَ سان ڪيون ڪيون، ڪي ڳجھہ اندر جون ڳالھڙيون.

ڪيائين قبول سيئي ساري، جي ڪنيزڪ چيون چيون.
سڀ پرائيون جايون، صورت ڪيون اچي نيون نيون.
ظاهر ڪرڻ مناسب ناهي، ٻيوس پڌر ٿي ٻيون پيون،
"ولي محمد" اُهي ڪين سڄاڻ، جي حجابن هيون هيون.

(٦) روپ ڪلياڻ

تنهنجو **توهين** ساڻ، پيا ڇو ماڳ **نهاريائين**

عشق سندي ئي پند ۾، هلج وڃائي جاڻ
دم دم ۾ ڪج پاڻ کي حيرت ۾ حيران.

"فاذڪروني آذڪرڪم" آهي اِهو فرمان
ويهي ڪج وجود ۾ سندي روح رهاڻ.

"آلاِنسان سِرّي و آنا سِرّهُ" رمز اِها تون سڃاڻ
جي مَرِين مرڻان اڳي، تان ٿئين انسان.
"ولي محمد" عشق جو، اونهو آهي بيان.
حاصل ٿيندو تن کي، جنهين سر قربان.

(٧)

ڇڏي سڀ شرڪ جون جايون، دوئي جا بار لاهيا سي.

ٻڌي شيطان جو قصو، دِلِ ۾ ، هَلي سِرِ نوايا سي
ڪعبو صورت ڪري اڳ ۾ سجدا تعظيم جا ڪيا سي.

تهمت جنهن تي جنهين جي هئي، سيائي سر تي چايا سي
گلا غيبت لقب جائي، پوئي گل هار پايا سي.

دنيا جا عيش سڀ دل کي، طرحين طرحين رُوڪايا سي
يقين کي ڪيائين جڏهن ثابت، تڏهن اِسلام آيا سي.

عقل جي جاءِ هت نہ آهي، اچي عشق جڳايا سي
"ولي محمد" جي هت سان، حُسن نيئي ملايا سي.

(٨)

ڳالهيون محبن واري ديس جون، ڪَن اسان جي پيون.

ڳجهہ اندر جون خبرون، ڪانگل آٽي چيون.
واتون وصال جي پنڌ جون، عشق ڪيون اچي نيون.
جي نشانيون حُسن جون ٻڌيون سي سڀ صورت منجهہ لهيون.
"ولي محمد" آهي پار لنگهنديون، جي صوفي سنگ ۾ رهيون.

(٩)

* ساري ڏيج پيغام، پانڌي ادا پيش پرين.

آءُ اوهانجڙي آهيان، اصل کئون گولي ۽ چي غلام.
پارج پنهنجا قول سيئي، مير مديني جا ڄام.
ڏي کو دلاسو محب اچڻ جو ساريان ويٺي سُدام.
هي نماڻي تون پاڻ سڃاڻي، لاهه دوئي جا دام.
”ولي محمد“ چئي روز الستم، آهيان تنهنجڙي سام.

(١٠)

هوت وڃي ويا زورڻ زور، ڪيڏي ڪري ويا ڏير جدائي.

دوست ٻنا هاڻي ويهڻ اجايو، راهه انهيءَ سير ڏيڻ سجايو
گهوريو هي پنهيور.

ڏونگر ڏاڍا لڪ سڄڻ ٿا، وات وندر جي هُل ٻُجهن ٿا
ڪيچ ويندس ڪنهن طَور.

هن ننگريءَ ۾ داد نہ ڪوئي، ڪنهن سان ڪريان حال سيوئي
رنگپور ساري پُر شور.

”ولي محمد“ وٽ عشق جي دامن، نرميون گرميون زيب عشاقن
صاف صوفي ٿي سير گهور.

(١١)

مون کي ماروئڙن جا جيڏيون، ٿا پلپل پُور پوَن.

ظاهر محلن ۾ آهيان، باطن حُبّ وطن.
پکا پنهوارن جا، ڏسان شال اکين.

---

* اصل ۾ ڪافي روپ شام ڪلياڻ.

دعا ڪريو جيئري ملان شل پرم ساڻ ڪَڪن ۔
هڪڙي سڪ ساٹيه جي ميان، پيو سِڪان سَرتين ۔
"ولي محمد" هن حال جي، لڄ آهي ٿر ڏٿين ۔

(١٢) روپ سهجونتي

* نهين توبه دا ضرور، هڪا دل ڏي چا اوڏاهين ۔
اٿان آٿان هادي تئين ڪنون، نال **صدق** نهين دور ۔
نهين روا ڪجهه ڪائي عبادت، اِلي قلب حضور ۔
ياد رکين آدم والا، سجدي دا مذڪور ۔
"ولي محمد" سمجهه اِٿاهين، ڪوڙا ڇوڙ غرور ۔

(١٣) روپ ڪلياڻ

ڪوڙا ڪريندين ڪيڏا طول بيان ۔

جڏان جُدائي سِر تي آوسئي
خبر تهندي تڏان وت پَوسئي - پڇي ٿيسئي ارمان ۔

ڪيڏي اجائي لاف مَريندائين
هر مجلس، وچ سانگ رسيندائين - موڙها ڪرڪو ڏيان ۔

جي تون چائين طالب ٿيوان
نال ساهي دِي وٿيان پيوان - ڇوڙ خودي دا مڪان ۔

"ولي محمد" جي قياس ڪريسي
اپڻان منصف آپ ٿيويسي - ڪيها ڏوهه شيطان ۔

---

* راڳڻي ڪلياڻ يا سهجونتي

ٽلنگ

(١)

جوڙي قلب بيت ربي انسان ۾ سمايو،
ڏسي ذات کي صفت ۾، ملڪن ٿي سر نمايو ۔

آدم جو پوش پائي، آيو پاڻ کي لڪائي
مچ عشق جو مچائي، خود عشق ٻنجي آيو ۔
ڏئي حسن جو ڏيکارو، وري پاڻ ٿيو نيارو
سُوري جو ڪيئين اشارو، سِر عاشقن سنيايو ۔
اصلوُن هو سر حقاني، لاريب لامڪاني
منجهه رمز ”لَنۡ تراني“، وري طور ڪنهن جلايو ۔
”ولي محمد“ سنيارج، ذاتي نه دم وسارج
پنهنجو پاڻ ۾ نهارج، صورت سان پيچ پايو ۔

(٢)

جنهن کي ملڪ عدم ٿا چون، اُتي صوفي ٿا سير ڪن ۔

ٻي ڪنهن جي حاجت ناهي، اِها منزل مشڪل آهي
بنا عشاقن ۔
ذاتي جسم کي ڪيائون ثابت، اناالحق جو ڏئي پاهت
ٿيا عدم ساڪن ۔
لاهي پوش صفت ٿيا آجا، شاهي طبل وڄائي واڄا
رندي رمز رکن ۔
”ولي محمد“ جي پائين گڏجان، انهيءَ بحر جو طالب سڏجان
ڏي مشاخي ٻن ۔

(٣)

عشق ڏنو اهو رايو رايو، ڇٽا قيدي قيد مان.

ملڪ الموت سندس آهي نالو، ڏيندو وصال جو پُر ڪري پيالو
ڪرڪو هلڻ جو سعيو سعيو.

بيمثلي جو مثل نه ڳولج، ڳالهه ڳجهي اها مور نه ڦولج
پاند ڳچي جنهن پايو پايو.

وسريا خام خيال دنيا جا، وڃن دم دم باجا برهه جا
بيرنگي رنگ لايو لايو.

"ولي محمد" اها تون سمجهي، جانب سان شل ايندي رهجي
دل کي دلاسو آيو آيو.

(٤)

عشق جي منزل دور، تنهن کي سمجهن کي منصور.

آنا الحق جو هُل هُلائي، نفي ذاتي سان لنءُ لائي
پوءِ نوري ٿيا وڃي نور.

صوفي سير ٿا ڪن سبحاني، نارو هڻي ما اعظم شاني
ڇڏيو دوئي جا سڀ مذڪور.

هلن حق ڏي حق ٿي ظاهر، لامڪان جا وڃي ٿيا ماهر
ڪيا رمز رندي مشهور.

بار برهه جا آين باري، رند رکن ٿا رمز نياري
ڪيا حسن حقي مخمور.

"ولي محمد" آهي مشڪل بازي، گوءِ ڪٿي ٿيا عاشق غازي
مڙيا ڪين ڪنهن دستور.

(٥)

چڙ سانگا سير جا لاهي، ڏي سير ته ڇٽين هن قيد مان.

جوڙي رڪ تون 'لا' جي ڪاتي، جيڙي رڪ تون حال مماتي
انهيءَ رمز ۾ ٻؤ تون ڪاهي.

لا وجودي سان دم رڪ تون، ذاتئو فراق وصال جو چڪ تون
جنهن ۾ قطرو غير جو ناهي.

هلي عشق جي ٻؤ تون پناري، دين ڪفر کي ڇڏ تون وساري
اهو نام ڇڏيندئي ناهي.

"ولي محمد" تي صوفي طالب، ڳولي لهه پنهنجو اصلي قالب
جو آدم ڪان اڳ آهي.

(٦)

محب منهنجي خمدار، سارو ملڪ نوايو.

راتو ڏيهان ويٺي نهاريان، محب ايندين ڪنهن وار
محبت مچ مچايو.

جاني اسان سان ڪر نه جدايون، دم تي ڪونهي اعتبار
ڏسان توکي اگڻ آيو.

لاهه نقاب ته حسن ٿئي ظاهر، عاشقن لاءِ ديدار
ويٺا آهن سير سنپايو.

'الفراق اشد' ٿو ماري، جيڻ آهي لاچار
ڪر وصال جو يار سعيو.

"ولي محمد" سان روز الستي، پارج قول قرار
دلبر دل جا پيچ پايو.

(٧)

زلف جو رُخ تي غلاف، حُسن صورت ۾ سمايو.

ڪج ڪمان آبرو جو وچ ۾ محراب برزخ ۾ تون ڏس
ڪيئن روا ٿيندو نه سجدو، ناهه ڪو تنهن ۾ خلاف
ڇڏ فقه رسمي جو رايو.

ڪعبو قلب المؤمنين، حق ٿو چوي ظاهر ظهور
تڏهن ڪهڙا در ٿو ڀڃين پيا، ڪر قلب کي تون طواف
آهي توتي فرض سعيو.

ٻئي اکيون فانوس جيئن، دائم ٻرن ڪعبي اندر
لب جو تِر آهي حجر اسود، سو ڀانئج جيئن مشڪ ناف
جنهن جي خوشبوءِ جڳ نمايو.

"خلقت الانسان من النوري" جي معنيٰ ڏي نهار
اذهي رمز ٿي سر عاشقن جي دور جي تڪليف معاف
پر جن پوئتي نه پايو.

"ولي محمد" ورق دوئي جا ڇڏ وساري، ٿي شتاب
نائي سِر صورت اڳيون تحقيق ٿي صوفي تون صاف
ويا شُبه، پند ٿيو سجايو.

(٨)

تنهنجي حسن ڪيو مون کي حيران، محب وصال جي ڏي دلداري.

قلب اندر ۾ ڏين ٿو دلاسا، پوءِ ڪرين ٿو ڇا ڪان پاسا
ناهي اهو شاهي تنهنجو شان، ڪرڪا آسان جي ٻرين پوئواري.
ساڻ يتيمن ڪر نه تون ماٺا، آهيون اسين تنهنجي در جا وڪاڻا
چو ٿو چوين آهيان لامڪان، ڳالهه وسار نه 'اقرب' واري.

ليليٰ مجنون ڪيئن گذاريو، پنهين مجاز ڪي ڪيئن سينگاريو
اسان جي دل تي اهو ارمان، مفت آهي سِر تي لوڪ مياري.

"ولي محمد" ڇئي يار پيارا، تنهنجي ڏسڻ لئي آهيون نهارا
روزو سڪي لئي آذان، تيئن ٿا سڪون تولئي رات ساري.

(٩)

آئي سسئي ٿي رواني، پنهل ٻاجهون ڪين سرندي.

سگ سياپا عشق وساريا، سِر ڪري قرباني
جهڙي تهڙي وچ تَرندي.

ذاتي واري اندر ۾ تند وڄائيج، خيال ڇڏي سڀ فاني
اها ٻولي وچ ٻُرندي.

ڪيچ ٻُجهي ٿو پراهون ٿمر سڪ جو ڪٿج ساري، نياهج نينهن نشاني
وچ نالي سان وندرندي.

"ولي محمد" ناهي وس ڪنهن جو، لکيل تقدير رباني
اوها هرگز ڪين ٽرندي.

(١٠)

ويسلي ويهه نه سسئي، آهين پنهوز ۾ ڪو دم.

ڪر ڪو ٿمر جو سعيو، آيو ڪي آيو
آخر هلندي هر ڪا، موٽي ملڪ عدم.

عين وصال منجهون، ٿيندو فراق پيدا
دور دنيا جي زينت، آهي نسورو طلسم.

ڏير نه پائيج پنهنجا، ٿا ڪن وڃڻ جون وايون
ڄام پنهل ڪي نيندا، پوندن ڪونه شرم.

ٽـا ڪوهه قاف ڀڄهن، ڏونگر جا پنڌ ٻاري
توڪل جو ٻڌ سندرو، ڪيچ وينديئن ساڻ پرم ۔

"ولي محمد" ڇڏ غفلت، عشق جي وٺ توڻ دامن
صورت سان ٿي شامل، رمز رندي رک محڪم ۔

(١١)

ورچي نه ويهه سسئي، رک ڪيچ ڪي نظر ۾،
ساجهر ڇڏي ڀنڀور کي، آٿي ووڙ ڏي وندر ۾ ۔

سک عيش سڀ وساري، ڪڻ ڪو ٿمر تون ساري
ڏس هوت کي نهاري، پاسو نـــه ڏج پهر ۾ ۔

"جف القلم" وهي ويو، ٺهڻو سو سڀ ٺهي ويو
ٿي شام سج لهي ويو، صابر ٿي رهه صبر ۾ ۔

ور سان تون نينهن لائي، محبت جو مچ مچائي
صورت سان پيچ پائي، چلي پيهه تون ڇپر ۾ ۔

لنگهيو ڏينهن رات پيئي، ڀڄُ پنڌ ۾ سنجهيئي
ٽيندو سوجهرو سگهيئي، "وَاليل وَالقمر" ۾ ۔

"ولي محمد" فهم ڪر، دل تي نه ڪوئي غم ڪر
ٻيا خيال سڀ ختم ڪر، رهه عشق جي امر ۾ ۔

(١٢)

مٺان مون کي جهل پائي، هيڪر وينديس ڪيچ ڪاهي ۔

هي نماڻي عيبن هاڻي، سينو تن سان ڪيئن ساهي ۔
سڱ سڄاڻي پنهنجو، پنهون من پاڻ پسائي ۔
سک سچي سان جيڪي هلنديون ڏکيو ڏونگر تنهين ڇاهي ۔

"ولي محمد" کي حب هادي ؑ، جي تنهن کي مان پڄائي ۔

(۱۳)

آيا صورت بن انساني، سو ته مالک ملک حسن دا.
'الفقر فخري' وچ رهندا، شان سندس سلطاني.
کتان بَشري مَلَکيي صورت، کتان صاف حقاني.
عبديت کُون ظاهر کيتس، باطل سر سبحاني.
"ولي محمد" هڻ شوق انهين وچ، لازم سِر قرباني.

(۱۴)

کر کو سهڻا سانگ سماوڻ دا،
ڏي کو محب دلاسا آوڻ دا.

تيڏا شوق توڙي ذوق بهون،
بنان ويکڻ تيڏي خوش کيوين رهون،
آنهين حال دي ڳالھ کنهن نال کهون،
نهين گُجھ کهيندي سُڻاوڻ دا.

تيڏا رخ مهتاب حجاب دي وچ،
جيوين گل نرگس نيم خواب دي وچ،
هڻ کول نقاب شتاب دي وچ،
وعدا ڏي کو نينهن نياوڻ دا.

تيڏي لالي لبان کيتا لعل خجل،
من موهه نيتا تيڏي ڍار کجل،
چن دام دوئي دا لاھ خلل،
گھت فرق نه ماگ متاوڻ دا.

تيڏي هار سينگار دا مُلهه نہ ڪو،
آبر سيف تيڏي دا تُل نہ ڪو،
تيڏي گُل رخ جهيا گل نہ ڪو،
جلدي نام نها ڪو ملاوڻ دا.

تيڏي ناز دي ساز وچن دم دم،
جيوين چنگ آهنگ مرڏنگ دي ڏم.
ساڏا حال احوال تئڪون معلم،
ايهو بار نهين ساڏي چاوڻ دا.

"ولي محمد" چا تون رندي دا قدم،
آخر چلڻا هئي وچ ملڪ عدم،
هڻ سمجهه معني 'وفي انفسڪم'،
رک ذاتي شوق وڏاوڻ دا.

(١٥)

مٿن تہ ويسان رانجهن ڏي جهوڪ ميان،
توڙي طعني ڏيندا سارا لوڪ ميان.

ماهي بنان مين ڪيي ڪر جالان، جنهن لائي عشق دي موڪ ميان.

چاڪ ڏي حسن ڪيتا آن قابو، چُڀ ڳئي نينهن دي نوڪ ميان.

عشق واليان تي روز الستؤن، نهين روا ڪائي روڪ ميان.

ڪيڙيان ڪُون آئي نال نيّت ڏي، لکئي لوح قلم دي نوڪ ميان.

"ولي محمد" حامي ٿيسم، لهسي سياهين ڏي ٽوڪ ميان.

(١٦)

ميڏي عشق ڪيتي مشهوري، جا نال ماهِي آهِي دل دِي.

مٺن رانجهن دي لوح قلم وِچ آهئي قرابت پوري
جيوين نال چمن بلبل دي.

اها فتوا مول نہ ڦيرسي، جنهن دي حق ڏتي منظوري
تنهن ڪون ڪا تدبير نہ چلدي.

چوڙ ٻہاٽي شاهي اپٽي، مين ويسان جهوڪ ضروري
جتان بُوءِ نجف دي گل دِي.

مکين جنهين دِي نالي هلّيان، جنهن تي وسدا نور حضوري
نهين دل ڪيڙي ڏهين والدِي.

مٺين گڏ ماهِي ايوين رهندا، جيوين پيڙي وچ ڪتوري
نهين جاء آتاهين عقل دِي.

”ولي محمد“ جي جاٽي ويکان، اها معني ڳالهه سموري
جُل گهين ڪنجڪ دلدل دي.

(١٧)

جنهن دي حُسن دا انت نہ ڪوئي،
تنهن ڪون ڪيوين چاڪ سڏان مئين.

ويکو رانجهو تان معلوم ٿيوي، هير دا حال سيوئي.
پاس ڪيڙان دي مول نہ ويسان، توڙي آکن مٺکون ڏوهي.
تُسان سياليين سوئي آچو، سِر قبوليم جوئي.
‘آنا احمد بلا ميمي’ جنهن ڪون سڏي سيڪوئي.
”ولي محمد“ انهين معني مخفي، دل عشاقان دي موهي.

Scanned by CamScanner

روپ ٻروو

(۱)

جنهن جو عشق حسن سان ناتو، سي چونه 'اناالحق' چوندا ميان.

بيخودي جو ٻهر الاهي، دين ڪفر جي جاءِ نہ ڪائي
ڇڏي شڪ جنهين هٿ لاتو.

هي جهان آهي نقل اصل جو، ظاهر باطن عشق عقل جو
ڪيو پاڻ جدا حق ڪاتو.

مشائخ جي منزل اوري، حرف رندي تؤن گهوري گهوري
جنهين پاڻ ۾ پاڻ سڃاتو.

جيڪي حال جا منڪر آهن، پنهنجا ٺاهه ويٺا جي ٺاهن
پر ڄاڻ اِهو جن ڄاتو.

"ولي محمد" اها مشڪل بازي، ويا ڪٽي هن دَور مؤن غازي
جنهين پير نہ پوئتي پاتو.

(۲)

جنهين صورت ڪي حق سمجهي، دري پنهنجي قلب جي کولي،
ذڪر ذاتي مؤن ٿي پيدا، معنيٰ جي مُلڪ جي ٻولي.
طريقت جي ڪفر ٻاجهون، آهي، مشڪل اتي پهچڻ
جتي آهي عشاقن جي، 'انا الحق' جي سدا لولي.

آدم ۾ سير جي سانگي، وڌائين روح 'من الرّوحي'
ڏيئي ڏس 'ونحن اقرب' جو، لاتائين برھ جي هولي.

سوين عاشق ٿيا ظاهر، وٽي انهي ڳالھ جي عبرت
پيالو بيخودي جو پي، ساري جند جان تن گھولي.

"ولي محمد" ڪجي انصاف، سچن جي در سچائيءَ جو
لاڳاپا لوڪ جا لاهي، جهلي جن عشق اڳيئون جهولي.

(٣)

جتي عاشق ٿا ڪن منزل، عقل جي جاءِ اُت ناهي،
نڪو سج چنڊ، نڪي تارا، نڪو ڏينهن رات اُت آهي.

الستي عهد ڪيا قابو، ٻڌا 'قالوا بليٰ' جي قول
محبت جي بحر ۾ ٻيا، لاڳاپا لوڪ جا لاهي.

اوري سمجھي عشاقن ميان، آدم جي حد انهيءَ حد کان
ڏنائون ذات منجھ ذاتي، معنيٰ مخفي وڏا گھائي.

ڏاڍي ڪنهن شوق ۾ پيئي، 'موتوا قبل انت مُوتوا' ٿيا
محو ڪيا حُسن محبوبي، ڏنس ڏس ڪنهن وڏي ڏاهي.

"ولي محمد" مشاخي ڪي، وساري ويھ ميخاني
اُتي آهي عشق جو مڪتب، چڙهي ٿو سي ڪنهين ناهي.

(٤)

پڪي آهين مُلڪ معنيٰ جو، اُڌر اوڏاهين ڪر سعيو،
نڪر هن قيد خاني مؤن، وٺي شھ عشق جو رايو.

سچائيءَ پاڻ جي پنهنجو تہ آهي تنهنجي ذات منجھ ذاتي
نڪو شڪ ڪو شبھ تنهن ۾، ائين حق پاڪ فرمايو.

معنيٰ جا ’ربّ، آرني‘ جي ظاهر ٿي ’لَنْ تَرانِي‘ ۾
تجلي جي تجلي مؤن اسم ذاتي ٿي ڳالهايو.

لقاء جي ڪاڻ بيخود ٿيِ، عاشق ٿا پاڻ ڪن ظاهر
چڙي سانگا سيئي سرجا، اچن سوريءَ مٿي ڪاهيو.

”ولي محمد“ انهيءَ حد ۾، ’وفِي أَنْفُسِكُمْ‘ کي سمجهي ڏس
نہ ڳولج پاڻ کان ٻاهر، حڪم فرقان ۾ آيو.

(٥)

ذات صفت ڪري ڌار، پوءِ ٿي منصف تہ ڪير آهي.

دين ڪفر کي ڇڏ تون وساري، عشق جو مڪتب ڏس تون نهاري
ناهي معنيٰ تڪرار، صورت ۾ قند قير آهي.

بيخودي جي باب کي ڳولج، ’اِلا آنا‘ جي ٻولي ٻولج
منجهہ انهيءَ اسرار، ’انا الحق‘ جو سِر آهي.

عبديت جو پوش مٽائي، رمز رندي ۾ هُل هُلائي
لاهي دُوئي جا بار، مشاخي ۾ غير آهي

”ولي محمد“ کي احد سڃاڻي، ’بلا ميمي‘ قلب ۾ ڄاڻي
رهج سان اعتبار، ظاهر وارن ويهر آهي

(٦)

پٽ اکيون تون پٽي، عبرت ۾ پٽو ڪاهي.
وڳر وڃن ٿا وهندا، ڪل نہ پئڙي ڪائي
سنجهہ صبوح تون ٻہ هلندين، رک ڎمر ڪءِ ناهي.
ڏاڍي غفلت ۾ عمر ويٺي گذري
شمس حياتيءَ جو هاڻي لهڻ ۾ آهي.

'وَهُوَ مَعَكُمْ' سمجهي جن 'آيْنَمَا كُنْتُمْ' ۾ ڏٺو
حق ڇوي ٿو جيڪي، تنهن ۾ تفاوت ناهي.

"ولي محمد" تي ساجد، ڪرِ صورت کي سجدو
رمز رندي جي رک تون، خَرقو مشاخي لاهي.

(٧)

ڇڏي ملڪ فنا جي سڀ رِڳا، رک دم دم جي هوشياري.

چارئي قبلا ڏس تون نهاري، سڀڪو پوئتي واڳ پيو واري
توڙي شاه گدا توڙي محب مٺا.

آهين سانگي سانگ تي آيو، چاڙ تحقيق تون مُلڪ پَرايو
وڃي ڪولي اکيون ڏس مڙهه لٿيا.

دنيا دوُر بقا جو ناهي، سمجهه فضيلت تنهن ۾ چاهي
جنهن ۾ پيو پُٽ پائير وَتن رُنا.

"ولي محمد" هي طلسم بازي، ويا پروڙي تنهن کي غازي
جيڪي عشق جي محبت ۾ ڪُٺا.

(٨)

وساري خيال نفساني، طريقت جي ڪفر ۾ رَهه،
سڃاڻي پاڻ ۾ پنهنجو، اِهو ڳجهه ٻئي نه ڪنهن سان ڪَهه.

اشارو سمجهه منصوري، ڪئي جنهن مرد سڀ پوري
ٿيو 'نور علي نوري'، عجب ڏس بيخوديءَ جا پَهه.

رندي جي رمز ٿي پڌرو، توڪل جو ٻڌي سندرو
نه ڪنهن کي ڇئو ڏ ڳهو منڊرو، ملامت لوڪ جي سِير سَهه.

عاشق ٿا ڪن قرباني، پسي ديدار سبحاني
چئي 'اعظم ماشاني' نٿا ڳولين پيا ڪي ٿيه.

"ولي محمد" ذڪر ذاتي، اِهو دم ڇاڻ اِثباتي
پائي ڏس قلب ۾ جهاتي، مدد ڏيندو تو شاهه شَهه.

(٩)

نظاري حسن جي موهيا، تڏهن عاشق چڙهيا سُوري.

ڏسي حقي حُسن حق جو، صفاتي پوش لاٿائون
'انا الحق' جي لائي لوليي، ڏڪيا تن ويس منصوري.

سوري جهي سير جي معنيٰ، الستي قول ڪئي ثابت
چئي 'قالوابليٰ' ويئا، پيتائون جام مخموري.

موسيٰ کي 'رَبّ آرني' جو، لقا ٿيو 'لَن تراني' ۾
تجلّي جو بهانو ٿيو، جلي ويو جبل ڪوه طوري.

"ولي محمد" حُسن حق جو، جڏهن آهي عشق ۾ مخفي
تڏهن تلقين وٺ تنهن کان، رسم سجدي جي ڪر پوري.

(١٠)

عجائب موت جو پيالو، ڏيکاري تو وطن ساڳي،
ڏسن ٿا ڪجهه اهو عاشق، ڏاڍي ڪنهن شوق مؤن جاڳي

انهيءَ لذت جهي معنيٰ جي، پوي هوند عام کي ڪل ڪا
ڪُهن هوند پاڻ کي پاڻهي، رهن منجهه دور ويراڳي.

ڪيئي سوري چڙهيا سهجئون، رکي اِنهي حال کي مخفي
ڪُٺا سي قرب محبوبي، جنهين هئي لؤن اها لاڳي.

جيڪو ٻانڌي آهيان قيدي، ڇٽان هن قيدخاني مان
تڏهن جيئري ٿئي ساڪن، 'موتوا قبل آنت' جو ماڳي.

"ولي محمد" آهي مشڪل، انهي پنڌ جو ٿيڻ محرم
اُهي ايندا انهيءَ حد ۾، جنهين دل اسم سان تاڳي.

(۱۱)

دوئي جا ورق ڇڏ واري، نفي اِثبات جو رک دم.

عشاقن کي انهيءَ حد ۾، آهي ديدار سبحاني
هميشه سِرِ سدا تن جي، وسي ٿو نور جيئن شبنم.

صوفي وحدت وجودي جا، آهن مشتاق ۽ شائق
اهو احرام آهي تن جو، طريقت جي ڪن محڪم.

جيڪي عاشق هٺا نيهي، ويا سي پاڻ ۾ پيهي
چڙهيا سوري مٿي سهجئون، وساري دور جا ڪل ڪم.

"ولي محمد" جي پائين ٿون، 'نحن اِقرب' کي ٿيان اوڏو
ڍڪي خرقو ملامت جو، رندي جي رمز ٿي محرم.

(۱۲)

اُٿي احديت اثبات ڪر، شبهات کان بيزار ٿي.

علم رسمي کي ڦٽو ڪر، بزرگيءَ کي ڇڏ ڪٿي
'عِلْمُ الْيَقِين' تحصيل ڪر، تان دل پوئي گلزار ٿي.

'اِنَّمَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ' ڳجهه انهي ۾ ڪين پؤ
'مَنْ رَآنِي' کي قلب ۾ سمجهي حق هوشيار ٿي.

عشق جي رهه ”آلامَر“ ۾، رمز رندي رک مدام
خواب غفلت ٻئي ڇڏي، ڏسي حسن حق بيدار ٿي.

”ولي محمد“ بيمثل جو مثل ’آنا احمد‘ ۾ ڏس
ڪڍي ميم پڙهه ڪلمون نَفِيي، صوفي صفا نروار ٿي.

(١٣)

آءُ ڪو آهيان انسان، معنيٰ ۾ ڏسو ذات منهنجي.

بني آدم آهي اشارو، باطن لاءِ گمان
سمجهي ڏس اها بات منهنجي.

ساڪن آهيان ملڪ عدم جو، هت ڀانئج مهمان
عبديت آهي طاعت منهنجي.

خاڪي پوش ۾ پاڻ لڪائي، ظاهر ڪيم پنهنجو پاڻ
ٻُڌ سِرّي ۾ لات منهنجي.

”ولي محمد“ آهي نالو صفت ۾، قلب اندر رکي ڌيان
پوءِ تون ڪر حڪايات منهنجي.

(١٤)

ڪيهو عشق وارن جو نام ڏٺم،
ٻيو دَور دنيا بي آرام ڏٺم.

دنيا وارن پاڻ دنيا سان ڳنڍيو، پر وڃن هتؤن هٿين خالي لڏيو
اسان سنگت سانگ تنهين جو ڇڏيو، آڇي صوفين وٽ اسلام ڏٺم.
وري آيس پيش مشائخن وٽ، ڪانهي ٻُوءِ برهه آهي ٻَٽ سَٽ
پوءِ هليس رندي وارن ڪري جهٽ، آئي محبت حق جو جام ڏٺم.

گهمي مسجد ويس بتخاني هلي، ڏسي رسم ريا جي ٿيم تسلي
ٿيس واقف منجهه ميخاني چلي، تنهن ۾ مومن سندو احرام ڏٺم.
"ولي محمد" وٽ عشق جو ڏس، ڇڏ جزوي عقل جو وساري گس
اِنهيءَ ذاتي سان تون ذات کي پس، اهو جزوي عقل ناڪام ڏٺم.

(١٥)

دنيا گهَر ماتام، سمجهي ڏس تون پاڻ ۾.

عشق بنان هت ناهي ڪي پيو، توڙي ڪفر اسلام.
جي پائين آجو ٿيان، ڇن دُوئي جا دام.
رمز رندي جو پوش پهري، رهه انهيءَ احرام.
کهڙي لذت هن دور جي، فاني جنهن جو نام.
"ولي محمد" ڇڏ خيال پيا سڀ، پڙهو صوفيءَ جي سام.

(١٦)

ٿيو حق جنهين تي راضي راضي، تن لاٿا شڪ شبهات جا.
منجهه ميدان محبت واري، گوءِ کٽي ويا غازي غازي
هڻي نعرا آنا الحق بات جا.
ويهه وڃي تون عشق جي مڪتب، کهڙا پڇبا قاضي قاضي
سِک حرف نفي اثبات جا.
ڏس دنيا جي دور ۾ ميان، نيي عُشاقن بازي بازي
ٿيا سير تنهين ظلمات جا.
"ولي محمد" اٿي حج صورت ۾، ڇڏ وساري ماضي ماضي
پوءِ ماڻ مزا عرفات جا.

(۱۷) پيروي

* ‘احد’ ۾ ‘ميم’ رکي ‘احمد’ ٿي هت آيو.

‘لي مَعَ اللّٰه وقتٌ’ آهي اشارو مخفي
آدم کؤن نور اگهي، تڏهن ڇٻو ڪيئن ڇايو.

پاڻ ڪيائين ثابت، ”بلا ميم“ چئي
پوءِ ڏين ٿا عالم، عبديت ڪيئن رايو.

جن اها معنيٰ سمجهي، تن سُوليءِ سير ڪري
ڏاڍي سَهج منجهان، گيت ”انا الحق“ ڳايو.

”ولي محمد“ عاشقن، دام دوئي جا ٽوڙي
ذات صفت منجهه ڏسي، قلب اندر منهن پايو.

(۱۸) بروو

ملڪ عدم جي مون سان ڪانگل ڪَهه ڪا ٻوليءِ.

دؤر دنيا جي زينت، زيب حسن ۽ عشرت
وئي سڀڪا مون وسري، رات ٻڌيم جا ٻوليءِ.

ٻانڌي ادا، پيش پرين، ڏيج حقيقت ساري
راتو ڏينهان آهيان، عين وصال جي ڳوليءِ.

کهڙي ڪريان حال، جي ظاهر توسان حالت
نينهن نياپن لائي، هينئڙي اندر جا هوليءِ.

”ولي محمد“ سر گهورج، قدم قدم ٿؤن تن جي
لاڳاپا سڀ لاهي، جان جنهين هت گهوليءِ.

---

* روپ بروو يا پيروي

(۱۹)

کانگا منهنجا هي سنيها، پرين پهچائج نيئي.

'نحن اقرب' جو ڏس ويئي نهاريان ۾ پارج قول پنهنجا
وفي انفس کان سپيئي.

عين هاڻيءَ جو تون پوش نه لاهج، نيائج نينهن جو نانو
جيهي آهيان يار تيهي.

ٻاند ڳچي ڳل پائي حال ٻڌائج، جاڳي جاڳي رات ساري
ساريان ويئي نيت ڏيهي.

"ولي محمد" سان رک نه جدائي، پرين تنهن سان ڪر نه ماٺا
ورق دوئي جا چڏ ڏوئي.

(۲۰) پيروي

* ڪانگل ڏي ڪا خبر، ڪڏهن ملنديس ويڙهيچن،

ڪڏهن ملنديس ويڙهيچن، ساه سيڪي ٿو لئي تين.

راتو ڏينهان سڪ ۾ ويئي گهاريان گهڙيون
دم دم ۾ ٿي ساريان ٻاپاڻن جون ٻڙهيون
هن حياتيءَ ۾ مان ميلان ماروئڙن.

سانباها ڏوٿين جا ڏهاڙي ٿا ٻڌجن
حال پائي جي منهنجا ۾ تير نٿا هت ترسن
شال وچي آءٌ گڏجان، ٻهريان لويون لڳن.

"الدنيا ساعة"، ڪيئن گذاريان ويهي
"ليس فيها راحة"، ڳالهه ڪريان آءٌ ڪيهي
مفت وهاري آهيان، ملڪ فنا جي رسمن.

---

* روپ ٻروو يا پيروي

"ولي محمد" ياد رکيج، حب وطن جي دل تي
راضي رهجان حق جي، خواهشمندي ڪُل تي
حال انهيءَ ۾ توسان، ٿيندي مدد ٿَر ڏٺين.

(٢١) بروو

ڪانگل ڏي سُڌ ساري، ڪڏهن مون سان محب ملندا.

راتو ڏينهان ويٺي نهاريان، دل جا دلبر ويٺي ساريان
ڏيئي خزان ڪئي بهاري، ٿور اگهه مون ٿلندا.

ناز وارن جي ناز نهوڙي، لائي ويٺا هوڙي توڙي
ڳالهه انهيءَ آهيان ماري، عيب نمائيءَ جا هلندا.

چئج پرين کي نينهن نيائيج، ماڳ اوتارا محب وسائيج
کهڙي ڪريان نِرواري، 'قالوا بليٰ' قول پلندا.

"ولي محمد" رمز انهيءَ ۾، ڳڏبا توکي رَڍن پنيءَ ۾
عشق ڪندو وات جاري، واهُ وصال جا گهُلندا.

(٢٢)

ترس نه پئڙو ڪوئي، ڪانگل چئج پرين کي.

تنهنجي خاطر سگ سياپا، سڀ چڏيا مون ڏوئي.
حجت دعويٰ منهنجي نه آهي، ساڳي آهيان عبد سوئي.
نيئي رسائج پيش پرين جي، منهنجو حال سيوئي.
سڪ اوهان جي ساوڻ لاڏا، وقت گذاريان ٿي روئي.
"ولي محمد" ساڻ نينهن نباهج، محب مٿاتون مَ ڳهوئي.

(٢٣)

سانگ رسائج نيهيِ، آهيان مُحب پئي تو پناري۔

حسن تنهنجي آءُ قابو ڪيڙس، بيخودي جي بحر ۾ پيڙس
اچي حالت ڏس مون ويهيِ، پوءِ ڪر ڪنهن ڪنڌي ڪناري۔
گولن تنهنجن جي آهيان گولي، راتو ڏينهان وصال جي ڳولي
تنهن ڪي چاڻ معنيٰ ۾ ڏيهيِ، چڏ ورق دوئي جا واري۔
آءُ عجيب اگهه عشاقن، ڏي ديدار پنهنجو مشتاقن
لاهي حجاب سپيئي، آءُ قول الستي پاري۔
”ولي محمد“ کي يار پيارا ”نحن آقرب“ جا ڏي تون نظارا
توِن تہ بيرنگي رنگ ڏيئي، گڏ صورت سان سينگاري۔

(٢٤)

چڏي دعويٰ تج گولي، محبن جي دل اندر سان۔

ڏادي نياز ادب سان ويهي ڳالهائج
پاند ڳچي منجهہ پائي حال ٻڌائج
ٻانهپ جي ڪري ٻولي، وٺج معافي ڪنهن هنر سان۔
درد ڪشالا اصل ڪوُن زيب عشاقن
هردم آهن نازل سر تي مشتاقن
سهج منجهئون جهلج جهولي، عبدهٗ واري امر سان۔
لاشريڪ سان ڪنهن جي طاقت ناهي
ڪير تهين سان شراڪت سينو ساهي
رهج وصال جي ڳولي، وقت گذاري صبر سان۔
”ولي محمد“ چڏ تون خيال مٿاهون
ڏيئي تعظيم سجدا هلج هيٺاهون
ذاتي ڏيندي لوليِ، رهج دل ۾ دلبر سان۔

(٢٥)

بيت المعمور ۾، ٻانگ ڏني جا ملڪن.

معني ۾ مُنهن پسائي، ساڻ خيال ڏسم
ڪلمون صاف صحيح، احمد ٿا ثابت ڪن.

منجهه فرقان ڏسو، شاهد آيت ظاهر
”يأتي اِسْمُهٗ' آحمد'، آهي لکي منجهه ورقن.

حج اڪبر عاشقن، ڪيو عرفات دل جي
خطبو ”انا الحق“ چئي، سُولي تا فرض پڙهن.

”آلصّوفي لا مذهب“، پوش رندي جا پهري
سر قرباني ڪري، مَحْو ٿيا منجهه حسن.

”ولي محمد“ ٿيا مطلب، ظاهر باطن پيئي
ويا شبهات گم ٿيي، غبر ڇڏي ويو قلبن.

(٢٦)

پائي ڏس وجود ۾ جهاتڙيون، توکي ٿئي معلوم سڀڪا يار.
جنهين پنهنجو پاڻ سڃاتو، هي ڇڏي ڪيائون نينهن سان ناتو
هلي ٻڌ تنهين جون ٻاتڙيون.

هلڻ توکي جلد جڳائي، هُت وڃڻ جي ويرم آهي
ڪنهن جون ڪين پڇن ٿا ذاتڙيون.

ڇڏي خواب رکج هوشياري، دم دم ۾ آٿي ڪر بيداري
ڪيهون وڃن وهاميون راتڙيون.

جتي واهُ وصال لڳي ٿو، ”ولي محمد“ آهو پنڌ اڳي ٿيو
جنهن جي حُب ڪري ٿي لاتڙيون.

(٢٧)

جن کي پيو خوف حق جو، سي ڪيئن سک سمهن ميان.

ڇڏي خيال سڀ اجايا، حق جي طرف هلن ميان
پيا پنڌ سڀ وساري، پورب پنڌ پچن ميان.

کا جا ڏنائون لذت، ٿيا محو منجهه حسن ميان
محبت جو مچ مچائي، وانگون پتنگ پچن ميان.

ساري لوڪ جي ملامت، سر تي ويٺا سهن ميان
ٻڌي حال عاشقن جا، خواهش مٿي رهن ميان.

ڪارڻ شراب شوق جي، ميخواني ڏي وڃن ميان
پيي جام بيخوديءَ جا، سوريءَ تي سير ڪن ميان.

جن کي "ولي محمد" جي، آهي حب منجهه اکين ميان
سي دور جي فضيلت، آخر خزان کهن ميان.

(٢٨)

مدد شه عشق ڪامل، جي نظر منظور ٿي پوندس،
ذڪر ذاتي سان ٿي ذاتي، نسورو نور ٿي پوندس.

چوي تو پاڻ جڏهن مالڪ، 'خلق انسان مِن نّوري'
تڏهن ڏس سير صوفين، جي عجب دستور ٿي پوندس.

اشاري 'نحن اقرب' جي، ڏيکاريم سير منجهه معنيٰ
آخر انهي راز مخفي ۾، ڪڏهن مخمور ٿي پوندس.

جڏهن ميدان ۾ ٿيندو، حسن محبوب جو ظاهر
هلائي بيخوديءَ جا هُل، دوئي کان دور ٿي پوندس.

"ولي محمد" کي معنيٰ ۾، ڏنو آهي بلاميمي
ڪريان هوند ڪجهه اهو ظاهر، بيوس مشهور ٿي پوندس.

(٢٩)

عاشق منجهه ذات بيخود ٿي، عجب چالا چلائن ٿا،
‘آناالحق’ جا هٽي نعرا، سُوريءَ تي سر جلائن ٿا.

ڀڏي ڏس ‘رئيت ربي’ جو لاهي شڪ ٿيا صفا صوفي
شهادت جي شرف تن حا **نيزن** تي سر ڳالهائن ٿا.

سِرِي جي سير ۾ ڪن ٿا ”اِلاَّ انا“ جي حرف کي ثابت
پهري پوشاڪ بيمثلي، سبحاني هُل هُلائن ٿا.

ڪفر اسلام جي حد کان، لنگهي پيا مُلڪ معنيٰ جي
بهائي ”قُم بِاذني“ جي، حڪم حقي هلائن ٿا.

”ولي محمد“ عشاقن جي، قدم تؤن ساهه سِري صدقي
عجائب عشق جي منزل، طبل شاهي وڄائن ٿا.

(٣٠)

عشق ڪڏهن هت ايندي سائين ايندي، ذاتي وارونڪ سڃاڻي.

اسين صوفي لامذهب ۾، وينا آهيون تنهنجي ادب ۾
جيڪا راهه ڏسيندين ڏسيندين.

”نحن آقرب“ ڏيئي دلاسا، پوءِ ڪرين ٿو ڇا ڪؤن پاسو
معنيٰ ۾ منصف ٿيندين ٿيندين.

تون رهين ٿو ملڪ ڪفر ۾ ‘ڪل شيءِ’ تنهنجي آمر ۾
جنهن ڪنهن حال سڏيندين سڏيندين.

ڪيئن اچون اسين تو وٽ ڪاهي، مشاخي جي حاجت ناهي
رمز رندي مون کا ڏيندين ڏيندين.

”ولي محمد“ انهي چالي چل تون، طريقت جي ڪفرسان هل تون
رسم انهيءَ تون گڏ ٿيندين ٿيندين.

(٣١)

پڙون ملڪن منجهه پچارون، سنڌيون غازين جي اچڻ جون.
عربي هوڪا وي ميان گهمندا ديني الو،
ڏينديون گهر گهر ۾ تنوارون.
فوجون ايندڙيون وي ميان عرب عجم کئون الو،
ڪري ڏاڍيون ڪي قطارون.
پوندي ڪفر تي وي ميان مار هيڪاندي الو،
ٻڌي پچندو سو پڪارون.
سنڌ ويچاري وي ميان لاءِ سهاڳ جي الو،
وجهي ويندي نت ڦارون.
وڄندو نغارو وي ميان حڪم الاهي جو الو،
ڏيندو الحق اخبارون.
"ولي محمد" وي ميان شافع ٿيندو الو،
لهندو ساري سو سنڀارون.

(٣٢)

ٻڌي رات وصال جون وايون، لاهي ڇڏيم لباس اميري.

شمس حسن جي ڪئي روشنائي، وسري وئي ٻي سيڪائي.
اچي عشق ڏنم واڌايون، تنهنجي پئي مقبول فقيري.

بار بره جا ابندا جن تي، لوڪ ملامت رکندا تن تي
پر گهور نيڻن جي گهايون، سي ته کهڙي ڪندا دلگيري.

عشق امام ٿيو حسين اڳ ۾، هوڪو "انا الحق" سٺو ساري جڳ ۾
ڪي ته راز اکيون ڏسي آيون، کليا گل گلزار ضميري.

"ولي محمد" جيڪي عشق جا طالب، ٿيا تنهن جا سيئي مطالب
سي ته ڪين پڇن پيون جايون، ويا آمر مڃي تقديري.

(۳۳) روپ اوغان

عقل جزوي جو ناهي ڪم، عقل ڪُل سان ڏسو منجهه دم.

’خلق الانسان من نوري‘، آهي اها رمز سڀ پوري
ڪيڏو اسرار ڪوهه طوري، ڏنو جلوو بني آدم.

ظاهر صورت ۾ جنگ آهي، معنيٰ ۾ ڪو شبه ناهي
پنهنجو مُنهن پاڻ ۾ پائي، ڏسي ڪو دوئي ڪري آتَ گم.

لڪين ٿورا ۽ ڳُڻ پرين، وينءِ ڳايان سدا منجهه تن
ساري ظلمات ٿي روشن، صوفين ٻاري ڏني هڪ شم.

”ولي محمد“ انهي حالت، رهج تن سان تون منجهه محبت
آهي تن ۾ وڏي حڪمت، ڇيو جن تي ”باذني قُم“.

(۳۴)

آهي اسلام جي حد ۾ دنيا جو دؤر سڀ ماتم،
ڪفر ثابت ٿيو تن تي، جنهين غفلت ۾ ٿيو خاتم.

ڪري حق ٿو جڏهن ظاهر ’امر يبڪوا ڪثيرا‘ جو
موجب آيت ’ولاتفرح‘ خوشي سيڪا ڪفر چاتم.

شريعت ۽ طريقت سوُن، حقيقت، معرفت سمجهه
فقه جي جاءِ هت ناهي، اندر دل پير جان پاتم.

نفي اثبات ۾ آيو اشارو ’نحن اقرب‘ جو
ڪري تعظيم جو سجدو، قدم مرشد جي سِر لاتم.

”ولي محمد“ تون ٿي صابر، صبر جي آهي وڏي منزل
مشاخيءَ جي ڇڏي دعويٰ، رنديءَ جي رمز ٿي چاتم.

Scanned by CamScanner

(۳۵) پيروي

شمس حسن جي اُڀري ڪئي ظلمات روشن.

ذاتي مؤن ٿي پيدا، ڪا جا لذت روُحي
مورت ٿي پئي صورت، قلب مثل ٿيو گلشن.

دين ڪفر ويو وسري، بيرنگي جي رنگ ۾
غير سيو ويو نڪري، عشق ڏيکاريو درسن.

"الانسان سري و انا سره" جي معني
رمز رندي ڪئي ظاهر، "رَأيتُ رَبّي في أحسن"

"ولي محمد" هاڻي گهرجي، ڪفر طريقت وارو
عاشق اصلئون اهو، ٿا دائم حال رکن.

(۳٦)

عشق چوي ٿو ظاهر چؤ، جلدي "رب" آرني.

ناهي طاقت مون ڪي، ڪيئن ڪريان ڳجهه پڌرو
هيءَ امانت سيڪنهن، دوست ڏني هئي ڌرڻي.

"لَنْ تراني" ۾ پئي، تجلي ساڻ حڪم
جبل جلي ٿيو فاني، "فَخَرَّ" موسيٰ پئي ڏڙڻي.

"إني أنا الله" پڙهي، سوري چڙهيا لاءِ ڏسڻ
حسن حقيقي سوهيا، لازم ٿي وڪ پرڻي.

"فاذكروني" سمجهي، "اُذكُركُم" ياد رکج
ذڪر سري جي ڪثرت، ثابت ٿيندي ڪرڻي.

"ولي محمد" ٿي صابر، پاڙهي ڏسندين تون لقاءُ
رمز انهيءَ ۾ آهي، چاڙهي اچان ڪا چڙهڻي.

(٣٧) روپ ٻروو

ڪير اتي ٿو ڳالهائي، ٻولي ’انا الحق‘ واري.
پهري پوشاڪ حال ربُوبي، صوفي سِر سناهي
نيزي ڪيئي هسواري.

لاءِ وصال جي موت قبولي، سوريءَ چڙهيا سانگا لاهي
ڪا جا ڏسي دلداري.

ماڳ انهين تي جيڪي آيا، ويڙا سانگ رسائي
عشق ڪيئُن اظهاري.

پُورا ڪري ويا قول الستي، قالوا بليٰ جا نباهي
بار ڪٽي سِر باري.

”ولي محمد“ راهہ انهيءَ ۾، عقل حاجت ناهي
دم جي رکين هوشياري.

(٣٨)

پنهل جي ڪاڻ هيڪر آءٌ، ڏونگر سارو نهاريندس،
ٻاروچي جي آهيان ٻانهي، اڳيان ڳڻ ڪينَ وساريندس.
اجان اٿم آسرو دل تي، ڪندو مون سان مدد دلبر
ڏسي وڻ ڪيچ جا جيڏيون، مُئيءَ دل کي جياريندس.
مُيس جي پنڌ ۾ جيڏيون، ته چونديس ٿيا هُڏيءَ پيٺا
اجا ڪو دم هوندم باقي، ته ڪيچين کي پُڪاريندس.
وڃان ٿي هيڪلي پنڌ ۾، اڳيان ڪو قاف ٿا ٻڄن
لڪن جون سِر سهي سختيون، سچي سڪ کي اُجاريندس.
”ولي محمد“ ويهڻ منهنجو، روا ناهي بنا هوتن
ڏٺي ڀنڀور کي ٻاهيون، لڪئي جا قول پاريندس.

(٣٩)

ڏوريندس حبَ پَتيون، ڙي جيڏيون، آءُ جانب جت لاءِ.

ڳوليم هوت پنهل لئي سرتيون، ساري ڀنڀور جون گهتيون.
جاڳي رات جتن لئي جيڏيون، لڙي وڻن سِر ڪَتيون.
آهي ڪيئن هت سک تي سمهنديون، جي فراقن قتيون.
قيدالماءِ جي قيد وهاريم، عشق منجهايم متيون.
"ولي محمد" آهي آخر ملنديون، رنگ انهيءَ جي رتيون.

(٤٠)

تون تہ ويهہ نہ آسرو لاهي، اٿي ويجها وڻ وٽڪار جا.

ڏس پنهل جا وڻ بہ ڏيندئي، آخر ويندينءَ ڪاهي ڪاهي.
ڇڏ ڀنڀور جي جيڙي دعويٰ، ٻچن ڪي پنڌ چاهي چاهي.
سِر عشاقن آوَ ڪي سَوَ ڪي، اِئين اصل ڪوُن آهي آهي.
"ولي محمد" ٻڌ توڪل سندرو، ويهڻ مناسب ناهي ناهي.

(٤١)

سسئي ڏونگر ڏاج ڏيئي، چني ويا ڏير سياڪو.

ڪو جو ڏنائون عيب نماڻيءَ ۾، وساري سگ سيئي.
هيڪ هيڪڙي پير پيادي، نڪو ساٿي نڪو ڏيهي.
هن نماڻيءَ جي حال اندر جي، پنهل کي ڪل ڪانہ پيئي.
واٽ وندر جي پُڇندي ويندي، لنگهيا ڪرها ڪي سنجهيئي.
"ولي محمد" کي ٻاجهہ پوندي، پُڇائيندم ڪيچ نيئي.

(۴۲)

آيا سسئي بار بباري، رکيج صورت سان سيابو.
ڏونگر ڏاڍا لڪ آويڙا، منٿون ٻني رڙين انڌاري.
عشق اول ڪؤن سر عشاقن، خزان ڏيندو ٻوءِ ٻهاري.
ڏس پنهل جا وڻ ٻه ڏيندئي، تج ذاتي سان نهاري.
پاٿهي ڏسندين هن اکين سان، 'اِلا آنا' جي ٻات ساري.
"ولي محمد" کي عبد نه چائج، اها آهي وات جاري.

(۴۳):

ادا پانڌي، ڪي ڏنا توءِ سنجهي ڪرها ڪيچ ويندا.
هيڻن نه پانيم هيڏي ٿيندي، سسئيءَ کي ساڻ نه نيندا.
هن ٻنيور کي ڪين سڃاتم، ڦري دشمن ڏير ٿيندا.
سڱ سياپو سڀ وساري، مٺيءَ جو ماڳ متيندا.
"ولي محمد" سر عشاقن، ڏاڍا باري بار اندا.

(۴۴)

آهي روح رهاڻ، جيڏيون، جانب يار سان منهنجي.

جيهيي تيهيي آءُ آنهن جي، مَن سڃاڻن پاڻ.
سِر قبوليم پانهنجي، عشق سندا جولانَ.
سپيريان جي ڳالهڙي، لاٿم شڪ گمان.
راهه انهيءَ ۾ ڪيترا، حُسن ڪيا حيران.
"ولي محمد" انهيءَ حال ۾ ڪج ساه سِري[۸] قربان.

(۴۵)

اصل هو مُنهنجڙو توسان، سڱ ٻاروچا عدم جو.
هن ڀنڀور جي اصلؤن عادت، آهي نڀائيندو ڪين ڪنهن سان
ڪونهي ڪو ڀروسو دم جو.
هاڻي وصال جو مُئيءَ کي ڏي ڪو دلاسو، جيارين ٿو حڪم جنهن سان
مثل عيسيٰ 'اذني قُم' جو.
پيرين پيادي وڃان ٿي لڪ لنگهندي، ڏاڍي لاچار جي لڇ سان
ڪريان ڪهڙو حال غم جو.
حال سسئيءَ جو پنهل کي پانڌي ڏيج سيونئي، اچي پهچي ڪنهين پهه سان
پيرو کڄ ڪو تون ڀرم جو.
"ولي محمد" دل سان سمجهه معنيٰ کي، جهڙي تهڙي حال تنهن سان
لکيو ڏس لوح قلم جو.

(۴۶)

ڏاڍي ڏاڍي آهي اَکير، آڌا پانڌيڙا، مون کي هوتن جي.
ويٺي نهاريان ايڏاهين، اکين وهايو نير.
ڏيج نياپا ڪيچ ڏٺين ڪي، سُهڻي سان تقرير.
هن ڀنڀور ۾ قابو ڪيڙَس، قيد الماء جي زنجير.
اڳيئن سُڄهن ٿا ڏونگر ڏکيا، ڪهڙي ڪريان تدبير.
"ولي محمد" کي ٻاجهه ٻوندي، معاف ٿيندي تقصير.

(۴۷)

آءٌ ڪيئن رهان هت ويهي ويهي، منهنجو سنگ سيا ڪو ڪيچ سان.
جن وساري آهيان، ياد ڪندا مون سڀئي سپئي.
عشق سنديئي ٻند جي، ڳالهه ڪريان آءٌ ڪيهي ڪيهي.
ڪهڙو ڏوهه ڏيرن تي جيڏيون، هٿئون پنهنجي پيئي پيئي.
"ولي محمد" جي دامن وٺنديس، نيئي گڏيندا جيهي تيهي.

(۴۸)

پنهل جي ڪاڻ ڏوريندس، اديون هيڪر جبل سارو.

جهڙي تهڙي حال سان رڙهندي، آئن جا پير آءُ چٽندي
ويندس ڏس ڪيچ جا سڻندي، حامي ٿيندم پرين پيارو.

ٻاروچل جي آهيان ٻانهي، ڪندو مون تي نگهباني
ڇڏيندم ڪينَ سو جاني، لاهيندم دل جو مونجهارو.

مون کي ڇو ٿيون جهليون پايو، اوهان وٽ عشق ناهي آيو
تڏهن ٿيون ڏيو اهو رايو، وتو آئونَ ڪين ڪوهيارو.

وَڃان ٿي هيڪلي پنڌ ۾، لڳي اٿم لار سَنڌ سَنڌ ۾
اٿم ڏوري هوت جي ڪنڌ ۾، ڏيکاريندم ڪيچ سونهارو.

"ولي محمد" ٿيندم شافي، اهو مُربي اٿم ڪافي
ڍڪي منهنجا عيب ڏئي معافي، ڪندو مُئي کي حُسن وارو.

(۴۹) روپ ڌناسري

ڪانهي هوت ميار، ٻوري ٻانئج پاڻ ڪُئن.

ساريون راتيون اِئن سمهن جي، هي تنهين جا پار.
ڄاڻي سڄاڻي دوست ڪُئن، غفلت ڪيڙئي ڏار.
اصل ٻلجن ڪيتريون، پنهنجا پسي سينگار.
جي تو ٻانئيا پنهنجا، سي نه ڪنهن جا يار.
"ولي محمد" پنڌ عشق جي ۾، روا ناهه قرار.

(۵۰) روپ ڀيروي

ڏونگر سا ڪيئن لنگهندي، رات وِندر ۾ پيڙي.

لوح قلم جي لکئي، آٽي وڌي منجهه لکن
کهڙو ڏوهه ڏيرن، پنهنجي هٿئون جا ٽيڙي.

پاڙي ادا! خبر تو، کهڙي ڪريان حال جي
ٻانهيڻ ٻاروچن جي، نينهن نهوڙي نيڙي.

ٻير پيادي پنڌ ۾، ويندس ڪيچ ڪکهي
ڏس پنهل جا پڇنديس، جنهن دل قابو ڪيڙي.

جيئن ڏسان ٿي صورت، تيئن حسن ٿو موهي
دل مجازئون ڦاٽي، وس ڪنان جا ويڙي.

”ولي محمد“ عشق سندا، عجب لقاءَ ٿا ڏسجن
جنهن سِر ايندو سنبري، تنهن سِر ٿيندي اهڙي.

(۵۱) روپ ٻروو

ڏکي آءٌ پٽ پنيهر، عمر لويون ڪيئن لڃايان.

بيوس ڪيڙس قرب قلم حي، ڪنهن کي حال سڻايان.
نينهن نياپا درد فراقن جا، هٿئون ڪنهن جي ٽرپڃايان.
ساريو سرتيون قلب اندر ۾، اکيون رويو ٿي پڃايان.
ذاتي روحي جا ساز سرود، ويٺي روز وڃايان.
”ولي محمد“ کي ٻاجهه پوندي، ثابت سيرُ نيايان.

(۵۲) پيروي

قيد الماءُ جي قسمت، آٿي ويهاريس ڪوٽن۔

ڪُهه تنهنجا ماڙيون ٻنگلا، ڪُهه تنهنجون طول ڪتون
هُت سرتين سان گڏجي، پائي پريم ٿي لوٽن۔

ڏي موڪل ميان عمر پنهنجي وطن وڃان
ويڙهيچن سان گڏجي، ٻيگر چنان چڙهي چوٽن۔

ٻن هي طعام تنهنجا، مُشڪ مليدا مصريون
ڪين وڻن ٿا مون کي، مَٽ نه پانيان پُرٽن۔

”ولي محمد“ ٿي صوفي، ڏي سر عشق اڳيئون
ڪين لذيون ٿي لائون، ڏِس گهوڙن ۽ گهوٽن۔

(۵۳) روپ آسا

ڏسي هت رنگ رنگپور جا، وطن پنهنجو وساريئي ڪيئن۔

لاهي پوشاڪ معنيٰ جي، سانگي ٿي سير تي آئين
بقا هن دوُر جو دل تي، اهو نُڪتو وهاريئي ڪِيئن۔

فنا کي ڪينڪي سمجهي، سڏائين پاڻ کي طالب
کڻي سِر بار تهمت جو، طلسم ڏي نهاريئي ڪيئن۔

جوڙي اسباب دنيا جا، ويٺين مغرور ٿي مالڪ
عجب اِنهيءَ هوش تنهنجي جو، خزان کي ٿي بَهاريئي ڪيئن۔

سڃاڻي پاڻ نا پنهنجو، ٻُڌئي توڙي ’فيه مين روحي‘
ڏاڍي منجهه خواب غفلت جي، ”ولي محمد“ گذاريئي ڪيئن۔

(٥٤) ٻروو

يوسف آندا مصر وو، عشق زليخان دِي دل دِي.

صورت شيخ دِي دائم، 'کل شيءِ' وچ قائم
عاشق نال هجر وو، رمز ڳوڙهي ڏيک رلدي.

ويک شمع پرواني، شوقئون جلن مستاني
بيخود آوندي سنبر وو، ويک تماشا نہ ٽلدي.

جيوين وصال منگيسي، تيوين فراق ٻوهسي
گم ٿي ڏيوين تون سِر وو، پيش پرين لاءِ وصل دي.

"ولي محمد" يار جاني، ٿيسئي رحم رباني
صوفي آوسئي آسر وو، جتان ملائڪ ملدِي.

(٥٥)

ڇوڙ مشاخي بات، کر رمز رندي اِثبات.

'اِلاَّ آنا' دا سمجھ اِشارا، سير سِرّي دا ويک نظارا
تي داخل وچ عرفات.

اهو سِرّ سارا سبحاني، رهندا هئي وچ قلب نهاني
جيوين ليل قدر دي رات.

وانگون سکندر آب حياتي، نال خضر دي ٿي همذاتي
پيچي ويک هيرِي ظلمات.

شمس حسن دا ظاهر ٿيسي، صفت ساري گم ٿي ويسي
ٿيسي، ثابت هکا ذات.

"ولي محمد" رک خيال اوڏاهين، 'انا الحق' دي موج جيڏاهين
لائي عشق برهہ برسات.

(٥٦)

ڪيتا سِر نيزي تي نظارا، وي يار، صوفي شاهي طبل وڄايا.

'سُبحاني ما اعظم شاني'، اصل عشاقان دي رمز شهاني
مار ڳئي اهو نعرا نعرا.

حال انهين دا واقف ڪوئي، جنهن سِر آوي ڄاڻي سوئي
ڀُليا لوڪ ويچارا ويچارا.

راه اِنهين وچ جيڪي آوِسَن، سهج ڪنون سِر آپي ڏيسن
سمجھ سِرّي دا اشارا اشارا.

”ولي محمد“ هووين خيال تنهين وچ، رانجهن ڪون وت شوق جنهين وچ
وسريا تخت هزارا هزارا.

(٥٧)

اهو عشق دا ٻار وي، تون سمجھ سمجھ سر چاوين.

نال پيران دي پنڌ نهين ڪرڻا، ڪيهي ڪران تدبير
ٻي سر اتان پنڌ ڪريسي، خيال سيئي وسار.

جڏان ول آپ تون مارين، گھت فنا تڪبير
تڏان تيڪون طالب ڄاڻن، هيئي اِها مشڪل ڪار.

انهين عشق ديان سڻ هڻ باتين، ڪيهي ڪران تقرير
ڪيئي رُلينَدا تخت شهاني، ڪيئي چڙهيندا بردار.

”ولي محمد“ ڪيهان وت ڳالهين، قانع ٿي تقدير
ٻڌ سندرا توڪل والا، دم تي ٿي هوشيار.

(۵۸)

دنيا هي ڪل خواب وي، تون سمجھ سمجھ پير چاوين.

چوڙ سيئي سانگي اجائي، ويهسئي حال آحَوال
ملڪ فنا وچ ڪيا ڪجھ ٿيسئي، آوسئي، مفت عتاب.

هيئي نصيحت آمر اهوئي، نال صدق دِي پال
دؤر دنيا دا آخر چائي، جيوين مثل حباب.

نال فراق دي آپ جلاوين، مُول نہ منگين وصال
وانگون زليخان يوسف ڳولين، لاهہ سڀئي حجاب.

”ولي محمد“ هڪو چائي، چوڙ دوئي دا خيال
راهہ انهين وچ مصلحت ڪيهي، ڏي چا سِر شتاب.

(۵۹)

سنهيو سانون عشق جڳايا، ويڪو لاء برهہ ديان نوڪان.

درد عشاقان اصلوُن چاتا، قدر تنهن دا تينهان وَت چاتا
پير پڇُو تي ڪنهن نہ پاتا، جيوين پڙ منصور مَلهايا
جهل تيغ تبر ديان چوڪان[٨].

عشق جيها ٻيا تول نہ ڪوئي، جنهن سِر آوي چاٽي سوئي
دل اِنهين حيرت وچ هوئي، نہي سِر محبوب چپايا
جتان ابتر سمجها لوڪان[٨].

مرد اُهيئي چا سر چاون، نال ماهي دي توڙ نياون
بازي اُلتي اُلٽ چلاون، جيوين سيفل آپ رُلايا
توڙي لوڪ ڪيتيان ني توڪان[٩].

”ولي محمد“ هڻ مار نغارا، عاشق اصلوڻ ترن اوپارا
ڪوڙا ڇوڙ دنيا دا لارا، آ محبت مينهن وسايا
لايان حب وطن ديان سوڪان[٨]۔

(٦٠) روپ تلنگ

اها برهه والڙي بازي، ڪو سمجهي۔

نهين خبر اها عام نون، معلوم حق ڪيهين ڳالهين راضي۔
سچي ڪوڙي ظاهر ٿيسن، آپ ٿيسي جڏان قاضي۔
مرد اُهي جي حال انهين وچ، مول نه چاڻن ماضي۔
”ولي محمد“ اها مام برهه دي، ڪٽيي پروڙن غازي۔

(٦١) بروو

هڻ آبا اساڏڙي ويڙهي، رانجهو تخت هزاري دا سائين۔

مِٿن نماڻي دا وس نهين چلدا، حق ڪيتا ڇا نيڙي۔
عشق دي دامن خوب ڳڏو سهي، پار پئي وچ بيڙي۔
مِٿن رانجهن دي رانجهن ميڏا، گهول گهتان سڀ ڪيڙاي۔
”ولي محمد“ هڻ شڪر الٰهي، معاف ٿئي ڪل جهيڙاي۔

(٦٢)

لوڪان چا چاڪ هلايا زڙي شاهي جنهن دا شان شهانا۔

تخت هزاري دا والي آها، انهين[٨] بهاني ٿي آيا۔
سڀ سبالين مل ڪر ويکو، لوح قلم دا رايا۔
ڪيڙا ميڪون مول نه آڇو، مِٿن رانجهن چم چايا۔
روز الستي ڪاڻ ماهي دي، مٿيڪون عشق نپايا۔
”ولي محمد“ گهن عشق دي دامن، جنهن دا شان سجايا۔

(٦٣)

سهجون اسان سير چايا وي چايا، جنهن ڏيان ڪريندي لوڪ مياران.

ڪيهي ڪريسن لوڪ ملامت، قسمت ايوين بڻايا وي بڻايا.
جنهن وچ رانجهن راضي ٿيوڙي، سوئي سانگ سجايا وي سجايا.
عشق ڇتاهين ظاهر ٿيندا، اُتان حجاب اجايا وي اجايا.
"ولي محمد" راهه انهين وچ، دل ڏتا اهو رايا وي رايا.

روپ پيروي

(١)

آيو عشق، عقل کي ٿي تسلي،
تڏهن آيو اڳيئون وٺ نفس هلي.

ڪڙهي ڪري ڪا صلاح سوچاري ادا!
آيو عشق، حسن جو ٻُڌي غوغا،
يا لاهه جسم تؤن دوئي جا وڳا،
نه نه وينداسون ڀڄي مفت جلي.

ڏسي فوج حسن جي آهيان ڀڳو،
جنهن کي قل تعويذ لڳي نه سگهو،
تو نفس جي محبت هيس لڳو،
هاڻي ڳول آئي ڪا پيچن ڳلي.

چيو نفس عقل کي سڻ ويهي،
آئي ڇٿو تدبير ڪبي ڪهڙي.
ٻَڌ عبديت جا هٿ ٻيئي،
اڳيئون عشق ڪنهن جي ڪانه چلي.

هاڻي "ولي محمد" جو طالب ٿي،
هل ڪفر طريقت جو تون وٺي،
لاهي پوش مشاخي، رندي ۾ ٿي،
ڪندو مرسل سڀڪنهن سان ڀلي.

(٢)

ڏنو عشق عشاقن کي هي سبق،
چڙهو سُوليءَ تي چئي ’انا الحق‘.

آيا امر ۾ عاشق بيٺا مڃي، ڪيائون سڪا پنهنجي ڳالهه سچي
بيرنگي جي رنگ ۾ پيا رچي، لاهي بار صفت ڪيائون ذاتي دلق.

ڏسي حسن حقي ٿيا مَحو اُتي، آهي ’لَيۡسَ مثل‘ جو مثل جتي
موڙيا ڪين ڪنهين عنوان ڪٿي، ٿيا صوفي صفا ڌوئي دوئي جا ورق.

اچي عشق ڏيکاريو سارو لقاءُ، آتي ذاتي تي پيو قبله نماءُ
ڪيو قلب ۾ اُيري شمس شعاع، رنگ پيدا ٿي پيو مثل شفق.

”ولي محمد“ رک فڪر نه ڪو، وٺي دامن عشق جي سام تون پئو
آهي احمد احد ۾ شڪ نه ڪو، وڌو آهي معنيٰ ۾ ميم فرق.

(٣)

خيال ڪرين ٿو عرفات ڏي دل جو ڪعبو ’رَبۡ البَيۡتيءَ‘ تو ۾.

ڪهڙا خرچ ثمر ٿو سارين، وقت وصال جا ويٺو وسارين
هيڏي هوڏي ڇو ٿو نهارين، ڇڏ خيال تون جزوي عقل جو.

سِڪ سچي رک دل تي دائم، حرف يقين جو ڪر تون قائم
عشق حسن سان ٿي تون ملائم، آٿئي دوُر دنيا چلپل جو.

حج اڪبر تو ۾ داخل، ڇڏ حجاب نه ٿي تون غافل
ذاتي سان ڪر تنهن کي حاصل، اهو ڪم نه آهي اٽڪل جو.

”ولي محمد“ انهي رمز ۾ رهه تون، نرميون گرميون سر تي سهه تون
حال اهو ڪنهن سان نه پَهه تون، ٻڌ سندرو رندي توڪل جو.

(۴)

'بِاِذْنِ رَبِّهِمْ'[٨] سمجھ اشارو،
ويٺو پڇين ڏس ليل و قدر جا.

چو تو نهارين وڻ ٽڻ ٻاھر، 'اِنَّا اَنْزَلْنَا' آئثي ظاھر
صورت ڪي ڪر پاڻ سان ماھر، تيندو قلب منجهان اھو چارو.

دين ڪفر جي حاجت ناهي، سانگو سر جو ڇڏ تون لاهي
بحر اِنهي[۴] ۾ ٻڏو تون ڪاهي، پوءِ ڏس تون اهو ڳجھ سارو.

شمس قمر ٿئي سير سبحاني، آھن مخفي منجھ پيشاني
حُسن تن جو آهي لاثاني، پوءِ ڏس تون نور نظارو.

"ولي محمد" اجان ڏسندين سيئي، منزل منزل تي ڳُجھ ڪيئي
ڳجھي رک تون مامَ مڙيئي، هڻ رندي رمز جو نعرو.

(۵)

'سُبحان مَن تحيّر' ڏس: ذات ۾ نھاري.

آهي محب تنھنجي گھر ۾، ڳولج نہ بحر بر ۾
ڏس تنهن کي ذل اندر ۾، گھٽو پؤ نہ منجھ پساري.

ڏاڍي پرت پيچ پائي، مچ عشق جو مچائي
صورت سان نينهن لائي، ڇڏ دوئي جا ورق واري.

وحدت جو پي پيالو، عاشق ٿي ويھ نرالو
دنيا جو ڇڏ سنيالو، رھ حُسن جي نظاري.

"ولي محمد" سنيارج، هر حال سان پيو گهارج
ذاتي نہ دم وسارج، ٻڏو عشق جي پناري.

Scanned by CamScanner

(٦)

آئي وٽ طريقت جو ڪفر، اِهي زُهد تقوي ڇڏ ڪٽي.

ٻنان عشق پوندي ڪانڪا، حق جي لقا جي ڪا خبر
ڏي تهدليئون دوئي کي ترڪ، آئي رام حق هڪڙو ڏٺي.

صوفي رکن ٿا ڪينڪي، رندي ٻنان پيو ڪو دَلق
وحدت وجودي ٿا رکن، نعرو 'آنا الحق' جو هڻي.

پائين ڏسان حق جو حُسن، تان احديت اثبات ڪر
شيخي مشائخيءَ ۾ نه پئو، رک عشق سان رغبت گهڻي.

"ولي محمد" ڳجهه اهو، صورت پرستيءَ ۾ تون ڏس
آصلئون ملامت لوڪ جي، آهي سير عشاقن جي ٻڻي.

(٧)

وَهُ رمز رندي وارن ڄاڻن، ڏسو دؤر دنيا ۾ ڪيئن ٿا رهن.

ڏئي ترڪ مشائخيءَ کي ظاهر،
وڃي مڪتب ٿيا ماهر،

لاهي پردو حجاب جو ٿيا ظاهر،
ويا 'آنا الحق' جا پار پڙهن.

ڇڏي لوُٽ لباس هليا نيهي،
اچي ميخاني ۾ رهيا ويهي،

هاڻي ڳالهه تنهين جي ڪنجي ڪيهي،
جي محو ڪيا ديدار حسن.

ڏوئي ورق دوئي جا ڦيا آجا،
ٻڌي ساز سُرودن جا واڄا،
آئي ٻڌوءِ تنهين کي اندر ڪا جا،
سي درد ٻنان ٻيو ڪين ڪڇن۔

"ولي محمد" ڏس خيال ڪري،
آهي دين ڪفر کان پنڌ پري،
جيڪو ٿئي عاشق سر آڏيءَ ڏري،
تڏهن عين وصال جا پيچ پون۔

(٨)

ڳڏيو رات محب سوئي، جنهن جي حسن هئي دل موهي۔

الفراق وصال ٿي پيڙو، مايون اکيون اکين سان روئي
رنگ محل جي سير وساريو، دوُر دنيا جو سيوئي۔
ڏسي جلوو حسن دلبر جو، ٿيو مطلب دل جو سپوئي،
ڪليا باغ چمن چوڌاري، ڪئي زلف سياه خوشبوئي۔
ٿيو ديدار دل اندر سارو، رهيو قطرو غير نه ڪوئي،
توَ ڪي گهر جي حال اِنهيءَ ۾، ڇڏ ورق دوئي جا ڏوئي۔
"ولي محمد" تنهنجو حال ڏسي، اچي عشق ڪئي دل جوئي
وڄندي نوبت ذاتي تنهن ۾، پوءِ ٿيندو آواز سگهوئي۔

(٩)

ڏسو عاشقن جا شاهي طبل، جن معرفت اثبات ڪئي۔

جڏهن عشق جي نوبت وڳي، تڏهن هير رانجهي سان لڳي
ڇڏي ديس کيڙي کان ڀڳي، توڙي ڇڪيون جهڏيون چئي۔

مجنون ولين ويڙهيو جتي، آندو عشق ليلان کي تتي
لڳو نينهن جو نعرو اُتي، تڏهن 'لَيل' مان ليلان ٿي پئي.

جيڪي عشق نئي منظور ڪيا، ڏاڍي ڪيف ۾ مخمور ٿيا
سي 'نوراً عليٰ' تي نُور پيا، جن جي صفت عرشين وئي.

"ولي محمد" انهيءَ عشق جا، ڏسندين اجان ڪيئي لقا
تنهن سان تهدليون رک تون وفا، تنهن کي پئج پيرن تي نئَي.

(١٠)

حق عاشقن سڃاتو صورت محمديءَ ۾،
صوفي ڏسن ٿا تنهن کي وحدت وجوديءَ ۾.

حاجت عقل جي ناهي، معنيٰ ۾ خيال رک تون
مشاخيءَ جو پوش لاهي، تنهن کي سمجهي ڏس رنديءَ ۾.

جڏهن 'عرب بلا عيني' تڏهن عبد ڪيئن چئبو
هي ڳالهه آهي مخفي، ذاتيءَ جي پيو نديءَ ۾.

'احمد' ۽ 'احد' وچ ۾ آهي ميم جو فرق
شبهات سڀ وساري، تنهن کي سمجهه بيخوديءَ ۾.

"ولي محمد" جي چاڻي، هن حال جي حقيقت
ڇڏ حرص جي بحر کي، گهيڙ عشق جي نديءَ ۾.

(١١)

وطن وڃڻ جي هڪا جاءِ رات مليم خوشخبري.

وقت فجر جي آيو، ڪانگل پار پرين
چيائين اچن ٿا تو وٽ، تون اُٿي وڃ سنبري.

ڀلي آئين جيءَ آئين، ڪوڙين ڪريان قربانيون.
تنهنجي وصال جي واين، گوندر ويا مون وسري.

ڏاڍي شوق منجهان، ويٺي نهاريم دم دم
پانڌي ادا، ڪڏهن ايندا، منهنجي اڱڻ دوست وري.

"ولي محمد" صوفين جا، ڳڻ ٿورا ياد رکج
محبت ذاتي جن جي، ويندا دم تو گذري.

(١٢)

ماهي يار ڪر نه ماڻا، تو در آهيون وڪاڻا.

دلبر نه رک جدائي، ڪرڪا اچڻ جي وائي
انهي تنهنجي بيوفائي، ڪيا درد دل ۾ ٿاڻا.

هرگز نه ويهه وساري، آءُ قول پنهنجا پاري
اچي حال ڏس نهاري، در در وتون ويڳاڻا.
ڏي ڪو ڏيئون دلاسو، ڏاڍي شوق مان خلاصو
چو تو ڪرين تونءِ پاسو ڪهڙي سبب نه ڄاڻا.
"ولي محمد" ڪي رک نظر ۾، انهيءَ بحر توڙي بر ۾
تنهن ڪي ڏي لقاءَ آندر ۾، صاحب سڄڻ سياڻا.

(١٣)

بيمثلي دا سمجهه اشارا، 'اناالحق' دا مار تون نعرا.

ذاتي نال تون مل تي ذاتي، لاهه مشائخي دا پوش صفاتي
بِلا ميم دا ڪر نظارا.

عشق دي معنيٰ عين شريعت، ظاهر ڊي وچ ڪفر طريقت
ٿي منصور تہ ٿيوين نروارا.

'سبحاني ما اعظم شاني'، رمز عشاقان دي ويک شهاني
ڏي سير سُولي ڪر ڳئي چارا.

'احد' وچ چا 'ميم' رکايس، 'احمد' ٿي اِتان آپ' وِرکايس
مخفي ڪيتس اِهو اِسرارا.

"ولي محمد" هڻ ٿي تون ظاهر، ڇوڙ حجاب تہ ٿيوين ماهر
رمز رندي دا ڪر اظهارا.

روپ پيروي

ٽل: صوفي سيري جي سير ۾، حق ٿي انا الحق ٿا چون.
معرفت جي بحر جا غواص ٿيا لاهي لباس،
الف واري اوٺ ۾، وحدت وجودي ٿا رکن.
ميم جي معنيٰ کي سمجهي، قوُل سيئي پورا ڪري،
ذات سان ذاتي ملائي، احديث ٿا اثبات ڪن.
قاب ۾ قوسين او عدنا، جي معنيٰ ڪيا مُحيط،
بي خودي مخمور ڪيا، لاٿا صفاتي پوش تن.
قلب کي ڪعبہ ڪري، ٿا ڏين سجده با ادب،
حج اڪبر ٿا پڙهن، عرفات ڪيئون دل جو صحن.
"ولي محمد" کي ڏسن ٿا، ساڻ بلا سيم جي مام،
لاهي شڪ شبهات سڀ، ٿيا محو منجهہ حقي حسن.

روپ پيلو

(١)

جي پائين ڪو دم جيان، تان رمز وٺ تون شاڪرن جي
جي تفرقا ٽا پون، هي مار آهي عناصرن جي.
حق ٿو چوي فرقان ۾، منجهه باب مفتاح الفرج
تڏهن ڇڏي سڀ خيال فاني، راهه وٺ تون صابرن جي.
ڏؤر دنيا مؤن ويو، سڀڪو هٿين خالي وري
سڀڪنهن مجلس ۾ ڏس، تعريف ڪيڏي آجرن جي.
هن دنيا جي آهه نوبت، تنهن جو غم دل تي نه ڪر
ٻي رسم سڀڪا وساري، رسم گهرجي ذاڪرن جي.
"ولي محمد" بيخودي ٻاجهون، نه پوندي ڪا خبر
عبديت جو پوش پهري، چال چل تون چاڪرن جي.

(٢)

عشق ڏيندا پر وٺيان وٺيان، هئي پيوڻ ڏاڍي مشڪل بازي.
بيخودي دِي پيالي پليندا، اُلٽي بازي اُلٽ چلاَيندا
بند عقل ديان گهٽيان گهٽيان.
ڏيندا بار عشاقان باري، حڪم آپڻي ڪر ڪي جاري
چاڙهه سُولي گهت ڳَٽيان ڳٽيان.
وچ بازار ملامت والي، ڏي عشاقان بات نرالي
هو ڪسي ڏِوئيندا هٽيان هٽيان.
"ولي محمد" ڳالهين^ عشق حسن ديان، ڪيهان ڪريسين باطن ديان
ڪهيئين^ دلين^ اُنهين لٽيان لٽيان.

Scanned by CamScanner

(٣)

نال ماهي دي هڻ سين مِليان مِليان، ويک اکئين لکيا لوح قلم والا.

چوڙ مين اپڻي شاهي ٻاٻاڻي، جهوک رانجهن دي چُليان چُليان.
پار کهيڙيان دي مول نه ويسان، توڙي آچن سُهڻيان ڳليان ڳليان.
سڀ سياليان غيرت واليان، هير هِڪا مين ٻُليان ٻُليان.
عشق جنهان سر مچ مچيندا، سي نه رهسن جهليان جهليان
”ولي محمد“ انهين دام زلف دِي، کيئي قابو کيتيان دِليان دِليان

◆

روپ جهنگلو

(١)

ڪفر طريقت جو وٿ، باب فقه جا ڪٽي ڇڏ.

”هَم يرآئون“ ۾ آهي ريا جي نسبت
دام دوئي جا ٽوڙي، رمز رندي سان تون گڏ.

پوش مشائخي پهري، مُشرڪ ٿي دَور ڪنان
پڪڙا محبت سندا، ’مُوتوا‘ ماڳ نيئي آڏ.

نامرادي مان لهندين مراد سڀڪا
صورت سان لئون لائي، مُلڪ بقا ڏي تون لڏ.

”ولي محمد“ ڏس صوفي لا ڪوفي پيا سڏجن
ڪيئن گذاري ويا، جن جا چمجن پيا هڏ.

(٢)

ڏسو قدرت رمز اللهي، جنهن ۾ جاءِ عقل جي نه ڪائي.

’شهاب الدين صوفي‘ صاحب جيءَ قدرت جو ڳڻ جڳائي
’شاهه شهيد‘ عطا ڪيس سر تيءَ تاج مبارڪ شاهي.

معرفت جو اڀريو تارو، جنهن ڪيڏي ڪئي روشنائي
ڇُٽي توب، مُنادي ڪيائين، ٿيو آواز سمائي.

تي سجاده نشيني ظاهر، مُلڪن ۾ اها وائي
ويٺو مسند مرد مڪمل، ڪُل ولايت آئي.
”ولي محمد“ هلي ’ميرانپور‘ ۾، ڏي سجدا دلجائي
’جهوڪ شهر‘ کي جهوڪ منجهئون، ڪٿي حق عرفات بنائي.

(٣)

وٺ رمز دلم مُشتاقي، ناهي خبر عمر جي باقي.
ڏور دنيا جي سمجهي حالت، خيال تون رک عشاقي
رمز رندي سان هل ميخاني، پيءُ پيالو ساقي.

ڏام دوئي جا ٽوڙ سيپٽي، لاهي دلم غمناڪي
’نَحنُ اَقربُ لَيسَ مثلهٗ‘ آئي قلب اندر اوطاقي.

بيخوديءَ ۾ بيخود ٿي، ڪر سير قفس منجهه خاڪي
’اِلاّ آنا‘ جي ٻولي ٻولج، تخلقو اخلاقي.

”ولي محمد“ جو شان صحيح ڪر، لقب سندس لولاڪي
عبديت جو پوش ڪري ٿي، سيڪنهن سان مُلاقي.

(٤)

وَهُ عشق وارن جا نظارا، آتي عام نه رسن ويچارا.
ڇڏيو عشاقن سانگو سر جو، ٿيا وحدت جا وڻجارا
سوريءَ تي چڙهي لاءِ وصال جي، ڪيائون ’اناالحق‘ نعرا.
ڪاڻ ديدار گهڙي پيا عاشق، منجهه ظلمات نهارا
لنگهي صفت وڃي ذات لڌائون، ٿين سير سڪندر وارا.
بيخوديءَ جا باب پڙهي، هلي ڪيائون عدم اوتارا
انحد جا آواز ٻڌي، پوءِ نوري ٿيا نروارا.
”ولي محمد“ وڃي ويهه تنهين وٽ، جي آهن جيءَ جيارا
سي صوفي مشتاق اصل کؤن، ڪامل قلب اوجارا.

(٥)

اي دل طريقت جي ڪفر ۽ مشهور هاڻي گهرجي ٿيڻ
اِنهيءَ بيخوديءَ جي بحرمؤن ۽ مخمور هاڻي گهرجي ٿيڻ.

حسن جي ديدار لئي، سر جو ڏيڻ سانگو مَ ڪر
'رب آرني' چئي مثل، ڪوهه طور هاڻي گهرجي ٿيڻ.

هن فنا جي ملڪ ۾، وٺ هي نصيحت دَمبدَمَ
خيال خطرن ڪؤن دوئي جي، دور هاڻي گهرجي ٿيڻ.

عقل جي تدبير ڪي، ڏي ترڪ تان مطلب رسين
عشق جي شاهي طبل فغفور، هاڻي گهرجي ٿيڻ.

"ولي محمد" ڇڏ مشاخي، صوفي ابن الوقت تي
دَست بيعت بااليقين، منصور هاڻي گهرجي ٿيڻ.

(٦)

جتي ڪٿي عشق ڏسائين ٿو، ڏاڍا محبت مچ مچائين ٿو.
ڪعبو، مسجد ديِن ڊرائي، ٻئي هنڌ بتخاني کي ٻنائي
تنهين جاين تي پاڻ پسائين ٿو.
عشاقن کي ڏئي عشاقي، چاڙهي سُولي تي ڪرين ٿو مُلاقي
ذات سان ذات ملائين ٿو.
آدم ۾ پنهنجي ذات ڇپائي، پوءِ وري بيمثل سڏائي
چالا عجب چلائين ٿو.
عاشق سير سيرُي جو ڪن ٿا، 'اني انا الله' ثابت ڪن ٿا
تن کان 'آنا الحق' چوائين ٿو.
"ولي محمد" کي پنهنجو ڪر تون، ڏئي وصال مٿس هٿ ڌر تون
قلب اندر ۾ سمائين ٿو.

(٧) روپ پيلو

ڪھ ڪانگل ڪڏهن اچي ملندا، منهنجا ڪيچ ڏٿي دم دم ۾.

لڪ لتاڙي لڪيون وينديس، واٽ وندر جي ووڙون ڏينديس
شل گڏبم جاني ڪلندا، ٿيندي خوشحالي هن غم ۾.

ڏج سنيها ساري پرين ڪي، پاند ڳچي پائي هوتن ڪي
ڪڏهن واءُ وصال مون گهلندا، آهيان دام زلف جي خم ۾.

ڏيرن ڪئي مون سان ڏنگائي، محب وٺي ويا ڏيئي جدائي
ٻي بات نہ ويا ڪا سلندا، ڏسي ڏاري واري جم ۾.

”ولي محمد“ پوندي ٻاجھ ٻاروچل، تنهنجي حال جي لهندا اچي ڪل
وڏي قرب منجهان اُتان هلندا، ٿيندا شامل تو هم ڪمُ ۾.

(٨) روپ جهنگلو

ٻانڌيڙا عجيبن جا، محبوبن جا، مون سان ڪرڪا ڳالھ پرين.
صدقي سِر تنهين توُن، هيڏي هلائيي جن.
سڀ دنيا جي دور جا، وسري ويا مون جشن.
ساري چئج پرين کي، هٿ رکي قدمن.
هڪڙي موج فراق جي، ٻيو ماريس حُب وطن.
”ولي محمد“ جي حال جي، سڌ ڏجان سڄڻ.

(٩)

ڪهڙي ڪريان آءُ ڪانگا توسان تقرير.

تنهنجي آئي قلب اندر ۾، آئيي وصال جي هير.
قيد الماء جي قيد ويهاريس، ڪانہ رهي تدبير.
پاند ڳچيءَ پائي چئج پرين کي، معاف ٿئي تقصير.
”ولي محمد“ چئي راتو ڏينهان، آهيان منجھ اُڪير.

(١٠)

دلبر تنهنجي ديدار لئي، اکڙيون نهاريندِيون رهيون،
سڀ خيال دنيا جا ڇڏي، منجهه ماڳ حيرت جي پيون.

جيئن مڇي پاڻي کؤن ٻاهر، تيئن ٿي هِت گهاريان گهڙيون
روز شب ويٺي لکان، مضمون محبت جون وَهيون.

جي حسن تنهنجي جي فنا ڪيا، سي هتي سُک ڪيئن سمهن
منجهه قيد قيدالماء جي، تا دم وڃن پورا ڪَيُون.

سِڪ سچي جن کي اندر دل، سي دنيا سان ڪيئن ٻَجهن
'ليس فيها راحةٌ' اُهي تان قبر ويندا ڇَيُون.

"ولي محمد" کل حال تي گهرجي صبر خواهش مٽي
عشق اصاؤن عاشقن سان، تو ڪري ريتيون نيون.

(١١)

لڳو نينهن اڇي نروار ميان، هاڻي عاشق ٿي هوشيار ميان.
ڏسي تاب حسن جو خوف نه ڪج، اهي بار سِٽيئي وجهي سر تي سهج
پوءِ ٿي پروانو شمع تي پڄ، اِها آگ آٿئي گلزار ميان.

ٻائين عشق حسن جو ٿيان ماهر، ڪر ٻاڻ زليخان جيئن ظاهر
ڇڏي پردو حجاب جو ٿي ٻاهر، اچي يوسف تڏهن بازار ميان.
انهي عشق جي ڪل منصور کؤن پُڇ، ڪنهن حسن موهي مخمور کؤن پڇ
ٻا ٿي حال ڪوه طور کؤن پڇ، ڪري ڳذر لنگهيو اسرار ميان.

"ولي محمد" هوندي لئون جتي، پاڻهي پوندي حسن جي کل تي
ٻُوءِ عشق جي لکندي کين ڪٿي، ڪندي پاڻهي ظاهر پار ميان.

Scanned by CamScanner

(١٢)

وڏڙا ڪاڄ وَهي الا، وڳڙ تنهنجا ڪونجڙي.
سانباهو ساٿين جو، پوري ڪيئي نہ سَهي الا.
هاڻي هتي ساٿين ري، ڪنڊين ڪوهہ رَهي الا.
فضيلت هن ننڊ جي، طالب ويا بہ ڪَهي الا.
"ولي محمد" هُئي اصلئون، ساعت ائين ٿي الا.

(١٣)

اصل ڪؤن ٻانهي الو، آهيان ڪيچ ڏٿين جي.
هوتن ريءَ ٻہ پنيور ۾، وتان ويڳاڻي الو.
جيڪس هوءِ نصيب ۾، حڪم رباني الو.
ڏسان شال اکين سان، آديون آرياڻي الو.
"ولي محمد" چئي حب ۾، ٿيندم ربُ ساٿي الو.

(١٤)

مون تان ڪين ڇين، ڙي آيل، مون کي ڇڏيو هوت وڃن.
ڏکيءَ کي ڏونگر جا، اگهيئون سور سجهن.
محبن ريءَ ٻہ پنيور ۾، ڏکيا ڏينهن لنگهن.
ويندس رهندس ڪينڪي، پڇاڻا پرين.
"ولي محمد" چئي شال مون، وڇڙيا محب ملن.

(١٥)

تڙ تڙ پوندئي ڏَسُ، پانيَڙ ڀاروچن جا.
وٺج راهہ فراق جي، ڇڏي پيا سڀ گس.
پڇڻ پيٽي ناهہ ڪا، ووڙڻ سان ڪج وس.
اڃان چڪندين ڪيترا، درد سندا ڪيئي رس.
"ولي محمد" جي حُب سان، درد ڏيندا توڇس.

(١٦)

هوت پڇاڻان ويهي، ڪيئن گذاريان سرتيون.

درد وارن جي دل جي، ناهه خبر بيدردن
سني سک تي ڪيئن سمهنديون، دام زلف جي ورتيون.
لَڪ لتاڙي لنگهيون، پاڻ ڪنديس آءٌ پڌرو
ڏونگر سيئي وُڙي، پوءِ ڏوريندس ڏرتيون.
ويهڻ مناسب منهنجو، ناهي بنان هت هوتن
رهنديس ڪين نه ويهنديس، هاڻ خدا کي پرتيون.
”ولي محمد“ ڏس سمجهي، عشق وارن جي حالت
ڪوڙيون پائنج سيئي، دور دنيا جون پرتيون.

(١٧)

آهي روز آلستي، منهنجو ڙي پيچ پنهل سان.

سڳ سياپا عشق وساريم، ڪهڙي ڪريان بند بستي.
قيدالماء جي ڏونگر ڏيکاريم، گذري ويئي گذشتي.
ويهي پنيور ۾ وقت وڃايم، تڏهن ڪري ويا مستي.
”ولي محمد“ ڏيرن ڏوهه نه ڪوئي، اصل هئي سِر نوشتي.

(١٨)

ڪانگل ڪر ڪا پچار، مون سان ڪيچ ڌڻين جي.

ويئي نهاريان اوڏاهين، ماڻَ ميلن ڪنهن وار.
هن منهنجي حال جي، ڏيج خبر نروار.
تي گذاري سسئي، منجهه پنيور لاچار.
ڏونگر منجهه پنهل جا، پڇندي وينديس پار.
”ولي محمد“ منصف تي، ڪانهي هوت ميار.

(١٩)

سگ ٻاروچل ساڻ ڙي جيڏيون، منهنجو هو آلستون اڳي.
هي نماڻي ڀنڀور ۾، او هوت بنان ڪيئن تَڳي.
هئي جا ڏيرن مَن ۾، هوت وڻي ويا تَڳي.
ڪنديس ڄام پنهل سان، حقيقت سُئي سَڳي.
”ولي محمد“ هن حال جي، ڪل پوندي نينهن لڳي.

(٢٠)

رک دل تي حُب وطن جي، گهوري دوُر دنيا جي شاهي.

جاني جگر ويا ڪيڏي تنهنجا، ڪل نہ پيَڙي تن جي
ڪيئن وساري خوش ٿي ويٺين، سهڻي سنگت جن جي.
آهين سانگي سانگ تي آيو، ويٺين مالڪ بنجي
ڏيهہ ڏورانهون تنهنجو اڳي ٿيو، سُرت رکج انهي فن جي.
لاوجودي سير ۾ رهہ تون، رسم وڻي صوفين جي
مورت ڪئي گم ڪر صورت ۾، ڏس تصوير حسن جي.
”ولي محمد“ رک طلب اندر دل، عشق جي درسن جي
’مُوتوا قبل‘ جي معنيٰ سمجهي، هٿ ڪر رمز رندن جي.

(٢١)

ميان عمر منهنجي رهجي ايندي شال، رهجي ايندي شال، سي ڪنهن حال.

آتڙا مينهن ملير تي، ٿيا سانگي سڀ خوشحال.
ڪير اچي هن ڪوٽ ۾، جت گهارڻ آهي محال.
قيدالماء جي قيد ۾ آهي، ڪنهن جي ڪانہ مجال.
تڙ ڏٿين جي آهيان، منهنجي ساري لهندا سنڀال.
”ولي محمد“ جي حُب ۾، تي لوچان لاءِ وصال.

(٢٢)

پنهوارن جون ريتيون، ميان عمر ناهن اُهي،
عمر ناهن اوهي، هو رهن ڪنهن سانگ سهي.
هي بندياڻي بند ۾ آندي قيدالماء جي نهي.
هڪڙي سِڪ سانئيه جي، پيو اکڙين آب وهي.
حال پنهنجو جيڏيون، هي هِت ڪنهن سان ڪهي.
"ولي محمد" ريءَ ڪير پيو اچي خبرون منهنجون لهي.

(٢٣)

وطن ويڙهيچا ڇڏي سڀ سانگا، قسمت ڪالهه آئي ويا اُڪري.

حيرت ۾ ٿي ڏينهن گذاريان، لکيو لوح قلم تي پاريان
ويٺي نهاريان ويا جي نڪري.

ڪاڏم پيتم ٿي نيت جن سان، عمر هيڪاندي هليس آءٌ تن سان
سي ڪيئن ويندا مون کان وسري.

آتم اميد اگهه شل ايندا، ڏوٿي ڏکيءَ کي ڪين ڇڏيندا
ڏيندا اچي ڪا خوشخبري.

"ولي محمد" شل حامي ٿيندم، لوئيءَ جي لڄ مرشد رکندم
لاهيندا ڪُل مُتَفڪري.

Scanned by CamScanner

(٢٤)

عمر، سرتين سان هُئي، منهنجي پوئين رات سمَن،
پوئين رات سمن، ٿي آيون منجهه آتڻ.

ڏي موڪل تہ ملير وڃان، آهيان ماري حب وطن.

ساريو سانگيڙن کي، تا پلپل پور پون.

ڪڍ بنديائي بند مؤن، وڃي ڳڏجي ويڙهيچن.

درد سندا مون دل اندر، تا دونهان روز دکن.

"ولي محمد" جي ٻاجهه سان، شل ملنديس تر - ڏٿين. *

(٢٥)

ڏاڍيون حسن وارن جون آهن ڏليون، لايو نينهن وڃن ٿا پاڻ پليون.

نٿو قياس پوين ضعيفن جو، ڏسي حال محال يتيمن جو
نياڻون هوش ڪسي مسڪينن جو، جيئن قصد منجهؤن گهوڙا هڻن گهليون.

ڇڏي خوف سيئي سنگت جا ميان، سر لاءِ ڏين صحبت جا ميان
توڙي دام وجهن محبت جا ميان، ٻي ڳالهه اندر جي وڃن آليون.

توکي گهرجي خيال وصال جو ڇڏ، دل نيئي نينهن نهال سان گڏ
پڪا آٿي ملڪ خيال ۾ آڏ، ايندا تو وٽ پاڙهي دوست هليون.

"ولي محمد" هاڻي ڪڇڻ ڪيهو، انهيءَ پند جو آصلؤن درد سيهو
آهو جلوو حسن جو آهي آهو، جنهن جي تجلن ڪئون ويو طور جليون.

---

* ترَ - ڏٿي، سلام الله شاه صوفي جو لقب.

(٢٦)

آيو محب وطن اُهو سا ڳي وري، اِها ڪانگل آندي خوشخبري.

متان ٿين ماندي توکي نيندا، منجهان حُبّ دلاسا تو ڏيندا
تنهنجو حال ڏسڻ تو وٽ ايندا، جنهن جي لاءِ وصال نه ٿي تو سَري.

ڀلي آئين ڪانگل ويهه ڪا گهڙي، ساري عمر لنگهايو سڪ ۾ رڙي
حب دوستن جي جيءَ سان مون جڙي، جيئن طوق ڳچيءَ ۾ وڌو قُمري.

انهيءَ حسن جي عام خبر ڪيهي، هوندي تن کي جنهين جي دل ريهي
ڪهڙو حال ڪريان تو وٽ ويهي، نڪا خبر رهي نڪا بيخبري

"ولي محمد" 'آرني' چوڻ سو ڪو، پرتاب حسن جو جهلڻ او ڪو
وانگون پتنگ شمع ڏي هلڻ جو ڪو، پڇ طور سينا کؤن ڪيئن گذري.

(٢٧) روپ پيروي

اسان آئي هُون عشق بن مون، ٿي واقف 'آلا اِنا' مؤن.

بيرنگي دا سير ڪيتو سي، بلبل مثل چمن مؤن
عشق وڄائي نوبت شاهي، ٿيا آواز گگن مؤن.

'لا اِلٰه' نفي دا ڪلمان، ٿيا اثبات دهن مؤن
'اِلاَّ الله' ڪيتا دل ثابت، هٽ گيا غير بدن مؤن.

ويک صُورت گم هوئي صورت، ڪرڪي سير حسن مؤن
عاشق آب حياتي پيندي، دائم چاه ذقن مؤن.

"ولي محمد" انهين رمز دي معنيا، سمجهي ڪوئي لکن مؤن
وڃ عروج نزول دي آؤسي، ٻوءِ حب وطن مون.

(٢٨) پيروي

ڏادي ڪنهن رمز جلايا ڪوه طور.
’رب آرني‘ بيخود ڪيتا، حاصل تي پيا حضور.
’لَنْ ترَاني‘ سانگ رسايا، سمجه سيو مذڪور.
پئي تجلي، ظاهر تي پيا، سارا سِر“ مشهور.
وچ درخت دي جلوا ڪيتا، احمد والي نور.
”ولي محمد“ قُرب رَبُوبِي، رکندا اِهو دستور.

(٢٩) جهنگلو

دوست ميهر ڪرڪا آوڻ دِي، نينهن نياوڻ دِي.
’نحنُ آقرب‘ ڏي ڪي دلاسي، پڇي ڪريندائين ڪيون وت پاسي
ڪهڙي سبب ڪيتئي آپ ليڪاوڻ دِي.
نال اسان ڏي ڪر نہ جدائي، توڙي اسان ڪنون پهتي نہ ڪائي
ڏَس اسان ڪون رمز ريجهاوڻ دِي.
نهين روا اها بيپرواهي، دوُر گذر وچ هي سڪو راهي
جلد ڪرين سانون آپ ملاوڻ دِي.

جنهن امر دا ويس ڏتونئي، سير قبول ڪيتا مين سونئي
هُڻ چا ڪر قلب سماوڻ دِي.
”ولي محمد“ تي تون خيال تنهين وچ، راضي هووي سحب جنهين وچ
رمز اها دي مطلب پاوڻ دِي.

(٣٠) جهنگلو

ساڏي نهين پلڪ اِٺ سَرِ دي، سنهيو يار ڏوان دي ٻاجهون
جنهان قبول ڪيتي سيراپٽي، سهڄؤن راه هجر دي
راتو ڏينهان تانگهه آنهان دي، مثل صدف گوهر دي.
ٿسي زليخان حجاب وڃايم، ويک صورت دلبر دي
يوسف نال ملاقي ٿيوان، ڪيهي ڪاڻ عزيز مصر دي.
ڪيڙا ٻيڙا مول نه ٻاوي، توڙي خوف ڏيوي محشر دي
اسان غلامي سير تي چاتيي، آصلؤن جهوک شهر دي.
چوڙ ٻنيور سسئي دي وانگون، ويسان راه ونڊر دي
لوڪان نون وت خبر نه ڪائي، درد واليان دي گهر دي.
”ولي محمد“ هُڻ حال انهين وچ، بهتر جاء صبر دي
مشڪ جيوين وچ پردي هوسي، گهنسي رمز آثر دي.

روپ جهنگلو

ٿل: وطن سي ڏورين، اکنهه جن جي اوڏهين،
چڏي سنگ صفاتي، ذاتي ڪي اورين،
عبديت جي مام ۾، احديت ووڙين.
ٻنان نفي اثبات جي، تند نه ٻي چورين.
شريعت جي پوش ۾، طريقت تورين.
”ولي محمد“ هن حال ۾، ٿا عاشق سر گهورين

روپ ڪوهياري

(۱)

مون کي هوت نه ڪيو ڄاڻ، پيئر جيڏيون آءُ آڻ سونهين ٿي وچان۔

ڄتن سنجهي ٿي وڏا، چوري اُٺن تي پلاڻ۔
ڏونگر جي واٽن تي، منهنجي ڪانهي ڄاڻ سڃاڻ۔
ڏئي ٻاهه پنهور کي، وڙون ڏينديس ڪيچين ڪاڻ۔
صورت ٻاروچل جي، اهو ثمر آٿم ساڻ۔
لکن جي لوڏن ۾، ٿيندو آري مون اڳواڻ۔
”ولي محمد“ حامي ٿيندم، هاڻي ’ٻنگلي ڏٺي‘ پاڻ۔

(۲)

ڏيرن مفت وساري آهيان، آءُ ته پنهل کي پياري آهيان۔

ڪڏهن پنهور ارم هو، تنهن ۾، اڄ ويچاري آهيان۔
لکئي لوح قلم جي، لکن منجهه ويهاري آهيان۔
ننڊ نهوڙيس جيڏيون، تڏهن آءٌ ڏوهاري آهيان۔
ڪيچ ڏٺين کي چونديس، مهڻن لوڪ جي ماري آهيان۔
’ولي محمد“ شل ملندم، جنهن جي لاءِ آءُ نهاري آهيان۔

(۳)

جي ڪالهہ هئا مون وٽ الا، سي نہ ڏسان اڄ سپرين.

پسي آسڻ اُنهن جا، ويٺي نهاريان گهٽ، الا.
آٽيو آب اکين ۾، رويو وڃهان ٿي جهٽ، الا.
جاڳي وهايم راتڙي، لڙي ويا جي نِيڪٽ، الا.
لاءِ وصال جي جيڏيون، گهولي ڏنم جهنگ پٽ، الا.
ڪڏهن ڇٽندا ڪينڪي، جدائيءَ جا ڦٽ، الا.
"ولي محمد" هن حال جيِ، معنيٰ سمجهہ اُلسٽَ، آلا.

(۴)

ويندا ڪنهن نہ ڏٺا، محب مِٺا، مانَ وندر ويلو ڪن.

ماري هليا مُئيءَ کي، هاڻ پڇنديسُن ڪِٿا.
جيڏيون، باهہ پنيور کيءَ ڏئي هلنديس هِٿا.
اصلئون ڏيرن من ۾، هئي ڪا اهڙي رٿا.
"ولي محمد" سجاڳ ٿي، عاشق قرب ڪُٺا.

(۵)

جاڳ سويرو آتي ڪَٽ، ڇڏ غفلت، ڪيچن سات سَنپايو.

آتڻ وائي ناهہ ڪا، جيڪس لڏي ويٺي محبت.
وڃي وهاميو راتڙي، سسئي ڪر ڪا همت.
خيال وساري پيا سڀ، صورت سان رک صحبت.
ڏونگر ڏورج حُب سان، عشق وارن جي ملت.
"ولي محمد" غير جي، ڇڏ وساري سنگت.

(٦)

سسئي چڏ سانگا آلا، ڪاھ تہ پهچين ڪيچ ڪي.

ويجھا وڻ وڏڪار جا، جت لَنْوَن ڪانگا، الا.
وندر وات نہ ھڪڙي، سوين ڀڄھن لانگھا، الا.
جاڳي رات جتن لئي، قابو ڪرين ھا چانگا، الا.
محبت جن جي مَن ۾، پڇن تار نہ تانگھا، الا.
"ولي محمد" ھن حال کي، سمجھن ڪي نانگا، الا.

(۷)

سسئي سپ سڪ ٿيا الا، ويجھي آھين وطن ڪي.

تنھنجا پورھيا پرت جا، پنھل ثاب ڪيا، الا.
ھاڻي پاء نہ جتن لئي، لڪن منجھ ليا، الا.
سِڱھا ڏسندينءَ ڪيچ جا، نوري ٻرندا ڏيا، الا.
سور وسارج ڪينڪي، جي پلئي تنھنجي پيا، الا.
"ولي محمد" ھل اوڏاھين، جيڏانھن وڳ ويا، الا.

(۸)

سسئي چڏ ڀنڀور، ڀڻو پٺيءَ ڪيچين ٻجتي.

جھڙي تھڙي حال سان، اُتي ڏونگر ڏور.
چڏي سڱ صفاتي، ذاتي سڱ سنڌور.
لَڪ لتاڙي لڪيون، پاڻ متائين گھور.
ڪيئي بھار خزان ڪيا، ھن فنا جي دَوُر.
"ولي محمد" سڪ سچيءَ سان، توڪل جي تند جھور.

(٩)

ساهه ڪيئن رهندي هيت، ساڻ پرت، جنهن جوڙي هوت وٺي ويا.

هيڪر ويندس اوڏاهين، ڇام پنهل هوندم جت.
ڏيرن ڪئي هئي پاڻ ۾، اصلوُن اهڙي ڪا رٿ.
جهڙي جَت ڪري ويا، ڪانهه ٻڌيسون سا ڪيٿ.
”ولي محمد“ لوح قلم هُئيءِ ڪا ليکي اها رٿ.

(١٠)

آهيان هيت ماندي، عمر ماروئڙن ري.

ڪڍ بنديائي بند موُن، جا لکئي هٿ آندي.
ڏهاڙي ساٿيهه جا، ويٺي پَڇان پانڌي.
ٿيندا شال مُٺيءَ جاءِ ٿر - ڏٿي ڪانڌي.
وساري ٻه وطن ڪي، ڪيئن ويهان واندي.
”ولي محمد“ جي ٻاجهه سان، ٿينديس هيڪاندي.

(١١)

سامي ڇڏي ناسوت، هليا ملڪ عدم ڏي.

ٻُوري در مڙهين جا، اکين ڪيائون ملڪوت.
تيرٿ تڪيا تن ڪيءِ ڏيکاريا جبروت.
اوڏا ٿيا ٻه آلڪ ڪي، لنگهي پٽ لاهوت.
ثمر ڪٿن نه پاڻ سان، ذاتي ٿيڙن قُوت.
”ولي محمد“ انهي پنڌ ۾، بهَتر آهي سُڪوت.

(١٢)

سامي سک نہ ڪن، ماءِ حُسن موهيا ڪاپڙي.

آين ٻُوءِ سرير ۾، پورب پنڌ پڇن.
آسڻ آديسين جا، وسريا حُبَ وطن.
قوت سناسين بر ۾، وسنديون ڪين ڏسن.
راتو ڏينهان وصال لاءِ، لاهوتي پيا لُڇن.
"ولي محمد" ويهندا ڪينڪي، توڪل تُرهو جن.

(١٣)

سامي شال ملن، آلا جيءُ جلي ٿو جن لئي.

جوڳي ايندا جُوءِ ۾، وري شال وطن، آلا.
روھ رُلايائون سسئي، ڪَچي ڪيئي ڪچن، آلا.
ڏيان باھ ڀنڀور کي، لائي ڀَڀُوت لڳن، آلا.
ساريو سناسين کي، آندر چاڪ چڪن، آلا.
اٿم آس الله ۾، مَن ڪا منهنجي ڪن، آلا.
حامي احمد شال ٿئي، اڳڻ هوت اچن، آلا.

(١٤)

ڪونجڙي تنهنجو وڳر، سارو ولر رائي ۾ رات ڏنم.

هاڻي درد فراق جو پاڻهي ڏسنديس دفتر.
دانهون آهون ڪيچ گهٽيون، مان پڇن سي ڪنهن پر.
وطن وسارج ڪينڪي، سُور ٿيندا تو سمر.
ونءُ آڏامي اوڏاهين، ڏوريندي سڀ ڏونگر.
ياد رکين ها دل تي، جدائيءَ جو اکر.
"ولي محمد" جي ٻاجهہ سان، سهنجو ٿيندئي سفر.

(١٥)

چا بار برہ دا سر تي، مٺن رانجھو دي نال ٽئيي آن.

ويک حسن شھہ رانجھووالا، ساري کڙم کنون چيچ ڳئيي آن^.
سڀ سيالين آکن کيڙا، انھين عبرت دي وچ پئيي آن^.
چوڙ کيڙي ديان ماڙيان بنگلي، سير قبوليم لئيي آن^.
مٺن تان ويسان جھوک ماھيي دي، توڙي طعني ڏيون سھيان^.
”ولي محمد“ ھڻ شکر الٰھي، انھين چاک دي چاکر رھي آن^.

روپ ڌناسري

(١)

آهين تون سيکي پاڻ، ڏس پنهنجو پاڻ ۾.
مول نہ گھولج پاڻ کان ٻاهر، تنهنجو توهين ساڻ.
"الانسان سرّي و انا سرّه" آئي اهو اُهڃاڻ.
"قلب المؤمن عرش" لکن ٿا، منجھ حديث بيان.
"ولي محمد" سڀ لاهہ اندر جا، ڪوڙا شڪ گمان.

(٢)

هيت آهيان انسان، هُت نہ ڄاڻان ڪير آهيان.
وطن ڇڏي هت سانگ تي آيس، ڏينهن ٻہ ٿي مهمان.
آدم آهيان تا بہ حياتي، پوءِ نڪو نيشان.
دل سندي اسرار جي، ڪل پوي ٿي ڪانہ.
"ولي محمد" انهي ڳالهہ کي گھولج، صوفي سندي اُهڃاڻ.

(٣)

آئي ڪفر اهو ڄاڻ، منصف ٿي ڏس پاڻ ۾.
آدم وارو هُل هُلائي، ڪيئن تڙيئين شيطان.
جوڙي نصيحت موڪليائين، نالو رکي فرقان.
"آلاَمرُ فوق الادب" سان، ڇڏ وڃائي پاڻ.
"ولي محمد" ڏس عبد سڏايو، صورت ٿي اِنسان.

(٤)

"ميرانپور" جي مير، ڪئي فتح فقير جي.
"وَهُوَ مَعَڪُمْ آين مَعَڪم" حق ڏني دلڏير.
ويا رقيب خوار خجل ٿي، ڪانه چلين تدبير.
ٿيون واڌايون، گهر گهر شاديون، ڪُلي بهار جي هير.
حق پياريا خير سان، هاڻي موڪ مَهيون ۽ ڪير.
"ولي محمد" ڪر شڪر الاهي، حامي ٿيو دستگير.

(٥)

ٻيچ ڪَڪر، ڇڏ ڇپر، واءُ ڏکڻ جو ٿو اچي.
ڇني ڇڏيندءِ اوچتو، پوندئي ڪانه خبر.
ابجد جي حساب جا، سمجهي ڏس تون اکر.
هن دنيا جي دور ۾، ڪئين سُکي ويا بحر.
هاڻي گلا ايندءِ لوڪ جي، ڏاهين ٿو مفت شهر.
"ولي محمد" ڇٽي جهڙ لهي ويو، ظاهر ٿيا شمس قمر.

(٦)

دل کيتا کو سير، سنهيو نهين رهندي هر گز.
”ڪُل شيءِ“ وچ جان وچ ويکي تہ صورت والا پير.
جا پٽيي وچ مُلڪ حسن دي، ساوَلائي ڪير.
راه اِنهين وچ آپ آڙايس، جتان نهين ڪو غير.
”ولي محمد“ بيرنگي دي وچ، نڪو ويري نڪو پير.

(٧)

سهڻي صورت دا، دل ڪون دام گهتيوئي.
نال اسان ڏي ظاهر باطن دي، ڳجهڙي رمز رتيوئي.
رنگ محل ڪون جوڙ بناڪي، ڳوڙهي رنگ رتيوئي.
يوسف ٿي ڪر حسن ويکا ڪي، غم زليخان ڏتوئي.
بار برہ دا سِر اساڏي، ڪيهي مار سٽيوئي.
ولي محمد ڪون ڏي ڪي دلاسي، ول ڪيون آپ سٽيوئي.

روپ آسا

(١)

اسين اهيون مسافر هت ڪو دم،
اسان جو وطن ملير اڳي ٿيو عدم.

هائي آهيون ڏاڍا هلڻ هارا،
ويا وڳر وهي جي وڃڻ وارا،
جن جي لاءِ وصال وَهن نارا،
هئا حال پائي دل جا محرم.

آهه دؤر دنيا جو خواب مثل،
جنهن جو ڪل ڪم آهي خسار خجل،
جنهن ۾ ناهه ڪا فرحت بلڪل،
هو حڪم اصل منجهه لوح قلم.

هن درد جو ڪهڙو بيان ڪريون،
آيون سر تي ملامت بار پريون،
هاڻ ڪهڙو حرف ڪنهن تي ڏريون،
وٺي پنهنجي عقل ڪؤن مفت رقم.

”ولي محمد“ انهيءَ خيال ڪي ڇڏ،
پنهنجو قلب ذڪر ذاتي سان گڏ،
پَڪا بيرنگي جي مُلڪ ۾ آڏ،
ويندي گذري ساعت ساڻ پرم.

(٢)

چئي ’سبحاني ما شاني‘، ڪئي اُضحيٰ عيد عشاقن ۔

لاهي پنهنجا پوش صفاتي، ’انا الحق‘ جي ڪيائون اثباتي
ڪري سِر سُولي قرباني ۔

لامڪان ۾ آيا عاشق، اصل ها انهي ڳالهه جا شائق
ڏسي باغ چمن رضواني ۔

لاوجودي سير ڪيائون، حسن حقي صاف ڏٺائون
اِنهيءَ شوق ڪيا سيلاني ۔

”ولي محمد“ وٺ نينهن جو ناتو، مشاخي ۾ ڪنهن نه سڃاتو
رک رمز رندي تون شهاني ۔

(٣)

سِهرو ’انا الحق‘ جو چئي، منصور تي لائون لڏيون ۔

عشق اچي ڳانو ٻڌو، ڇاڇي حسن جي فوج تي
سوري مثل تي سيج جي، ميندي تي پٺي رت جون نديون ۔

قاضي فقه پورو ڪري، منجهه شريعت ٿيا رجوع
ويٺي طريقت تن ڪؤن وسري، دوئي سندن اکڙيون ٻڌيون ۔

عاشق صفت ڪي گم ڪري، سير ڏيٺي سرها ٿيا
اسم ڪي ذاتي جسم سان، ڏٺي ڇڏيئون قابو ڳنڍيون ۔

”ولي محمد“ هن لقاء ڪي ٿا ڏسن عاشق جتي
پيا گهڙي پاتار ۾، هرگز نه گهولن ٻيون ڪنڌيون ۔

(۴)

دلبر جو ديدار، ڪنهين هوشيار ڏٺو.

لاءِ وصال جي موت قبولي، ”موتوا“ ماڳ ڪيائون ڳولي
عاشق ٿي بيمار، شفا سينگار ڏٺو.

دل تماشو آهي حقاني، صورت شيخ جي سر سبحاني
ڏسن ڪي بيدار، جنهين منهن يار ڏٺو.

صوفي شاهه جا طالب نيهي، پاٺان پاڻ ۾ ويا جي پيهي
دل اندر اسرار، تنهين نروار ڏٺو.

دؤر دنيا جو آخر فاني، وجي رهندي نينهن نشاني
عاشق ٿيا غمخوار، تنهين اظهار ڏٺو.

”ولي محمد“ مرد ويچارا، لاءِ وصال جي ڪيائون پسارا
ڪُسَڻ پائڻ اقرار، چڙهي بردار ڏٺو.

(۵)

’ان عرب بلاعيني‘ هت عبد ٿو سڏائي.

’احمد‘ ’احد‘ جي معنيٰ، سمجهي ڪو ’ميم‘ ۾
ختم النبي ٿي آيو، آدم جو پوش پائي.

اسلام ۽ ڪفر ڪي، ڇڏ تون دِلَم وساري
منجهه بحر بيخودي جي، عاشق ڪڏي پئو ڪاهي.

بنان عشق جي حقيقت، معلوم نه ٿيندي ڪنهن ڪي
رندي جي رمز رک تون، خرقو مشاخي لاهي.

ڏس تون ”ولي محمد“، دل جو ڪتاب کولي
’من راني رائي الحق‘ ڪي، اثبات ڪر ته چاهي.

(٦)

تون ملڪ عدم جو نيهي، آئين خاڪي پڃري جي قيد ۾

اصل هئين تون مرغ هوائي، ڇڏي ڏنئي آشيانو شاهي
ڪهڙو وقت وڃائي ويهي.

ڪهڙي خيال وطن ويئي وسري، دوُر دنيا ۾ تون آئين نسري
اها ڪل نه توکي پيئي.

لاهي پوش صفاتي هلندين، تڏهن تون پنهنجي اصل کي ملندين
ڪهڙي شوق ڪيئين پر ڏيهي.

حب الوطن جو ماڳ جيڏاهين، پيچي پيچرو اُڏر اوڏاهين
سڀ ترڪ دنيا کي ڏيئي.

"ولي محمد" رک 'لايموتي' 'موتوا قبل' جي ڪر تون ثبوتي
چئن ورق دوئي جا سيئي.

(٧)

جيڪي عشق ڪيا نروارا، سي سڪ تي ڪيئن سمهن وه واه.

'آلانسان سرّي' جي حد ۾، ميم ڪڍي ٿيا گهولا احد ۾
ٿيا 'موتو' ماڳ نهارا، رکي دل تي حب وطن وه واه.

'ليس مثل' جو مثل سڃاڻي، 'اني آنا الله' قلب ۾ چاڻي
هٿي 'انا الحق' جا نعرا، وينا سوُلي لاءِ سکن وه واه.

لاهي پوش صفت انساني، محو ٿيا منجهه سر سبحاني
ڏسي رمز خفي اظهارا، ڪياڻون ملڪ عدم کي اکين وه واه.

بيخودي جي بحر ۾ آيا، ’تخلقو‘ اخلاق سمايا،
ڇڏي دؤر دنيا جا لارا، ويا گم ٿي منجھ حسن وه واه.

الحد گھور گگن ڏن لائي، وڄي دم دم نوبت شاهي
سوين آواز تَصيرا، جنهن جا طرحين ساز وڄن وه واه.

”ولي محمد“ ڏس پنڌ عشاقن، دِلسَم عشق جي وٺ تون دامن
اهي سمجھي سڀ اشارا، ڪر قلب اندر درسن وه واه.

(٨)

جنهين پنهنجو قلب سڃاتو، سي ته ٻيو در ڪونه پڇن وهواه!

جيڪي عاشق طالب نيهي، پاڻان پاڻ ۾ ويا جي پيهي،
ڳالهه ڪبي سا تن جي ڪيهي، جڏهن ڇاڻ اِهو تن ڇاتو،
ٿيا واصل مُلڪ حسن وهواه!

’ليس مثل‘ جي قرب نوايا، ذاتي سان منجھ ذات سمايا
’انا الحق‘ جا ڏيئي رايا، تن پير نه پوئتي پاتو
ٿيا سولي جا ساڪن وهواه!

احديت جو هَل هلائي، عبديت ۾ پاڻ لڪائي
محبت وارو مچ مچائي، تن صورت سان نينهن لاتو
ڳجهه ٻئي سان ڪين ڪَهن وهواه!

”ولي محمد“ آهي مشڪل بازي، پنهنجو پاڻ ۾ ٿي تون قاضي
ڇڏ وساري دل تان ماضي، وٺ عشق وارن جو ناتو
رک دل تي حُب وطن وهواه!

(۹)

صوفي سر نيزي تي جهُلائي، هٿي نعرا فتح ڪيو جهاد اڪبر.

منجهه ميدان شهادت پائي، ڪيائين وضوءَ هٿ خون سان لائي
’انا الحق‘ چئي بانگ ٻڌائي، عشق نماز چلائي
ٿيو منصبدار سندو محشر.

لنگهي ناسوت پسي ملڪوتي، واقف ٿي منجهه حد جبروتي
ڪري سير سيو لاهوتي، هفت شهود هلائي
ٿيو ’او ادنيٰ‘ کي ڏسي خوشتر.

دؤر دنيا کي ترڪ ڏنائين، مُلڪ بقا جو سير ڪيائين
لقاپور کي لقا ۾ ڏنائين، ذات آلڪ سان ملائي
ساڻ احديت ٿيو محيط بحر.

”ولي محمد“ ڇڏ سانگو سر جو، ٿي صوفي وٺ جام صبر جو
ناهي تفاوت ڪو هيت تير جو، جڏهن جان جسم ڪو جلائي
تڏهن ٿيس معلوم سارو دفتر.

(۱۰)

جنهين سير جي مام نه ڄاتي، سي ٿا احد کي عبد چون وهه.

علم رسمي ڪيا شبهاتي، ويا وڃائي مفت حياتي
جوڙي فقه ڪري اثباتي، ويٺا ورد وظيفه ڪن وهه.

ظاهر ۾ ٿيا اهل شريعت، ڇڏي ڏنائون حال حقيقت
تينهين رمز رندي نه سڄاتي، ويٺا دوئي جا ورق لکن وهه.

عبديت آهِ پنڌ عشاقن، احديت جي جوش ٿا جاڳن
لاهي پوش سيوئي صفاتي، چڙهي سولي سير ٿا ڪن وهه وهه.

"ولي محمد" ڏس عاشق نيهي، مڃي وينا مام مڙيئي
تنهين قلب ۾ پائي جهاتي، ڏوٽي ڏوريو ڏيد ڏسن وهه وهه.

(١١)

سڏي عاشق جيت ٿو ڪهائبي، ڏئي ٻولي تنهين آن^ ان^ واهه واهه.

سر ڏئي ٿيا سرها عاشق، منجهه وصال سي صوفي صادق
بيٺا سِر نيوائي، اچي عشق امام ٿين واهه واهه.

ٻڌي ڪربلا جي حقيقت، مَحو ٿيا منجهه عين طريقت
نيزي سر جهُلائي، ٿيا داخل مُلڪ حسن واهه واهه.

ڪا جا بوءِ عشاقن آئي، ڇڏي ڏنائون دؤر جي شاهي
لاڳاپا سڀ لاهي، چڙهي سُولي سير ٿا ڪن واهه واهه.

ظاهر وارن سانگ رسايو، رکي مشائخي پاڻ بچايو
ويندا عشق اڳيون ڪيئن ڪاهي، جتي پيا ٿا خاص ڪسن واهه واهه.

"ولي محمد" ٿي صوفي طالب، ڇڏ دوئي جا خيال مطالب
هَل 'مُوتوا' ماڳ چيتائي، جنهن ڪي 'قبل ٿا آنت' چون واهه واهه.

(١٢)

ٿيا عاشق حسن جي سير ۾ گم، جيئن سج ٿو لَهي وڃي منجهه عدم.

پيهي ويا پاتار ۾ قدم ڌري، آٿي ذاتي اسم جو ترهو ڪري
ويا 'تحت الارض' ۾ پير پري، ٻڌي سندرا توڪل جا محڪم.

ڪري عروج نزول ۾ آيا وري، ڏسي معنيٰ 'والانسان سِرّي'
وينا جوڳ ۾ ڪولي دل جي دري، ٿين داخل دل ۾ لُدني علم.

ڏني ترڪ مجازي ٿيا آجا، ڪيائون ساز سرود سيئي ساڃا
انحد بين وڃن واڃا، منهجه رمز رندي ۾ ٿيا محرم.

"ولي محمد" عبرت ۾ رهه، انهيءَ حال جو ڳجهه ڪنهن ساڻ نه ڪٿه
اها معنيٰ قلب ۾ ڳولي لهه، جيئن هوندو لکيو منجهه لوح قلم.

(١٣)

ڇڏي پيا سڀ خيال اجايا، رک دل تي حب وطن واهه واهه.

رهندين ڪين هميشه دنيا ۾، آهين مسافر ملڪ فنا ۾
آئي ڪٿ ڪي پير سجايا.

آهين سانگي سانگ تي آيو، ساجهر ڪر ڪو ثمر جو سعيو
اهيا ساڻ نه هلندئي مايا.

اِهي پساه جواهر پائنج، ذاتي روحي تن سان ملائج
جي تو ۾ آهن سمايا.

"ولي محمد" ٿي حق جو خادم، آهين دليا ۾ باقيءَ ڪو دم
اوڏاهين ڪر ڪي هلڻ جا سعيا.

(١٤)

اسان جو حال سڀ پهتو، مديني مير جي دفتر
مدح قبول ڪئي ساري، علي مشڪلڪشا حيدر.

آئي نالي اسان جي جيءَ سَنَد شاهي وٽان مرسل
ڇڏي ويا خيال سڀ فاسق، ٿيون شاديون لٿا ڳوندر.

ڏني اخبار خوشخبري، ساري منجهه ملڪ ٿي ظاهر
سٽي حاسد فڪر ۾ پيا، نيٺ ڪوتي ڪيا آبتر.

ڏسي هن حال جي خوبي، لڳي ساري لوڪ ڪي عبرت
جڙيون جايون عجب بنگلا، صفا ٿيا شهر جا سنتر.

”ولي محمد“ دغا توسان، جنهين ڪئي تون نہ ڪُڇ تن سان
تنهنجي سڀڪا وڍن وسري، پين کو پاڻ ۾ چنچر.

(١٥)

ٿيي پنهنجي وجود نهارو، آٿي راهه اها سلطاني.
اونداهي ڪؤن خوف نہ ڀانئج، سڀ دوئي جا وهم وڃائج

پاڙهي ذڪر ڪندو آت چارو، ٿيندو پيدا شمس نهاني.

جيڪي راهه اُنهيءَ سر ڏيندا، ويجها وصال ڪي سيئي ٿيندا
آت ناهي پسند پسارو، اڳيئون گهرندا نينهن نشاني.

مرد آهي جن پاڻ سڃاتو، ترڪ دنيا جو فرض ٿي ڄاتو
ڇڏي حرص هوس جو لارو، هٿ ڪيائون رمز شهاني.

”ولي محمد“ پند عشق جو باري، هلج ڏاڍي سان هوشياري
آهي خواب زليخان وارو، پر سير مصر جو ٿانہ

(١٦) روپ مارُوئي

ٿي سَرهي مارئي! اڄ ڇٽندا سڀ باندي،
اڄ ڇٽندا سڀ باندي، ڪانگل خبر آندي.
تنهنجي سڪ سچي، دل اندر جون اُنهون
ٿر ڏٿين ڪي پهتيون، درد مندن جون دانهون
ياد آهين تون تن کي، ڪوهه پڇين ٿي پانڌي.
قيد ڪشالا سختيون، معاف ٿيا ويا گذري
”الماضي لايذ ڪر“ ڏک سک ويندا وسري
پنهنجي وطن جا ويندي، ورهن ڪان ٿي واندي.

حب وطن جي جن کي، ويا غم دل تان لهي
ثابت سير لنگهيا، صبر منجهه رهي
وقت وصال تنهنجي، سارو ٿيندا ڪانڌي.

"ولي محمد" چئي: ڏوٿين، ڪيا وچي ٿر ۾ ٽاٽا
حق قبول ڪيا تن جا سڀئي ماٽا
لهندا سار سگهي، هرگز ٿيج نه ماندي.

(١٧) روپ آسا

سنهنجو حال سيوئي، پانڌي ادا ڏيج ساري.

راتو ڏينهان اندر ۾ آهيان آداسي، تنهنجي ڏسڻ لئي دم دم آهيان پياسي
لهه ڪا سار سگهوئي، ڪرهل آءُ واڳ واري.

’نحن اقرب‘ جا مون ڏيئي دلاسا، پوءِ ڪرين تو ڇا ڪؤن پاسا
ورق دوئي ڇڏ ڌوئي، آ ’قالوا بليٰ‘ قول پاري.

عشق اوهان جي حسن جي لائي لوليي، وسري وئي عقل ڪؤن ٻولي
چئج پرين کي روئي، ڪر اڇي ڪنهن ڪناري.

"ولي محمد" سان ڪر نه جدائي، ذات صفات مؤن ٿي سيڪا صفائي
ساڳي آهيان عبد موئي، ويهه نه پرين تون وساري.

(١٨)

سلڪ معني دي جائي هؤن، ڇوڙ عدم اِتان آئي هؤن.

اُتان ذاتي ذات اساڏي، اِتان آدم نام صفاتي
ڪڏان حياتي ڪڏان مماتي، بيرنگي رنگ لائي هون.
صوفي وحدت جام ڏتو سي، شڪ شبهه ڪيهون صاف ٿيو سي
قلب اندر دا سير ڪيتو سي، رندي رمز رلائي هون.

Scanned by CamScanner

ٻخودي دا بار اِلاهي، دين ڪفر دي جاء نہ ڪائي
او هُون٘ سو هُون٘ بات هڪائيي، دوئي ڇوڙ سمائي هون.

“ولي محمد” وچ ڪفر طريقت، هي سيوئي عين شريعت
سمجھ اِٿاهين حال حقيقت، هادي عشق مِلائي هون.

(١٩)

ڇوڙ وطن اِٿان آئي هون، اسان ملڪ فنا چا زيجھائي هون.

اِٿان آيو سي سير دي سانگي، ڪئي لنگهيوسي تار ۽ تانگهي،
قسمت آندا اِنهين وت لانگهي، دام حرص چا ڦسائي هون.

ڪڏان اسان اِٿان آوڻ والي، رنگپور دي وچ عجب دي چالي،
ڪون مسافر ٿي اِٿان جالي، قيد الماء چا رَهائي هون.

فهم انهي چا لوڪ منجهايا، مذهب اپنا سڀ ڪنهن بنايا،
هي تحقيق اهو خيال اجايا، حرف دوئي چا ڀُلائي هون.

“ولي محمد” وچ ساري حياتي، رمز اِها ڪنهن مول نہ ڄاتي،
اصل لقب اساڏا ذاتي، اِٿان آدم دي ڄائي هون.

(٢٠)

ڪر سفر سر هموار ڪيتم، سير عجب رنگپور دا.

صوفي وحدت جام پلايم، بيخودي دا بحر وڃايم
صورت بن ڪر آپ وڃايم
باري برهہ دا بار ڪرڻ، فرض ادا دلبر دا.
ٿي ‘زليخان’ تهمت چاتم ڇوڙ ‘عزيز’ ‘يوسف’ ڪرن سڃاتم
ويکے حسن دا جلوه ڄاتم
خواب سيوئي ٿيا اظهار، معني ٿي تعبير مصر دا.

چاک [illegible] [illegible] شاهي، تخت هزاري کنون ٿي راهي
ٿيا عشق منجھين^ دا واهي
هير ڏٺم چشمان نروار، ساکن ٿي پيس جهوک شهر دا.

ٿي سکندر وچ ظلماتي، حاصل کيتم آب حياتي
ياد پيم جڏان حال مماتي
ويک قلم کلتار، سير قبوليم باگ گذر دا.

"ولي محمد" تون ظاهر باطن، ٿي صوفي گيهن عشق دي دامن
رک خيال اندر دل احسن
رمز رندي وچ ٿي هوشيار، لٿا ٿيسئي حج اکبر دا.

(٢١)

هر بره دي عاشق چائن، شيخي مشائخي دي حاجت ناهين.

نال نفي دي جگ جگ جيندي، بيخودي دي پيالي پيندي
حال ربوبي دي واقف ٿيندي، 'قم باذني' حکم هلائن.

کفر طريقت دي وچ رهندي، 'لا اِلٰهَ اِلا' نا کهندي
سهج کنون چڙهه سُولي ٻهندي، 'اناالحق' دي طبل وڄائن.

احديت دا سير کريندي، نعرا 'اعظم شاني' مَريندي
مُلک بقا وچ قدم ڌريندي، پير پڇو تي سول نہ پائن.

"ولي محمد" اِها مُشکل بازي، عشق بنا کُل طلسم سازي
گوء شهيد چائن غازي، سر جنهان دي پاک آلائن.

(۲۲)

گھِن رمز تون نينهن نياوڻ دي، نهين بات ايها ڪا اکاوٹدي.

چوڙ مشاخي والا ڪشالا، بيخودي دا پيءُ تون پيالا
ويک تماشا 'اناالحق' والا، شاهي طبل وڄاوڻ دي.

دام دوئي دا طلسم چڻ تون، ڪر اندر دي صاف صحن تون
مورت گم ڪر صورت بن تون، ذات صفات سماوڻ دي.

"اِلا" "آنا" دي ٻولي ٻولين، ٻاهر هرگز مُول نہ ڳهولين
قلب اندر دي ساز تون چولين، انحد بين بجاوڻ دي.

"ولي محمد" هُڻ مار تون نعرا، سمجھ نفي اثبات اشارا
دم دم حسن دا ڪر تون نظارا، محبت مچ مَچاوڻ دي.

روپ آسا

ٽل: مئيڪون هئي سڪ تئين دلبر دي،
جيوين ماهي شائق جَر دي.

نال اساڏي ڪر نہ جدائي، باقي عمر دي خبر نہ ڪائي،
ڏيءَ تسلي دل اندر دي.

چا غلاف حسن دا رخ تون، ڪرون طواف تيڏي ٻرزخ ڪون،
ٿيوي زيارت حج اڪبر دي.

ڪول نقاب حسن ڪر ظاهر، چوڙ حجاب تہ ٿيوون ماهر،
ويکو صورت شمس قمر دي.

ڏي وصال تہ ٿيوون خوشحالي، تيڏي حسن دي بوءِ نرالي،
نهين حاجت مشڪ عنبر دي.

"ولي محمد" ٿي محو مورت وچ، مورت ڪون ڪر گم صورت وچ،
پچي هر شب ليل قدر دي.

روپ اوڳاڻ

(١)

ڇڏ عقل واريون تدبيرون، وٺ رمز عشاقن واري.

خرقو لاهي مشاخي وارو، رمز رندي سان ٿيندئي چارو
ايندئون حسن سنديون هٿ هيرون، ٿيندي قلب اندر گلزاري.

نازِ پرين سان نينهن نيائي، دام زلف ۾ پاڻ ڦَسائي
سَهج ڳچيءَ تڪبيرون، ٿيندي واٽ وصال جي جاري.

عشق بنان پوندي خبر نه ڪائي، ٿيندِي ڪانه وجود صفائي
لهنديون ڪين دِلَم دلگيريون، ڪندو عشق اچي اظهاري.

”ولي محمد“ رک خيال اندر دل، ڏسي چمن دل مثل ٿي بلبل
مڃي ويهه تقديرون، ڏيندا محب توکي دلداري.

(٢)

صورت پائنج سِرّ سبحاني، عبديت نيئي آحد ڇُپايو.

شمس حُسن جي ڪئي روشنائي، قلب آندر ۾ ٿي صاف صفائي
عقل ٿيو حيران، خاڪي قفس ۾ ڪيئن سمايو.

بحر عميق ۾ جيڪي ايندا، خبر تنهين جي سيئي ڏيندا
ڪي اندر مؤن گمان، عشق اچي ڏادو شور مچايو.

Scanned by CamScanner

يڻ مشاهدو آهي عشاقي، جني 'انا الحق' تيس مُلاقي
سِر ڪري قربان، سُولي تي جِنهين سانگ رسايو.

"ولي محمد" چڏ تون مشاخي، ناهي پسند اُتي ڪا گستاخي
هلج وڃائي جاڻ، "إلا انا" جو سمجهي رايو.

(۳)

چڏي دعوا اميريءَ جي، پسند ڪيم رمز درويشي.

صوفي ڏئي جام وحدت جو، ڏيکاريم سير بيرنگي
چپائين ياد رک دل تي، نه ڪج هرگز فراموشي.

"وَفي آنفس" آئثي مطلب، سڀو ڳجهه قلب جي اندر
نهارج پاڻ ۾ پنهنجو، ڪري دين رَين سرجوشي.

نڪي آهين اصل آدم، نڪا تنهنجي ذات ۽ نالو
هتي آهين بني آدم، رکج پنهنجي پردهء پوشي.

"ولي محمد" نه ڪر ظاهر، طريقت جي ڪفر جو ڳجهه
ڏسي پنهنجي ذات معنيٰ ۾، وسارج سڳ ۽ خويشي.

(۴)

ٻاجهه ٻاروچي ڪي پوندي، آهي آميد محب وري ملندا.

ڏونگر تنهنجا حال سڀئي ڪيچ ڏٺين ڪي آئون چوندي.

هن پنيور ۾ هوت پنهل سان هيڪر گڏجي آءٌ گهمندي.

واٽ وندر جي ونيو آءٌ وينديس، پيرا اُنن جا آءٌ چٽندي.

سڪ سچي آهي جن کي اندر دل، سا دوست ٻنا ڪيئن رهندي.

"ولي محمد" شل حامي ٿيندم، ڳولي جانب کي آءٌ لهندي.

(٥)

سڻ پانڌي ادا مون ويهي، ڏج ڪيچ خبر هِن مُٺيي جيي[8] ۔

چڏي پنهور هليس لڙهه تنهنجي، هاڻ پرتي اٿئي پرڏيهي
تنهن سان ڪيم ر ڪج ڪل ڏُوئي جي ۔

گولي جا سڀ عيب وساري، ننگ سڃاڻن نِبهي ۔
آهي لوڪ هُلي سسئي جي ۔

اڳيئون ڏونگر تان مُڃهن ٿا، ڳالهه ڪبي سا ڪيهي
لڳي وارن جي دل هئي جي ۔

”ولي محمد“ رک فڪر نہ دل تي، ويندي گذري جيهي تيهي ۔
پاڙهي رکندا لڄ لوئي جيي ۔

(٦)

منهنجو پنهل ساڻ جيڏيون ڙي، هوڪو سياپو اصل عدم جو ۔

اصل آءُ هيڙس پانهنجي پوري، ساري ڏونگر منجهه ٿيندس گهوري
پڙون ڪنديس پاڻ جيڏيون ڙي، سانگو چڏبو مون جان جسم جو ۔

وقت وڃايم چاٽي سڃاڻي، هاٽي ٻاروچل ٿيندم ساٿي
پاڙهي ڪندم چاڻ جيڏيون ڙي، ڏيندا سنسئي ڪي پوش پرم جو ۔

آئي عجيبن ٿيندم شاديون، لوڪ ڏيندا مون مبارڪباديون
وسندا ساڳئي پاڻ جيڏيون ڙي، آهي لکيو جيئن لوح قلم جو ۔

”ولي محمد“ جو ورتم نالو، ’بلا ميم‘ صحيح مون سڃاتو
ٿيندي ريجهه رهاڻ جيڏيون ڙي، پوندو پنهور تي باغ آرم جو ۔

(٧)

ڪا جا روح ڙهاڻ جيڏيون ڙي، ڪئي مون پرين سان ويهي ويهي الا.
سڳ سياڪو هـوم جنهين سان، آئـي ملايس عشق تنهين سان
لاهي شڪ گمان جيڏيون ڙي، رات گذيا مون ڏيهي ڏيهي الا.
اڪڙيون حيرت ۾ جاڳي جي پيڙيون، ڪاڻ ڏسڻ جي بيوس ٿيڙيون
ساري ڳڻ سندان جيڏيون ڙي، ويٺيون صبر ۾ روئي روئي الا.
دلڙي اصل ڪؤن ٿيڙي اُداسي، سُنگ صوفين جي ڪيڙي سناسي
ويتر وري هاڻ جيڏيون ڙي، رمز حسن جي موهي موهي الا.
"ولي محمد" سان ڪرم ڪيائون، وقت وصال جي ميٺي ڇڏيائون
پنهنجي هٿن سان جيڏيون ڙي، ورق دوئي جا ڌوئي ڌوئي الا.

(٨)

'نحن اقرب' نيڙي وسندا، ڳول نہ پيان^ تون جائين^.
وچ پساهہ ڏيندا ڏس تئيڪون، رمز اها دل لائين.
'فاذڪروني اذڪرڪم' دا امر سمجهہ اِتائين.
ڪعبا قلب المؤمن جوڙيس، ڪر طواف تِتائين.
بنان ڪفر طريقت والي، مُور نہ ميلسي ڪذاهين.
"ولي محمد" هڻ ڇوڙ مشاخي، پير رندي وچ پائين.

(٩)

عاربي ڪيون هُلايا، آها مالڪ مُلڪ حسن دا.
عبديت ڪون ظاهر ڪرڪي، آسي آپڻا آپ ڇُپايا
هرڪو جاڻي فهم اِنهين^ وچ، آدم دا اِهو جايا.

نور وچون ڪر آدم پيدا، تيس وچ آپ ڇپايا
"احد" "احمد" نام اُهيئندا، "ميم" چا فرق رکايا.

ظاهر واليان ظاهر دي وچ، چوکا سانگ رسايا
"انا احمد" "بلا ميمي"، عين ڪفر چـــا بنايا.

"ولي محمد" وچ مذهب عشق دِي، دين ڪفر شرمايا
اِهامام عشاقان سمجهي، جنهان دل دا درس پايا.

(١٠)

دل ديدار ڪيتا ڪو حسن دا، ڏيندي هوڪي زليخان والي.
ڪا جا لذت برهه چکايس، ڇوڙيس خيال جشن دا.
بلبل وانگون تـي مستاني، ڪرڪي سير چمن دا.
ڳيا حجاب تـي بي حجابي، ويک تماشا بدن دا.
"ولي محمد" هڻ عشق دي لهرئين، ڏتـڙا حُبّ وطن دا.

Scanned by CamScanner

روپ گجري

(١)

مدد مير مرسل، منهنجي ڪر تون نرمل،
هدايت وارن ۾، ٿئي نام داخل.

تنهنجي سام پيا ڄام، ٻئي جَڳ سارا
جنهين جا تون ڪٽندين، سيئي بار بارا
تينهين ساڻ هوندي، تنهنجي حبّ شامل.

تنهنجو شان فرقان ۾، آهي پڌرو
ٻَڌو ساري اُمت، توڪل جو سندرو
صحابي سان تنهنجي، ٿيندا حقّ واصل.

تنهنجو نُور پرنُور، آدم ڪون اڳ هو
گدا شاه سيڪو، پُني تنهنجي لڳ هو
لقاء ڏيئي تن ڪي، تون ڪر ذات حاصل.

”ولي محمد“ سان، ٿي پشت پناهي
گُهري دان دهرا، منجهان گنج شاهي
ٿئي قلب آن جو، ذڪر ساڻ شامل.

(٢)

پرھ جو سوالي وڃان ڪٿين خالي، تون ڏي دانُ مون کي صاحب سوڙو.

منهنجا سوال ڪر تون سائين سڄايا، عمر ڏينهن سيئي گذاريم اجايا
هاڻي بي ثمر پيو گناهن ۾ ميرو.

کهڙو ويڙو سواءِ ڪريان سير زرتي، ڇڏي ماڳ پيا سپ آيس تنهنجي در تي
ڏاڍي ڪنهن سبب ڪر جو پهتس آويرو.

ملي رزق ٿو مون، جو دائم مقرر، آهيان راضي تنهن تي گهڻو خوب خوشتر
هاڻي گهر جي برڪت ته ٿئي مون گهڻيرو.

”ولي محمد“ سان ڪرم ڪر تون سائين، پُسي ويل سڪرات پاڻ پسائين
تنهن سانُ ڪج تون فضل جو ڪو پيرو.

(٣)

ڏس سير وجود جو ويهي، ڇڏي خام خيال سپيئي.

پيش پرين جي تون جڏهين ويندين، ڳالهه ڪندين اِت ڪيهي.

’نَحنُ اَقرب‘ تو وٽ آهي، يار تنهنجو اِهو ڏيهي.

’اَلانسان سِرّي وَ اَنا سِرّه‘ رمز اِنهي دل ريهي.

”ولي محمد“ اِنهيءَ حال ۾ ڪي عاشق رهندا نيهي.

(٤)

تجويز اُتان منظور نهين، جتان عشق حسن مشهور هوا.

اِهو سرُ سمجها ڏاڍي مام ڪنهين، ڪيتا سير اپڻا قربان جنهين
اِتان ظاهر واليان دي جاء نهين، پنڌ دين ڪفر سُون دور هوا.

Scanned by CamScanner

اِنهين حسن دا ڪيها بيان ڪهون، وه ويک صورت سبحان ڪهون
يا "شمس الضحيٰ" ڪا شان ڪهون، يا ماه بدر ڪا نور هوا.

جيڪي باب برهه والا پڙهسن، سير سولي سهج ڪنون چڙهسن
آهي بات نه ٻي ڪنهن وچ اڙسن، اِهو عجب تِنهان دستور هوا.

"ولي محمد" جام سيئي پيسن، وچ خواهش موت دي پٺي جيسن
جهڙڪي صوفي لامذهب ٿيسن، آنهان دم دم سير حضور هوا.

Scanned by CamScanner

روپ سورت

(۱)

ويکو صورت سير حسن دا هئي،
اِهو جلوا شاه شَهَن دا هئي.

اِها صورت صاف حقاني هئي، اِهو سِر سارا سبحاني هئي
وڃ دل الماس نوراني هئي، يا ول ياقوت يمن دا هئي.

اهو باغ حسن دا سي ويکن، ٿي بلبل گل دي خار سهن
وچ وحدت دي منصور رهن، تڏان پاوڻ ذوق چمن دا هئي.

جڏان هوءِ وصل دي آهِ گُهلسي، پيڇاي ڪَل شيئن وچ پيا هُلسي
وڃ سِر جنهان دي آهُ جُهلسي، تِنان سولي شوق چڙهڻ دا هئي.

”ولي محمد“ هڻ مرد ٿيوين، رکين دام دوئي ڪنون آپ ڪيوين
وچ وحدت دي نِي مَحْوُ ايوين، جيوين وعدا جسم ڪفن دا هئي.

(۲)

ڪيها خوف تنهان ڪون مرڻ دا هئي،
جنهان هردم حُب وطن دا هئي.

ڪتان بيوس آپ مريندي هن،
ڪتان ’آنا الحق‘ آليندي هن.
ڪتان آب اڪين^ دا هَريندي هن،
اهو رستا ملڪ آمن دا هئي.

جتان فوج حسن دي چڙهہ آئي
اُتان عاشق آون سر چائي،
ٿيندڙي پاڪ شهيد او مولائي،
اُنهان موت وصال سجڻ دا هئي.

نهين هوش عقل دي جاء اتان
آ عشق كريندا موج جتان
وہ دم دم دا ديدار ٿيتان
جيوين بلبل خيال چمن دا هئي.

"ولي محمد" كر فكر نہ كو
وچ محبت پنجتن پاك دي هو
رک هردم دل تي شكر اِهو،
هٿ تئين تي حُسين حسن دا هئي.

(٣)

وہ صورت وچ لڳي نين ڏونهين،
ٿئي حاصل حج حرمين ڏونهين.

ڳَئي رين وِها پرِيات ڦُٽي،
تڏهن نفس دي محبت آ كي هُٽي.
دل هك آهي سا حُسن لُٽي،
جڏان آكي گڏئي طرفين ڏونهين.

جنهين حيرت دي وچ ٿيون فدا،
اُنهين رمز كو ڄاتي آپ خدا.
نهين عاشق تي معشوق جدا،
هي فرق جيوين قوسين ڏونهين.

اهو بارِ بره دا چاتا هئي جنهين ،
نهين ٻَهه ڪيتا آرام تنهين ۔
جيوين سيفل ڪون وچ شوق اِنهين ،
ڳَئي وسر صفا ڪونين ڏونهين ۔

اِنهين عشق حُسن دي ويک صفت ،
دل ٻَئي ڏاڍي وچ وچ عبرت ۔
ڪيهي سهڻي رکدي هن ملامت ،
جيوين گڏ 'مرج البحرين' ڏونهين ۔

"ولي محمد" متان خوف ڪرين ،
اِنهين بحر اتي ٿي مرد ترين ۔
متان ڏيک حسن دِي فوج ڏرين ،
تيڏي حامي هن حسنين ڏونهين ۔

روپ جوڳيا

(۱)

”لَيس مثل“ جو درسن ۽ ڪر صورت مون ويهي.

خاڪي پوش لاهي ۽ آحديت ۾ ڏس تون
ڪفر طريقت جو وٽ، صورت جي ڇڏ ديهي.

عين شريعت آهي ۽ عشق جو پنڌ سيو
حال حقيقت ۾ پس، ڪيئن رهن ٿا نيهي.

ٿي ”صوفي لا ڪوفي“ پاڻ سڃاڻج پنهنجو
ورق دوئي جا ڏوئي، معني ۾ وڃ پيهي.

”ولي محمد“ ڇڏ رٿون، جاء عقل جي ناهي
عاشق رمز رندي سُولي چڙهيا سر ڏيئي.

(۲)

”لا اِلٰه“ ڪر نفي ۽ ”اِلاّ الله“ ڪي اثبات ڪر
حج اڪبر جي پڙهين ۽ تان قلب ڪي عرفات ڪر.

ڏسي حُسن محبوب جو ۽ ٿي مَحْو تنهن ۾ بي حجاب
وِجهه اڪيون صورت ۾ پيئي، برهه جي برسات ڪر.

Scanned by CamScanner

آحد 'أحمد' کي سڃاڻي، ڇڻ دوئي جا دام سڀ
'ميم' جي معنيٰ کي سمجهي، عبديت جي بات ڪر.

'لا مثل' کي جي ڏسين، تان 'نَحن اقرب' ۾ تون ڏس
'وَفي آنْفُسْ' ڪر صحيح، ذاتي سندي پوءِ لات ڪر.

"ولي محمد" آهي مشڪل هن حقيقت جو بيان
ذات سان ذاتي ملائي، صورت سان همذات ڪر.

(۳)

اي دل، اُٿي ساجهر سنڀر، دنيا جا دفتر ويا ڪڄي.

جنهن جو لقب فاني فنا، سا ڪيئن ڪندي ڪنهن سان وفا
اِها آهي اصلوُن بي بقا، جنهن جا سڳ سياڪا ويا ڇڄي.

هن خيال کي تون ڇڏ اِتي، رک خيال سو ويندين جتي
ڪهڙي خبر ڏيندين اُتي، متان تي پون اکڙيون لڄي.

جي پائين ٿئي سنهنجو سفر، ڪر ياد ذاتي جو اکر
آهي اکر اڳ جو ثمر، جنهن ۾ حق ڪندو عين ڪڄي.

محبت حيا ويا ڪل ڇڏي، هر ڪنهن کي غفلت ۾ گڏي
باقي ادب هو ويو لڏي، ڪندو ڪونه ڪو ڪنهن جي سڄي.

ڪئين لکين لکپال هئا، ڪيڏا اُنهن جا خيال هئا
دائم ڏاڍا خوشحال هئا، تن جا نقارا ويا وڄي.

"ولي محمد" هوش ڪر، خالي نه ڪنهن تي جوش ڪر
صوفي سندو سرپوش ڪر، وٺ عشق جي دامن ڀڄي.

(٤)

چانڱا وڪون پاءِ وڌنديون، آڏر ميان تي نهي.

رين انڌيري پنڌ ڏور، بار برهه جا باري
ڪاهه تہ پهچون پريءَ ڪي، رات وهامي ويئي.

هِت تہ ڇَرين ڪرڙ پڪا، لائيون، ڪبڙ، ڪنڊا
هُت چاريندئي چندن، طرحين ميوا ڪيئي.

پرهه ڦٽي ڏينهن ٿيو، سورج شاخون ڪيديون
چنڊ تارا ويا گم ٿي، 'تحت ثريٰ' ۾ پيهي.

”والي محمد“ انهي حال ۾ لاوجودي رک تون
ياد رکج قلب اندر وحدت ڪثرت پيئي.

(٥)

لڪيا هويا لڳام، عمر چام، مٿي لوئيءَ وو هٿڙا.
هوم روزِ ازل کؤن، شايد هي انجام.
راتو ڏينهان اچن ٿام سندا موت پيغام.
ڪارڻ دنيا ڪميني جي، وساريم پنهنجو رام.
سحر جاڳي جوڳ نہ ڪمايم، مٿؤن پيرڙم شام.
ڦري حرص هوا ۾، ڪوڙا وڌم دام.
عمر سڀ اجائي وڃايم، هٿ نہ آيم ڪوئي ڪام.
هاڻي فضل گهران الله کان، هيو سنڌو احمد نام.

Scanned by CamScanner

(٦)

هي سيوئي خيال، وِي، ڪجهه سمجهه اِٽائين.

ڪيٿي پيٺي ڪر مسجد قائم، ڪيئي رهن بتخاني دائم
تون ٻَهين ڪنهن حال.

‘فاذڪروني’ صاف آلايس، طرحين طرحين تيڪون چتايس
امر اهو تون پال.

اِنهين دنيا دا ڪوڙا دلاسا، متان تنهين تي ڪرين پرواسا
چو ڪي چلين اِٿان چال.

”ولي محمد“ اِهو حاصل تڏاهين، خيال سيوئي ٿيوي اوڏاهين
وِسر وڃي ڪُل قال.

(٧)

سنهيوڙي مين عبرت دي وچ پئي آن^، قدرت ويک الٰهي.

سڀ سيالين^ آچن ڪيڙا، رانجهو طرف نه ڪائي.

مين ته قبولي جهوڪ ماهي دي، ڇوڙ چوچڪ دي شاهي.

اسان رانجهن هڪ ٿياسي، لوڪان پرت وڃائي.

بيدردان دي حال اِنهين وچ، ويندي عمر اجائي.

”ولي محمد“ عشق واليان دي، پئي قبول ڪمائي.

(٨)

ويسان رانجهن دي جهوڪ، اهئي ڇوڙ حويليان.

عشق ماهي دا ڳل وچ ڪيتر، قمري وانگي طوق.
حق حجاب و چون چا وچايا، درد لائي آ موڪ.
اِنهين حسن دي خبر اُنهان ڪون، لڳي جنهان نون نوڪ.
"ولي محمد" وت رمز اِنهين ڪون، ڪيا چائي ڳَهلا لوڪ.

روپ جوڳ

ٿل: ڇڏي آسڻ ۽ ٽڪاڻا، هليا سامي لقاپور ڏي.
ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون، ٿمر ڪيائون ٿيا روانا.
سڪ سچي ڪؤن رهن نه جوڳي، پڇن پورب جا نشانا.
ويس تنهين جا کهڙا پڇبا، ٻڏي ڪنتا ڳچي ڳانا.
"ولي محمد" لاءِ وصال جي، سر ڪري قربانا.

روپ راڻو

(١)

توکي ٿا ساريون، راتو ڏينهان مينڌرا.

لائي اسان کي وئين ڇڏي، محبت جون لاريون.
تنهنجي ٻاجهون سپرين، خيالن ۾ گهاريون.
آئي تنهنجي هادي سائين، دم دم ٿينديون ٻهاريون.
”ولي محمد“ چئي آءُ اسان وٽ، ٻُڌي منهنجون زاريون.

(٢)

تون نه مومل ڏيئي ڀاڳ، راڻا سرهو ڪر ڪاڪ ۾.

پرچ پرين ڏس پاڻ ڏي، ڇڏ رُساما راڳ.
لوڪ ميارون مينڌرا، ڏنيون تنهنجي ڏهاڳ.
سڀ وساري خيال دوئي جا، ڪَرهل واري آ واڳ.
”ولي محمد“ چئي ننگ سڃاڻي، سوڍا ڏي تون سهاڳ.

(٣)

راڻا، مومل کي نه وسار، لاهه ميارون لوڪ جون.

سوڍل توکي معلوم سڀڪا، مون ۾ عيب اپار.
پاڻ سڃاڻي پانهنجوءِ ڪرهل واڳون وار.
ڌوئي ورق ڌوئي جا، ذاتي سُڱ نهار.
تون ته ڊوليو ڏٺ ڏٺي، هيڪر منهن ڏيکار.
تنهنجي آئي مينڌرا، ٿيندي ڪاڪ بهار.
”ولي محمد“ کي ٻاجهه پوندي، چوندس ٿي نروار.

(٤)

راڻا لاهي شڪ شبهات، اچي جلوو ڏي ڪاڪ ڪي.

راتو ڏينهان تنهنجي ملڻ جيِ، وائي اٿم وات.
لوڪ ميارون سَٿم سر تي، ماري ٿي مرجات.
ڇڏي رساما مينڌرا، ڪر اچڻ جي بات.
ڏسندي توکي نِيڪَٽ نئي ويا، وئي وهامي رات.
"ولي محمد" کي آهي هميشه، سوڍا تنهنجي تات.

(٥)

منهنجي سر تون لاهه ميار، وو راڻا هيڪر آڪاڪ ۾.

تنهنجي خاطر سڀ وساريم، جسم سندا جنسار.
ڊيٺ مڙيوئي ڊڪيو، سومل لهه ڪا سار.
وڃي وهامي راتڙي، سوڍا تنهنجي پچار.
نِيڪَٽ سڀ نئي ويا، ڪتيون آيون ڪاپار.
"ولي محمد" چٽي ننگ سڃاڻي، چانگي واڳون وار.

روپ ملار

(١) روپ سارنگ

بيدردن کل ڪيهي، درد وارن جي.

عام ڏسن ٿا ظاهر تن کي، هو ڏيهه ڳڌيا وڃي ڏيهي.
اڪنڊ جن کي آهي اندر دل، ڪيئن رهن سي ويهي.
جيڪا آين سڀ سٺائون، ڪين مٺڙيا آهي نيهي.
"ولي محمد" هٿي اصل اُنهن جي، حب وطن دل ريهي.

(٢) روپ ڍوليو

منهنجا ڪانگا ڏي خبر ساري، هئين ڪا اچڻ واري.

ويٺي نهاريان راتو ڏينهان، ڪا مون ڏي دلداري.
وڃي هٿ پيش پرين جي، هٿ ٻڌي ڪر زاري.
هن مٺيءَ جي حال جي جلدي، ڪريو ڪا پوئواري.
’الفراق آشد من“ الموت‘ ٻار اٿم اهو ٻاري.
"ولي محمد" ٻنان عشق نه ٿيندي، ڪڏهن ڪا نرواري.

(٣)

وطن سڄي ٿو اڪي، ڪيئن گذاريان خوش ويهي.

موت وساري وي ميان ڏينهن لنگهايم، منجهه خوشي ويس وکي.
دام دوئي جي وي ميان دم وڃايا، باقي عمر ڪيئن تکي.
اجل نغارو وي ميان آسي ٻاسي، ڏهاڙي پيو لڳي.
"ولي محمد" وي ميان طلسم بازي سان، دنيا وٺي دل ٺڳي.

(۴) ڍوليو

جيجان، رانجهن مين اڱڻ آيا، آيا سو آلهُ ملايا.
تخت هزاري دا والي آها، تُسان ڪيون چاڪ هُلايا.
مِل سيالين ڏيون طعني، هير تئين ڪرُ لڄايا.
مين نمائي دا وس نه ڪوئي، ويکو قلم دا رايا.
سر قبوليم چاڪ مَنْجهين[۸] دا، چوڙ چوچڪ دي مايا.
ڪيڙا مول نه مئيڪون آچو، مٺن رانجهو چمُ چايا.
”ولي محمد“ گهن عشق دي دامن، رک رندي ڪر سعيا.

روپ ماروئي

(۱)

عمر موڪل ڏي وڃان، آهيان ماري حب وطن
ماري حب وطن، ٿا پلپل پور پون ۔

پکڙا پنهوارن جا ڇڏي، ڪيئن ويهان محلن ۔
ڏهاڙي ٿا خواب ۾، مون کي ماروئڙا گڏجن ۔
سانوڻ ٿيا ساڻيه ۾، آيا رات نياپا سرتين ۔
مکڻيون ميها ڪرڙ پڪا، پيا ڦوڳ ڦلاريا ڦرڪن ۔
پٽ پنيهر ڇا ڪبا، هت ڪٿي خوش رهن ۔
ڪاج مينا هي ڇُورمان، تنهنجا دل کي ڪين وڻن ۔
ڪڏ بندياڻي بند مان، وڃي گڏجي ويڙهيڇن ۔
مون جيڏيون تہ ملير ۾، هُت ڦيريو ٿيون ڦر چارن ۔
”ولي محمد“ معافي ڪندو، ويندي گذري ساڻ امن ۔

(۲)

عمر ڏوٿي ڏيهن جا، رات ڏنا مون هت عام،
ڏاڍي ڪنجهه، منهن مام ۔

روئي وهايم راتڙي، ٻُڌي سرتين جا پيغام ۔
قسمت قيدالماء جي، آهيان آندي تو وٽ ڄام ۔
ڪڏ بندياڻي بند مان، تنهن کي موڪل ڏي وريام ۔
ڪين وڻن ٿا دل اندر، اهي سُرها تنهنجا طعام ۔
”ولي محمد“ چئي ماروئي، پٺو ٿر- ڏٿين جي سام ۔

روپ بلاول

(١)

اجان توکي ڏاڍي غفلت، هي ڪُل يوءِ بتر آهي.

صبح سات لڏيندو ميان، اُتي ساڄهر سنير ساٿي
نجاڻان ديس اُنهيءَ جو اُتي کهڙو گذر آهي.

آئي ڪون اُنهيءَ ڏيهه جي، وراڻي ماءَ ڪا هرگز
اِنهيءَ غم جو مون راتو ڏينهن، اندر دل ۾ فڪر آهي.

جنين کي ربّ ٿيو هادي، تنين کي پيو فڪر ڪونهي
سُونهين صورت تن اڳ ۾، تنهن سمجهه سفر آهي.

توکي گهرجي ته منهن پائي، پيهي وچ پاڻ ۾ گهرسي
"ولي محمد" ذڪر دم جو، تنهائيءَ ۾ ذڪر آهي.

(٢)

ڪر نفي اِثبات، اڪبر حج ڪيتم حضرات.

بيخودي دا خرقا پاتم، ويک صورت سر قدمين لاتم
ڪعبا قلب تحقيق سڃاتم، گُٿي پيئي شبهات.
'آنا الحق' دي بانگ سڻيو سي، عشق امام اڳ وچ ٿيو سي
'اِنّي انّ الله' فرض پڙهيو سي، داخل ٿي عرفات.
اَحديت وچ ڪيتُس ماهر، جيها اندر تيها باهر
اُڀريا شمس حسن دا ظاهر، هَٽ گُئي ظلمات.
"ولي محمد" اهو سمجهه اشارا، ڇوڙ دنيا دا ڪوڙا پسارا
قلب اندر دا ڪر تون نظارا، ٿي صورت همذات.

روپ ججونتي

(١)

عشق لڳا پڇي مصلحت ڪيهي، آئي جالڻ سر تي جيهي تيهي ۔

سر جنهان دي آکي جهلسي، ٻوء عشاقي آپهي گهلسي
بات آنهان دي هر جا هلسي، تيسن ظاهر دل دي ڳجهه سيئي ۔

ڇوڙ مشاخي والا ٻسارا، ’انا الحق‘ مريندي نعرا
رمز رندي دا سمجه اشارا، ٿيندي ملڪ حسن دي ڏيڍي ۔

بيخودي دا پيالا جي پيسن، عين وصال ڪون نيڙي جو ٿيسن
نال ذڪر دي جڳ جڳ جيسن، دل تنهان دي انهين رمز ريهي ۔

”ولي محمد“ آپ سڃاتي، شڪ شبهه ڪوئي مول نه آئي
صورت سيڪا هڪا ڪر ڄاتي، جيوين عاشق رهندي دائم نيهي ۔

(٢)

لي ڪي گگريا گئي مين جمنا چوري،
آکي ڪنيا مون سين ڪرت زوري ۔

سُن تو سکيي ميرو حال سيوئيي،
ڪيا ڪهون مين جا مجهه پر هوئيي،
ننگري ساري ترس نا ڪوئيي،
ره گئي ميري دل پر هوري توري[۸] ۔

مُرلي ڪي ڌُن مين سُن ڪر،
هار سينگار ڪرڪي سر پر،
بندرا بن سُون ڳَئي مُئن چل ڪر،
ڪان پڪڙ ميري بانهن مروڙي،
بات برهه ڪي مشڪل باري،
آک سنائون ڪسڪون ساري،
’نَنْدجيِ‘ ڪي آگي داد نه دلداري،
ڪون پِڇاني اِها حالت موري.

”ولي محمد“ قِيرت آداسِي،
نام سمرنا ساسو ساسي.
آپ ۾ گنمّا آپ ۾ ڪاسِي،
آنحد ٻين ٻجاوت گهن گهوري.

روپ مانجهه

ٿل: دنيا جون رسمون سڀ ڇڏي، رندي رسم ڏي خيال ڪر.
ترڪ ڪر زهد و تقويٰ، عشق جي تون سام پئو،
ذات سان همذات ٿي، رک وحدت وجودي ۾ نظر.
تدبير جي دعويٰ ڇڏي، تقدير جو قانع تون رهه،
ٻيخوديءَ جو پي پيالو، ڏس اناالحق جو بحر.
ٻيون سڀئي واٽون وساري، عاشقن جي رمز وٺ،
تصوير شيرين جي ڏسي، فرهاد وانگر ٻڌ ڪمر.
”ولي محمد“ پي صبر جو جام، ٿي صوفي صفا،
هن حقيقت کي تون ڳولج، قلب جي ڪعبه اندر.

روپ مانجهه

(١)

عاشق سدا ڏاڍي شوق مؤن ٿا سير ڪن دارالبقا،
تدبير جي دعوا ڇڏي، تقدير جا قانع ٿيا.

ناسوت کي پورو ڪري، پوءِ ٿا گهمن ملڪوت ۾
عبديت جو پوش لاهي، آحديت داخل ٿيا.

پي پيالا بيخوديءَ جا، ويا لنگهي ايذاءَ جي حد
جسم ذاتي کي سينگاري، مُلڪ جبروتي رسيا.

ڏسي "آمريَبْڪو ڪثيرا" ٿا روئن قلبم اندر
ان روئڻ جي عشق ٻاجهون، عام ڪل پوندي نہ ڪا.

نعرو 'آنا الحق' جو هڻي، سولي چڙهيا عاشق ڇٽي
مُلڪ سڀ منصور ٿيو، هاڻي ڪُهي کهندين ڪيترا.

مَحُو ٿيا منجهه حسن محبوبي نفي اثبات ۾
